سراج المصلي

تصنيف

علامه مخدوم ابوالحسن ڏاهري نقشبندي رحمة الله عليه

ترجمو ۽ تحقيق

پروفيسر ڊاڪٽر حافظ غلام محمد ڏاهري

سِرَاجُ المُصَلِّي

تصنيف

علامه مخدوم ابوالحسن ڏاهري نقشبندي رحمة الله عليه

ترجمو ۽ تحقيق

پروفيسر ڊاڪٽر حافظ غلام محمد ڏاهري

پرنسپال

گورنمينٽ گرلز ڪاليج مورو سنڌ

حق ۽ واسطا قائم

كتاب جو نالو: سراج المصلي

تصنيف: علامه مخدوم ابوالحسن ڏاهري

ترجمو ۽ تحقيق: پروفيسر ڊاڪٽر حافظ غلام محمد ڏاهري

مطبع: بتول پرنٽنگ پريس حيدرآباد 022-2781973

سن طباعت: 2007ع

تعداد: هڪ هزار

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

حامدا ومصليا

پيش لفظ

ڪروڙين ڪرم الله جل جلالهٗ جا انسان ذات تي جنهن انسان کي اشرف المخلوقات جي شرف سان نوازيو. خاص ڪري اسان مسلمانن کي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي اُمت ۾ شامل ڪري عظيم احسان فرمايو. جيئن ته هيءُ ڪتاب علامه مخدوم ابوالحسن ڏاهري وفات 1181هجري جو تصنيف ٿيل آهي ۽ هن ڪتاب ۾ اسلام جي هڪ اهم رڪن نماز بابت وضاحت ٿيل آهي. نماز بابت قرآن شريف ۾ ست سؤ دفعا تاڪيد ڪيو ويو آهي. اُهوئي سبب آهي جو قيامت جي ڏينهن سڀ ڪان پهريان نماز جي پڇا ٿيندي. جيئن حديث شريف ۾ آهي:

”اِنَ اَوَل مايُحَاسَبُ بِهِ العَبدُ يَومَ القِيَامَةِ مِن عَمَلِه صَلَواتُه“

يعني قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريائين نماز جو حساب ٿيندو.

جيئن شاعر فرمائي ٿو ته:

روزمحشر که جان گدازبود، اولين پرسش نماز بود

اهڙيءَ طرح هن ڪتاب سراج المصلي جو مصنف رقمطراز آهي.

ازين از نماز است اول حساب - به روز جزا بعد ايمان شتاب

جيئن ته هن ڪتاب تي ريسرچ ڪرڻ لاءِ منهنجي استاد (مرحوم) علامه غلام مصطفيٰ قاسمي (وفات 9 ڊسمبر 2003ع) جن منهنجي رهنمائي ڪرڻ فرمائي. جنهنجي شروعات 1985ع کان ٿي. آخرڪار پاڻ مهرباني ڪري سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ پهريائين ايم -فل ۾، ان کان پوءِ ڊي -فل يعني ڊاڪٽر آف فلاسافي (Ph.D) ۾ داخلا وٺرائي ڏنائون ۽ ڪافي سالن جي محنت کان پوءِ سال 1995ع ۾ (Ph.D) جي ڊگري ملي، جيڪا الله تعاليٰ جي وڏي مهرباني آهي ۽ اَڄُ انهيءَ ڪتاب کي اسلامي احڪامن جو سرچشمو سمجهي شايع ڪيو پيو وڃي. والله اعلم بالصواب

پروفيسر ڊاڪٽر حافظ غلام محمد ڏاهري

پرنسپال

گورنمينٽ گرلز ڪاليج مورو، سنڌ

28 سيپٽمبر2007ع بمطابق 15 ماه رمضان 1428هجري

مقدمه در احوال ناظم و مصنف

مخدوم ابوالحسن داهري

مخدوم ابوالحسن بن بادل بن عبدالرشيد داهري از جملہ مشائخ عظام و اولياي كرام سنده در قرن دوازدهم هجري قمري بوده. و قرن دوازدهم از نظر علوم ادب و تصوف و تاريخ و فقہ از ادوار درخشان تاريخ سنده است. و مخدوم ابوالحسن داهري در قريہ "خارجاني باستاني" از نواحي نواب شاهہ اُستان سنده كشورِ پاكستان درحدود ۱۱۱٦هـ -ق/ ۱۷۰۴ع به دُنيا آمد كه اُو را "اَبُوالحسن" نام نهادند. چنانچہ مخدوم موصوف درتصنيف خود مى سرايد.

اشعار

اِسم دارم بُوالحسن برجسم بد جسم بد دارم ندارم اسم بد
نام پاكان بر تنم دارم عَلَم كار نا پاكان هميشه مي كُنم
ظاهر صافي بدارم دل چو قير هيچ تاثيرم نشد از پند پير
رفت از من صحبت صاحبدلان دور گشتم از ديارِ كاملان
شد به ويرانه مرا اكنون وطن كي رسم در صحبت شان يک زمن
مَسكنم از "سِنده" دشت پر كرير از اراک آنجا كباث است و برير
ازخدا خواهم كنون توفيق رشد تا كنم از جان و دل تحقيق رشد (۱)

ودرجائ ديگر به اين طور مي فرمايد

"و اين فقير محرر اين تحرير كہ ابوالحسن نام دارد" (۲)

پس ازين عبارت و اشعار بالا هُويدا مي شود كہ درينجا "ابوالحسن" كُنيت نيست بلكہ نام و اسم اصلي مخدوم موصوف "ابوالحسن" است.

خانواده: ازباشندگانِ باستاني سنده كہ ايشان را به زبان سندي "سمات" مي گويند، شاخي است كہ به نام "اُنر" موسوم است. و داهري كہ بہ سُوي جَد اعليٰ

(۱) ينابيع الحيوٰة الابدية فارسي (خطي) صہ ۲ (۲) ينا بيع الحيوٰة الأبدية صہ ۹۴

"داهر" منسوب است، نيز يک قبيله از همان "أنر" است، چنانچہ مشهور مؤرخ علامہ يوسف بن ميرک متوفيٰ (۱۰۴۴ ھ-ق) مي نويسد:

قوم اونر (أنرّ): واين از روي ظاهر پنج فرقه مي باشند: (الف) فرقه راهو، (ب) فرقه داهري (ج) فرقه ساند، (د) فرقه سانريه (ساريا) (ھ) فرقه كِيريه.[۱] مخدوم ابوالحسن داهري در تصانيف خود، گاهي خود را قَرشي داهري مي نويسد چنانچہ خود مي نويسد.

امابعد: مي گويد بنده ضعيف نحيف ابوالحسن سندي قَرشي داهري نقشبندي عفي الله تعالىٰ عنه وعن والديه واستاذيه"[۲]

و در "ينابيع الحيوٰه الابدية" مي نويسد:

"اما بعد مي گويد بنده فقير حقير پر تقصير كمتر از قطمير متشبث به اذيال ولات رشاد و مستمد به امداد هدات طريق سداد حاجي ابوالحسن سندي نقشبندي قَرشي داهري عفي الله تعالىٰ عنه و عن والديه و استاذيه و مرشديه الخ"[۳]

علامه داهري گاهي خود را قَرشي نمي نويسد بلكہ بر "داهري" اكتفا مي كند چنانچہ در سراج المصلي" مي گويد

اشعار

بگويد كنون داهري بوالحسن - كہ درملک سند است او را وطن
چوشد سال هجري تا سال حال - هزار و صد و شصت با چار سال
به منظوم چند از مسائل نماز - نوشتم درين نامه با امتياز[۴]

تحصيل علم: مخدوم ابوالحسن داهري علم رسمي در شهر هالاني از نواحي نوشهرو فيروز سنده از علامہ ابوبكر آموخت چنانچہ در "ينابيع الحيوٰة الابدية" مي نويسد.

"و اين فقير محرر اين تحرير كہ ابوالحسن نام دارد ميگويد كہ دران هنگام كه تحصيل علم رسمي مي كرد نزد استاد خود شيخ ابوبكر هالاني قدس سره روزي كرخ استاد مذكور اعني رحل مصحف او بہ دست اين فقير شكسته شد و كرخ نادر الوجود

(۱) تاريخ مظهر شاهجهاني صہ ۸۳ مطبع سندهي ادبي بورد، (۲) (نبراس تصاريف فارسيه صہ ۲۹،
(۳) ينا بيع الحيوٰة الابدية خطي صہ ۲، (۴) سراج المصلي مثنوي منظوم ،ص۲۱

بود پس قطعهاء آن با هم ضم کرده در حجره نهاد و از خدا خواست باري خدا یا تو قادري میتواني کہ این شکسته را درست کني آن وقت شام بوده چون بامداد شد و استاد رحل طلبید تا تلاوت قرآن کند این حقیر در دل تفکر کرد کہ پیش استاد چہ معذرت باید کرد؟

هیچ حیلہ ندید، پس خواست کہ رحل پیش استاد خود حاضر کند و بَهانَہ کند کہ نمي دانم کہ کسي شکسته است این را و چون در حجره رفت دید کہ رحل همچنان کہ بود صحیح وسالم شده است. پس بیرون آورده پیش استاد نهاد و این سِر را پیش کسي اظهار نساخت و استاد را هم خبر نکرد.» (۱)

و در جاءِدیگرمي نویسد: «حکایتي یاد دارم از استاد خود از شیخ ابوبکر هالاني قدس سره فرموده اندکہ از» مُلاً زکریا زیات اعني کنکر ساکن شهر هالاني شنیدم کہ مُلاً مذکور گفت کہ روزي در مسجد شیخ کبیر زبیري کہ در شهر مذکور است اندر مصحف تلاوت قرآن میکردم یکایک خود را مانند برق لامع بلا اختیار در هوا پریدن دیدم. و درهمان دم در بیاباني در میان جماعتي مردم افتادم گفتند: امام شو پس امام شدم در نماز ظهر و ایشان جماعت کردند پس گفتند کہ ما رجال الغیب هستیم و مردم ما را ابدال گویند وُامروز یکي از ما وفات یافتہ است و تو اگر در میان ما خواهي ماند، تُرا خوب است. گفتم: اطفال دارم، گفتند: اطفال تُرا رزاقُ رزق خواهد رسانید. گفتم: من در میان شما نخواهم ماند، پس چون اینچنین گفتم هُماندم خود را دران مسجد دیدم و مُلاً مذکور را این فقیر نیز دیده بود بسیار مرد صالح بود.» (۲)

پس ازین دو عبارات مترشح میشود کہ مخدوم ابوالحسن داهري آغاز علم رسمي در شهر هالاني کرده، سپس بہ کشور هندوستان رفت، و در هندوستان بہ کوتیانه سورت، احمد آباد و گجرات قیام نموده از مولانا نورالدین احمد آبادي و میرزا محمد خلیل بدخشاني تحصیل علم کرد. چنانچہ در ینابیع الحیوٰة الابدیة مي نویسد:

«و من کہ ابوالحسن مؤلف این رساله ام قسم بہ خدا یاد میکنم کہ دیدم کسي را کہ آمده بود در ملک سورت دربلده کو تیانه، و وطن او ملک سند بود. و

(۱) ینابیع الحیوٰة الابدیة باب اول فصل ۱۳ صہ ۹۴، (۲) ینابیع الحیوٰة الابدیة باب اول فصل ۱۷ صہ ۱۲۴.

عازم زیارت حرمین شریفین بود. چند روز در بلده کوتیانه اقامت نموده، شبي این حقیر را فرمود که اگر طاقت بر ستر اسرار وکتم راز داري سري به پیشت فاش کنم، نعم گفتم، گفت: چند سال است که مرا شوق ملاقات مرشدي کامل میبود، و یک بار شوق ملاقاتش غالب شد، پس بیقرار گشتم و الفت از مردم قطع کردم و ملاقات به مردم و خواب و خور نزد من زهر گشته، و صلوات برسرور کائنات بسیار میخواندم، گوئي همه اُنست دل و الفت جان من به درود شده پس آنحضرت صلي الله علیه وسلم را در واقعه دیدم و دران واقعه مرا تلقین ذکر کرده چنانچه در طریقه نقشبندیه ذکر مي کنند، بعده هر مقامي را چون استوار مي کنم، و مي خواهم که ازان گذر کنم پس درود بسیار مي خوانم پس آنحضرت صَلي اللهُ علیه و آله وسلم مرا در واقعه مي آید و تلقین ذکر بر مقامي دیگر میکنند، و هم برین قیاس چند مقامات را طي کردم، هنوز اوج این سعادت در ترقي و تزاید است، پس من سر آن شخص را پنهان داشتم وعهد او را ایفاء نمودم و نام آن شخص و قبیله او و قریه او مي دانم و شنیدم که او بعد از زیارت حرمین شریفین مراجعت کرده بود و در ملک یمن رسید و آنجا وفات یافت." (۱)

و در جاءِ دیگر در ینابیع الحیوٰة الابدیة مي نویسد:

"و از عالم متورع شنیدم که ساکن شهر گجرات بود میگفت که در بعضي قصص انبیاء مذکور است که مهتر سلیمان علیه السَّلام جامه صوف شتر متصل بدن داشتي و بالائي آن جامه سلطانیه که مرصع و مکلل بودند به انواع یواقیت و گوناگون جواهر پوشیدي و گاهي خلوت نشینان خاصگان خود را جامه صوف نمایان ساختي و شرح حال خود فرمودي که این لباس ظاهري برائي حقوق سلطنت و ادخال عظمت و هیبت در دلها رعیت است و برائي اظهار نعمت است و این لباس که از نظر مردم پنهان است لباس من و لباس برادران من از مرسلان و انبیاءَ است. (۲)

و اسامي اساتذه هندوستان را در تصانیف خود به این طور ذکر مي کند:

(۱) "و استاذي میرزا محمد خلیل بدخشاني در "مرجع اهل الحیاة" گفته: که امام محي الدین نووي در شرح صحیح للمسلم فرموده الخ." (۳)

(۱) ینابیع الحیوٰة الابدیة باب اول فصل دوم صـ ۲۴. (۲) ینابیع الحیوٰة الابدیة باب فصل ۸. صـ ۱۱۵.
(۳) ینابیع الحیوٰة الابدیة باب اول فصل دوم صـ ۳۲.

(۲) وا ستاذي ميرزا محمد خليل بدخشاني در احكام عاشوره بدان نص كرده جواب اين اشكال فرموده اند" (۱)

(۳) و مثل اين وا قعہ، اين فقير را از استاذان بہ سماع رسيده است چنانچہ ميرزا محمد خليل بدخشاني ادام الله فيوضه فرموده اند." (۲)

(۴) و استاذي ميرزا محمد خليل در "معارف العلوم" نوشتہ كہ مؤلف را بايد كہ از كتب معتبره نقل كند و بغير تحقيق از هر كتاب نقل نكند. (۳)

(۵) و استاذي ميرزا محمد ن الخليل مُدظله در "معارف العلوم" گفتہ: اگر استاد خود را مولانا گويد باک نيست و اميرالمؤمنين علي ن المرتضيٰ كرم اللهُ وجههَ پسر خود امام حسن را فرمود "قُمْ بَينَ يَدَي مولاک اي استاذک" (۴)

و نام استاد مولانا نورالدين احمد آبادي را به اين طور مي آرد:

(۱ و مولانا شيخ نورالدين محمد مُدَظلهَ در رساله "عين الحيٰوة" از قيصري نقل كرده الخ" (۵)

(۲) و مولانا مُدَظله در عين الحيٰوة فرمودهً (۶)

(۳) و في "عين الحياة" لمولانا الشيخ نورالدين محمد مُدظله الخ." (۷)

(۴) واين فقير از پير خود قدس سره و از استاد خود مولانا نورالدين محمد مُدظله و از ديگر مشائخ و محدثين اين هرسہ مسئلہ تحقيق كرده همه جواب دادند:" (۸)

(۵) باين حديث مولانا شيخ نورالدين محمد حجت گرفتہ بودند بر جاماس ارمني درسورت بندر كہ عالم بود از قوم ارمنيان و آن قوم گروهي است از گروهائي نصا ريٰ" (۹)

(۶) ازقدوة الفضلاء سيد هاشم قطبي گجراتي شنيدم كہ در مجلس مولانا شيخ نورالدين محمد قدس سره مي فرمودند كہ در بعضي كتب اوراد مشائخ مذكور است كہ ورد دائمي هر روز تضاعف در اجر مي دارد. (۱۰)

(۱) ينابيع الحيوٰة الابدية باب اول فصل دوم صـ۳۳، (۲) ينابيع الحيوٰة الابدية باب اول فصل ۱۹ صـ ۱۲۶،
(۳) ينابيع الحيوٰة الابدية باب اول فصل ۴ صـ۱۶۶، (۴) ينابيع الحيوٰة الابدية باب اول فصل ۲۳ صـ ۲۰۸،
(۵) ينابيع الحيوٰة الابدية باب اول فصل دوم صـ ۲۳، (۶) ينابيع الحيوٰة الابدية باب اول فصل دوم صـ ۴۰،
(۷) ينابيع الحيوٰة الابدية (ب اول ف ۵ صـ ۵۰، (۸) ينابيع الحيوٰة الابدية باب اول فصل ۲۴ صـ ۲۱۴،
(۹) ينابيع الحيوٰة الابدية باب ۹ فصل ۶ صـ ۸۸۲، (۱۰) ينابيع الحيوٰة الابدية باب ۶ فصل ۱۴ صـ۱۵۳،

و ذکر شهرهائي هندوستان در سراج المصلي به این طور مي کند:

اشعار

دگـر از کـرامت ولي آب صـاف — بدیدم بچشـم بلا اختـلاف
کـه بر پشت کـوهان گـور ولي — مـدام ست آن آب شـیـرین جلي
ولي نیم شـبـر است مـقـدار آن — ز وجهش ز عـمـقش همین قـدر دان
بگیـرند آن آب را مـرد مـان — همـیـشـه پیاپي بنوشند شـان
نه هرگـز کم و بیش گـردد همـان — همـیـشـه برین قـدر خود جاودان
به پهلوئي آن گـور چاه است عـیـان — عـمـیق ست آن چاه دان این بیـان
به نزدیک "سورت" همین گور بین — به شهري که نامش "بهروچ" ست متین
بـه پـهلوئي بازار ناگـوریان — همین گـور آنجا ست اي صـوفـیان
"بهروچ"است برحد گجرات خوب — بود حـد گجرات جانب جنوب. (۱)

و مخدوم ابوالحسن داهري ذکر شهر کهنبهات به این طور مي کند:

اشعار

شنیـدم زعلمـاء گـجراتیـان — کـه از اهل هیـئت بود این بیـان
کـه بر خط مکـه مـقـابل به آن — بود شـهـر کـهنبـهـات اي نوجوان
بود شـهـر کـهنبـهـات مشـهـور تر — به نزدیک سـورت شنو این خبـر
ز کـهنبـهـات تا شـهـر ملتان نگر — به مـقـدار این هم ز جانب دگـر
همـه را است قـبلـه یکي در شـمـار — برائي سـهـولت شنو این شـمـار
تفـاوت یمـینـاً، یسـاراً گـر است — همـان است دشوار مشکل تر است
همـه ملک آنچه کـه گـفـتـه شـده — دو جانب ز کهنبهات باشد همه (۲)

(۱) سراج المصلي منظوم تصنیف ناظم علام مخدوم ابوالحسن داهري باب آب مطلق و مقید و شرح هریکي صه ۱۸۳.
(۲) سراج المصلي باب قبله صه ۲۳۱.

و درجائیٔ دیگر ذکر کشور هندوستان به این طور مي آرد:

صحابي مؤذن که نامش بلال — ز ملک حبش بود او خوش خصال
برو شین منطوق دشوار بود — بجایش همو مهمله مي نمود
معاتب نگشته درین کار خود — چنین گفت جامي به اشعار خود
بدان من شنیدم ز علماء دین — همه آنچه در فقه در باب این
بیانش بکردند مطلق عیان — ولي هست در حق آن مرد مان
که ایشان بدارند تازي زبان — و یا علم دارند شان بي گمان
که با عِلم دارند ایشان وقوف — توانند ایشان اداء حروف
نه در حق جُهال دهقانیان — که خامي زبان است ایشان عیان
که صحرا نشینان بباشند شان — بِه کهسار دارند اکثر مکان
خصوصاً بِه اطراف هندوستان — که جُهال هستند آن مرد مان
نه قابل تعلم ز ایشان کسي — اگرچه تعلم کند او بسي
یقیناً نداند کسي این بیان — مگر مرد سیاح بیند عیان (۱)

مخدوم ابوالحسن داهري از علماء سنده براه راست و بواسطه نامه هائي و از تصانیف آنها استفاده کرده بود چنانچه مي سراید:

(۱) به این طور مخدوم هاشم فقیه - نوشته میان کتب اي نبیه (۲)

(۲) به تحقیق مخدوم هاشم فقیه - بگفته که این قول باشد نبیه (۳)

(۳) ولي گفت مخدوم هاشم مرا - که در شرح منیه بکرده خطا (۴)

(۴) ز تصنیف مخدوم هاشم فقیه - شفا نام دیدم کتابي نبیه (۵)

(۱) سراج المصلي ذکر زلة القاري، ص ۵۰۷ (۲) سراج المصلي باب سنتهاء نمان ص ۴۵۳
(۳) سراج المصلي ذکر احتلام ص ۹۵
(۴) سراج المصلي ذکر احتلام ص ۹۷،
(۵) سراج المصلي ذکر زلة القارى ص ۵۰۱،

اشعار

(۵) دگــر وضع ایدي بود زیر ناف نهد هر دو بر صدر زن بي خلاف
و لیکن شنیدم ز بعضي ثقات کہ نامش ببوده محمد حیات
مـیـان مدینه بگفت این کـلام چو ارسال منسوخ گشتـه تمام
شــده وضع سنت مع الاتفــاق مگر نزد مالک شنو بي نفاق (۱)

(۶) شنیـدم زفـاضل مـدینه همـام کہ او را محمد حیات است نام
کہ الصـاق کـعـبین مکروه دان کہ بدعت قـبیحـه بود بي گـمان
بود کـــار بدعت بلا فـــائده نه الصـاف کـعــبین ثابت شـده
حــدیثي ندیدم کــہ ثابت کند نہ قول از صحابه بیامد سند (۲)

بیعت و خلافت:

علامہ مخدوم ابوالحسن داهري در کتاب خود ینابیع الحیٰوة الابدیة" سپس از خطبہ بہ این طور مي نویسد:

"حاجي ابوالحسن سندهي نقشبندي قَرشي داهري عـفي الله تعـاليٰ عنه وعن والدیه واستاذیه و مرشدیه الخ"

پس ازین عبارت آشکار مي شود کہ او را دو مرشد بودند، حقیقي وظاهري مرشد او در سلسلہ سنیہ نقشبندیہ شیخ عبدالرسول صدیقي احمد آبادي (متوفيٰ ۱۱۴۸ هـ -ق) بود چنانچہ علامہ داهري مي فرماید:

"بد انکہ مرشد من وحید عصره وفرید دهره بودند و تاریخ رحلت ایشان از دارالفناء بہ دارالبقاء بہ پنجم ماه ربیع الثاني از سال چهل و هشتم بعد از یک هزار و یک صد هجریه و این مجموع از لفظ "منبع ذکر الله" بہ حساب جُمل بر مي آید. و منبع ذکـر الله بہ حـســاب جُمل یک هزار و یک صـد و چهل و هشت مي شــود و در حقیقت هم منبع ذکر الله بوند."

(۱) سراج المصلي ذکر سنتهاء فعلیہ در نماز صہ ۵۵م (۲) سراج المصلي ذکر سنتهاء فعلیه در نماز صہ ۵۷م

ولی روحانی و باطنی مرشد و پیر اومولوي رومي بود: چنانچہ دربارہء مولوي رومي بہ این طور مي نويسد.

(۱) " در مثنوي معنوي مرشد مولوي بہ این مقام آگهي مي دهد" (۱)

(۲) "پس پیر رومي مولوي در مثنوي معنوي ازین معنیٰ آگاه مي سازد" (۲)

پس ازین عبارات مترشح مي شود کہ حقیقي پیر و مرشد علامہ ابوالحسن داهري شیخ عبدالرسول صدیقي بود و روحاني و باطني پیر و مرشد او مولوي رومي بود.

شجره سلسلہء خلافت

علامہ مخدوم ابوالحسن داهري مي نويسد:

پس این شجره مرشد من در سلسلہ خلافت این فقیر را نوشته عیانت فرموده بہ این عبارت:

الحمدلله علیٰ کُلِ حال والصلوٰة والسلام علیٰ رسوله محمد صاحب الکمال و علیٰ آله واصحابه اربابِ النوال، اما بعد فیقول العبد الراجي الي الله تعالیٰ (۱) الفقیر عبدالرسول الصدیقي الاحمد آبادي قد البستُ الحرقة الفقیریة الاخ في الدین ابا الحسن السندي جعله الله من الصالحین الصادقین المخلصین وآنا لَبِستُها من ید (۲) الشاه فتح الله قدس سره و هو لبسهامن ید (۳) محمد العصوم قدس سره و هو لبسهامن ید (۴) مجدد الالف ثاني الشیخ احمد السرهندي وهو لبسها من ید (۵) الشیخ محمد الباقي وهو لبسها من ید (٦) الشیخ الامکنکي وهو لبسها من ید (۷) الشیخ درویش ولي وهو لبسهامن ید (۸) الشیخ الزاهد و هو لبسها من ید (۹) الشیخ عُبیدالله الاحرار و هو لبسها من ید (۱۰) الشیخ الجرخي و هو لبسهامن ید (۱۱) الشیخ الرحماني والقطب الرباني بهاؤالحق والشرع والدین محمد نقشبند البخاري و هو لبسها من ید (۱۲) الشیخ الامیر الکلال و هو لبسها من ید (۱۳) الشیخ محمد السماسي و هو لبسها من ید (۱۴) الشیخ علي رامیتني و هو لبسها من ید (۱۵) الشیخ محمود انجیر فغنوي و هولبسهامن ید (۱٦) الشیخ العارف ریوگري و هولبسهامن ید (۱۷) الشیخ عبدالخالق غجدواني و هولبسهامن ید (۱۸) الشیخ ابي یوسف الهمداني و هولبسهامن ید (۱۹) الشیخ ابي علي الفارمدي و هولبسهامن ید (۲۰) الشیخ ابي الحسن الحرقاني و هولبسهامن ید (۲۱) الشیخ سلطان العارفین و هولبسهامن ید (۲۲) الامام جعفرالصادق و هولبسهامن ید (۲۳) الشیخ القاسم و هولبسهامن ید (۲۴) الشیخ سلمان الفارسي و هولبسهامن ید (۲۵) الشیخ خلیفة رسول الله صلی الله علیه وآله وسلم ابوبکرالصدیق و هولبسهامن ید (۲٦) خاتم النبین و سید المرسلین و شفیع المذنبین صلي الله تعالیٰ علیه وعلیٰ آله وصحبه وسلم. (ینابیع الحیوٰة الابدیة ج ۲ باب دوم ف ۸ ص ۲۸۹)

---

(۱) ینابیع الحیوٰة الابدیة باب اول فصل ۱۴ ص ۱۰۱ (۲) ینابیع الحیوٰة الابدیة باب اول فصل ٦ ص ۱۸

تصنيفات

علامہ ابوالحسن داهري مندرجہ ذیل کتب تصنیف کرده است

١ ینابیع الحیوة الابدیة فارسي سن تصنیف ١١٥٦ ھ قمري
٢ سراج المصلي فارسي مثنوي منظوم سن تصنیف ١١٦۴ ھ قمري
٣ کچکول نامه فارسي مثنوي منظوم سن تصنیف ١١٧٦ ھ قمري
۴ رفع الفریة والمریة عربي . سن تصنیف ١١٧٦ ھ قمري
۵ نبراس تصاریف فارسیه (قواعد فارسي)
٦ نبراس میزان فارسي
٧ البدعة المرعیة للوزن الشرعیة منظوم فارسي
٨ تبیان ابنیه فارسیه
٩ رسالهء نور: درثبوت نور محمد صلي الله علیہ وسلم
١٠ التعلیقات لابي الحسن الداهري علي المرقاة شرح المشکواة

وفات

علامہ مخدوم ابوالحسن داهري تاریخ ١٢ ربیع الاول ١١٨١ ھ از دار دنیا بہ عقبیٰ رفت و قبراودردیهہ نصرت ٦٩ قریب بلده دور از نواحي نواب شاهہ سنده پاکستان واقع است و مشهور مؤرخ عبدالمجید "مجیدي" جوکهیو بکهري بر وفات او این مرثیہ گفتہ

قطعہ تاریخ وفات

آه از رحلت جدائي آن نگار — گشت از فوتیش جان و دل فکار
رفت چون ز اینجا بملک دائمي — آسمان بگریست بر وي از غمي
چون که او بود معدن علم و عمل — هم بوده ذاتش پر از حلم و کمل
قضیه اوشد از مصیبتها عظیم — لیک صبرم بر رضا رب الکریم
ده دو از ماه ربیع الاولین — بود چون شد ارتحال شاهہ دین
هاتف از تاریخ او گفته به من — جاي جنت او ست که اوچون بوالحسن(١١٨١)
هست این ابیات از عبدالمجید — حق دهد توفیق بر خیرش مزید

علامہ ابوالحسن ڏاهري

سنڌ ۾ ڪيترائي نامور مفسر، محدث، فقيه، صوفي شاعر ۽ بزرگ ٿي گذريا آهن، جن مان ڪلهوڙن جي دؤر جو مشهور عالم ۽ مصنف مخدوم ابوالحسن ڏاهري نقشبندي بہ هڪ آهي.

مخدوم ابوالحسن اصل ۾ ذات جو ڏاهري آهي. ڏاهرين بابت محققن جا مختلف رايا آهن تہ ڏاهري سنڌ جي نج "سمات" خاندان سان واسطو رکن ٿا يا ٻاهران آيل ڪنهن قبيلي سان سنڌن ڳانڍاپو آهي.

ڏاهڙي سمات برادريءَ جي اُتر گهراڻي جو هڪ مشهور قبيلو آهي، جو سنڌن وڏي ڏاڏي "ڏاهر" جي نالي سان مشهور ٿيو. علامہ ابوالحسن غالبا پاڻ کي قُريشي سنڌ جي سمن جي انهيءَ عام روايت موجب لکيو. جنهن موجب هو پاڻ کي "عرب نسل" سمجهن ٿا. پڻ چيو وڃي ٿو تہ سندس والده قريشي خاندان مان هئي، انهيءَ ڪري ڏاڏاڻي طرف کان هو ڏاهري ۽ ناناڻي طرف کان قريشي هو."

مخدوم ابوالحسن ڏاهري پنهنجن ڪتابن مان ٻن ڪتابن ۾ پاڻ کي "قريشي ڏاهري" ڪري لکيو آهي. ڪتاب "ينابيع الحيوة الابدية" فارسي" ۾ لکي ٿو:

"اما بعد مي گويد بنده فقير حقير پرتقصير كمتر از قطمير متشبث باذيال ولاة رشاد ومستمد بامداد هداة طريق سداد حاجي الحرمين شريفين زاد هما الله تعظيما و تكريما حاجي ابوالحسن سندي نقشبندي قَرشي داهري عفي الله تعاليٰ عنه و عن والديه واستاذيه وَ مرشديه"

هن عبارت مان معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم ابوالحسن "قريشي ڏاهري" آهي.

ٻئي ڪتاب "نبراس تصاريف فارسيه ۾ لکي ٿو:

"اما بعد مي گويد بنده ضعيف نحيف ابوالحسن سندي قرشي داهري نقشبندي عفي الله تعاليٰ عنه وعن والديه واستاذيه".

هن عبارت مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم ابوالحسن قريشي ڏاهري آهي.

مخدوم ڏاهري عليه الرحمة والرضوان پنهنجي مايہءِ ناز ڪتاب "سراج المصلي" ۾ فرمائي ٿو:

"بگويد كنون داهري بوالحسن،
كه در ملك سند است او را وطن،
چو شد سال هجري تا سال حال،
هزار و صد و شصت باچار سال،
بمنظوم چند از مسائل نمان،
نوشتم درين نامه با امتياز.

ترجمون:

(1) هاڻي ابوالحسن ڏاهري چوي ٿو: جنهن جو وطن ملڪ سنڌ آهي.

(2) جڏهن هجري سال کان وٺي هن وقت تائين يارنهن سؤ چوهٺ (1164) سال ٿيا.

(3) مون نماز جا چند مسئلا نظم جي صورت ۾ هن ڪتاب ۾ لکيا آهن.

هن شعر مان ظاهر آهي ته پاڻ ڏاهري آهي ۽ قريشي بابت ڪونه لکيو اٿس.

منهنجي خيال ۾ مخدوم ابوالحسن ڏاهريءَ کي نج سماٽ ۾ سمجهي ڪري فقط ڏاهري سڏڻ وڌيڪ درست آهي، جو ته هڪ وقت ۾ قريشي به هجي ۽ ڏاهري به هجي اهو صحيح نه آهي، ان کان سواءِ ڪتاب سراج المصلي، ينابيع کان بعد ۾ تصنيف ڪيو اٿس، جنهن ۾ فقط ڏاهري ڄاڻايو اٿس. باقي نبراس جي تصنيف جو سال معلوم نه آهي. بهرحال ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي راءِ اهميت جوڳي آهي، جنهن تي انحصار ڪرڻ وڌيڪ بهتر آهي.

ان کان سواءِ اها ڳالهه به قابل غور آهي ته ڏاهري راجا ڏاهر جو اولاد آهن يا ٻئي ڪنهن "ڏاهر" جو اولاد آهن، جنهن ڪري ڏاهري سڏائين ٿا، ان لاءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

"ارغون، ترخان، جيڪي سنڌ ۾ سمن کان پوءِ حاڪم ٿيا ۽ سمن جي حڪومت وارو دؤر به انهن کي ويجهو هو، تن جي دؤر جي هڪ عالم، جنهن سنڌ جي نسبنامن بابت پُڇا ڪئي، تنهن جي لکيي موجب ان وقت سمن جا وڏا پنج قبيلا هئا. انڙ، ساند، ساريا، ڏاهري ۽ پنجون شايد لاکا؛ ان ڄاڻائي ۽ لاعلمي سببان ڪي ماڻهو ڏاهرين يا ڏهرن کي راجا ڏاهر جو اولاد تصور ڪري ٿا چون، سو غلط آهي".

شجره نسب:

مخدوم ابوالحسن ڏاهري جو گهراڻو دؤر چر شاخ جي "ڏيريجا" پاڙي مان هو. سنڌس

ڏاڏي جو نالو عبدالرشيد هو. جنهن کي وفات ڪرڻ کان بعد پراڻي خارجاڻي کان اتر طرف ڪجهه مفاصلي تي دفن ڪيائون ۽ اهو قبرستان اڄ تائين "عبدالرشيد جي مقام" جي نالي سان مشهور آهي. ميان عبدالرشيد کي ٽي پٽ هئا: (1) ميان بادل (2) ميان چڳل (3) ميان مهر عالي، ميان چڳل جو اولاد پانڌي جي پرسان سيتارڪي مائينر ضلعي نوابشاهه ۾ رهي ٿو. ميان مهر عالي جو اولاد سَن ساوڙي تعلقي دولت پور ۾ رهي ٿو. جيڪي هن وقت قاضي سڏجن ٿا. انهيءَ قاضي خاندان مان مولانا قاضي عبدالڪريم ڏاهري وڏو علامه ٿي گذريو آهي جيڪو لاولد گذاري ويو ۽ موري جي مشهور عالم دين مولانا قاضي عبدالرؤف (وفات 1306هه مطابق 1888ع) جو شاگرد هو.ساڳئي وقت مولانا عبدالڪريم ڏاهري جو ڀاءُ قاضي عبدالغني ڏاهري (وفات 1320هه مطابق 1903ع) نالي وارو حڪيم ٿي گذريو آهي.اهڙيءَ طرح حڪيم قاضي عبدالغني ڏاهري جو فرزند مولانا قاضي غلام حسين ڏاهري (وفات 1355هه مطابق 1937ع) هن علائقي جو هڪ مشهور معروف عالم دين ٿي گذريو آهي، جيڪو موجوده قاضي غلام حسين ڏاهريءَ جو نانو هو. ان خاندان ۾ ديني علم انهيءَ مرحوم مولاناُ قاضي غلام حسين تي ختم ٿيو.

ولادت:

مخدوم ابوالحسن ڏاهري سنڌ جي زرخيز ضلعي نوابشاهه جي تعلقي دولتپور ۾ ڳوٺ سَنُ ساوڙي کان اوڀر طرف هڪ ڳوٺ نالي ڪنڊي واري خارجاڻي (پراڻي خارجاڻي) ۾ سال 1116هه مطابق 1704ع ۾ ڄائو. مخدوم ابوالحسن جي والد جو نالو بادل ۽ ڏاڏي جو نالو عبدالرشيد هو.

تعليم وتربيت:

مخدوم ابوالحسن ڏاهري ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ پرائي، جيئن مشهور محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته: ابوالحسن جي ابتدائي تعليم غالباً سندس ڳوٺ ۾ ٿي، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي لکي ٿو ته: "ناظم علامه علوم مقدماتي را از اعلام بلاد خود آموخته"

(ناظم علامه مخدوم ابوالحسن ابتدائي تعليم پنهنجي شهر جي عالمن کان پرائي).

مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ تعليم پرائڻ بابت ڪا تصديق سان ثابتي ملي نه سگهي آهي، ڇو ته مخدوم ڏاهري پنهنجي استادن جا نالا پنهنجن ڪتابن ۾ آندا آهن، پر ڳوٺ واري ڪنهن به ابتدائي تعليم ڏيڻ واري استاد جو نالو ذڪر نه ڪيو آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته خارجاڻي ۾ تعليم پرائڻ محض قياس آرائي تي مبني آهي، سندس استادن جا نالا هن ريت آهن:

(1) ابوبڪر هالائيءَ وارو:

مخدوم ابوالحسن ڏاهري سنڌ جي موجوده ضلعي نوشهروفيروز جي تعلقي ڪنڊياري جي پرسان هڪ قديم شهر هالاڻي ۾ رهي ڪري رسمي ۽ دستوري تعليم حاصل ڪئي، جيئن مخدوم ابوالحسن ڏاهري پنهنجي مشهور ڪتاب "ينابيع الحيوٰة الابدية" فارسي قلمي ۾ لکي ٿو:

هيءُ فقير نالي ابوالحسن هن ڪتاب (ينا بيع الحيوٰة الابدية) جو لکندڙ چوي ٿو ته جنهن وقت آءٌ پنهنجي استاد شيخ ابوبڪر هالائيءَ واري وٽ رسمي تعليم حاصل ڪندو هوس ته هڪ ڏينهن مون ڪان استاد جي قرآن شريف رکڻ وارو رحل ڀڄي پيو ۽ رحل بالڪل ٽورا هوندا هئا، پوءِ مون ان رحل جا ٽڪرا پاڻ ۾ گڏيي، حجري ۾ رکي ڇڏيا ۽ الله تعاليٰ کان دُعا گهريم ته: "اي الله تون قادر آهين جو ڀڳل رحل کي صحيح سالم ڪرين" اهو شام جو وقت هو.

جڏهن صبح ٿي ته استاد رحل گهريو ته جيئن قرآن شريف جي تلاوت ڪري، هن حقير (ابوالحسن ڏاهري) دل ۾ سوچيو ته استاد جي آڏو ڪهڙو عذر پيش ڪجي. ڪوبه حيلو نه ڏٺم، خيال ڪيم ته رحل استاد جي آڏو حاضر ڪري بهانو ڪجي ته مون کي خبر نه آهي ته رحل ڪنهن ڀڳو آهي؟ پوءِ جڏهن حُجري ۾ وڃي ڏٺم ته رحل اصل ۾ جيئن سڄو هو ائين صحيح سلامت پيو آهي. پوءِ اهو رحل ٻاهر ڪڍي استاد جي آڏو آندم ۽ اهو راز ڪنهن سان به نه سليم، ايتري قدر جو پنهنجي استاد کي به نه ٻڌايم".

انهيءَ استاد شيخ ابوبڪر بابت هيو واقعو لکندي مخدوم ڏاهري لکي ٿو:

"مون کي پنهنجي استاد شيخ ابوبڪر قُدس سره، هالائيءَ واري جي هڪڙي ڳالهه ياد آهي، جو پاڻ فرمايائون ته مون مُلا زڪريا چاڪي ويئل شهر هالاڻي کان ٻڌو ته آءٌ هڪ ڏينهن هالاڻي جي شيخ زبيري جي مسجد ۾ قرآن شريف جي تلاوت ڪري رهيو هوس ته اوچتو مون تي هڪ اهڙي حالت اچي طاري ٿي جو چمڪندڙ بجليءَ وانگر بي اختيار هوا ۾ وڃي اڏامڻ لڳس ۽ انهيءَ ئي ساعت ۾ هڪ ڪليل ميدان ۾ ماڻهن جي هڪ جماعت ۾ وڃي ڪريس. انهن مون کي چيو ته امام ٿي اسان کي نماز پڙهايو. پوءِ مون امام بنجي انهن کي ٻنپهرن جي نماز پڙهائي ۽ هو پويان جماعتي ٿي بيٺا، پوءِ مون کي چيائون ته اسان رجال الغيب آهيون. ماڻهو اسان کي ابدال چوندا آهن. اڄ اسان مان هڪ ڄڻو وفات ڪري ويو آهي، تنهن ڪري تون جيڪڏهن (ان جي جاءِ تي) اسان سان گڏجي رهندين ته تولاءِ ڏاڍو چڱو آهي. مون چيو ته ننڍڙا ٻار اٿم، چيائون ته

تنهنجن ٻارن کي خدا تعاليٰ رزق پهچائيندو. مون چيو ته آءٌ توهان سان رهڻ نٿو چاهيان، بس مون رڳو اچا اثين مس چيو ته پاڻ کي انهيءَ ساڳئي (هالاڻي واري) مسجد ۾ موجود ڏٺم، مُلا زڪريا هن فقير (ابوالحسن ڏاهري) به ڏٺو هو، تمام گهڻو نيڪ مرد هو“.

(2) مولانا نورالدين احمد آبادي: (م 1155هه)

سنڌ ۾ هالاڻيءَ ۾ شيخ ابوبڪر وٽ رسمي تعليم پرائڻ کان پوءِ مخدوم ابوالحسن ڏاهري هندوستان جي مختلف شهرن جهڙوڪ سورت، ڪوٽيانه، گجرات ۽ احمدآباد ۾ رهي ڪري مولانا نورالدين کان علم پرايو، مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي هندوستان ۾ پڙهڻ بابت علامه قاسمي لکي ٿو:

”قاضي فتح محمد نظاماڻي (وفات 1339هه مطابق 1921ع) مرحوم کان اسان کي هڪ واسطي سان روايت پهتي آهي ته پير سيد رشدالله شاهه صاحب العلم الرابع (وفات 1340هه مطابق 1922ع) هڪ ڀيري جهونا ڳڙهه جي سفر تي ويا ۽ قاضي فتح محمد نظاماڻي به ساڻن گڏ هو. اُتي جڏهن ڪوٽيانه شهر ۾ ويا ته ماڻهن کين اُتي جي جامع مسجد ڏيکاري، جيڪا سن 1070هجري جي جڙيل هئي ۽ ان مسجد لاءِ ٻڌايو ويو ته اوهان جو ابوالحسن ڏاهري هتي پڙهي ويو آهي“.

اسان کي هن روايت جي تصديق مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي ڪتاب ”ينابيع الحيوٰة الابدية “مان ٿئي ٿي، جنهن ۾ پاڻ اُويسي طريقي جي اپٽار ڪندي لکن ٿا ته ڪن اويسي مشرب وارن کي غيبي آواز ذريعي ارشاد ملندو آهي ۽ ڪن سان ڪامل روحن طرفان آمهون سامهون خطاب ٿيندو آهي ته ڪن کي ڪنهن واقعي مان ڏيکاري ڏني ويندي آهي ته ڪن کي وري خواب يا الهام ذريعي ارشاد ٿيندو آهي. انهيءَ بيان لکڻ کان پوءِ مخدوم ابوالحسن ڏاهري لکي ٿو:

”آءٌ هن ڪتاب جو ناهيندڙ ابوالحسن خدا جو قسم کڻي چوان ٿو ته مون هڪ شخص کي ڏٺو جيڪو ملڪ سُورت جي ڪوٽيانه شهر ۾ آيو هو ۽ سنڌ جو ويٺل هو. حرمين شريفين جو پانڌيئڙو بڻجي ڪجهه ڏينهن اچي ڪوٽيانه ۾ رهيو. هڪ رات حقير يعني ابوالحسن کي فرمائڻ لڳو ته جي توکي راز سانڍڻ جي سگهه هجي ته توسان هڪ راز سلڻ گهران ٿو. مون هائو ڪئي، پوءِ هن چيو ته مون کي ڪيترن ئي سالن کان وٺي ڪامل مرشد جي ديدار جو شوق هو، هڪ ڀيري ديدار جو شوق زياده ٿيو ۽ بيقرار ٿيس، ماڻهن جي محبت ۽ ملاقات کان منهن موڙيم، منهنجي ننڊ ۽ کاڌڻ پيئڻ زهر ٿي ويو، حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ تي صلواة شريف گهڻي پڙهڻ لڳس، ايتري

قدر جو سپ ڪجهہ انهيءَ درود شريف ڪي سمجهڻ لڳس ۽ منهنجي دل جي وندر درود ٿي پيو. پوءِ مون حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کي خواب آلودگيءَ جي صورت ۾ ڏٺو، پاڻ سڳورن مون کي نقشبندي طريقي مطابق ذڪر جي تلقين فرمائي، پوءِ هاڻي جڏهن بہ ڪنهن مقام کي مستحڪم ڪري برابر ڪيان ٿو ۽ ان ڪان اڳتي وڌڻ چاهيان ٿو تہ درود شريف گهڻو پڙهان ٿو. ائين ڪرڻ سان پاڻ سڳورا اصلي ظاهري صورت ۾ مون وٽ تشريف فرما ٿين ٿا ۽ اڳتي ہئي مقام جو ذڪر ہڌائين ٿا. اهڙيءَ نموني سان مون ڪافي مقامات طئي ڪيا آهن ۽ اڃا بہ انهيءَ سعادت ۾ اضافو ٿيندو رهي ٿو. پوءِ مون ان شخص جي راز کي مخفي رکيو ۽ واعدو پورو ڪيم، مون کي ان شخص جي نالي، قبيلي ۽ ڳوٺ جي خبر آهي، مون ہڌو آهي تہ حرمين شريفين جي زيارت ڪرڻ ڪان پوءِ موٽي آيو ۽ يمن جي ملڪ ڏانهن هليو ويو ۽ اُتي ئي وفات ڪيائين“.

هنن عبارتن ۾ حوالن مان اها ڳالهہ صاف ظاهر آهي تہ مخدوم ابوالحسن ڏاهري هندوستان ۾ رهي ڪري علم پرايو آهي ۽ هندوستان جي استادن مان سندس هڪ استاد مولانا نورالدين محمد احمد آبادي (متوفيٰ 1155هہ) آهي. جنهن جو نالو ”ينابيع الحيوٰة الابدية ۾ آندو اٿس.

”واستاذي مرزا محمد خليل در احكام، عاشورا بدان نص كرده جواب اين اشكال فرموده اند“.

ترجمون:

۽ منهنجي استاد مرزا محمد خليل (بدخشاني) پنهنجي ڪتاب ”احڪام عاشورا“ ۾ انهيءَ مسئلي بابت چٽيءَ طرح لکيو آهي ۽ هن سوال جو جواب بہ ڏنو اٿن، هن استاد ڪان سواءِ ہين عالمن سان هندوستان، سنڌ ۽ مديني شريف ۾ سندس ملاقاتون ٿيون آهن، جنهن جو ثبوت سندس ڪتاب ”سراج المصلي“ فارسي ۾ موجود آهي، جنهن ۾ قبلي جو بيان آڻيندي لکي ٿو:

”شنيدم ز علماءِ گجراتيان،
كہ از اهل هيئت بود اين زمان،
كہ بہ خطِ مكہ مقابل بآن،
بود شهر كهنبهات اي نوجوان،
بود شهر كهنبهات مشهور تر،
بنزديک سورت شنو اين خبر“.

ترجمون:

(1) مون گجرات جي عالمن کان ٻڌو آهي، جيڪي هن زماني جي اهل هيئت مان آهن.

(2) اي جوان! مکي شريف جي خط ۾ ليکي جي سامهون کنيات شهر آهي.

(3) کنيات شهر مشهور آهي جيڪو سُورت جي ويجهو آهي.

سنڌ ۾ مخدوم محمد هاشم سندس همعصر هو. ان سان روبرو ملاقاتون ڪيائين، جيئن سراج المصلي ۾ احتلام جي مسئلن جو ذڪر آڻيندي لکي ٿو:

"ولي گفت مخدوم هاشم مرا،

ڪه در شرح منيه بکرده خطا".

ترجمون:

پر مون کي مخدوم محمد هاشم (ٺٽوي) چيو ته (هن مسئلي ۾) شرح منيه واري خطا ڪئي آهي، مخدوم ابوالحسن ڏاهري سال 1143هه مطابق 1731ع) ۾ پنهنجي استاد مولانا نورالدين محمد احمد آبادي سان گڏ حج تي ويو. اُتي سنڌ جي مشهور ومعروف محدث علامه محمد حيات، چاچڙ سنڌي ثم مدني سان روبرو ملاقات ڪيائين، ان بابت سراج المصلي ۾ لکي ٿو:

(1) "دگر وضع ايدي بود زير ناف،

نهد هر دو برصدر زن بي خلاف،

(2) وليکن شنيدم ز بعضي ثقات،

ڪه نامش ببوده مجمد حيات،

(3) ميانِ مدينه بگفت اين ڪلام،

چو ارسال منسوخ گشته تمام،

(4) شده وضع سنت مع الاتفاق،

۾ مگر نزد مالڪ شنو بي نفاق".

ترجمون:

(1) ٻيو ٻنهي هٿ (نماز ۾) مرد دُن جي هيٺان ٻڌي ۽ زال ٻنهي هٿ سيني تي رکي،

(2) پر مون هڪ معتبر شخص کان ٻڌو، جنهن جو نالو محمد حيات آهي.

(3) اها ڳالهه مديني شريف ۾ چيائين ته (نماز م) هٿ ڇڏي ڏيڻ وارو حڪم منسوخ آهي.

(4) هڪ ٻئي اتفاق سان نماز ۾ سنت آهي پر امام مالڪ وٽ ائين نه آهي.

انهيءَ ساڳئي ڪتاب "سراج المصلي" فارسي قلمي ۾ 15 بيتن کان پوءِ لکي ٿو:

"شنيدم ز فاضل مدينه هُمام،
که او را محمد حيات است نام،
که الصاق کعبين مکروه دان،
که بدعت قبيحه بود بي گمان،
بود کار بدعت بلا فائده،
نه الصاق کعبين ثابت شده،
حديثي نديدم که ثابت کند،
نه قول از صحابه بيامد سند".

ترجمون:

(1) مون مديني جي هڪ وڏي عالم کان ٻڌو، جنهن جو نالو محمد حيات آهي.

(2) نماز ۾ پيرن جا ٺڪي گڏيا ملائڻ مکروه ڄاڻ، اها بيشڪ خراب بدعت آهي.

(3) بدعت وارو ڪم بيفائدو آهي ۽ پيرن جا ٺڪي گڏيا گڏ ملائڻ ثابت ٿيل نه آهن.

(4) مون ڪابه اهڙي حديث نه ڏٺي آهي جيڪا ثابت ڪري نه وري اصحابن جو قول آيو آهي.

ان کان سواءِ مخدوم محمد قائم ٺٽويءَ سان به سندس خط وڪتابت هئي، جنهن جو ذڪر پنهنجي ڪتاب "رفع الفرية والمرية" عربي قلمي ۾ آندو اٿس.

بيعت و خلافت:

مخدوم ابوالحسن ڏاهري پنهنجي مايه ناز تصنيف "ينابيع الحيوٰة الابدية" ۾ ڪتاب جي خطبي کان پوءِ ابتدا ۾ پنهنجي نالي جي پٺيان استادن ۽ مرشدن بابت هن طرح لکي ٿو:

حاجي ابوالحسن سنڌي نقشبندي قَرشي داهري عفي الله تعاليٰ عنه وعن والديه واستاذيه و مرشديه".

حاجي ابوالحسن سنڌي نقشبندي قريشي ڏاهري، شال الله تعاليٰ کيس، سندس والدين، استادن ۽ مرشدن کي معاف فرمائي!

هن عبارت مان معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم حاجي ابوالحسن ڏاهري جا استاد به گهڻا آهن ته

مرشد به گهڻا آهن. ٿي سگهي ٿو ته نقشبندي سلسلي کان سواءِ ڪنهن ٻئي سلسلي ۾ ڪنهن ٻئي بزرگ جو به دست بيعت ٿيو هجي.

پر پنهنجي ڪتاب "ينابيع الحيواة الابدية" ۾ پنهنجي مرشد جو نالو شيخ عبدالرسول صديقي احمد آبادي نقشبندي ڄاڻايو اٿس ۽ پنهنجي مرشد جي وفات جي باري ۾ هن طرح لکيو اٿن:

ڄاڻڻ گهرجي ته منهنجا مرشد پنهنجي زماني جا بي مثال بزرگ هئا، سندن وفات جي تاريخ 5 ماهه ربيع الثاني سال 1148هجري آهي ۽ اهو وفات جو عدد لفظ "منبع ذڪر الله" مان جمل ۽ ابجد جي حساب سان ظاهر ٿئي ٿو ۽ لفظ "منبع ذڪرالله" جو عدد ابجد جي حساب سان هڪ هزار هڪ سؤ اٺيتاليهه ٿئي ٿو ۽ حقيقت ۾ منهنجا مرشد الله تعاليٰ جي ذڪر جا سرچشما هئا.

تصنيفات:

مخدوم ابوالحسن ڏاهري جا ڏهه ڪتاب تصنيف ٿيل آهن جن مان ٽي ڇپيل آهن ۽ ڪتاب "ينا بيع الحيواة الا بدية" جي ابتدائي حصي تي تحقيق ڪري ڊاڪٽر ابوالفتح محمد صغيرالدين سابق چيئرمين شعبه اسلامڪ ڪلچر سنڌ يونيورسٽي سال 1971ع ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي آهي، اهڙي طرح راقم الحروف ڪتاب سراج المصلي تي تحقيق ڪري علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جي رهنمائي هيٺ سال 1995ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي آهي.

وفات:

علامه ابوالحسن ڏاهري تاريخ 12ربيع الاول سال 1181هجري ۾ وفات ڪري ويو. ڪيس دوڙ جي پرسان ديهه نصرت 69 يونين ڪائونسل ابوالحسن تعلقه و ضلع نوابشاهه سنڌ ۾ دفن ڪيو ويو. هن وقت اهو قبرستان "ابل جو مقام" جي نالي سان مشهور آهي، سندس قبر جي مٿان قُبو ٺهرايل آهي. سندس روضي ۾ ٽي قبرون آهن. هڪ سندس اولهه کان ٻي اوپر طرف لاڳيتي سندس فرزند عبدالرسول جي ٽين اوپر طرف سندس پوٽي ميان محمد پريل جي آهي.

كتاب سراج المصلي جو تعارف

كتاب سراج المصلي فارسي مثنوي منظوم سنڌ جي روشن ضمير، اهل دل، صاحب علم مشهور و معروف مُحدث ۽ نامور فقيه حضرت علامہ مخدوم ابوالحسن ڏاهري رحمة الله عليہ جو تصنيف ٿيل آهي. هيءُ كتاب فقه حنفي موجب نماز جي مسئلن تي مشتمل آهي. هن كتاب ۾ كل (٦٣٩٨) ڇهہ هزار ٽي سو اٺانوي بيت آهن. هيءَ كتاب مخدوم صاحب پهريائين سال ١١٦٣هجري ۾ تصنيف كيو. جينئن نسخي "ر" ۾ آهي.

چوشد سال هجري تاسال حال – هزار وصد وشصت ديگر سه سال (١)

اهڙي طرح انهيءَ نسخي جي آخر ۾ جيكي اشعار آهن انهن ۾ چند الفاظ اهڙا آهن جن مان ابجد جي حساب سان ١١٦٣هجري سال معلوم ٿئي ٿو. مثال طور انهيءَ نسخي جي آخري شعرن ۾ لفظ "نظمم جلي عزياب" ۽ "باايمان بود ختم به" آهن جنهن مان ابجد سان ١١٦٣هجري سال معلوم ٿئي ٿو. اهڙي طرح "معما" (٢) جي طريقي سان لفظ "راقم بخير" مان سال ١١٦٣ هجري كڍيو ويو آهي جڏهن تہ ابجد سان ١١٥٣ ٿيندو. ان كان سواءِ لفظ "فضل ربنا" نثري عبارت ۾ آهي جنهن مان پڻ سال ١١٦٣ هجري معلوم ٿئي ٿو.

علامہ مخدوم ابوالحسن ڏاهري مٿئين نسخي ۾ بعد ۾ شعرن ۾ تبديلي آندي جنهن كري تقديم، تاخير، كمي، زيادتي، محو ۽ اثبات جي اعتبار كان تبديلي آئي سال ١١٦٤هجري ۾ نئون نسخو تيار كيو، جنهن كري نسخہ "غ" ۽ ٻيا نسخا "چ ا" "چ د" ۽ نسخو "جهہ" انهن ۾ مٿيون ذكر كيل شعر هن طرح آهي.

چوشد سال هجري تا سال حال – هزار وصد وشصت با چار سال (٣)

هن شعر مان كتاب جي تصنيف جو سال ١١٦٤هجري معلوم ٿئي ٿو. اهڙي طرح انهن نسخن جي بالكل آخر ۾ جيكو شعر آهي. ان مان بہ سال ١١٦٤هہ معلوم ٿئي ٿو. اهو شعر ڇپيل نسخن ۾ هن طرح آهي.

(١) سراج المصلي ذكر عرض عجز پيش اهل علم و بيان تاريخ كتاب. (٢) معما: ان عبارت كي چئبو آهي جيكا شعر ۾ مخفي هُجي يا اهو كلام جيكو اشاري سان دلالت كري ۽ طبع سليم كي پسند هجي. لغات سعيدي صہ ٧٥٦ غياث صہ ٤٨٣. "معما" اين است كه اسمي يا معني رابه نوعي ازغوامض پوشيده گردانند تاجر به انديشه تمام و تفكر بسيار به سر آن نتوان رسيد. (مجله سخن عشق صہ ٢١ تابستان ١٣٧٩ مطبع تهران ايران) ياد رهي تہ معما كي سنڌي ۾ ڳجهارت چئبو آهي. (٣) سراج المصلي صفحہ ٢١.

بہ اعزاز حق خاتمہ خير شد - چوتاريخ ختمش "همه خير شد" (١)

هن شعر ۾ جملہ "همه خير شد" مان ابجد جي حساب سان سال ١١٦۴ھ نڪري ٿو، تنهن ڪري نتيجو اهو نڪتو تہ علامہ ابوالحسن ڏاهري پهريائين ڪتاب سراج المصلي سال ١١٦٣ھ ۾ لکيو. ان ڪان پوءِ ان تي نظرثاني ڪري ان ۾ تبديلي آڻي سال ١١٦۴هجري ۾ ختم ڪيائين.

هن ڪتاب ۾ خطبي ڪان پوءِ ١۵ اشعار عربي آهن باقي سمورا اشعار فارسي آهن.

هن ڪتاب ۾ ٧١ ايڪهتر ڪتابن جا حوالا آندا ويا آهن جن ۾ سڀ ڪان وڌيڪ حوالا ڪتاب "الدرالمختار" جا آهن. ڪتاب جي ١٢۴صفحن تي الدرالمختار جا حوالا موجود آهن. راقم الحروف ڪي درگاهہ خياري شريف جي سابق سجاده نشين حضرت خواجہ محمد رفيع الدين خياروي (وفات ٢٩ذوالحج ١۴١٩هجري مطابق ١٧ اپريل ١٩٩٩ع) خانداني روايت سال ١٩٩٣ع ۾ ٻڌائي تہ ڪتاب "الدرالمختار" سنڌ ۾ سڀ ڪان پهريائين علامہ مخدوم ابوالحسن ڏاهري آندو هو پر حضرت علامہ پير عبدالله جان المعروف بہ شاهہ آغا سرهندي (وفات ٣ اپريل ١٩٧٣ع /١٣٩٣ھ) لکيو آهي تہ: استادن ڪان نقل ٻڌو اٿم تہ دُر جو ڪتاب مخدوم صاحب علامہ محمد هاشم ٺٽويءَ جي وقت ۾ هڪڙو عرب مسافر ڪٺي آيو هو، مخدوم صاحب اهو ڪتاب ڏٺو ۽ ڏاڍو پسند ڪيو. عرب صاحب ڪي چيائين تہ مهرباني ڪري مون ڪي اهو ڪتاب نقل ڪرڻ لاءِ ڏيو. عرب صاحب انڪار ڪيو تہ سڀاڻي آئون وڃڻ وارو آهيان پوءِ مخدوم صاحب چيو تہ هڪڙي رات لاءِ عنايت ڪيو سُڀاڻي موٽائي ڏيندس، ڪتاب جُزا جُزا ڪري پنهنجن شاگردن ڪي لکڻ لاءِ ڏنائون، جن سڄي رات ويهي صُبح تائين نقل ڪيو صبح جو ڪتاب عرب صاحب ڪي موٽائي ڏنائون(٢).

علامہ مخدوم ابوالحسن ڏاهري ڪتاب سراج المصلي جو نالو وضاحت سان شعرن ۾ آندو آهي جيئن فرمائي ٿو:

---

(١) سراج المصلي صفحہ ۵٦۵. (٢) ڪتاب مخزن العلوم حصو علم قرائت جو صہ ١٦ بالکل آخر ۾.

ازو استخاره يكردم به دل - به فضل عظيمش شدم مشتغل
بكردم به تائيد او اهتمام -نهادم "سراج المصلي" ش نام [1]

وري كتاب جي بالكل آخر ۾ فرمائي ٿو:

چو بر ابوالحسن كرد احسان تام - بكرده سراج المصلي تمام [2]

مخدوم ابوالحسن ڏاهري هن كتاب ۾ جيكي مسئلا آندا آهن انهن مسئلن جي تخريج به بيان كئي اٿس ۽ اُهي سمورا كتاب علامہ ابوالحسن ڏاهري وٽ موجود هئا جينئن پاڻ فرمائي ٿو:

بچيدم مسائل ولي باقيود - ولي از كُتب آنچہ موجود بود،
ببين درفتاوىٰ، ببين درشروح -- مسائل برت تاشود با وضوح [3]

علامہ ابوالحسن ڏاهري هن كتاب ۾ هندوستان جي عالمن كان سواءِ سنڌ جي عالمن جهڙوڪ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم محمد حيات سنڌي عادلپوري جي تحقيق كي به شامل كيو آهي. جنهن جو ذكر مصنف جي فارسي سوانح حيات ۾ حوالن سان موجود آهي.

هن كتاب ۾ فقهي مسائل كان سواءِ تصوف جي مسئلن تي به روشني وڌل آهي جنهن بابت تفصيل "ذكر اخلاص مطلق و اخلاص مصلح صوفيان" صہ ٢٥٣ تي موجود آهي. مصنف كن جاين تي اصول فقه جي اصطلاحن سان مسئلن كي ثابت كيو آهي جهڙوڪ: يقين ۽ شڪ وارو اصول، الانقلاب، التبين، الاقتصار، الاستناد، عموم المجاز ۽ قياس دقيق (استحسان) مانع ۽ مقتضي وارو اصول ان لاءِ ڏسو صفحو ١٥٧، ١٩٥، ١٩٧، ١٩٩، ٢١٣ ۽ ٣٩٣. كن جاين تي علم منطق جا اصطلاح پڻ كم آندا اٿس، جيئن عموم وخصوص مطلق ۽ عموم و خصوص من وجه.

ان كان سواءِ ضرورت شعر كي مدنظر ركندي جن لفظن كي عام تلفظ كان كجهہ مختلف پڙهبو ان جي به وضاحت "منهيات سراج المصلي" ۾ آندي اٿس جهڙوڪ لفظ عالمگيري هن لفظ بابت مصنف لکيو آهي تہ اهو لفظ هن كتاب سراج المصلي ۾ ميم جي شد سان پڙهبو[4] ۽ لفظ "فيما سَبَق" مجهول بدران معروف

(١) سراج المصلي صہ ٢٣ (٢) سراج المصلي صہ ٥٦٥
(٣) سراج المصلي صہ ١٧٣ شعر نمبر ١١٩ ۽ ١٢٠
(٤) سراج المصلي صہ ٣١ حاشيه ١

ڪري پڙهبو[1] ان ڪان سواءِ مصنف ڪن ڪن جاين تي عربي لفظن جي شعرن ۾ سنڌي معنىٰ بہ ذڪر ڪئي آهي. جن جو تفصيل پيش ڪجي ٿو.

١. ولي ميل در فُرس نامش کروه - بہ سندي زبان نام گويند کوه. [2]

هن شعر مان معلوم ٿيو تہ لفظ "ميل" عربي آهي فارسي ۾ ان کي "کروه" ۽ سنڌي ۾ "ڪوهہ" چئبو آهي پر هن وقت اسان جي سنڌ ۾ عام اصطلاح آهي تہ ڪوهہ ۾ بہ ميل آهن ۽ ڪتاب ۾ جيڪو اصطلاح آهي اهو شرعي آهي جنهن جي وضاحت مخدوم ضياءالدين جي سنڌي مان ظاهر آهي.جنهن جو حوالوصہ ٣٩٥ تي موجود آهي. بلڪہ علامہ مخدوم ضياءالدين تہ اها بہ وضاحت ڪئي آهي تہ لفظ "فرسخ" عربي آهي اُن جي فارسي "فرسنگ" ۽ سنڌي "ڳائو" آهي. ٻئي هنڌ لفظ رطب جي سنڌي معنىٰ بيان ڪندي لکي ٿو.

١. رطب را بہ سندي نام است رَدک - بہ هندي نام دگر دان اين محک[3]

ٽئين هنڌ لفظ اجانه: جي سنڌي معنىٰ بيان ڪندي لکي ٿو:

ولي نام اجانه کونار است - که درشستنش هم حرج بي خفا است[4]

اهڙي طرح لفظ عرزال جي سنڌي معنىٰ بيان ڪندي لکي ٿو.

بدان چيست عرزال اي بادليل - عريشه بود بردرخت طويل

ويا نصب کرده بود چوبها - عريشہ برآنها بود بابها

دگر نيز عرزال پنکاره گو - کہ نامند آن را بہ سندي پهو[5]

هنن شعرن ۾ لفظ عرزال جي سنڌي معنىٰ پهو بيان ڪئي وئي آهي انهن شعرن کان پوءِ علامہ ڏاهري عالمگيريءَ جي حوالي سان لکيو آهي تہ لفظ عرزال عربي آهي اُن جي فارسي "کازه" آهي.

مخدوم ابوالحسن ڏاهري هڪ جاءِ تي خالص قديم سنڌي لفظ "ويسر" استعمال ڪيو آهي، جيئن فرمائي ٿو:

کلان تر زِ "ويسر" بود بي گمان - بود گرچہ ويسر زجملہ کلان[6]

هن شعر ۾ لفظ "ويسر" استعمال ڪيل آهي جيڪو خالص سنڌي لفظ آهي

(١) سراج المصلي صہ ٣٩٥ حاشيہ ۴. (٢) سراج المصلي ذکر مقدار ميل و فرسنگ صہ ١٣٩. (٣) سراج المصلي باب نجاست غليظ وخفيف صہ ١٥٣

(۴) سراج المصلي باب آب مطلق ومقيد وشرح هريک صہ ٢٠٧ (٥) سراج المصلي باب درقيام صہ ٣١٧

(٦) سراج المصلي باب آب مطلق و مقيد و شرح هريک صہ ١٨٣

ويسر جي معنيٰ مانگر مڇ آهي. جيئن پرمانند ميوارام پنهنجي انگلش- سنڌي ڊڪشنري جي صفحي ۴۴۵ تي لفظ (Whale) جي ترجمه ۾ لکيو آهي جيڪا پهريون دفعو ۱۹۳۳ع ٻيو دفعو ۱۹۷۹ ۽ ٽيون دفعو ۱۹۹۶ع ۾ سنڌالاجي طرفان شايع ٿي آهي. جنهن مان ظاهر آهي ته ويسر ۽ مانگر مڇ ساڳئي شي آهن، ياد رهي ته مانگرمڇ کي عربي ۾ ”قيطاس“ ، ”بال“ ۽ فارسي ۾ به ”بال“ چوندا آهن.

مشهور محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکيو آهي ته حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي معتقدن مان هڪ شخص نالي ”ويسر“ هو، ان کي شاه صاحب هڪ موقعي تي فرمايو:

”ادا ڙي ويسر مَڇ! ڪاءِ نه ته مرنڊين
ڪتان پئنڊين اَڇ، جو لوڪ مڙوئي لڙ ٿيو.

معلوم هجي ته ويسر ۽ ويلڙو وڏي ۾ وڏا مانگر مڇ آهن ۽ بيت جي معنيٰ ۾ پڻ اها تمثيل سمايل آهي“ (۱)

مصنف جو شعر ۽ طرز بيان نهايت سهڻو ۽ دلڪش آهي. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن هڪ موضوع تي بحث ڪندي ضمناً ٻيا موضوع به بيان ڪري ٿو ۽ انهن تي روشني وجهڻ کان پوءِ اصلي موضوع ڏانهن موٽي ٿو، ۽ پڙهندڙ کي ياد ڏياري ٿو ته اسان هاڻي اصل موضوع ڏي موٽون ٿا. جيئن فرمائي ٿو:

۱. رجعنا الیٰ ماقصدنااليه - ترکنا له ما بنينا عليه (۲)
۲. رجعنا الى القصة الاصلية - مسائل درين باب دان عاليه (۳)
۳. رجعنا الى ما قصدنا له - ذكرنا هنا منه منواله (۴)

مصنف هن ڪتاب ۾ مسائل ذڪر ڪرڻ ڪان سواءِ ضمناً وظيفا به آندا آهن جيئن فرمائي ٿو ته جيڪو ماڻهو فرض نماز جي سلام ورائڻ ڪان پوءِ فوراً هڪ پساهه ۾ ٽي دفعا استعفرالله پڙهندو ته ان جا سمورا گناهه بخش ٿي ويندا.

بخوان لفظ استغفرالله بس - سه کرت ز پس فرض دريک نفس
بجز فاصله متصل با سلام - شوي تا تو مغفور اي نيک نام (۵)

(۱) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: شاه عبداللطيف جي سوانح رسالي ۽ راڳ بابت تحقيقي مضمون ص ۳۲ مهراڻ اڪيڊمي طرفان شائع ٿيل
(۲) سراج المصلي باب موجبات غسل ص ۹۱ شعر نمبر ۱۹۳. (۳) سراج المصلي باب نجاست غليظ و خفيف ص ۱۵۳ شعر نمبر ۸۰.
(۴) سراج المصلي ص ۲۷۹. (۵) سراج المصلي. ذکر اخلاص مطلق واخلاص مصطلح صوفيان ص ۲۷۳ شعر نمبر ۲۳۶، ۲۳۷.

سراج المصلي جي چند مقامن جو تحقيقي جائزو

سراج المصلي جي صہ ٢٧٧ تي علامہ مخدوم ابوالحسن ڏاھري افلاطون ۽ حضرت عيسىٰ عليہ السلام جي دلين جي مناظري جو ذڪر آندو آھي. ان ڪري افلاطون بابت تحقيقي جائزو پيش ڪجي ٿو.

افلاطون:

افلاطون کي انگريزيءَ ۾ (Plato) پليٽو ۽ يوناني ٻوليءَ ۾ (Platwn) "پلاٽون" چيو وڃي ٿو. افلاطون اصل ۾ يونان جي شهر اٿينس (Athens) ۾ سنہ ٤٢٨ (مشڪوڪ) قبل مسيح ۾ ڄائو. سندس ڪُلھا ڪشادہ ھُئا جنھنڪري ڪيس پلاٽون (ڪشادہ ڪلھن وارو) چوندا ھئا. سندسُ اصلي نالو "ائرسٽاڪليز (Aristocles) ھو.

ويھن ورھن جي عمر ۾ سُقراط جي اثر ھيٺ ۽ شاگرديءَ ۾ فلسفي جو مطالعو شروع ڪيائين. پنھنجي استاد جي ظالمانہ موت جي ڪري "اٿينس" شھر ڇڏي اٽلي، سسلي، اتر آفريڪا ۽ مصر جو سفر ڪيائين سنہ ٣٨٧ قبل مسيح ۾ اٿينس ۾ موٽي آيو ۽ اڪاڊيمي (Academy) جي نالي سان فلسفي جو اسڪول کوليائين. سندس استاد سقراط جي گفتگوئن جو مجموعو افلاطون جي نالي سان (Dialogues Of Plato) مشھور آھي. انھن (Dialogues) ۾ "جمھوريت" (Republic) وارو گفتگو اھميت وارو آھي. افلاطون جو فلسفو "تصوريت" (Idealism) جو فلسفو آھي. جو مادي (material) دنيا کان اڳتي وڌي تصورات (Ideas) جي دنيا تائين پھچي ٿو. ان جي شرح فلسفي جي ڪتابن ۾ ڏسڻ گھرجي. افلاطون جي عمر ٨١ سال ھُئي پاڻ سنہ ٣٤٧ قبل مسيح ۾ وفات ڪيائين[١]

مائيڪل هارٽ: افلاطون جي ولادت جو سال ٤٢٧ قبل مسيح ڄاڻايو آھي باقي وفات جو سال ساڳيو ٣٤٧ قبل مسيح لکيو اٿس.[٢]

' عالمي "ورلڊ بوڪ انسائيڪلوپيڊيا" جي مطالع ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ افلاطون جو زمانو حضرت عيسىٰ عليہ السلام کان اڳ ۾ ھو. جڏھن تہ مخدوم ابوالحسن ڏاھري افلاطون بابت لکيو آھي تہ اھو حضرت عيسىٰ عليہ السلام جي

(1) The World Book Encyclopedia, Vol:9. Page No. 545 Field Enterprises Education corporation Londan 1966.

(٢) مائيڪل هارٽ: مترجم عاصم بٽ: "سؤ عظيم آدمي ناشر تخليقات لاھور صہ ٢١٦

زماني ۾ موجود هو. مخدوم ابوالحسن ڏاهري پنهنجن ٽن ڪتابن ١. سراج المصلي ٢. ڪچڪول نامہ ٣. ينابيع الحيواة الابدية ۾ افلاطون جو ذڪر آندو آهي پاڻ ينابيع الحيواة الابدية ۾ فرمائي ٿو.

افلاطون: و نام برچهار صيغہ آمده است افلاطون و آن اصل است افلاط و فلاطن و فلاطون و آن سہ ڪلمه مخفف اند، وارسطو طاليس تلميذ افلاطون وليڪن او بہ افلاطون در يڪ علم مخصوص شاگردي ڪرده بود نہ درهمہ وارسطا طاليس ارسطو هم آمده و او استادزاده سلطان سڪندر بود، ونيز وزير او بود، ودر "تفسير رحماني" در سورت ڪهف گفته: ڪہ دوسڪندر بودند، يڪي سلطان سڪندر حڪيم ڪه بر مذهب استاد وي ارسطو بود و او سڪندر صغير است دوم سڪندر ڪبير ذوالقرنين ڪہ درنبوتش اختلاف است واين هر سہ حڪيم درعهد سلطان سڪندر بودند واين همه را از ڪشف اللغات درج ڪرده شد. (١)

وري اڳتي لکي ٿو:

و ببايد دانست ڪہ افلاطون واتباع او را اشراقين نامند ڪہ مدار ايشان برڪمال زُهد و بر رياضات شاقہ بود، واشراق القلوب تحصيل مي نمودند، و در "شرح ڪبير رسالہ مناظره" مذڪور است ڪہ اشراق قلوب بعضي اشراقين به حدي بود ڪہ با يڪ ديگر درقلوب مناظره مي ڪردند و سوال و جواب مي نمودند بغير تڪلم زباني وارسطو واتباع وي رامشائين نامند ڪہ هميشه در رڪاب سلطان سڪندر مي رفتند و بہ همراه او مشي مي نموند ودائما در صحبت او مي بوند. (٢)

علامہ ابوالحسن ڏاهري پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو:

نبوده شد افلاطون بہ اشراق - بہ چشم دل بديدي جملہ آفاق
تخاطب او بہ يارانش بہ دلها - ببودي بي تڪلم هم هويدا
بہ دل ڪرده تنازع بي ڪلامش - بہ روح الله عيسىٰ در مرامش
چو پيدا ڪرد عيسىٰ معجزه را - دلش اعمىٰ بگشته آشڪارا
ولي محروم مانده او ز ايمان - بہ بدبختي بڪرد ڪفر سامان
صفات حق همه را ڪردہ انڪار - قدم عالم بديده او پديدار
همو برڪفر مُرده آشڪارا - نڪرده پيروي عيسىٰ نبي را (٣)

(١) ينا بيع الحياة ج اول باب دوم. فصل چهارم صہ ٣٨٥. (٢) ينابيع الحياة ج اول باب دوم فصل چهارم صہ ٣٨٦.
(٣) ڪچڪول نامہ ذڪر شريعت و طريقت و فرق درميان هر دو صہ ٦-٧ مطبع شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ.

ٿورو اڳتي لکي ٿو:

حواس اين چار در دل ابن آدم - هميشه مي بود موجود هر دم
بود انسان همه يکسان درين چار - بجز صيقل بود هر چار بي کار
اگراحوال افلاطون بداني - شوي واقف برين جمله معاني
زجوگي هم ز سُمني ممکن است اين-که گردد مثل افلاطون به تمکين[1]

خلاصو مطلب: افلاطون ارسطا طاليس جو به استاد هو، جيڪو سڪندر بادشاهه جي استاد جو پُٽ هو ۽ سندس وزير به هو، سڪندر به ٽي گذريا آهن هڪ "سڪندر حڪيم" جنهن کي "سڪندر صغير" چوندا آهن ٻيو سڪندر ڪبير "ذوالقرنين" جنهن جي نبوت ۾ اختلاف آهي. اهي سمورا حڪيم هڪ ئي زماني ۾ هُئا، افلاطون ۽ سندس پوئلڳن کي "اشراقين" سڏيندا آهن. انهن مان ڪن کي ته اهڙي قلبي روشنائي حاصل هُئي جو زباني گفتگو کان سواءِ دلين جي ذريعي هڪ ٻئي سان مناظرو ڪندا هُئا، افلاطون به حضرت عيسىٰ عليه السلام سان دل جي ذريعي مناظرو ڪندو هو. جڏهن حضرت عيسىٰ عليه السلام معجزو ظاهر ڪيو ته دل واري روشني ختم ٿي ويس انهيءَ بدبخت حضرت عيسىٰ عليه السلام تي ايمان نه آندو ۽ ڪُفر تي مري ويو.

مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي انهن ڪتابن جي تائيد اسان کي امام رباني مجدد الف ثاني جي هن عبارت سان حاصل ٿئي ٿي.

"بيانش آنست که کثرت جوع البته صفا بخش است جمعيٌ را صفائي قلب مي بخشد وجمعي ديگر را صفائي نفس مي بخشد، صفائي قلب هدايت افزاي ونور بخش است. وصفائي نفس ضلالت نما است و ظلمت افزا، فلاسفه يونان و براهمه و جوگيه هند همه را رياضت گرسنگي صفائي نفس بخشيده به ضلالت وخسارت دلالت نموده افلاطون بي خرد اعتماد برصفائي نفس خود نموده صور کشفيه خياله خود را مقتدائي خود ساخته عجب ورزيد وبه حضرت عيسىٰ روح الله علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسّلام که دران وقت مبعوث شده بود نگرويد وگفت:

"نَحنُ قوم مهديونَ لاحاجة بنا الىٰ من يهدينا"

امام رباني مجدد الف ثاني ٿورو اڳتي لکي ٿو:

(۱) کچکول نامه ذکر حقيقت و کشف حقيقت صه ۱۳.

افلاطون ازكمال جهل صفائي خود را كہ بہ اماره او تعلق داشت در رنگ صفائي قلب عيسوي انگاشت ناچار خودرا نيز مُهذب و مطهرُ در رنگ او خيال كرده از دولت متابعت او علىٰ نبينا وعليه الصلاة والسلام محروم ماند و بہ داغ خسارت ابدي مُتسم گشت. اعاذناالله سُبحانه من هذاالبلاءِ.

ترجمه:

گهڻي بک کن ماڻهن کي قلب جي صفائي عطا ڪندي آهي تہ وري کن ماڻهن کي نفس جي صفائي عطا ڪندي آهي. پوءِ دل جي صفائي مان هدايت ۽ نور حاصل ٿيندو آهي. ۽ نفس جي صفائي سان گمراهي ۽ اونداهي حاصل ٿيندي آهي يونان جي فيلسو فن، هندوستان جي برهمڻن (ٻانيڻن) ۽ جوڳين کي بک واري رياضت نفس جي صفائي عطا ڪري گمراهي ۽ نقصان جي راهہ ڏيکاريندي آهي.
افلاطون بيوقوف پنهنجي نفس جي صفائي تي ڀروسو ڪري پنهنجين ڪشفي ۽ خيالي صورتن کي پنهنجو اڳواڻ (رهنما) سمجهي تکبر ڪيو ۽ حضرت عيسىٰ روح الله علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جيڪو ان وقت رسول ڪري موڪليو ويو، ان جي اطاعت نہ ڪئي ۽ چوڻ لڳو:

"اسان هدايت وارا آهيون، اسان کي ڪنهن بہ اهڙي شخص جي ضرورت نہ آهي جيڪو اسان کي هدايت ڪري"

افلاطون پنهنجي انتهائي ناداني جي ڪري پنهنجي نفس اماره واري صفائي کي حضرت عيسىٰ عليہ السلام جي دل جي صفائي وانگر سمجهيو، جنهن ڪري پاڻ کي حضرت عيسىٰ عليہ السلام وانگر تهذيب وارو ۽ پاک سمجهي سندس تابعداري واريءَ دولت کان محروم رهيو ۽ ابدي نقصان واري داغ سان داغدار ٿيو. شال الله تعالىٰ اسان کي انهيءَ مصيبت کان پناهہ ۾ رکي.

(۱) (مکتوبات امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد فاروقي سرهندي مکتوب ۳۱۳ طبع ڪراچي واستنبول صہ ٦٦٦ سال طبع ۱۳۹۷هہ / ۱۹۷۷ع)

ابن سينا:

شيخ الرئيس ابو علي حسين بن عبدالله بن حسن بن علي معروف "ابن سينا" سال ٣٨٠هہ ۾ ڄائو، سندس والد بلخ جو هو ۽ سندس والده افشنه (نزديڪ بخارا) جي هُئي.

ابن سينا بخارا ۾ تعليم پرائي ۽ ڏهن سالن ۾ قرآن شريف حفظ ڪيائين ابوعبدالله ناتلي وٽ منطق، هندسه ۽ علم نجوم سکيو. ان کان پوءِ علم طب سکيو.

جوانيءَ ۾ نوح بن منصور بادشاهہ ساماني جو علاج ڪيائين ۽ بادشاهي ڪتاب خانہ مان قيمتي ڪتاب پاڻ سان گڏ کڻي آيو. ابن سينا، خراسان ان کان پوءِ گرگان، رِي، همدان ۽ اصفهان بہ ويو، پاڻ همدان ۾ شمش الدوله جو وزير ٿي رهيو آخرڪار ملڪ ايران جي مشهور شهر همدان ۾ سال ٤٢٨ هہ قمري وفات ڪيائين سندس مزار تي روضو بہ آهي. ابن سينا جو هڪ هزار سال جو جشن ولادت جو سالگره ايران ۾ سال ١٣٣١هہ شمسي ۾ ملهايو ويو. سندس تصنيفات مان ڪتاب الشفا، ڪتاب القانون في الطب، ڪتاب اشارات، ڪتاب النجاه ۽ دانشنامه علائي فارسي زبان ۾ آهن.(١)

ايران جي مشهور صوفي بزرگ ابوسعيد ابوالخير ۽ ابن سينا جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي آهي. هڪ دفعي جي ملاقات ۾ ٽي ڏينهن گڏ رهيا، جڏهن ابن سينا وڃڻ لڳو تہ شاگردن ڪانئس ابوسعيد ابوالخير بابت پڇيو تہ ابن سينا چيو:

"هرچہ من مي دانم او مي بيند" وري جڏهن صوفين ابوسعيد ابوالخير کان ابن سينا جي باري ۾ پڇيو تہ فرمائڻ لڳو:

"هرچہ مابينيم او مي داند"

چون ٿا تہ انهيءَ ملاقات کان پوءِ ابن سينا صوفين جي درجي کي تسليم ڪيو ۽ راسخ اعتقاد رکيو ۽ پنهنجي آخري تصنيف ڪتاب "اشارات" ۾ هڪ باب "مقامات العارفين "لکيو اٿس.(٢)

---

(١) فرهنگ فارسي تاليف دڪتر محمد معين ج ٥ صہ ٨٥ چاپ تهران، ايران.

(٢) گزيده اسرار التوحيد صہ ٢٦. انتخاب وتوضيح: محمد رضا شفيعي ڪدڪني چاپ دوم ١٣٧٥هہ ش مطبع تهران ايران.

علامہ مخدوم ابوالحسن ڏاهري ابن سينا جو احوال هن ڪتاب جي ٢٧٥ تي آندو آهي جنهن ۾ ڪيس ٽن مسئلن ۾ ڪافر قرار ڏنو اٿس ان بابت مصنف جي ٻين ڪتابن مان بہ حوالا پيش ڪجن ٿا.

ڪتاب مجالس شيخ علاوالدين سمناني قدس سره ۾ مذڪور آهي تہ يونان جي قديم حڪيمن جا اصول جيڪي اڳ جا مقرر ٿيل هئا اُهي انبياء عليهم السلام جي عقيدن ۽ شريعتن جي خلاف هئا. پوءِ جڏهن افلاطون جو زمانو آيو تہ ان انهن حڪيمن جي اصولن کي دليلن سان رد ڪيو. باقي ٢٧٠ اُصول جيڪي نبين سڳورن جي خلاف هئا انهن کي برقرار رکيائين ۽ انهن کان رجوع نہ ڪيائين تان جو ارسطاطاليس ظاهر ٿيو ۽ اُن بہ انهن اصولن کي رد ڪري باطل ٺهرائي باقي ٢٣ مسائل برقرار رکيا، جيڪي انبياء عليهم السلام جي برخلاف هئا ۽ انهن کان رجوع نہ ڪيائين پوءِ جڏهن هن اُمت ۾ ابوعلي بن سينا ظاهر ٿيو تہ اُن وري ٢٣ مان ويهن مسئلن کي رد ڪري باطل ٺهرايو ۽ باقي ٽن مسئلن کان رجوع نہ ڪيائين. جنهن ڪري مسلمانن اُن تي ڪفر جي فتويٰ ڏني. اُهي ٽي مسئلا هي آهن. ١. خدا تعاليٰ جي علم جزئيات جي نفي، ٢. نفي حشر اجساد، ٣. قدم عالم(١)

مجالس علاوالدين سمناني ۾ آهي تہ سلالة الواصلين شيخ مجدالدين بغدادي آن حضرت صلي الله عليہ وسلم جو واقعہ (غنودگي ۽ خواب آلودگي يعني بين اليقظة والنوم) جي ڪيفيت ۾ ديدار ڪيو. ۽ پاڻ سڳورن کي عرض ڪيو، ماتقول في حق ابن سينا قال: هو رجل أرادَ ان يصل اِلي الله تعاليٰ بلاواسطتي ومحبته تعاليٰ بيدي هكذا فسقط في النار. يعني توهان ابن سينا جي باري ۾ ڇا ٿا فرمايو؟ تنهن تي پاڻ سڳورن فرمايو: انهيءَ شخص منهنجي واسطي کان سواءِ ۽ خدا سان محبت رکڻ کان سواءِ الله تعاليٰ تائين پهچڻ چاهيو ٿي پر پهچي نہ سگهيو ۽ جهنم ۾ ڪري پيو.

واقف اسرار صمديہ شيخ جمال الدين حلبي قدس سره خواب ۾ پاڻ سڳورن جو ديدار ڪيو ۽ عرض ڪيائين. ماتقول في حق ابن سينا قال: هو رجل أضلهُ الله عليٰ علم.

يعني: توهان ابن سينا جي باري ۾ ڇا ٿا فرمايو؟ پاڻ سڳورن فرمايو تہ انهيءَ شخص کي الله تعاليٰ علم ڏئي گمراه ڪيو آهي.(٢)

(١) ينابيع الحيواة الاية باب ٢ فصل٤ ص ٢٥٥. (٢) ينا بيع الحيواة ج ٢ بابُ دوم فصل ٤، صہ ٣٨٠)

ڄاڻ گهرجي ته سمورن مسلمانن مذڪوره بالا ٽن مسئلن جي ڪري ابن سينا جي ڪفر واري حڪم ڏانهن لاڙو ڪيو آهي بلڪ ڪن ته صراحة چيو آهي. ۽ پاڻ ابن سينا "رساله تقسيم علوم حڪمت واسامي آن" ۾ فرمائي ٿو ته مون ڪي هنن علمن ۾ ڪوبه مسئلو شريعت جي خلاف نظر ڪونه ٿو اچي جيڪڏهن ڪا شيءَ ظاهر ۾ شريعت جي خلاف ڏسڻ ۾ اچي ته اها به صحيح تاويل سان خود شريعت ئي آهي ۽ ابوعلي ابن سينا ملڪ رَي جي بادشاه فخرالدوله جو وزير هو. اهڙي طرح ڪتاب ڪشف اللغات ۾ لکيل آهي. ۽ مولانا نور الدين محمد احمد آبادي ادام الله فيوضه فرمايو آهي ته ماڻهن ابن سينا کي ڪافر چيو ته پاڻ ابن سينا هي ٻه بيت چيا.

بيت

١. چون مَن ڪسي مومن و موقن نبود - در دهر مثلم يڪي متقن نبود

٢. چون من به يڪ دهر او هم ڪافر شد - پس در يڪي دهر مومن نبود [١]

ترجمو:

مون جهڙو ڪوبه ماڻهو مومن ۽ يقين رکندڙ نه آهي، زماني ۾ مون جهڙو ڪوبه ماڻهو پڪو مومن نه آهي.

جيڪڏهن آئون به زماني ۾ ڪافر آهيان ته پوءِ هن زماني ۾ ڪو به ماڻهو مومن نه آهي.

لفظ ابن بابت تحقيق:

٢٣- اي ابوالحسن دلنواز! ساراه ڪر ۽ ساراهہ جي آواز سان منهنجي دل کي تازو ڪر.(٢)

٢٤- اي ابوالحسن! عاشقن واري آواز سان مون وٽ خدا جي ثنا بيان ڪر.(٣)

٢٥- اي خدا جي ذڪر جي باغ جي بُلبل! مونکي سٺيءَ وڻندڙ آواز سان الله تعاليٰ جي ذڪر جو سبق ڏي.

٢٦- ٻنهي جهانن جي مالڪ جو حمد دلسوز ۽ سٺي آواز سان بيان ڪر.

٢٧- شوق ڏياري دل کي بيدار ڪر تہ خدا جي تعريف دل جو ڪم ٿي پوي.

٢٨- ذڪر جي آواز واري فولادي چقمق کي فڪر(سوچ) سان منهنجي پٿر دل تي زور سان هَڻُ.

٢٩- تہ ان جي شوق جي باهہ جون چڻنگون ظاهر ٿين ۽ "پٿر دل" مان نڪري نروار ٿين.

٣٠- اهو اونهين حڪمتن وارو حڪيم آهي جنهن عقل کي دم سان پيدا ڪيو.(٤)

٣١- جنهن وقت عقل هڪ موجود شيءِ ٿيو تہ خدا ۽ مخلوق ۾ فرق رکيائين.

٣٢- اوچتو خدا جي محبت جي دام ۾ گرفتار ٿيو ۽ ان ڪان جدا نہ ٿيو.

٣٣- جڏهن عقل عشق جي دامن ورتي تہ عشق جي مقصد واري سامان تي پهتو.

٣٤- لاهوت جي رازن ڪان واقف ٿيو ۽ قدسي درگاهہ جو بادشاهہ ٿيو.(٥)

٣٥- جڏهن ڳالهائڻ واري پوشاڪ سان عزت حاصل ڪيائين تنهنڪري ڪيس "نفس ناطقه" چيو ويو.(٦)

(١) وَرَا: اورا جو مخفف آهي.(غياث)- (٢) هن شعر ۾ متڪلم (مصنف) جو پنهنجي نفس سان خطاب ڪرڻ ڪامل پير (مرشد) ڪان ڪنايو آهي.(حاشيه مصنف) - (٣) سرائيدن بابت معلوم نہ آهي تہ سين جي پيش سان آهي يا زبر سان ڇو تہ عالمن ڪان ٻنهي وجه ٻڌڻ ۾ آيا آهن. باقي سرود سين جي فقط پيش سان پڙهڻ گهرجي.(حاشيه مصنف) - (٤) ٻين ڇپيل نسخن ۾ هيءُ مصرع هن طرح آهي. ع - که موجود خود عقل کرده بدم.

(٥) لاهوت: مسلمانن وٽ لاهوت مان مراد خدا تعاليٰ جي ذات سندس ذاتي صفتن سان گڏ آهي. باقي ٻين وٽ فقط مجرد ذات مراد آهي ڇو تہ مسلمانن وٽ ذات جو مجرد ۽ خالي هجڻ جائز نہ آهي. (حاشيه مصنف)

(٦)منطقين وٽ نطق ڪليات جي ادراڪ کي چئبو آهي ۽ ٻين وٽ روبرو ڳالهائڻ کي نطق چئبو آهي.(حاشيه مصنف)

٣٦- چودرضمن این عقل سائر عقول بیکبارگي یافتندي حصول
٣٧- بدان روح احمد همین عقل بود که موجود هر عقل زو گشت زود
٣٨- نه در فلسفه ذکر نورِ نبي ست ازین نور هر فلسفي اجنبي ست
٣٩- رسیده بهریک بضاعت شعور شده هر یکي را بسر خود ظهور
٤٠- دران دم من و تو پدیدار شد خطاب و تکلم نمودار شد
٤١- پس آن هر یکي گشت قابل خطاب بهر یکي شد از حق کامل خطاب
٤٢- چشانید او را ز جامِ الست بیک قطره اش سالها ماند مست
٤٣- ازان مستیش گشت بیگانه وش بکرده فراموش پیمانه اش
٤٤- فراموش کرده چو میثاق را بسویش فرستاده حق انبیا
٤٥- دهانند تا یاد او را همه بایمان غیبي نمایند ره
٤٦- بجز غیب ایمان نشد معتبر درین ست حکمت شنو این خبر
٤٧- اگر روز میثاق مي بود یاد نه کافر ببودي میان عباد
٤٨- چه ایمان بباس و شهادت بُدي نه حاجت بغیبت زیادت بُدي
٤٩- بدان عقل را روح در اصطلاح بنامند در عرف اهل فلاح
٥٠- بحکمت سخن را چو پیدا بکرد سخن حکمتش را هویدا بکرد
٥١- چو پیکي سخن بر زبانها نهاد نشاني ز اسرار لاهوت داد
٥٢- چو موجود او بود بس در ازل نبوده باو هیچ کس در ازل
٥٣- نه هنوز ممکن بکرده ظهور نه عالم نه آدم نه حور و قصور
٥٤- نبوده زمان و نبوده مکان نه عرش و نه کرسي بگشته عیان
٥٥- همه گنج مخفي(١) بملک عدم(٢) همه را بدانست اندر قدم
٥٦- همه آنچه پیداست در لم یزل نه مخفي برو بود اندر ازل
٥٧- بعلمِ قدیمش همه را شناخت غني بود باخود کفایت بساخت(٣)
٥٨- بذات و صفاتش ببوده غني نه معدوم بر وي ببوده خفي
٥٩- یکایک بجنبید حبِ نهان که آن گنج مخفي بگردد عیان.

(١) ودر حدیث "کُنتُ کَنزاً مخفیاً محدثین را سُخني است ودر گنج نامه بثبوت پیوسته. (حاشیه مصنف)
(٢) ملک عدم: عبارت است ازصُوَرعلمیه‌تفصیلیه کهاعیان ثابته است براصطلاح مسلمین نه براصطلاح فلاسفه. (حاشیه مصنف)
(٣) در نَسخه "ر" این مصرعه باین طور آمده است. "غني از همه بود با خود بساخت. (دکتر غ ـ م داهری)

٣٦- جڏهن ته باقي عقل هن عقل مان هڪ دفعي سان پيدا ٿيا.

٣٧- روح (نور) محمد ﷺ اهوئي عقل هو، جو ٻيا عقل جلد ئي ان مان موجود ٿيا.

٣٨- جڏهن فلسفي ۾ نبيءَ جي نور جو ذڪر نه هو تنهنڪري فيلسوف ان نور کان بيخبر آهن.

٣٩- هر هڪ کي شعور (سمجهه) جي سوکڙي ملي، جيڪا هر هڪ جي مٽي ۾ ظاهر ٿي.

٤٠- ان وقت آءٌ ۽ تون ظاهر ٿيا سون، خطاب ۽ گفتار ظاهر ٿي.

٤١- پوءِ هر هڪ خطاب جي لائق ٿيو، هر هڪ کي خدا جي طرفان خطاب ٿيو.

٤٢- ان کي اَلستُ واري پيالي مان پياريائين ۽ هڪ قطري پيئڻ سان ڪيترائي سال مست رهيو.

٤٣- انهيءَ مستيءَ جي ڪري بيگانو (ڌاريون) ٿيو ۽ اهو واعدو وساري ڇڏيائين.

٤٤- جڏهن ميثاق (واعدي) کي وساريائين ته الله تعالىٰ ان ڏانهن پيغمبر موڪليا.

٤٥- ان کي سڀ يادگيريون ڏياريائون ۽ غيبي ايمان جي راهه ڏيکاريائون.

٤٦- غيب کان سواءِ ايمان معتبر ناهي، انهيءَ ۾ حڪمت آهي، اها خبر پڌو.

٤٧- جيڪڏهن ميثاق(واعدي) وارو ڏينهن ياد هجي ها ته ٻانهن ۾ ڪوبه ڪافر نه هجي ها.

٤٨- چو ته اهو ايمان خوف ۽ شاهديءَ وارو هجي ها ۽ ايمان بالغيب جي زياده ضرورت نه پوي ها.

٤٩- عقل کي اصطلاح ۾ روح سمجهُه، اهو اصطلاح اهل فلاح جو آهي.

٥٠- جڏهن حڪمت سان سخن پيدا ڪيائين ته سخن سندس حڪمت ظاهر ڪئي.

٥١- جڏهن زبانن تي سخن جي رهائش ڪيائين ته لاهوت جي رازن جي نشاني ڏنائين.

٥٢- جڏهن ازل ۾ اهو ئي موجود هو ته ان سان ٻيو ڪوبه نه هو.

٥٣- اجان ممڪن شي جو ظهور نه ٿيو هو. نه جهان نه آدم، نه حوا، نه حوروں ۽ قصُور هئا.

٥٤- نه زمانو هو، نه مڪان هو، نه عرش، نه وري ڪرسي ظاهر ٿي هُئي.

٥٥- سمورا خزانا(١) عدم جي ملڪ(٢) ۾ مخفي هئا، سڀ ڪجهه قديم زماني کان ڄاتائين ٿي.

٥٦- دنيا ۾ جا چيز پيدا ٿي يا ٿيندي، اها ان کان ازل ۾ مخفي نه هُئي.

٥٧- پنهنجي قديم علم سان سيني کي ڄاتائين، سيني کان بي پرواهه هو پنهنجي مٽي تي گذاريائين.(٣)

٥٨- پنهنجي ذات ۽ صفات سان بي پرواهه هو ڪابه معدوم شيءِ ان کان مخفي نه هُئي.

٥٩- اوچتو ڳجهي محبت اٿي پئي ته جيئن اهو مخفي خزانو ظاهر ٿئي.

(١) ڪنت "ڪنزاً مخفيا" واري حديث ۾ محدثن کي اعتراض آهي پر گنج نامي ۾ حديث کي ثابت ڪيو اٿس(ح.م)
(٢) ملڪ عدم مان مراد صورتون علم واريون تفصيلي آهن جيڪي مسلمانن جي اصطلاح موجود اعيان ثابته آهن ۽ فيلسوفن جي اصطلاح موجب ثابت نه آهن. (٣) "ر" واري نسخي ۾ هي مصرع هن طرح آهي: غني از همه بود بأخود بساخت.(غ.م)

ذكر نعت النبي صلى الله عليه وسلم

١- وجـودِ دو عـالـم ز نـور نبـي ― بكن كرد موجود ايزد غني
٢- ولي بود مقصود زان بي شكي ― كه او را شناسند بي چون يكي
٣- شناسند هم فضل ختمِ رسل ― عروسِ دو گيتي و سرتاج كل
٤- بملكوت اعلىٰ صدارت نشين ― بصد عز ناز ست او نازنين
٥- باعلىٰ عِليين مشار اليه ― بدرگاه قدسي مدار عليه
٦- رسول خدا سيد المرسلين ― گزيده همه زمرة الاولين
٧- ز عرش ست تا فرش او سرفراز ― بحضرات والا رسالت طراز
٨- بتعظيم او پيش آمد شجر ― برو كرد تسليم چندان حجر
٩- گواهي بدادند حيوان تمام ― كه سالار عالم محمد مدام
١٠- چو ظبيه ز حيوان دگر سوسمار ― بگفتند اي مرسل كردگار
١١- هرآن دل كه خالي ست از حب تو ― نه هرگز بباشد همان دل نكو
١٢- هميشه بقهرست لعنت برو ― سزاوار جهنم بباشد همو
١٣- بود بغض تو موجب قهر حق ― گواهي بدادند اين بهر حق
١٤- بكردند اشجار او را سجود ― چو ديدند او را خلاصه وجود
١٥- بگشتند تسبيح گويا حصا ― ز فرحت بكفِ رسولِ خدا
١٦- ز سنگ و مدر او شنيدي سلام ― سلامِ خلائق برو بُد مدام
١٧- ازو انشقاق القمر آمده ― كه غالب ترين معجزاتش شده
١٨- چو ظاهر شد او بر زمين بي خلاف ― بايوان كِسرىٰ رسيده شگاف
١٩- همه بحر ساوه شده خشك زود ― فتاده نگون هر صنم در سجود
٢٠- همه آتش اهل پارس مجوس ― شده كالعدم گشت يائس مجوس
٢١- مزين بگشته بهشت و سما ― بشارت بملكوت شد جا بجا

نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي نعت

١- ٻنهي جهانن جو وجود نبيءَ جي نور مان الله تعاليٰ "ڪُن" جي لفظ سان پيدا ڪيو.
٢- ۽ بيشڪ ان مان مقصد هو ته الله تعاليٰ کي بيمثال ۽ اڪيلو ڄاڻن.
٣- ۽ رسول الله ﷺ جي ڀلائي ڄاڻن، جيڪو ٻنهي جهانن جي خوشي ۽ سيني جو سرتاج آهي.
٤- جيڪو ملڪوت اعليٰ جي صدارت رکي ٿو، سوين عزتن ۽ نازن سان نازنين آهي.
٥- جيڪو اعليٰ عليين جو مشاراليه آهي ۽ قدسي درگاهه جو دارومدار ان تي آهي.
٦- خدا جو رسول ۽ رسولن جو سردار، اڳين نبين جي جماعت جو سرڪردو آهي.
٧- خداجي درٻار۾رسالت جي منصب جي ڪري،عرش کان وٺي فرش تائين سيني کان بلندشان واروآهي.
٨- ان جي تعظيم لاءِ وڻ اڳيان هلي آيا، ڪيترن ئي پٿرن سلام ڪيا.
٩- سيني حيوانن شاهدي ڏني ته ساري جهان جو سالار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ آهي.
١٠- جيئن هرڻيءَ ۽ ڳوهه حيوانن مان چيو ته اي الله جا رسول!
١١- جيڪا دل تنهنجي محبت کان خالي آهي، اها دل ڪڏهن به نيڪ نه هوندي.
١٢- خدا جي غضب جي ڪري ان تي هميشه لعنت آهي ۽ اهو ماڻهو جهنم جو حقدار آهي.
١٣- اي رسول! توسان بغض رکڻ قهر الاهي جو باعث آهي. هيءَ شاهدي خدا ڪارڻ ڏنائون.
١٤- وڻن ڪيس سجدا ڪيا، جڏهن موجودات جو ڪيس خلاصو ڏٺائون.
١٥- خوشيءَ کان خدا جي رسول جي هٿن ۾ پٿريون تسبيح پڙهڻ لڳيون.
١٦- پٿرن ۽ ٻوٽن کان سلام ٻُڌائون ٿي، مخلوقات جا سلام سندن ذات تي هميشه هجن.
١٧- سندن معجزي سان چنڊ چيرجي پيو، جيڪو ٻين معجزن کان وڌيڪ آهي.
١٨- جڏهن زمين تي تشريف فرما ٿيا ته ڪسريٰ جي ڪوٽ ۾ ڏار پئجي ويا.
١٩- ساوهه شهر جا سمورا درياهه سُڪي ويا. بُت اونڌا ٿي سجدي ۾ ڪري پيا.
٢٠- پارس (ايران) ۾ آتش پرستن جي باهه وسامي وئي ۽ هو مايوس ٿي ويا.
٢١- بهشت ۽ آسمان سينگاريا ويا، ملڪوت ۽ هر هنڌ مبارڪ جا آواز اٿيا.

۲۲- رجوم شياطين نجوم(۱) آمده   بسوئي سما تا نيابند ره
۲۳- بماتام ابليس گشته حزين   چو سردار ظاهر شده برزمين
۲۴- همه کاهنان گشت في الفور خوار   شياطين بگشته همه خاکسار
۲۵- ز بالاء افلاک تا ته زمين   همه مي شناسند احمد امين
۲٦- شفيع الوریٰ اوست نورالهدیٰ   امام الخلائق حبيبِ خدا
۲۷- بشير و نذير و شفيع الامم   جلي معجزات و عظيم الهمم
۲۸- ز سوغات جبروت قران اوست   بملک و بملکوت سلطان(۲) او ست
۲۹- ز معراج آورد اکرام خويش   چو قربش شده از قاب قوسين پيش(۳)
۳۰- بلولاک(۴) هر چيز زو پست شد   وجودِ دو عالم ازو هست شد
۳۱- اگر او نکردي بعالم ظهور   نه کونين بودي نه ظلمات نور
۳۲- چو فردا همه رسل پيشش روند   باخلاص زير لِوايش دوند
۳۳- بنزد خداوند محبوب اوستِ   بنزد همه خلق هم خوب اوست
۳۴- بنامِ مبارک محمد امين   شده نامور نزد اهلِ زمين
۳۵- بتهليل اين نام گشته قرين   نوشته شده بر بهشت برين
۳٦- باوراق اشجار جنت همه   بخطِ جلي تر نوشته شده
۳۷- شده نيز مرقوم بر در بهشت   شده نيز بر عرش نيکو نوشت
۳۸- مسمیٰ باحمد شده در سماء   شده در کتب سابقه هم نماء
۳۹- ز اسرار باريک تر بي شکي   بباشد همين اسم احمد يکي
۴۰- حروفش بود بحث سر نهان   بدانند آن سر ملکوتيان
۴۱- حروفش بداني چو در عدن   بنزديک ملکوتيان اي سمن
۴۲- نماز ست پيدا ز نامش شريف   ازان در نماز ست سر لطيف

(۱) بشب ولادت اينچنين بود و پس از معراج ابدي بماند. (حاشيهٔ مصنف)
(۲) سُلطاَن اينجا بمعنیٰ غلبه است و در قرآن نيز باين معنیٰ است و مشهور معنیٰ صاحب سلطنت را گويند.(حاشيهمصنف)
(۳) و در شب معراج بعد از گفتگو طويل حق تعاليٰ آن حضرت را فرمود. ولولاً ان الحبيب يُحِبُ معاتبة حبيبهٖ لما حاسبَتُ أمتک. (شرح قصيده برده للخربوتي وللجلال الدين محلي الشافعي
(۴) و در حديث لولاک محدثين را کلامي است و در شمائل محمديه بثبوت پيوسته وهوالحق. (حاشيه مصنف)

٢٢- شيطانن لاءِ تارن کي امڙ بنايو ويو ته جيئن ڪين آسمان جي واٽ هٿ نه اچي.(١)

٢٣- شيطان ڏک کان ماتم ڪيو، جڏهن پاڻ سڳورا زمين تي جلوه افرزو ٿيا.

٢۴- سمورا جادوگر جلدي خوار ٿي پيا، شيطانن جي شرارت خاڪ ۾ ملي وئي.

٢٥- حضرت احمد امين ﷺ کي آسمان کان وٺي زمين جي تهه تائين سيئي سڃاڻن ٿا.

٢٦- اهو مخلوق جو شافع، هدايت جو نور، خلق جو امام ۽ خدا جو دوست آهي.

٢٧- بشارت ڏيندڙ، خوف ڏياريندڙ، امت جو شفيع، چٽن معجزن ۽ بلند همت وارو آهي.

٢٨- جبروت کان ڪيس قرآن سوکڙي ملي، ساري ملڪ ۽ ملڪوت تي سندس غلبو آهي.(٢)

٢٩- معراج مان عزت ۽ اڪرام حاصل ڪيائين چو ته سندن ويجهڙائي قاب قوسين کان به اڳتي وڌي.(٣)

٣٠- لولاڪ(۴) واري حديث سان هرشيءِ پست ٿي وئي، ٻنهي جهانن جو وجود سندن ذات مان ظاهر ٿيو.

٣١- جيڪڏهن سندن ذات ظاهر نه ٿئي ها ته نه هي ڪونين، نه اونداهي ۽ نه نور هجي ها.

٣٢- جڏهن سياڻي قيامت ۾ سندن جهنڊي هيٺان سمورا نبي گڏ ٿيندا.

٣٣- خدا تعالىٰ وٽ محبوب آهي ۽ مخلوق وٽ به سهڻو آهي.

٣۴- حضرت محمد امين ﷺ جي نالي سان زمين وارن وٽ مشهور ٿيا.

٣٥- لااِلـه الا الله سان بهشت ۾ هيءُ نالو گڏ لکيو ويو.

٣٦- بهشتي وڻن جي پنن تي چٽن (ٿلهن)اکرن سان لکيو ويو.

٣٧- بهشت جي دروازن تي پڻ لکيو ويو، عرش عظيم تي به سُنن اکرن سان لکيو ويو.

٣٨- آسمان ۾ سندس نالو مبارڪ احمد آهي، اڳين ڪتابن ۾ به ظاهر آهي.

٣٩- ڳجهن رازن سان بيشڪ اهو نالو مبارڪ احمد ئي ثابت آهي.

۴٠- نالي مبارڪ وارن اکرن ۾ به خالص ڳجها راز آهن، ملڪوت وارا اهو راز ڄاڻن ٿا.

۴١- سندس نالي مبارڪ وارا اکر بهشت جا موتي سمجهه، هيءَ ڳالهه ملڪوت ۾ مشهور آهي.

۴٢- ان جي نالي مبارڪ مان نماز ظاهر آهي، ان ڪري نماز ۾ عجيب راز رکيل آهي.

(١) پاڻ سڳورن جي ولادت واري رات ائين هو ۽ معراج کان پوءِ سدائين لاءِ رُڪجي ويا.(حاشيه مصنف)
(٢) لفظ سلطان هتي غلبي جي معنىٰ سان آهي ۽ قرآن شريف ۾ به انهيءَ معنىٰ سان آيو آهي ۽ مشهور معنىٰ بادشاهه کي(سلطان) چون.(حاشيه مصنف) (٣) معراج واري رات گهڻي ڪچهري ڪانپوءِ الله تعالىٰ پاڻ سڳورن کي فرمايو: دوست کي دوست جو ڏوراپو وڻندو آهي. ان ڪري تنهنجي امت سان حساب ڪتاب ٿيندو نه ته تنهنجي امت سان حساب وڪتاب نه ٿئي ها.(شرح قصيده برده للخربوتي وللجلال ﴿ (۴) لولاڪ واري حديث ۾ محدثن کي ڪلام آهي، پر ڪتاب شمائل محمديه ۾ انجو ثبوت ڏنو اٿس ۽ حق به اهو آهي.(حاشيه مصنف)

۴۳- قیام ست از الف احمد پدید — رکوع ست از حاء اوُ مستفید
۴۴- سجود ست از شکل میمش تمام — قعود ست از دال احمد مدام
۴۵- درین اسم صورت نماز آمده — که بر رسم(١) اصلي نِوشته شده
۴۶- دگر نیز اذکار جان و دل ست — که در وسط صورت همین حاصل ست
۴۷- ملائک دو قسم اندگویم براست — یکي قسم عمال برکارها ست
۴۸- دگر قسم را چار اصناف دان — که عباد باشند شان جاودان
۴۹- باین نام مشغول باشند شان — ندارند کارِ دگر بي گمان
۵۰- شده صنف یک در قیامش تمام — دگر در رکوعش بدارد مقام
۵۱- سیوم در سجود ست بر شکل میم — چهارم شده بر قعودش مقیم
۵۲- بگشتند مامور تا نفخ صور — برین حال باشند اندر ظهور
۵۳- بشکل حرف از حروفش چهار — تشکل ملائک عبادت شمار
۵۴- حروفش فُرادیٰ عبادت شده — عبادت ملائک چو عادت شده
۵۵- نماز ست جامع شنو اي کیا — همه بندگي اهل ملکوت را
۵۶- ازین وجه در عرف(۲) نامِ نماز — بود بندگي جامعه پر نیاز
۵۷- ازین از نماز ست اول حساب — بروز جزا بعد ایمان شتاب
۵۸- ببین در احادیث اي ذوفنون — نماز ست مر دین احمد ستون
۵۹- بدان بر نماز ست بنیاد دین — نمازست مر دین ستون متین
۶۰- مدان هیچ بامِ گهي بي عماد — که او را بود بي ستون اعتماد
۶۱- ز قرآن ببین تو بسورة بقر — نماز ست ایمان(۳) ز ایمان نگر
۶۲- ز مسلم بیامد حدیث صحیح — که تارک صلوٰة ست کافر صریح(۴)
۶۳- چو داري بظاهر حدیث این عمل — نه تاویل دیگر نهي در بغل
۶۴- بترک نماز ست کافر شدن — نه منکر ز تارک مراد ست بفن
۶۵- بنزدیک جمهور دان این کلام — بود هر که راضي بترکش مدام

(١) برسمي که حضرت اسماعیل علیه السلام نوشته بود. (حاشیه مصنف) (٢) اي در عرف صوفیان. (٣) و ظاهر حدیث حجت کساني ست که عمل را رکن ثالث مر ایمان گویند. (حاشیه مصنف) (٤) در نسخه "غ" صحیح نوشته است.

٤٣- الف مان قيام ظاهر آهي ۽ احمد جي حاء مان رڪوع ٺهيل آهي.
٤٤- احمد جي ميم مان سجدي جي صورت آهي. احمد جي دال مان قعود ٺهيل اهي.
٤٥- هن نالي مبارڪ ۾ نماز جي صورت ظاهر آهي، جڏهن اصلي رسم الخط ۾ لکيو وڃي.[1]
٤٦- ٻيا ذڪر ٻه ساهه ۽ دل ۾ ظاهر آهن، جن ۾ نماز جي صورت حاصل آهي.
٤٧- ملائڪ ٻه قسم آهن آءُ سچ چوان ٿو. جن مان هڪڙو قسم ڪمن تي مقرر ٿيل آهي.
٤٨- ٻئي قسم جا وري چار قسم چاڻ، جيڪي هميشه عبادت گزار آهن.
٤٩- هن (محمدﷺ) جي نالي سان اهي مشغول هوندا آهن، انهن تي ٻيو ڪوبه ڪم نه آهي.
٥٠- هڪڙو قسم قيام ۾ مشغول آهي. ٻيو قسم رڪوع ۾ مشغول آهي.
٥١- ٽيون قسم ميم جي شڪل ۾ سجدي ۾ آهي. چوٿون قسم قعود ۾ مقيم آهي.
٥٢- صور ڦوڪجڻ تائين ان حال تي رهڻ لاء کين حڪم ڪيل آهي.
٥٣- احمد جي چئن حرفن مان هرهڪ حرف جي شڪل تي سندس عبادت جي صورت آهي.
٥٤- اڪيلا اڪيلا حرف عبادت ٿيا. ملائڪن جي عبادت عادت طور آهي.
٥٥- اي پهلوان! نماز ملڪوت جي ملڪن جي عبادت جو جامع آهي.
٥٦- انهيءَ ڪري (صوفين جي) عرف ۾ نماز کي سڀني عبادتن جو جامع چيو ويو آهي.[2]
٥٧- ان ڪري ايمان کان پوءِ قيامت ۾ اول نماز جي پڇا ٿيندي.
٥٨- حديثن ۾ ڏسو ته نماز کي دين جو ٿنڀ سڏيو ويو آهي.
٥٩- نماز تي دين جو بنياد رکيل آهي. نماز دين جو هڪ مضبوط ٿنڀ آهي.
٦٠- اهڙي ڪابه ڇت نه هوندي، جيڪا بنا ٿنڀ جي بيٺل هجي.
٦١- قرآن جي سورة بقره ۾ ڏسو ته نماز کي ايمان سڏيو ويو آهي.(٣)
٦٢- مسلم شريف ۾ صحيح حديث آيل آهي ته نماز جو تارڪ ڪافر آهي.(٤)
٦٣- جڏهن هن حديث جي ظاهر تي عمل ڪرين ته ٻيو ڪوبه تاويل وغيره نه ڪر.
٦٤- نماز جي ڇڏڻ سان ماڻهو ڪافر ٿئي ٿو. لفظ تارڪ مان منڪر مَراد وٺڻ هن فن ۾ ٺيڪ نه آهي.
٦٥- جمهور علماءِ وٽ ڪافر تڏهن آهي،جڏهن نماز جي دائمي ڇڏڻ تي راضي هجي.

(١) اصلي رسم الخط مان مراد اها رسم الخط آهي، جنهن مطابق حضرت اسماعيل عليه‌السلام لکيو هو. (حاشيه مصنف)
(٢) عرف مان مراد صوفين جو عرف آهي. (٣) ۽ ظاهر حديث انهن لاءِ حجت آهي جيڪي ايمان ۾ ٽيئي رڪن عمل کي چون ٿا. (حاشيه مصنف) (٤) نسخي "غ" ۾ "صحيح" ۽ ٻين چئن نسخن ۾ " صريح"لکيل آهي.

٦٦- بود او بتحقيق كافر تمام — بتحقيق جنت برو شد حرام
٦٧- چو ترک نمازش بداند مباح — بنزد همه كافرست بي فلاح
٦٨- بقرآن صريحًا بگفته خدا — عَرَضْنَا الْاَمَانَةَ گران اي كيا
٦٩- بگفته عَرَضْنَا الْاَمَانَةَ گران — كه حملش نشد از همه آسمان
٧٠- نه حملش شده از زمين و جبال — ابلى كرد هر يک ز خوف ملال
٧١- چو انسان ببوده ظلوم و جهول — امانت گران را بگشته حمول
٧٢- و ليكن بآخر شده خود ملول — ازو يافته بس ملالت حصول
٧٣- امانت گران اين تكاليف دان — كه در شرع دائم شده جاودان
٧٤- بود دين اسلام نامش عيان — بجز دينِ اسلام باشد زيان(١)
٧٥- اوامر بباشد نواهي دگر — كه در شرع وارد شده پر خطر
٧٦- خلاصه تكاليف باشد نماز — كه سوغات آمد برائي نياز
٧٧- مدارِ امانت گران آن تمام — همه بر نماز ست بي شک مدام
٧٨- نه رد الامانة بگردد قبول — چوكرده خيانت دران خود جهول
٧٩- خُصُوْصًا خلاصه امانت همه — چوضايع بكرده همه رد شده
٨٠- نماز ست سوغات جبروت(٢) حق — لهذا گران گشت بر نُه طبق(٣)
٨١- ز معراج آورد سوغات آن — ازان نيست بهتر دگر ارمغان
٨٢- نه محصور گردد فضائل نماز — چه گويم چه دانم بكن امتياز
٨٣- ولي صورت اسم احمد همه — ميانِ نمازِ تو حاصل شده
٨٤- چهار ست در اسم احمد حروف — بود هر يكي گنج جامع الوف
٨٥- بود هر يكي نور زنده بجان — چو روح ست قدسي ز روحانيان
٨٦- مدان صرف صوتِ كه بي جان بود — ازو يافته بلک جانان مدد
٨٧- نه منكر ازين سر كس ديگر ست — مگر كول گمراه ظاهر پرست

(١) لقولهٖ تعاليٰ ومن يبتغِ غيرالاسلام ديناً فلن يُقبل منهُ وهو في الآخرة من الخاسرين. (حاشيه مصنف)
(٢) جبروت عندالجمهور ظهور صفاته الفعالية في مظاهر العالم. (حاشيه مصنف)
(٣) نُه طبق نُه فلک و زمين و جبال فلک نيست. (حاشيه مصنف)

٦٦- تحقيق اهو ڪافر آهي ۽ ان تي جنت حرام آهي.
٦٧- نماز جو ڇڏڻ جيڪڏهن مباح ڄاڻندو ته سڀني عالمن وٽ ڪافر آهي.
٦٨- اي پهلوان! قرآن ۾ خدا تعاليٰ صريح فرمايو آهي ته، عرضنا الا مانة ڳرو بار آهي.
٦٩- عرضنا الا مانة جو ڳرو بار آسمان به نه کڻي سگهيا.
٧٠- زمين ۽ جبل به بار کڻي نه سگهيا، عاجزي ڏيکاريائون ۽ ملول ٿي ويا.
٧١- جڏهن ته انسان ظالم ۽ جاهل هو، ان ڪري اها ڳري بار واري امانت کنيائين.
٧٢- پر آخر هلي پاڻ به ملول ٿي پيو ۽ ان ڪان ملول ٿيڻ ظاهر ٿيو.
٧٣- ڳري امانت اُهي تڪليفون آهن، جيڪي شريعت ۾ ٻُڌايون ويون آهن.
٧٤- سندس ظاهر نالو دين اسلام آهي ۽ اسلام ڪانسواء ٻئي دين اختيار ڪرڻ ۾ نقصان آهي(١)!!
٧٥- هڪڙا امر ٻيا نهي آهن، جيڪي شريعت ۾ ٻڌايا ويا آهن.
٧٦- تڪليفن جو خلاصو نماز آهي ڇو ته اها سوڪڙي نياز واسطي آئي آهي.
٧٧- ان ڳريءَ امانت جو دارومدار پوريءَ طرح سان نماز تي آهي.
٧٨- امانت جو موٽائڻ قبول نه ٿيندو ڇو ته انسان پاڻ جهل جي ڪري خيانت ڪئي.
٧٩- خاص ڪري نماز سڀني امانتن جو خلاصو آهي، جڏهن انهيءَ کي ضايع ڪندو ته سڀ رد ٿي وينديون.
٨٠- نماز خدائي جبروت(٢) طرفان سوکڙي آهي، انهيءَ ڪري اها نون(٣) طبقن کي ڳري لڳي.
٨١- حضور ﷺ جن اها سوکڙي معراج تان آندي، انهيءَڪان وڌيڪ ٻيو ڪوبه تحفو نه آهي.
٨٢- نماز جون فضيلتون بيشمار آهن، انهيءَ بابت آءٌ ڇا چوان؟ ڇا ڄاڻان؟ سمجهه رک.
٨٣- پر حضرت احمد ﷺ جي نالي واري صورت نماز ۾ به حاصل آهي.
٨٤- احمد جي نالي ۾ چار حرف آهن، هرهڪ حرف هزارين معنائن جو جامع خزانو آهي.
٨٥- هر هڪ حرف جاندار زنده نور، ان روح وانگر آهي، جيڪو روحن ۾ پاڪ روح آهي.
٨٦- نالي مبارڪ جي حرفن مان حاصل ٿيندڙ آوازکي رڳو بيجان آوازنه سمجهه، بلڪ جاندارن جي مددڪندڙ آهي.
٨٧- غافل، گمراهه ۽ ظاهر پرست ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه ماڻهو انهيءَ راز جو منڪر نه آهي.

(١) الله تعاليٰ فرمايو ۽ جيڪو ماڻهو اسلام ڪانسواءِ ٻيو دين تلاش ڪندو اهو قبول نه ڪيو ويندو ۽ اهو آخرت ۾ نقصان وارن مان هوندو. حاشيه مصنف)
(٢) جمهور وٽ ظاهري دنيا ۾ خدا تعاليٰ جي فعلي صفتن جي ظهور کي جبروت چئبو آهي. (حاشيه مصنف)
(٣) نوَطبق: نوَ آسمان ۽ زمينون آهن ۽ جبل آسمان نه آهن. (حاشيه مصنف)

٨٨- بود هر كه غواص در بحر نور　　برو حق كند اين دُرَر را ظهور
٨٩- اگر ميم احمد نه موجود بود　　نه ساجد ببودي، نه كس در وجود (١)
٩٠- احمد خود تُتق(٢) احديت را نمود　　نه مر ماسوايش ببودي وجود
٩١- ببين در احد ميم افتد اگر　　شود نام احمد بآن خوب تر
٩٢- همين ميم فارق بباشد عيان　　احد را باحمد بدارد بيان
٩٣- سه پنجاه بيشک عدد احمد ست　　ميان حسابي كه در ابجد ست
٩٤- ز مسلم بيامد حديث صحيح　　ميان حديث آن بيامد صريح
٩٥- بآخر تشهد رسول خدا　　اشارت سه پنجاهم كرده ادا
٩٦- بعقد اصابع اشارت نمود　　بسوئي سه پنجاه از بهر سود
٩٧- چو بوده همين اسم اصل نماز　　اشارت بآن كرد آخر براز
٩٨- چو خود اصل احمد بود احد　　كه باشد منزه مدام از عدد
٩٩- اشارت بسوئي احد هم نمود　　احد را باحمد ازان ضم نمود
١٠٠- بعقد اصابع عدد احمد ست　　باصبع شهادت احد شد بدست
١٠١- برين رمزها نيست واقف كسي　　مر اهل دل را ست بهره بسي
١٠٢- ندارد خرد باهزاران هنر　　ز كنه حقيقت(٣) محمد خبر
١٠٣- اگر هر دو عالم جلي و خفي　　هميشه نويسند نعتِ نبي
١٠٤- بود مثل قطره ز بحر نعوت　　بباشد درينجا مقام سكوت
١٠٥- بعقبیٰ نعوتش بگردد عيان　　بيا باز اي بوالحسن زين بيان
١٠٦- هزاران صلوٰة و هزاران سلام　　ببارد چو باران برو با دوام
١٠٧- صلواة از ازل تا ابد بي عدد　　پياپي ببارد برو با مدد
١٠٨- باين طور بر آله الطاهرين　　هزاران صلواة و سلام ست قرين

(١) در نسخه "ر" و «چ ا» باين طور نوشته. ع - نه ساجد ببوده نه مسجود بود- و در نسخه «غ» و «چ،د» باين طور است. ع- نه ساجد ببودي نه مسجود بود. و ناظمِ علام در رساله ثبوت نور محمد ... مي فرمايد. شعر محمد گر نبودي كس نبودي- نبودي هر دو عالم در وجودي.⊕　(٢) تُتُق: بضمتين بمعني پرده. (كشف)
(٣) قال النبي صلي الله عليه وسلم يا ابابكر والذي بعثني بالحق لم يعلمني حقيقة غير ربي. (مطالع المسرات بجلاء دلائل الخيرات مطبع لاتلپور، ص ١٣٩ تاليف الامام محمد المهدي الفاسي)

⊕ومادرمتن نسخه جه را ترجيح داديم.

٨٨- جيڪو ماڻهو نور جي درياءَ جو ٽوٻو هوندو، الله تعالىٰ ان تي هي موتي ظاهر ڪندو.

٨٩- اگر احمد جو ميم نہ هجي ها تہ، نہ ڪو سجدو ڪندڙ هجي ها، نہ ماڻهوءَ جو وجود هجي ها.(١)

٩٠- احمد پاڻ احديت جي پردي ڪي ظاهر ڪيو، ان ڪانسواءِ ٻي ڪا بہ شيءِ وجود ۾ نہ هئي.(٢)

٩١- ڏس تہ احد ۾ جيڪڏهن ميم ملائجي تہ ان مان احمد سهڻو نالو ٺهي پوي ٿو.

٩٢- اهوئي ميم فرق ڪندڙ ظاهر آهي، جيڪو احد کي، احمد سان بيان ڪري ٿو.

٩٣- بيشڪ ابجد جي حساب ۾ احمد جو عدد ٽيونجاهہ آهي.

٩٤- مسلم شريف جي صحيح حديث ۾ صريح آيو آهي.

٩٥- حضور ﷺ جن التحيات جي آخر ۾ ٽيونجاهہ جو اشارو ادا ڪيو.

٩٦- آڱرين جي عقد سان ٽيونجاهہ ڏانهن اشارو ڪيائون.

٩٧- اهوئي اسم مبارڪ نماز جو اصل هو، تنهنڪري نماز جي پڇاڙيءَ ۾ اشارو ڪيائين.

٩٨- احمد جو اصل احد هو، جيڪو سدائين عدد کان پاڪ آهي.

٩٩- احد ڏي اشارو بہ ڪيائين، احد کي احمد سان ان ڪري گڏ ڪيائين.

١٠٠- آڱرين جي عقد ڪرڻ ۾ احمد جو عدد آهي ۽ اشهد آڱر سان احد حاصل آهي.

١٠١- هنن رازن تي ڪوبہ ماڻهو واقف نہ آهي، باقي اهلِ دل شخص کي تہ گهڻو پاڱو حاصل آهي.

١٠٢- ڪنهن کي هزارين هنرن هلائڻ سان بہ، حضرت محمدﷺ جي حقيقت جي ڪُنہ جي خبر نہ آهي.(٣)

١٠٣- جيڪڏهن ٻنهي جهانن جا ظاهري ۽ باطني ماڻهو سدائين نبي پاڪ جي تعريف لکن.

١٠٤- تہ اها تعريف بہ درياءَ مان قطري جي مثال آهي. هيءَ جاءِ خاموش رهڻ جي آهي.

١٠٥- آخرت ۾ سندس شان ۽ مرتبو ظاهر ٿيندو. اي ابوالحسنؒ! هن بيان کان موٽي اچُ.

١٠٦- هزارين صلواتون ۽ سلام، سندن ذات پاڪ تي سدائين برسات وانگر وسن.

١٠٧- ازل کان ابد تائين لڳاتار بيشمار صلواتون، سندن ذات پاڪ تي سدائين هجن.

١٠٨- اهڙي طرح سندن اولاد پاڪ تي بہ هزارين صلواتون ۽ سلام هجن.

(١) نسخي "ر" ۽ "ج،ا" ۾ هن طرح لکيل آهي. ع ــ نہ ساجد ببوده نہ مسجود بود ۽ نسخي "غ" ۽ "ج،د" ۾ هن طرح آهي. ع ــ نہ ساجد ببودي نہ مسجود بود. ۽ مصنف ۽ شاعر پنهنجي رسالي "در ثبوت نور محمدﷺ ۾ فرمائي ٿو: ترجمو: جيڪڏهن حضرت محمد ﷺ نہ هجي ها تہ ڪوبہ ماڻهو نہ هجي ها ۽ ٻنهي جهانن جو بہ وجود نہ هجي ها. ۽ هتي اسان متن ۾ نسخي "جهہ" کي ترجيح ڏني آهي. (٢) تُتُق: ٻن پيشن سان معنيٰ پردو. (ڪشف)

(٣) پاڻ سڳورن ... جن فرمايو تہ اي حضرت ابوبڪر صديقؓ مون کي ان ذات جو قسم آهي جنهن مون کي حق سان موڪليو تہ الله تعالىٰ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ منهنجي حقيقت کي نٿو سڃاڻي. (مطالع المسرات ص ١٣٩)

١٠٩- سفينه(١) نجات ست آل نبي — چو كشتي نوح ست منجي قوي
١١٠- خَصُوْصًا صناديد(٢) اهلِ عبا ست — كه سبطين زهرىٰ معي المرتضىٰ ست
١١١- ائمه مشاهير اثنا عشر(٣) — گزيده شده آل خير البشر

(١) وعن ابي ذر رضي الله تعالىٰ عنه انه قال وهو آخذ بباب الكعبة سمعت النبي صلى الله عليه وسلم يقول الا ان مثل اهل بيتي فيكم كمثل سفينة نوح عليه الصلواة والسلام مَن ركبها نجا ومن تخلف عنها هلك رواه احمد. ولا شك ان محبتهم والتوسل بهم و ذكر محاسنهم كما ينبغي على طريقة اهل السنة والجماعة هوالمشبه بركوب السفينة وأن ترك ذالك كله هوالمشبه بالتخلف عنها وقد نزل فيه "قُل لا اسئلُكم عليه اجراً الاالمودة في القربىٰ" صرح به في مدارك التنزيل. وعن زيد بن ارقم قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم اني تارك فيكم الثقلين مَا اِن تَمَسَّكتُمْ بِهٖ لن تَضلواً بعدي ابداً. احدهما اعظم من الآخر كتاب الله حبل ممدود من السماء الى الارض وعترتي اهل بيتي لن يتفرقا حتىٰ يَرِدا عَلَيَّ الحوض كيف تخلفوني فيهما رواه الترمذي. و حديث تطهير اهل العباء علىٰ اهل، اظهرمن الشمس. و روي الاحاديث في المشكواة و كلماتها جوامع الكلم ولايطلع علىٰ دقائق معانيها و غوامض رموزها الا اهل البلاغة من المؤمنين. وما في قوله "مَا اِنْ تَمَسَّكتُمْ بِهٖ" بدل عن الثقلين و لفظ ثقلين در صحيح مسلم ست نه در ترمذي. و يقول الشيعة ان النبي صلى الله عليه وسلم والزهرىٰ رضي الله عنها و اثني عشر ائمةً كلهم معصومون كان سيرتهم "لايعصون الله مَا امرهم و يفعلون ما يؤمرون" ولايتحقق عدم تفرقهم عن كتاب الله في شيءٍ مَا الا بكمال العصمة و بقاء تطابق الثقلين الىٰ اَن يَرِدَا عَلَيَّ الحوض الكوثر لايتصور بدون العصمة. والعصمة في اربعة عشر نفراً مقطوع بها و بعدهم باقية الىٰ يوم القيامة ولكن لا نطلع علىٰ ذالك البعض. و قال اهل السنة والجماعة المعصوم هو واجب العصمة عن عزم المعصية و جائز العصمة عن صدور المعصية عنه بالنسيان فعصمته مقطوع بها. و هذا هو شان النبيين صَلَّوات الله عليهم. والمحفوظ هو جائز العصمة مطلقا، وعصمته غير مقطوع بها و هذا هو شان الاولياء من المؤمنين من اهل البيت وغيره هكذا كتب العلامة مقصود عالم كجراتي في بياضه و هكذا يفهم من كتاب تجلية القلوب عن سواد الذنوب، والله اعلم بالصواب. وطائفة من اهل السنة والجماعة قد وقعت في ورطة المغالطة المهلكة الناشية من الفرقة الخارجية الغيرالناجية، فزعموا ان ذكر مناقب اهل البيت شعار الرفضة الشنيعة، اَللّٰهُم ارنا الحق حقاً و ارنا الباطل باطلاً. (حاشيه مصنف)

(٢) صناديد: جمع صندود (اي بزرگ) است. (حاشيه مصنف)

(٣) و دوازده امام يكي امام علي المرتضىٰ دوم و سيوم هر دو پسرش امام حسن و امام حسين چهارمُ امام علي نِالاوسط زين العابدين بن امام حسين پنجم امام محمد نِ الباقر بن امام زين العابدين ششم امام جعفر نِالصادق بن امام محمد نِالباقر هفتم امام موسىٰ الكاظم بن امام جعفر نِالصادق هشتم امام علي نِالرضا بن امام موسىٰ الكاظم نهم امام محمد نِالتقي بن امام علي نِالرضا و لقبه محمد نِالجواد و محمد نِ القانع دهم امام علي نِالنقي العسكري بن محمد نِالتقي يازدهم امام الحسن الزكي العسكري بن امام علي نِالنقي و كنيته ابو محمد و ابن خلكان و لقبه الزكي والخالص وهو و ابوه منسوبان الى العسكر. والعسكر بلدة يقال لها سرمن راي ايضاً. و دوازدهم امام محمد نِالمهدي بن امام الحسن العسكري و كنيته ابوالقاسم و لقبه محمد نِالحجة رضوان الله تعالىٰ اجمعين هكذا في الصواعق المحرقة و روضة الشهداء. رك: ينابيع الحياة الابدية (خطي) باب اول فصل ١٥، ص ١٩٣) للمصنف و ناظم علام.

١٠٩- نبي پاڪ جو اولاد، حضرت نوح عليه السلام جي ٻيڙيءَ وانگر ڇوٽڪاري جو ٻيڙو آهي.[1]

١١٠- خاص ڪري اهلِ عَبا جا بزرگ جيڪي حضرت علي المرتضىٰ ۽ فاطمة الزهرىٰ جو اولاد آهن.[2]

١١١- مشهور امام ٻارهن آهن، جيڪي نبي پاڪ ﷺ جو برگزيدو اولاد آهن.[3]

(١) حضرت ابو ذر رضي الله عنه کان روايت آهي. پاڻ ان وقت روايت ڪيائين جنهن وقت ڪعبتالله جي دروازي کي وٺيو بيٺو هو ته مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو ته پاڻ فرمايائون: منهنجي اهل بيت جو مثال توهان ۾ حضرت نوح عليه السلام جي ٻيڙي وانگر آهي جيڪو ان ۾ سوار ٿيو ته نجات حاصل ڪيائين ۽ جيڪو ان کان پوئتي رهجي ويو اهو برباد ٿيو. ان حديث کي امام احمد روايت ڪري آندو آهي.

بيشڪ اهل بيت سان محبت رکڻ ۽ انهن سان وسيلو وٺڻ ۽ انهن جون خوبيون بيان ڪرڻ جيئن اهلِ سنت و جماعت جي طريقي مطابق مناسب آهي اهو حضرت نوح عليه السلام جي ٻيڙي ۾ سوار ٿيڻ جي مشابهه آهي ۽ انهن سمورين ڳالهين کي ڇڏي ڏيڻ، ٻيڙيءَ جي سواريءَ کان پوئتي رهجي وڃڻ جي مشابهه آهي. حالانڪ اهل بيت سان محبت رکڻ بابت قرآن ۾ حڪم نازل ٿيو آهي ته اي پيغمبر تون فرماءِ ته توهان کان آءٌ دين جي تبليغ جي بدلي ۾ ڪجهه به نٿو گهران مگر منهنجي قرابت ۾ دوستي رکڻ. ان ڳالهه کي تفسير مدارڪ ۾ صراحةً بيان ڪيو ويو آهي.

حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ سڳورن فرمايو ته: آءٌ توهان ۾ ٻه شيون ڇڏيندڙ آهيان جيڪڏهن توهان انهن کي مضبوط پڪڙيو ته توهان مونکان پوءِ گمراهه نه ٿيندا. انهن مان هڪڙي شيءِ ٻيءَ کان وڏي آهي. هڪ ڪتاب الله جيڪو آسمان کان زمين تائين هڪ ڊگهو رسو آهي ۽ ٻي شيءِ منهنجو اولاد آهي ۽ اهي ٻئي شيون قيامت جي ڏينهن مون وٽ حوضِ ڪوثر تي اچڻ تائين هڪٻئي کان جدا نه ٿينديون پوءِ ڏسو ته توهان انهن ٻنهي تي منهنجا خليفا ڪيئن ثابت ٿيو ٿا؟ هن حديث کي امام ترمذي روايت ڪيو آهي ۽ اهلِ عبا جي تطهير واري حديث اهل بابت سج کان وڌيڪ روشن آهي ۽ مشڪواة شريف ۾ ڪيترين حديثون آيون آهن جن جا لفظ جامع آهن ۽ انهن جي دقيق معنائن ۽ اُنهن رازن تي مؤمن مان بلاغت وارن کان سواءِ ٻيو ڪوبه ماڻهو واقف ٿي نٿو سگهي ۽ حديث ۾ "مَا اِن تَمَسَّكتُم بِه" لفظ ثقلين کان بدل آهي ۽ لفظ ثقلين صحيح مسلم ۾ آهي باقي ترمذي شريف ۾ نه آهي. شيعا چون ٿا ته نبي ڪريم ﷺ، حضرت فاطمة الزهرىٰ ۽ ٻارهن امام اهي سڀ معصوم آهن ۽ انهن جي سيرت هن طرح آهي: الله تعالىٰ جي حڪم جي ٻي فرماني نٿا ڪن ۽ ڪين جيڪو حڪم ڪيو وڃي ٿو ان تي عمل ڪن ٿا ۽ اهل بيت جو قرآن کان جدا نه ٿيڻ تڏهن ثابت ٿيندو جڏهن انهن ۾ پوري عصمت هوندي ۽ ثقلين سان حوضِ ڪوثر تي اچڻ تائين مطابقت برقرار رکڻ عصمت کان سواءِ ٿي نه سگهندي. ۽ عصمت چوڏهن شخصيتن ۾ قطعي آهي ۽ انهن کان پوءِ ڪن ۾ وري قيامت تائين برقرار آهي پر اسان کي انهيءَ بعض جي باري ۾ خبر نه آهي. اهلِ سنت و جماعت وارا چون ٿا ته معصوم اُهو آهي جيڪو گناهه جي ارادي کان به واجب العصمة هجي ۽ ويسر سان گناهه جو ظاهر ٿيڻ جائز العصمة هجي پوءِ اهڙي عصمت قطعي آهي جيڪا نبين جي شان وٽان آهي ۽ محفوظ اهو آهي جيڪو مطلقاً جائز العصمة هجي ۽ ان جي عصمت قطعي نه آهي ۽ اهو مؤمن مان ولين جو شان آهي پوءِ اُهي اهل بيت هجن يا ٻيا هجن اهڙي طرح علامه مقصود عالم گجراتيءَ پنهنجي بياض ۾ لکيو آهي ۽ ڪتاب تجلية القلوب عن سواد الذنوب مان به اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي. (والله اعلم بالصواب) اهل سنت و جماعت مان هڪ فرقو وري هڪ هلاڪ ڪندڙ مغالطي جي ڪُن ۾ ڦاسي پيو جيڪو فرقه خارجيه غير ناجيه مان پيدا ٿيو. جنهن ڪري انهن سمجهيو ته اهل بيت جي فضيلت بيان ڪرڻ خراب شيعت جي علامت آهي. اي منهنجا الله! اسان کي حق کي حق ڪري ڏيکار ۽ اسان کي باطل کي باطل ڪري ڏيکار. (حاشيه مصنف) (٢) صناديد: صندود (بزرگ) جو جمع آهي. (حاشيه مصنف)

(٣) ۽ ٻارهن امام هي آهن: امام علي المرتضىٰ، امام حسن، امام حسين، امام علي اوسط (زين العابدين)، امام محمد باقر، امام جعفر صادق، امام موسىٰ ڪاظم، امام علي رضا، امام محمد تقي، امام علي نقي عسڪري، امام حسن زڪي عسڪري ۽ امام مهدي بن امام حسن عسڪري. اهڙي طرح الصواعق المحرقه ۽ روضة الشهداءِ ۾ لکيل آهي. ڏسو (ينابيع الحيوة الابديه باب اول فصل ١٥ ص ١٩٣ للمصنف وناظم علام)

١١٢- باين طور بركل اصحاب او　　باين طور بركل احباب او
١١٣- برضوان صلواة و سلام خدا　　هميشه ببارد بلا منتها
١١۴- خُصُوْصًا صناديد خلفاء چار　　خلافت برين چار شد برقرار
١١٥- ابوبكر صديق اكبر يكي　　كه در غار يار ست او بي شكي
١١٦- عمر مير فاروق عادل نكو ست　　كه ناشر مناشير اسلام او ست
١١٧- بنورين موصوف عثمان شده　　كه جامع بترتيب قرآن شده
١١٨- علي مرتضىٰ شاه حيدر قوي　　شجاعت شعار ست صفدر قوي
١١٩- همين چار با شش نفر گشت ده　　همه ده بجنت مبشر شده
١٢٠- دو عمش صناديد شرفا نگر　　يكي هست عباس حمزه دگر
١٢١- همه اهل هجرت من السابقين　　ز انصار نصرت شده با يقين
١٢٢- صعاليک صفه صفا صوفيان　　دگر اهل احد ست با بدريان
١٢٣- بقيه صحابه دگر تابعين　　دگر اهل طاعت همه اجمعين
١٢۴- الهي معاصي همه اهل حق　　بگردان تو در بحر غفران غرق

ذكر عرض عجز پيش اهل علم و بيان تاريخ كتاب

١- بگويد كنون داهري بوالحسن　　كه در ملک سند ست او را وطن
٢- چوشد سال هجري تا سال حال　　هزار و صد و شصت با چار سال(١)
٣- بمنظوم چند از مسائل نماز　　نوشتم درين نامه با امتياز
۴- بمقدار طاقت بكوشيده ام　　ولي بي لياقت بكوشيده ام
٥- مرا نسيت بر علم(٢) خود اعتماد　　بجز فضل حق نيست گفتن سداد(٣)
٦- نه من شاعرم تا بگويم فصيح　　ندانم چه باشد فصاحت صحيح
٧- بتحقيق گفتن نه طاقت من ست　　نه تحقيق هر مسئله ممكن ست

(١) در نسخه "ر" اين مصرع باين طور ست.هزار و صد و شصت ديگر سه سال.(٢) لا ادري نصف العلم در حديث وارد ست. لا ادري مبتدا و نصف العلم خبره اعني هذا الكلام نصف العلم. (حاشيه مصنف)(٣) سداد : اي درست مطابق حق. (حاشيه مصنف)

١١٢- اهڙيءَ طرح صلواتون ۽ سلام سندس سمورن اصحابن ۽ دوستن تي هجن.
١١٣- رضامندي سان صلواتون ۽ سلام، خدا تعاليٰ هميشه بيشمار وسائي.
١١٤- خاص ڪري بزرگ خليفا، جن تي خلافت برقرار رهي چار آهن.
١١٥- هڪڙو حضرت ابوبڪر صديق آهي، جيڪو بنا شڪ جي يارِ غار آهي.
١١٦- حضرت امير عمر فاروق سٺو عادل آهي، جيڪو اسلام جا احڪام پکيڙيندڙ آهي.
١١٧- حضرت عثمان ٻن نُورن سان موصوف ٿيو، جنهن قرآن کي ترتيب سان گڏ ڪيو.
١١٨- حضرت علي المرتضيٰ شاهه جيڪو بهادر ۽ طاقتور شير آهي.
١١٩- اهي چار ٻين ڇهن سان گڏ ڏهه ٿيا، جن کي بهشت جي مبارڪ ڏنل آهي.
١٢٠- سندن ٻه چاچا بزرگ، شريف آهن. هڪ حضرت عباس رضي الله عنه ٻيو حضرت حمزه رضي الله عنه.
١٢١- سمورا پهريائين هجرت ڪندڙ، جن جي انصارن يقين سان مدد ڪئي.
١٢٢- مسڪين اصحاب صُفه، صفا صوفي. ٻيا اُحد ۽ بدر وارا.
١٢٣- باقي اصحابي، تابعي ۽ ٻيا سمورا عبادت ڪندڙ شخصَ.
١٢٤- اي منهنجا الله! سيني حق وارن جي گناهن کي تون بخشش جي درياءَ ۾ ختم ڪر.

علم وارن جي آڏو عاجزائي سان عرضءَ ڪتاب جي تاريخ جو بيان

١- هاڻي ابُوالحسن ڏاهري چوي ٿو، جنهن جو وطن سنڌ آهي.
٢- جڏهن هجري سال کان وٺي موجوده سال تائين يارهن سؤ چوهٺ (١١٦٤) سال گذريا.[١]
٣- نماز جا ڪجهه مسئلا نظم جي صورت ۾، مون هن ڪتاب ۾ چڱيءَ طرح لکيا.
٤- پنهنجي طاقت آهر ڪوشش ڪئي اٿم، پر بنا لياقت جي به ڪوشش ڪئي اٿم.
٥- مون کي پنهنجي علم[٢] تي اعتماد نه آهي جو ته الله جي فضل کانسواءِ درست ڳالهه چوڻ ممڪن ناهي.[٣]
٦- آءٌ شاعر نه آهيان جو فصيح ڳالهايان، مون کي صحيح فصاحت جي خبر ناهي.
٧- تحقيق سان ڳالهائڻ جي مون کي طاقت نه آهي، نه وري هر ڪنهن مسئلي جي تحقيق ممڪن آهي.

(١) نسخي "ر" ۾ هي مصرعو هن طرح آهي: هزار و صد و شصت ديگر سه سال.(٢) لا ادري نصف العلم حديث ۾ آيو آهي. لاادري مبتدا ۽ نصف العلم ان جي خبر آهي يعني هيءَ ڪلام اڌعلم آهي.(٣) سداد: يعني درست حق مطابق(ح.م)

٨- توقع بدارم زا ارباب علم — که ارشاد دارند در باب علم
٩- باصلاح این نامه را بنگرند — بسویش بارشاد رو آورند
١٠- بتصحیح سهو و خطا برکنند — بتحقیق صافي صحیحش کنند
١١- اگر سهو کردم تو طعنه مزن — بود کار ابلیس طعنه زدن
١٢- اگر سهو باشد بگفتار من — نباشم دران سهو مختار من
١٣- چه کوشش اصابت بدست من ست — اصابت بجز فضل نآید بدست
١٤- بود اختیاري همه اهتمام — بکوشش تعمق بکردن تمام
١٥- اصابت بود اضطراري همه — بجز حق نداند چگونه شده
١٦- ندانم مصیب و نه مخطي بفن — چگونه اصابت بگردد ز من
١٧- اصابت چو باران بخواهم ز حق — مرا تا باحسان دهد باز حق
١٨- اصابت چو باران بباریدن ست — مگر محض کوشش بدست من ست
١٩- توکل درین صنعتم بر خدا ست — درین ره مرا محض رهبر خدا ست
٢٠- ازو استخاره بکردم بدل — بفضل عظیمش شدم مشتغل
٢١- بکردم بتائید او اهتمام — نهادم "سراج المصلي" ش نام

ذکر مناجات بحضرت مجیب الدعوات تعالیٰ شانُهٗ

١- اصابت بخواهم بدل از خدا — بود خود اصابت اجابت دعا
٢- خدا گر دعا را اجابت کند — اجابت دعا را اصابت کند
٣- اجابت بمیعاد قرآني ست — بمیعاد واضح که ادعوني ست
٤- بکردم بمیعاد او اعتماد — بخواهم ازو زود گفتن سداد
٥- الٰهي بنه در سراجم بهي — بحرمت حبیبک و اصحابه
٦- الٰهي بحرمت بني فاطمه — سراجم بگردان تو تابان همه
٧- بنه در سراجم ز تحقیق تاب — بکن روغنش را تو صافي ز آب

٨- آءٌ علم وارن ۾ اميد رکان ٿو، جيکي علم بابت ارشاد رکن ٿا.
٩- هن رسالي کي اصلاح خاطر ڏسن ۽ ان ڏانهن حڪم مطابق ڏيان ڏين.
١٠- تصحيح سان سهو ۽ خطا کي ميٽين ۽ صاف تحقيق سان ان کي صحيح ڪن.
١١- جيڪڏهن مون سهو ڪئي هجي ته تون طعنو نه هَڻُ، ڇو ته طعنو هڻڻ ابليس جو ڪم آهي.
١٢- جيڪڏهن منهنجي گفتگو ۾ ڪا سهوتي هوندي ته اها سهو بي اختيار ٿي هوندي.
١٣- ڇوته اصابت لاءِڪوشش ڪرڻ منهنجي هٿ۾آهي۽ اصابت الله جي فضل کانسواءِحاصل ٿي نه سگهندي.
١۴- منهنجي وس ۾ صرف گهَري ڪوشش ڪرڻ آهي.
١٥- بي اختياريءَسان جيڪڏهن اصابت حاصل ٿئي ته اللهکانسواءِ ٻيوڪوبه نٿو ڄاڻي سگهي ته ڪيئن پهتو؟
١٦- آءٌ هن فن کي صحيح ۽ غلط نٿو ڄاڻان ته پوءِ مونکان ان تي صحيح پهچڻ ڪيئن ٿي سگهندو؟
١٧- الله کان برسات وانگر سِڌائي گهران ٿو، جيڪا پنهنجي احسان سان مونکي عطا ڪري.
١٨- سِڌائي ته برسات وانگر وسندڙ آهي، منهنجي هٿ ۾ صرف ڪوشش ڪرڻ آهي.
١٩- هن ڪاريگريءَ۾ منهنجي الله تي توڪل آهي هن راه جو رهبر منهنجي لاءِ صرف خدا آهي.
٢٠- استخاره ڪري خدا تعاليٰ جي فضل سان هن ڪم ۾شروع ٿيس.
٢١- سندس تائيد سان ڪوشش ڪري هن ڪتاب جو نالو "سِراجُ المُصَلِي" رکيم.

الله تعاليٰ جي درٻار ۾ مناجات ڪرڻ جو بيان

١- خدا کان دل سان اِصابت (سڌو رستو)گهران ٿو، دعا جو قبول ٿيڻ خود اِصابت آهي.
٢- خدا تعاليٰ جيڪڏهن دعا قبول ڪندو ته دعا قبول پوڻ سان اصابت حاصل ٿيندي.
٣- دعا جو قبول ڪرڻ قرآن جو واعدو آهي، لفظ اُدْعُوْنِيْ مان واعدو ظاهر آهي.
۴- ان جي واعدي تي ڀروسو ڪري ان کان صحيح ڇوڻ گهران ٿو.
٥- اي الله! پنهنجي حبيب پاڪ ۽ ان جي اصحابن جي صدقي منهنجي چراغ ۾ ٻلائي رکُ.
٦- اي الله! حضرت فاطمه رضي الله عنها جي اولاد جي مهابي منهنجي چراغ کي پوري طرح تابان ڪر.
٧- منهنجي چراغ ۾ تحقيق جو تاب رک ۽ ان جي تيل کي پاڻيءَ کان وڌيڪ صاف رک.

٨- شود تا زِ نورش رهِ طالبان ‌ بسوئي مسائل هويدا عيان
٩- بنورِ تو گردان مرا نورياب ‌ نمائي مرا تو طريق صواب
١٠- الٰهي مناجات من بي حيا ‌ بود زشت بي رونق و بي ضيا
١١- نه مقبول در درگه كبريا ست ‌ تو داني كه دائم دلم پُر ريا ست
١٢- نه مخفي ست بر تو سياهي دلم ‌ كه از بي حيائي شده حاصلم
١٣- تو داني كه از تو ندارم حياء ‌ سيه دل بگشتم ببد كارها
١٤- ازين بي حيائي دلم شد غبي ‌ شده از غباوت دلم اجنبي
١٥- ز تو در دلم محض بيگانگي ست ‌ كه آن نزد تو سخت ديوانگي ست
١٦- شدم كور دل از قساوت دلم ‌ قساوت بود از شقاوت دلم
١٧- نه خوفِ تو دارم تو دانا تري ‌ مرا تو برحمت كني رهبري
١٨- الٰهي باسماء تو پر فتوح ‌ مرا ده تو توفيق توبه نصوح
١٩- ز توبه شكستن پناهم دهي ‌ بورع و بتقوىٰ مرا ده بهي
٢٠- تو داني كه من از تو بيگانه ام ‌ هميشه زيادت تهي خانه ام
٢١- نخستين ز بيگانگي اي كريم ‌ رهاني مرا تو برحمت عميم
٢٢- الٰهي بحرمت محمد نبي ‌ مگردان ز كويت مرا اجنبي
٢٣- بده با خودت آشنائي مرا ‌ شوم تا بدرگاه تو آشنا
٢٤- پس آن ده تو توفيق تا بي ريا ‌ حقوق آشنائي بيارم بجا
٢٥- بود تا باخلاص هر كار من ‌ برايت بود نيک كردار من
٢٦- باين آشنائي بده معرفت ‌ شوم تا بنورت نكو عارفت
٢٧- بده معرفت بامحبت قرين ‌ محبت بود اصل هر كار دين
٢٨- بود معرفت بي محبت سقيم ‌ نتيجه ندارد بباشد عقيم
٢٩- تهي از محبت چو ابليس بود ‌ نه او را ست از معرفت هيچ سود
٣٠- محبت نتيجه دهنده دهي ‌ مده تو محبت عقيمه تهي
٣١- ز جامِ محبت خودت صاف تر ‌ چشاني مرا قطره كارگر

٨- تہ جيئن ان جي روشنيءَ سان طالبن جي راھ مسئلن ڏانهن پڌري ٿئي.

٩- پنهنجي نور سان پُرنُور ڪري مون کي سڌي راھ ڏيکار.

١٠- اي الله! مون بي حياءَ جي مناجات، ڪوجهي، بي رونق ۽ بي روشن آهي.

١١- نہ ڪبريا جي درگاھ ۾ قبول آهي، تون ڄاڻين ٿو تہ منهنجي دل سدائين رياءَ سان ڀريل آهي.

١٢- منهنجي دل جي ڪاراڻ توکان ڳجهي ناهي، جيڪا مونکي بي حيائيءَ کان حاصل ٿي آهي.

١٣- تون ڄاڻين ٿو تہ تنهنجو حيا نہ رکيم. ٻُچڙن ڪمن جي ڪري دل ڪاري ٿيم.

١٤- اُن بي حيائيءَ کان منهنجي دل غبي ٿي پئي آهي ۽ ان غباوت جي ڪري توکان ڏارين ٿي پئي آهي.

١٥- منهنجي دل ۾ توکان ڏاريائي آهي. اها تو وٽ ڇريائي ليکبي.

١٦- دل جي ڪَٽُ سبب، دل انڌي ٿي پئي ۽ دل تي بدبختيءَ جي ڪري ڪَٽُ چڙهي وئي.

١٧- تون ڄاڻين ٿو تہ تنهنجو خوف نہ اٿم، رحم سان منهنجي رهبري ڪر.

١٨- اي الله! ۾ فتوح نالن جي صدقي، مون کي خالص توبه عطا ڪر.

١٩- توبھ ٽوڙڻ کان پناھ ڏين، پرهيزگاريءَ سان مون کي چڱائي عطا ڪر.

٢٠- تون ڄاڻين ٿو تہ توکان ڏاريون ٿيو آهيان، منهنجو گهر هميشه تنهنجي ياد کان خالي آهي.

٢١- اي ڪريم! پنهنجي عام رحمت سان ڀرپائين مون کي ڏاريائيءَ کان ڇڏاءِ.

٢٢- اي الله! مهابي حضرت محمدﷺ جي مون کي پنهنجي گهٽيءَ کان اجنبي ڪري نہ تڙاءِ.

٢٣- مون کي پنهنجي سڃاڻپ ڏي، تہ تنهنجي درگاھ جو واقف ٿيان.

٢۴- پوءِ اها توفيق بنا رياءَ جي ڏي تہ جيئن آشنائيءَ جا حق پورا ڪيان.

٢٥- تہ منهنجا سڀ عمل بااخلاص ٿين ۽ منهنجا نيڪ ڪم تنهنجي راءِ موجب ٿين.

٢٦- انهيءَ آشنائي سان معرفت ڏي تہ، تنهنجي نور سان سٺو (مڪمل) عارف ٿيان.

٢٧- معرفت محبت سان گڏ عطا ڪر، ڇو تہ محبت دين جي ڪمن جو بنياد آهي.

٢٨- محبت ڪانسواءِ معرفت بيمار آهي، جنهن مان ڪوبہ نتيجو نہ نڪرندو ۽ اها بي سُوُد آهي.

٢٩- ابليس محبت کان خالي هو، جنهن ڪري ان کي معرفت مان ڪجھ بہ حاصل نہ ٿيو.

٣٠- نتيجي واري محبت ڏي ۽ بي ڦل محبت عطا نہ ڪر.

٣١- پنهنجي محبت جي پيالي مان مون کي ڪو ڪارگر قطرو چکاءِ.

٣٢- بده معرفت با حضورت تمام | شوم تا بعرفان تو نيكنام
٣٣- شوم تا بعرفان تو مست حال | شناسم ترا با صفات كمال
٣٤- حضورِ بلذت ولايت ولي ست | نتيجه محبت حضورِ جلي ست
٣٥- الهي مرا خير دارين ده | دلم را صفائي تو از دين ده
٣٦- سجنجل دلم را مصفا بنور | بگردان برحمت بكن زنگ دور
٣٧- رهِ سوئي كويت نمائي مرا | رسم تا بكويت مع الاصطفاء
٣٨- بكحل الجواهر دو چشم دلم | تو بينا بگردان بلطف و كرم
٣٩- ترا در دلم تا ببينم بدل | بديدن دروني شوم مشتغل
٤٠- ز حبل وريدي تو اقرب بمن | من از تو بعيدم ندانم بفن
٤١- الهي توئي اقرب الاقربين | دلم را بگردان تو اين قرب بين
٤٢- ز حبل وريدي چو اقرب توئي | باين قرب خواهم ز تو آگهي
٤٣- نمائي مرا قرب حبل الوريد | بلذت حضوري هميشه جديد
٤٤- الهي بده فقر فخري مرا | كه سرمايه باشد بهر دو سرا
٤٥- بده فقر فخري كه فخرِ نبي ست | نه اين فقر اندر دل اجنبي ست
٤٦- بود نام فقرش و ليكن غنا ست | قناعت قوي تر بصبر و وفاست
٤٧- الهي بخواهم توكل تمام | بتو تا سپارم جميع المرام
٤٨- بگردان تو آسان همه مشكلات | بگرد آوري تو جميع الشتات
٤٩- بخواهم ز تو من مقامِ رضا | بخواهم رضا تو بباب قضا
٥٠- بده فضل تفويض جمله امور | بتو تا سپارم همه با حضور
٥١- بده آبروئي مرا در دو گون | بكردن عبادت مرا ده تو عون
٥٢- الهي بگردان مرا صبح خيز | بگردان مرا تو بسويت گريز
٥٣- الهي مع العفو والعافيه | ميسر بكن كارها دينيه
٥٤- مرا تو باحسان كامل تمام | نگهدار از شر شيطان مدام
٥٥- نگهدار از شر اماره ام | كه از شامتش سخت آواره ام

٣٢- پنهنجي حضور جي پوري معرفت ڏي ته، تنهنجي سڃاڻپ سان نيڪ نام ٿيان.
٣٣- ته تنهنجي سڃاڻپ سان مست حال ٿيان ۽ توکي ڪامل صفتن سان سڃاڻان.
٣٤- حضوري لذت وليءَ جي ولايت آهي، حضوري محبت جو نتيجو ظاهر آهي.
٣٥- اي الله! مونکي ٻنهي جهانن جو خير عطا ڪر ۽ منهنجي دل کي شڪ کان صاف ڪر.
٣٦- منهنجي دل جي آئيني کي نور سان صاف ڪر ۽ رحمت سان دل جي ڪَٽُ لاهِ.
٣٧- مون کي پنهنجي در جي واٽ ڏيکار ته صاف دل ٿي تنهنجي در تي پهچان.
٣٨- پنهنجو لُطف ۽ ڪرم ڪري جواهِر جي سُرمي سان، منهنجي دل جون ٻئي اکيون ڏسڻ واريون ڪر.
٣٩- ته توکي دل ۾ دل سان ڏسي اندروني ديدار سان مشغول ٿيان.
٤٠- ساهه جي رڳن کان به تون مونکي ويجهو آهين، پر مان پري ڇو آهيان اها ڄاڻ نٿي پويم.
٤١- اي الله! تون ويجهن کان به ويجهو آهين، منهنجي دل کي انهي ويجهڙائيءَ ڏسڻ جي توفيق ڏي.
٤٢- تون ساهه جي رڳن کان به ويجهو آهين آءٌ توکان انهيءَ ويجهڙائي جي واقفيت گهران ٿو.
٤٣- حَبلُ الوريد جو قرب ڏيکار ۽ وري وري حضوري لذت ڏي.
٤٤- اي الله! الفَـقرُ فَخرِي جو درجو ڏي، جيڪو ٻنهي جهانن جو ثَمَرَ ٿئي.
٤٥- نبي ڪريم ﷺ جو الفقر فخري عطا ڪر، جو اهو فقر اجنبيءَ جي دل ۾ نه آهي.
٤٦- ان جو نالو فقر آهي، مگر آهي شاهوڪاري. صبر ۽ وفا سان قناعت مضبوط آهي.
٤٧- اي الله! ڪامل توڪل گهران ٿو ته، جيئن سڀ ڪم ڪاريون توتي ڇڏيان.
٤٨- سڀ مشڪلاتون آسان ڪر ۽ سڀ ٽڙيل پکڙيل شيون گڏ ڪر.
٤٩- توکان رضا جو مقام گهران ٿو يعني اٽل رضا گهران ٿو.
٥٠- سڀ ڪم توکي سونپارڻ جو فضل عطا ڪر ته حضور سان سڀ ڪم تنهنجي حوالي ڪيان.
٥١- ٻنهي جهانن ۾ عزت عطا ڪر ۽ عبادت ڪرڻ ۾ مدد ڏي.
٥٢- يا الله! مون کي صبح خيز بناءِ. پاڻ ڏي ڊوڙڻي اچڻ وارو بناءِ.
٥٣- يا الله! خير خوبيءَ سان مون کي ديني ڪم سولا ڪري ڏي.
٥٤- ڪامل احسان سان مون کي شيطان جي شر کان نگاهه رک.
٥٥- نفس اماره جي شر کان بچاءِ، جنهن جي شامت کان سخت حساب وارو ٿيو آهيان.

٥٦- بنه خوف خشيت قوي در دلم | ز تو تا بترسم بكن حاصلم
٥٧- الهي شفاعت شفيع الامم | نصيبم بگردان بلطف و كرم
٥٨- نه مخفي ست بر تو گناهان من | نه تعداد آنها بدانم بفن
٥٩- مرا تو بيامرز زانها تمام | بحرمة حبيبك عليه السلام
٦٠- بيامرز يا رب مرا هر خطا | بكن ختم عمرم بايمان عطا
٦١- بايمان هميشه مرا ده بهي | بحرمة حبيبك و اصحابهٖ
٦٢- الهي بحرمة بني فاطمه | حياتم بايمان بكن خاتمه
٦٣- الهي بگردان مرا كل حين | مع اليمن من زمرة الصالحين
٦٤- الهي بيامرز مر والديَّ | بجنت بده جاء شانرا لَدَيَّ
٦٥- الهي بيامرز مر پير من | كزو هست بر من هزاران مِنَن
٦٦- تو بر پير استاذ من اي غفور | برحمت بياور تو فيضان نور
٦٧- بيامرز يا احكم الحاكمين | بيامرز يا اكرم الاكرمين
٦٨- بيامرز يا ارحم الراحمين | بيامرز تو مر همه مسلمين
٦٩- همه اهلِ اسلام رویٔ زمين | بحرمة حبيبك محمد امين
٧٠- الهي باحسان تو بي حساب | بكن اين مناجات را مستجاب

باب فرائض وضو كه آنها درنص قرآن چهار ست

١- فرائض چهار ست اندر وضو | كه در نص چار ست ني بيش زو
٢- يكي شستن رو بود فرض عين | دگر هر دو بازو مع المرفقين
٣- دگر گردنِ مسح بر ربع سر | برين ست فتویٰ شده معتبر
٤- ولي مسح سر در روايت دگر | بقدر سه انگشت ني بيشتر
٥- دگر هر دو پا را بشوئي نكو | ولي هر دو پا با شتالنگ شو
٦- اگر ريش انبوه دارد كسي | كه در حد رويش برسته بسي

٥٦- وڏو خوف منهنجي دل ۾ رک ته توکان ڊڄان ائين ڪر.
٥٧- يا الله! لطف ۽ ڪرم سان نبي پاڪ ﷺ جي شفاعت نصيب ڪر.
٥٨- منهنجا گناهه توکان لڪل نه آهن انهن جو تعداد ڪنهن حيلي سان به نٿو ڄاڻان.
٥٩- پنهنجي حبيب ڪريم عليه السلام جي صدقي اهي سڀ گناهه معاف ڪر.
٦٠- منهنجون سڀ خطائون معاف ڪر ۽ منهنجي عمر ايمان سان ختم ڪر.
٦١- پنهنجي حبيب ۽ اصحابن جي مُهابي مون کي ايمان جي چڱائي عطا ڪر.
٦٢- يا الله! حضرت فاطمة الزهرىٰ جي اولاد جي طُفيلي منهنجي زندگي ايمان سان پوري ڪر.
٦٣- يا الله! مون کي هر وقت برڪت سان صالحن جي جماعت مان ڪر.
٦٤- يا الله! منهنجي ماءُ، پيءُ کي بخش ڪر ۽ انهن کي مون سان گڏ جنت ۾ جاءِ ڏي.
٦٥- يا الله! منهنجي پير کي بخش ڪر، جنهن جا مون تي هزارين ٿورا آهن.
٦٦- اي بخشڻهار! منهنجي پير ۽ استاد تي رحمت سان نور جي پلوٽ ڪر.
٦٧- اي حاڪمن جا حاڪم! بخش ڪر، اي ڪريمن جا ڪريم! بخش ڪر.
٦٨- اي ارحم الراحمين! مون کي ۽ سيني مسلمانن کي بخش ڪر.
٦٩- حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي صدقي روءِ زمين جي سمورن مسلمانن کي معاف ڪر.
٧٠- اي الله! پنهنجي بيشمار احسانن سان هيءَ دعا قبول ڪر.

وضوءَ جي فرضن جو باب جيڪي نص قرآن ۾ چار آهن

١- قرآن شريف ۾ وضوءَ جا چار فرض بيان ٿيل آهن گهٽ وڌ نه آهن.
٢- هڪ منهن ڌوئڻ پيو ٻئي ٻانهون ٺونٺين سميت ڌوئڻ فرض عين آهن.
٣- ٽيون چوٿون حصو مٿي جي مک ڪرڻ، ان تي فتوىٰ آهي ۽ معتبر قول آهي.
٤- پر مٿي جي مک لاءِ ٻي روايت ۾ ٽن آڱرين جو اندازو آهي گهٽ وڌ نه.
٥- چوٿون ٻئي پير پيڏين سميت چڱيءَ طرح ڌوءِ.
٦- جيڪڏهن ڏاڙهي ڪنهن جي گهاٽي هجي، جيڪا مُنهن جي حد ۾ ڦٽي آهي.

۷- و یا هست انبوه ابروئ او — و یا شارب انبوه در روئ او
۸- همان قدر از رو، که پنهان شده — بِزیر همان مو که پنهان شده
۹- ز شستن همان قدر ساقط بدان — سقوطش باجماع دان بي گمان
۱۰- ولي شد برو فرض امرار آب — بران مويٰ انبوه بین در کتاب
۱۱- اگر مسح کرده بران مویٰ او — نه شسته همان مویٰ بر رويٰ او
۱۲- نباشد همان مسح او را مفید — صحیح ست این قول اي مستفید
۱۳- چو بنهاء مو، خشک مانده تمام — بباشد روا در وضو اي همام
۱۴- اگر تر کني نیز بنهائ مو — بود سنتي این تري در وضو
۱۵- ازین وجه تخلیل سنت شده — شود تا تري را بتخلیل ره
۱۶- بود این تري فرض در غسل بس — نباشد مخالف درین هیچ کس
۱۷- ولي آنچه شد در متون آشکار — کند مسح بر ریش هر ریشدار
۱۸- امامان ازین قول راجع شدند — بکردند قول نخستین پسند
۱۹- دلیلش ز"ایضاح" واضح شده — ز دیگر کتب نیز لائح شده
۲۰- همه غسل لحیه ز"تنویر" خوان — ز شرحش بخوان نیز تحقیق آن
۲۱- بمفتاح از بحر گفته چنین — بتحقیق در شرح منیه ببین
۲۲- ز شرح مواهب ببین بي سخن — ز عالمگیري(۱) تو تحقیق کن
۲۳- ببین از(۲) ظهیري در بَرهنه — برین ست فتویٰ درین ازمنه
۲۴- چو تخلیل لحیه برین شاهد ست — بتخلیل شوئي تو لحیه بدست
۲۵- تري را بتخلیل تکمیل دان — نه در مسح حاجت بتخلیل دان
۲۶- چو کردند تخلیل را هم بیان — ازین شد رجوع امامان عیان
۲۷- ولي بعض علماء چنین کرد یاد — که از مسح امرار آب ست مراد
۲۸- بوقتي که رویش بشوید بآب(۳) — همان آب بر ریش آید شتاب
۲۹- بجز سعي آن آب بر ریش او — گذر میکند آن بجز گفتگو

(۱) و لفظ عالمگیري هرجاکه درین کتاب ست بتشدید میم ست برائي ضرورت شعر.(حاشیه مصنف)(۲) در نسخه «غ» در بجائ از نوشته ست.(۳) آري اگر مقلوب شده رویٰ شوید غسل لحیه بدان آب میسر نشود.(حاشیه مصنف)

٧- يا سندس پِرون گھاٽا هجن يا مُڇون گھاٽيون منهن ۾ هجن.
٨- اوترو انداز جيڪو منهن ۾ ڇُپيل (لڪل) هجي، انهن وارن هيٺان منهن لِڪل ٿئي.
٩- اوترو انداز ڌوئڻ معاف آهي، ان جي معاف ٿيڻ تي اجماع آهي.
١٠- پر انهن گھاٽن وارن ۾ پاڻي وهائڻ فرض آهي، اهو حڪم ڪتاب ۾ ڏِس.
١١- جيڪڏهن انهن وارن تي مک ڪيائين ته منهن وارا وار نه ڌوئي.
١٢- اها مک ان کي فائدو نه ڏيندي، اي فائدو وٺندڙ! هي قول صحيح آهي.
١٣- وارن جون پاڙون سڪل رهيون ته به جائز آهي اي بزرگ!
١٤- جيڪڏهن انهن وارن جون پاڙون آليون ڪرين ته وضوءَ ۾ ائين ڪرڻ سنت آهي.
١٥- ان ڪري سوءِ ڪرڻ سنت ٿي ته جيئن سوءِ ڪرڻ سان آلاڻ کي واٽ ملي.
١٦- غسل ۾ فقط آلو ڪرڻ فرض آهي، انهيءَ ۾ ڪوبه ماڻهو مخالف نه آهي.
١٧- ۽ ڪتابن جي متن ۾ جيڪو ظاهر آهي ته ڏاڙهيءَ وارو ڏاڙهيءَ جي مسح ڪري.
١٨- امام انهيءَ قول کان موٽيا آهن ۽ پهريون قول پسند ڪيو اٿن.
١٩- ان جو دليل ڪتاب ايضاح ۾ واضح آهي ٻين ڪتابن ۾ به چٽو ٿيل آهي.
٢٠- ڪتاب تنويرالابصار ۾ آهي ته سڄي ڏاڙهي ڌوئڻ گهرجي انجي تحقيق شرح۾ پڙهو.
٢١- بحر رائق کان مفتاح وارو ائين نقل ڪري ٿو ۽ تحقيق منيةالمصلي جي شرح ۾ ڏسو.
٢٢- شرح مواهب ۾ ڏسو ۽ فتاوىٰ عالمگيريءَ ۾ تحقيق ڪيو. (١)
٢٣- فتاوىٰ ظهيري ۽ فتاوىٰ برهنه ۾ڏسُ ته هن زماني ۾ فتوىٰ ان تي آهي. (٢)
٢٤- جڏهن ڏاڙهيءَ جي سَوءَ اُن تي شاهد آهي ته سَوءَ سان ڏارهي ڌوءِ.
٢٥- آلاڻ سوءِ ڪرڻ سان ڪامل ٿئي ٿي، مک ڪرڻ ۾ سوءِ جي ضرورت ناهي.
٢٦- جڏهن تخليل جو بيان به ٿيو ته امام ان کان رجوع ٿيا.
٢٧- ڪِن عالمن ياد ڏياريو ته مک مان مراد پاڻي وهائڻ آهي.
٢٨- جڏهن منهن پاڻيءَ سان ڌوئيندو ته ضرور ڏاڙهيءَ ۾ پاڻي وهندو. (٣)
٢٩- بنا ڪوشش جي اهو پاڻي منهن تي ويندو، ان ۾ ڪوبه اختلاف ناهي.

(١) ۽ لفظ عالمگيري هن ڪتاب ۾ جتي به آهي ميم جي شد سان شعر جي ضرورت جي ڪري آيو آهي.(ح.م)
(٢) نسخي "غ" ۾ 'ازڄي بدران 'در' لکيل آهي.
(٣) هاڻو جيڪڏهن منهن ابتو ڪري ڌوئيندو ته پوءِ ان پاڻيءَ سان ڏارهي نه ڌوپهندي. (حاشيه مصنف)

٣٠- شود غسل لحیه باین هم پسند | ز ریشش چکد چونکه قطرات چند
٣١- بوقتي گذر آب چون مسح کرد | شده مسح هم غسل زان نیک مرد
٣٢- نه حاجت بمسح ست بجز غسل او | شده هر دو یک چیز اي نیکرو
٣٣- چو بر جبهتش آب آرد بدست | همان آب بر ریش دارد بدست
٣٤- اگر نام این غسل مسح ست نیز | یکي در حقیقت شده هر دو چیز
٣٥- وگر مسح پس غسل داري مراد | نه هرگز همین قول کردند یاد
٣٦- مرادم ز مسح ست امرار آب | که با دست بر ریش آید شتاب
٣٧- برین قول تطبیق قولین گشت | که مذکور آن هر دو بالا گذشت
٣٨- همین قول را من شنیدم گهي | ولي در کتابي ندیدم گهي

باب سنتهاءِ وضو بعضي اتفاقیه و بعضي اختلافیه

١- بدان هرچه اندر وضو آمده | ازان شانزده چیز سنت شده
٢- همه شانزده را بدان خوب تر | همه را ادا کرد خیرالبشر
٣- هر آن چیز مي کرد خیرالانام | باوقات بسیار با اهتمام
٤- و لیکن عبادت بود چیز آن | نه هرگز ز عادت بود چیز آن
٥- بود سنت آن چیز در عرف شان | همه از کتب فقه کن دل نشان
٦- بیک قول سنت دران ده گزین | ولي قول اول تو مختار بین
٧- یکي دور کردن نجاست ز تن | که باشد حقیقي بظاهر بدن
٨- و لیکن بپیش از وضو ساختن | که تقدیم آن مي بود از سنن
٩- ازاله نجاست نه سنت وضو ست | گهي فرض، گهي واجب و سنت اوست
١٠- و لیکن بپیش از وضو ساختن | ازاله نجاست بود از سنن
١١- اگرچه غلیظه ز درهم کثیر | که فرض ست شستن همان یاد گیر
١٢- اگر پس وضو شست آنرا بآب | شده فرض حاصل، نه سنت شتاب

٣٠- ان سان ڏاڙهيءَ جو ڌوئڻ به ڪافي ٿئي ٿو، جڏهن ڪجهه قطرا ڏاڙهيءَ مان ڪِرن.
٣١- پاڻيءَ جي وهڻ وقت مڪ ڪيائين ته مڪ به ٿي ۽ غسل به ٿيو.
٣٢- اي نيڪ مرد! ڌوئڻ کان سواءِ مڪ جي ضرورت ناهي، ٻئي هڪ شيءِ آهن.
٣٣- جڏهن پنهنجي پيشانيءَ تي پاڻي هٿ سان آڻي ته اهو ئي پاڻي ڏاڙهيءَ تي هٿ سان آڻي.
٣٤- جيڪڏهن هن ڌوئڻ جو نالو مڪ ئي آهي ته پوءِ اهي ٻئي شيون حقيقت ۾ هڪ آهن.
٣٥- جيڪڏهن ڌوئڻ کان پوءِ مڪ مراد رکين ته اهو قول ياد ئي ڪونه آهي.
٣٦- مڪ مان منهنجو مطلب پاڻي وهائڻ آهي، جيڪو هٿن سان ڏاڙهيءَ تي پاڻي اڇي.
٣٧- هن قول تي ٻنهي قولن جي تطبيق ٿئي ٿي، جيڪي مٿي ذڪر ٿي چڪا.
٣٨- اهو قول مون پڌو آهي، باقي ڪنهن ڪتاب ۾ ڏٺو نه اٿم.

وضوءَ جي سنتن جو باب جن مان ڪي اتفاقي، ڪي اختلافي آهن

١- جيڪي ڪم وُضوءَ ۾ آهن انهن مان سورنهن (١٦) سنتون آهن.
٢- غور سان سيئي سورنهن چاڻ، خيرالبشر ﷺ سيئي ادا ڪيون آهن.
٣- اهي سنتون ڪوشش سان گهڻي وقت ۾ نبي پاڪ ادا ڪيون.
٤- پر اهو ڪم جيڪو عادت سبب ثابت هجي،اهو عبادت نه، پر انجي خلاف ڪم ڪي عبادت چئجي.
٥- اهو ڪم فقيهن جي عُرف ۾ سنت آهي، ان بابت فقه جا ڪتاب ڏسو.
٦- هڪ قول موجب سنتون ڏهه آهن، پر پهريون قول مختار آهي.
٧- هڪ پري ڪرڻ پليتي بدن کان جيڪا ظاهر بدن تي حقيقي پليتي هجي.
٨- پر وضوءَ کان اڳ ۾ پليتي دور ڪرڻ گهرجي چو ته پهريائين پليتي دور ڪرڻ سنت آهي.
٩- پليتي دور ڪرڻ وضوءَ جي سنت نه آهي،ڪڏهن فرض ڪڏهن واجب، ڪڏهن سنت آهي.
١٠- پر وضو ڪرڻ کان اڳ پليتي دور ڪرڻ سنت آهي.
١١- درهم کان وڏيڪ غليظ پليتي هجي ته ان جو ڌوئڻ فرض آهي ياد ڪر.
١٢- جيڪڏهن وضوءَ کان پوءِ پليتيءَ کي پاڻيءَ سان ڌوتائين ته فرض ادا ٿيو نه سنت.

١٣- چه تقديم آن بر وضو سنت ست		بسنت دخولِ درِ جنت ست
١۴- ازاله نجاست سبيلين نيز		درين حكم يكسان نگر با تميز
١٥- دِگر بهر تنظيف شوئي دو دست		ولي شستن هر دو تا بند هست(١)
١٦- دران وقت بسمل بگوئي تو نيز		بلفظي كه وارد شده اي عزيز
١٧- ولي مستحب در هدايه بگفت		همين تسميه را شنو قول مفت
١٨- ولي سنت ست آن بقولِ قوي		كه فرض ست در مذهبِ شافعي
١٩- ولي وقت اين هر دو سنت يكي ست		دران وقت هم گفتگوئي بسي ست
٢٠- بقولي ست آن وقت بي شك همان		كه وقتِ شروعِ وضوء ست آن
٢١- بقولي چو شويد نجاست ز تن		بود پيش زين وقت آن دو سنن
٢٢- ولي جمع قولين بهتر بدان		چنين بوالمكارم بكرده بيان
٢٣- من از درمختار كردم بدست		كه تكرار اين هر دو هم سنت ست
٢۴- بپيش از ستنجا دگر پس ازان		كه وقت شروعِ وضوء ست آن
٢٥- بوقتين دو دست شويد همو		بوقتين بسمل بگويد همو
٢٦- مگر چونكه باشد همو برهنه		نه بسمل بگويد كه منهي شده
٢٧- بقولي بجز خواب غسل اليدين		نه سنت بباشد نباشد چو دين
٢٨- و ليكن پس از خواب سنت شده		ببين بوالمكارم بيابي تو ره
٢٩- بيک قول هر دست شويد جدا		بشويد جدا گانها هر دو را
٣٠- بيک قول با هم بشويد همه		نه شستن جدا گانها آمده
٣١- بمفتاح گفته جدا گانها		بشويد نخستين شنو اي كيا
٣٢- دگر بار با هم بشويد بجمع		كند جمع قولين روشن چو شمع
٣٣- پليدي حقيقي چو بر دست او ست		بود گرچه اندک ازاله برو ست
٣۴- بود فرض تطهير دستش ازان		نه سنت بگفتند دان اين بيان
٣٥- چرا قلتش را كني اعتبار		چو تر مي شود آن كند انتشار
٣٦- دگر نيتش دان لرفع الحدث		بنيت طهارت نه راه عبث

(١) در نسخه "چ،ا" و "چ،د" و "جهہ" دست نوشته ست. ولي در نسخه "ع"و "ر" هست نوشته.

١٣- وضوءَ کان اڳ ۾ پليتي دور ڪرڻ سنت آهي سنت جي ادا ڪرڻ سان جنت نصيب ٿيندي.
١٤- ٻنهي اگهڙن کان پليتي لاهڻ به اهوئي حڪم رکي ٿي.
١٥- جيڪڏهن صفائي خاطر ٻئي هٿ ڌوئجن ته اهي ٻئي ڪارايون تائين ڌوئجن.(١)
١٤٢- پر هڪ غير ظاهر روايت نماز جنازہ بابت قوي آهي. (تہ وضو ڪري).
١٤٣- جيڪڏهن ميت جو ولي آهي ۽ ان جي هٿ ۾ نماز جي ولايت آهي.
١٤٤- يا اهو امام آهي يا قاضي آهي يا سلطان آهي يا والي آهي.
١٤٥- اهڙا شخص ان وقت تيمم نہ ڪن، ان قول ڪي پسند ڪيو اٿن.
١٤٦- هڪ قول موجب ميت جو ولي امام هجي ۽ پاڻ امامت ڪرائي ٿو.
١٤٧- ان ڪي تيمم جائز نہ آهي، اگر ولي بہ پاڻ ۽ امام بہ پاڻ هجي.
١٤٨- هڪ قول موجب، جنازي جي نماز، نماز نہ آهي.
١٤٩- پر حقيقت ۾ اها دعا آهي ۽ ان ۾ پاڪائي بہ شرط نہ آهي.
١٥٠- ان قول تي هرگز عمل نہ ڪر ڇو تہ مُتون جي خلاف آهي ۽ نقصانده آهي.
١٥١- هڪ قول موجب تلاوت جي سجدي لاءِ تيمم ڪري سگهجي ٿو.
١٥٢- اگرچہ پاڻي ويجهو هجي اهو قول صحيح نہ آهي.
١٥٣- تيمم ڪي مباح ڪندڙ ضرورت آهي ۽ ضرورت جون چند صورتون آهن.
١٥٤- هڪ ضرورت قرآن شريف ڪي بنا غلاف جي هٿ لائڻ آهي.

١٥٥- دگر مس تفسير فقه و حديث — نه مر بي وضو را ست کارِ خبيث
١٥٦- بود چون حرج در وضو ساختن — تيمم کند او شود پاک تن
١٥٧- بقولي چو تفسير بسيار هست — قليل ست قرآن شنو قول مست
١٥٨- دگر فقه باشد حديث ست نيز — کند بي وضو مس اين هر سه چيز
١٥٩- چه مر اهل اينها ضرورت بود — ضرورت درين هر سه صورت بود
١٦٠- همين ست تحقيق مذهب امام — برين ست فتوىٰ مشائخ تمام
١٦١- تيمم درينجا بسي بهتر ست — ز ترک تيمم که آن ابتر ست
١٦٢- چون قرآن کثير ست تفسير کم — بود همچو مصحف شنو با هم
١٦٣- چو پيچد بخرقه کف دست را — شود نيز مصحف گرفتن روا
١٦٤- وگر پاک جامه ندارد بتن — بود هم ضرر در وضو ساختن
١٦٥- تيمم برو فرض آنگاه دان — بنزد همه تو همين راه دان
١٦٦- چو فقه و تصوف حديث ست نيز — دگر نيز تفسير دان اي عزيز
١٦٧- همه همچو مصحف درين حکم صاف — بنزد دو صاحب مدان تو معاف
١٦٨- وليکن شنيدي تو مذهب امام — بمذهب امام ست فتوىٰ تمام
١٦٩- چه مر عالمان را ضرورت بسي ست — هميشه توضي حرج هر کسي ست
١٧٠- جنب را اگر آب در مسجد ست — نه بيرون بود تا بگيرد بدست
١٧١- و يا گشت ناچار داخل شدن — مسافر بود يا بود در وطن
١٧٢- و يا محتلم گشت در مسجدي — برائي خروجش عازم شدي
١٧٣- تيمم درين هر سه جا لازم ست — وجوب تيمم برو در دم ست
١٧٤- جنب را نه قرآن بخواندن روا ست — نه او را زيارت قبور ست راست
١٧٥- نه در مسجدي هم کند او عبور — افاده تيمم ندارد ظهور
١٧٦- مگر با تيمم نمازش شود — روا هر سه اين با تيمم بود
١٧٧- اگر آب باشد بنزديک او — بُسويش رود تا بسازد وضو
١٧٨- نه وقت نمازش بدارد وفا — بود تنگ وقتش بدان با صفا

١٥٥- ٻيو تفسير، فقه ۽ حديث جي ڪتابن کي هٿ لائڻ آهي، جيڪو بنا وضوء جي به خراب نه آهي.
١٥٦- جيڪڏهن وضو ڪرڻ ۾ حرج (نقصان) هجي ته تيمم ڪري ته جسم پاڪ ٿيندو.
١٥٧- هڪ قول موجب جيڪڏهن تفسير گهڻو ۽ قرآن ٿورو هجي.
١٥٨- ٻيو فقه يا حديث هجي، انهن ٽنهي کي وضوء کان سواءِ هٿ لائي سگهجي ٿو.
١٥٩- انهن ضرورتن جو اهل هجي ته انهن ٽن صورتن ۾ ضروت آهي.
١٦٠- امام صاحب جي مذهب جي اها تحقيق آهي ۽ عام مشائخن جي به ان تي فتوىٰ آهي.
١٦١- انهن حالتن ۾ تيمم ڪرڻ بهتر آهي ۽ تيمم نه ڪرڻ خراب آهي.
١٦٢- جيڪڏهن قرآن گهڻو ۽ تفسير ٿورو آهي ته، ان کي مصحف (قرآن) سمجهبو.
١٦٣- هٿن کي رومال ويڙهي قرآن شريف کي هٿ لائڻ جائز آهي.
١٦٤- جيڪڏهن پاڪ ڪپڙو بدن تي نه هجي ۽ وضو ڪرڻ ۾ به ضرر جو خوف هجي.
١٦٥- ان وقت تيمم ڪرڻ فرض ڄاڻ، سيني عالمن جو اهو رستو آهي.
١٦٦- اي عزت وارا! جيڪڏهن فقه، تصوف، حديث ۽ تفسير آهي.
١٦٧- صاحبين وٽ ان حڪم ۾ سڀ مصحف وانگر آهن.
١٦٨- پر امام صاحب جو مذهب تو ٻُڌو آهي ۽ فتوىٰ به امام جي مذهب تي آهي.
١٦٩- جڏهن ته عالمن کي ضرورت گهڻي آهي. هميشه وضو ڪرڻ جو حرج سڀ ڪنهن کي ٿئي ٿو.
١٧٠- تڙ واري لاءِ جيڪڏهن پاڻي مسجد ۾ آهي ۽ ٻاهر ڪونهي جو هٿ سان ڪٽي.
١٧١- يا لاچاري مسجد ۾ داخل ٿيٺو آهي، مسافر هجي يا وطن ۾ هجي.
١٧٢- يا مسجد ۾ تڙ پيس ۽ ٻاهر نڪرڻ جو ارادو ڪري ٿو.
١٧٣- انهن ٽن حالتن ۾ تيمم لازم آهي ۽ فوراً تيمم ڪرڻ ان تي واجب آهي.
١٧٤- تڙ واري کي قرآن پڙهڻ ۽ قبرستان ۾ قبرن جي زيارت ڪرڻ جائز نه آهي.
١٧٥- تڙ وارو مسجد مان نه لنگهي، تيمم به فائدو نه ڏيندو.
١٧٦- مگر تيمم سان نماز جائز آهي، اهي ٽئي تيمم سان جائز آهن.
١٧٧- جيڪڏهن پاڻي ويجهو هجي ۽ اوڏانهن وضو ڪرڻ لاءِ وڃي.
١٧٨- ته نماز جووقت وفا نه ڪندو، جو وقت تنگ هجي.

١٧٩- نـه سازد تيمم کند او قضا — تيمم بـنـزد همـه نـاروا
١٨٠- بـنـزد زُفـر او تـيـمـم کـنـد — نمازش بـوقـتـش کند دان سند
١٨١- چـه تاخير از وقت باشد گناه — تيمم کـنـد تا بـيابـد پـنـاه
١٨٢- هرآن چيز کُو بي طهارت روا ست — ولـي با طهارت دران فضلها ست
١٨٣- تيمم کـنـد بهر آن چـيـز گـر — ببـاشـد تيمم هـمـين معتبـر
١٨٤- وليکن فضيلت وضو بهتر ست — فضيلت تيمم ازيـن کهـتـر ست
١٨٥- تيمم بسي بهتر ست از حدث — نباشـد تيمم چـو چـيـزِ عـبث
١٨٦- خطا کرد هر کو عبث گفت هم — تيمم بـرابـر حـدث گـفـت هم
١٨٧- بشايد دران چـيـر جـائـز بدم — شـود بـا تيمم حـدث کـالـعـدم
١٨٨- بـود گرچـه مـوجـود آبِ عيان — کنم شرح آن چيز دان اين بيان
١٨٩- چـو مصحف گرفتن ولي بـا غلاف — زيارت قبور ست دان بي خلاف
١٩٠- چـو قرآن بخواند و يا رَدُّ سلام — و يا بـر کسـي او بيارد سـلام
١٩١- دگر خواب خوردن دگر دان جماع — چو داخل شدن مسجد ست بي خداع
١٩٢- بـواقـي مـثـالات بـسـيـار دان — هـمـه را تـو در درمـخـتـار دان

ذکر مقدار ميل و فرسنگ

١- بـود ثلث فرسنگ مقدار ميل — ولي شرح فرسنگ باشد جميل
٢- دو گونه بود شرح فرسنگ وار — يکي قدر گزها ست هژده هزار
٣- برين قول گزهاءِ ميل ست صاف — همه شش هزار ست بي اختلاف
٤- ولي ميل در فـرس نـامش کروه — بسنـدي زبان نـام گويند کوه(١)

(١) در مخدوم ضياءالدين جي سنڌي نوشته است:
"ٽئين ڀاڱي فرسخ کي عربي ميل چون - ڪوهُ تنهن کي سنڌي ڳاٽو فرسُ ڪهن،
ڳاٽو نالو فرسخ جو سنڌيءَ ۾ چون - ٻارهن هزار وکن تنهن مٿان ٻيو ٻجهن،
فرسنگ تنهن کي فرسِ چوي سکيو مر سکن - تي ڪوه ڳاٽو ۾ فرسخ جنهن جو نالو،
ڳاٽو، فرسخ، فرسنگ کي هيڪڙي، مٿان ٻيو ٻجهن - جي ٽيون ڀاڱو ڳاٽو جو ڀاڙي پراهون.
چٽني ڀار چوڏار تو ڀاڙي اڳاهون - تہ تنهن کي اهڙي ماڳ ۾ تيمم رهاٽو."

١٧٩- تيمم نہ ڪري بلڪ قضا ڪري سيني وٽ تيمم ناجائز آهي.
١٨٠- امام زُفر وٽ تيمم ڪري نماز پنهنجي وقت تي پڙهي.
١٨١- جو تہ وقت کان دير ڪرڻ گناهہ آهي ۽ تيمم ڪري تہ گناهہ کان پناهہ ملي.
١٨٢- جيڪا شيءِ بنا پاڪائيءَ جي جائز آهي اها پاڪائيءَ سان ادا ڪرڻ افضل آهي.
١٨٣- ان شيءِ لاءِ تيمم ڪري ۽ اهو تيمم معتبر آهي.
١٨٤- پر وضوءَ جي فضيلت وڏيڪ آهي ۽ تيمم ۾ گهٽ آهي.
١٨٥- حدث کان تيمم افضل آهي تيمم کي عبث (بيڪار) نہ چئبو.
١٨٦- جنهن تيمم کي عبث (اجايو ۽ بيڪار) چيو يا حدث جي برابر چيو ان خطا ڪئي.
١٨٧- ان ۾ جائز شيءِ گهرجي، تيمم سان حدث ڪالعدم ٿئي ٿو.
١٨٨- توڙي پاڻي موجود هجي ان جو شرح بيان ڪيان ٿو.
١٨٩- قرآن شريف کي بنا غلاف هٿ لائڻ يا قبرن جي زيارت ڪرڻ.
١٩٠- جڏهن قرآن پڙهي يا سلام جو جواب ڏئي يا ڪنهن تي پاڻ سلام چوي.
١٩١- ننڊ ڪرڻ، کائڻ، جماع ڪرڻ ۽ مسجد ۾ داخل ٿيڻ.
١٩٢- ٻيا بہ مثال گهڻا آهن سيئي الدرالمختار ۾ ڏسُ.

ميل ۽ فرسنگ جي قدر جو ذڪر

١- فرسنگ جو ٽيون حصو مقدار ميل جو آهي پر فرسنگ جو بيان چڱي ريت آهي.
٢- بہ نمونا فرسنگ جي مقدار جو شرح آهي. هڪ ارڙهن هزار گزن جو قدر آهي.
٣- ان قول موجب ميل ۾ ڇهہ هزار گز پوندا.
٤- فارسي زبان ۾ ميل کي ڪروهہ ۽ سنڌيءَ ۾ ڪوهہ چوَنِ.(١)

(١) مخدوم ضياءالدين جي سنڌيءَ ۾ لکيل آهي:
"فرسخ جي ٽئين ڀاڱي کي عربيءَ ۾ ميل چئبو آهي ۽ سنڌيءَ ۾ انکي ڪوهہ سڏبو آهي ۽ فرسخ کي سنڌيءَ ۾ "ڳائو" چئبو آهي جيڪو ٻارهن هزار وِکون هوندو آهي. فارسيءَ وارا انکي فرسنگ چوندا آهن. ڳائوءَ ۾ ٽي ڪوهہ هوندا آهن جنهنجو نالو فرسخ آهي. ڳائو، فرسخ، فرسنگ. اهي ٽئي هڪ شيءِ آهن. جيڪڏهن چئني پاسن کان ڳائوءَ جي ٽئين ڀاڱي جيترو پنڌ پاڻي پري هوندو تہ اهڙيءَ جاءِ تي تيمم ڪرڻ جائز آهي.

٥- همه شش هزار ست گزهاءِ میل همین ست احوط بجز قال قیل
٦- دگر نوع فرسنگ زین ثلث کم دو ثلث ست باقي درین نوع هم
٧- بمقدار گزهاءِ دوازده هزار ست این شرح هم آمده
٨- برین قول مقدار میل این شمار بتقدیر گزهاء هزار ست چار
٩- ز ابن شجاع ست شرحِ پسین بعالمگیري ست ماخوذ این
١٠- دگر "نهر فائق"، "متانه" دگر دگر درمختار را تو نگر
١١- که مختار شد قول ابن شجاع گزیدند قولش شنو بي خداع
١٢- چو میل ست این چار آلاف گز برین دار باور بدندان مگز
١٣- غرض از جواز تیمم نماز بکردن بوقتش ادا با نیاز
١٤- نه رخصت بود فوت کردن ز وقت همین ست مقصود بگذار مقت
١٥- درین قول چون فوت کردن کم ست مناسب بمقصود این هر دم ست
١٦- چو نا یافتن آب در نص هست که موجب تیمم شده آن به است
١٧- درین قول موجود آن هم شده درین قول باشد همه فائده
١٨- چو غلوه بود چار صد گز تمام بود چار صد گز همه اي همام
١٩- خطا کرد هر کو زیاده بگفت همین چار صد گز بگیري تو مفت
٢٠- چو اقوال بسیار در گز شده بهر قول سر خود دگر گز شده
٢١- یکي قول صافي ست اندر کتب بدانم برین قول اکثر کتب
٢٢- یکي گز که کوته ترست بي خداع همان گز مراد ست نامش ذراع
٢٣- بدان رش دست ست نامش دگر ز آرنج تا راس وُسطیٰ نگر
٢٤- بانگشتهائي بود بیست چار بمقدار حرفات کلمه شمار
٢٥- بانگشتهائي که باشند پر مساحت همین گز برابر شُمر
٢٦- ولي هست انگشت هم شش شعیر چو عرضاً نهاده شود یاد گیر
٢٧- دو تقدیر در گز بیامد دگر دران هر دو کردند شبه و نظر
٢٨- چو استاده کرده قدم بر قدم دگر قدر شش مشت گفتند هم

٥- ميل ۾ ڪل ڇهه هزار گز آهن. اهو قول بنا اختلاف جي احوَطُ آهي.
٦- ٻيو قسم فرسنگ جو هن ڪان ٽيون حصو گهٽ آهي ۽ ان ۾ به ٽُلث باقي آهن.
٧- ميل ۾ ٻارهن هزار گز آهن اهو شرح (قول) به آيو آهي.
٨- ان قول موجب ميل جو مقدار چار هزار گز آهي.
٩- پويون قول اِبن شجاع جو آهي، جيڪو عالمگيري تان ورتل آهي.
١٠- ڪتاب نهرُ فائق، متانه ۽ الدرالمختار ڪي ڏسو.
١١- ابن شجاع جو قول مختار آهي، بيشڪ ان جو قول قبول ڪيو اٿن.
١٢- جڏهن ميل چار هزار گز مقرر ٿيو ته ان تي پروسو ڪر ۽ تعجب نه ڪر.
١٣- تيمم جي جواز مان مقصد اهو آهي ته نماز پنهنجي پوري وقت تي ادا ڪجي.
١۴- نماز ڪي پنهنجي مقرر وقت ڪان فوت ڪرڻ جي اجازت نه آهي ۽ اهوئي مقصد آهي.
١٥- هن قول ۾ نماز فوت ٿيڻ جو واقعو گهٽ پيش ايندو ۽ مقصد لاءِ مناسب به ائين آهي.
١٦- نص ۾ تيمم جو سبب، پاڻيءَ جو نه لڀڻ آهي.
١٧- اهو سبب ته هن قول ۾ به موجود آهي. ۽ هن قول ۾ عام فائدو به آهي.
١٨- جڏهن ته غلوه ۾ چار سؤ گز پون ٿا ته غلوه ڪل چار سؤ گز ٿيندو.
١٩- جنهن چئن سون ڪان زياده چيو، ان خطا ڪئي، اهي ئي چار سؤ گز سمجهه.
٢٠- گز ۾ گهڻا قول آيا آهن، هر هڪ قول جو ٻيو ٻيو انداز آهي.
٢١- ڪتابن ۾ هڪ قول صاف ڄاڻان ٿو، جنهن تي اڪثر ڪتاب آهن.
٢٢- هڪ گز جيڪو ڪوتاه(ننڍو)آهي، هتِ مراد اهو گز آهي، جنهن کي ذِراعُ(هَٿُ)چون.
٢٣- ان جو ٻيو نالو (رش دست) هٿ جي ڊيگهه، ٺونٺ ڪان وٺي وچين آڱر جي چوٽيءَ تائين آهي.
٢۴- ڪلمي شريف جي حرفن جي تعداد مطابق (گز ۾) چوويهه آڱريون پون ٿيون.
٢٥- آڱريون ٿلهيون پريل هجن. گز جي ماپ اهڙيون ٢۴ آڱريون آهن.
٢٦- پر آڱر جي ماپ ڇهه جوَ پاسيرا آهن. انهيءَ بيان کي ياد ڪرِ.
٢٧- گز بابت ٻيا به انداز به آيا آهن پر انهن ٻنهي ۾ شبهو ۽ نظر رکي اٿن.
٢٨- جيئن قدم تي قدم رکي بيهي پر ٻيو انداز گز ۾ ڇهه مُٺيون به چيون اٿن.

٢٩- دریـن هر دو از گـز زیـاده نـگـر　　بـمقدار انگشت یا بـیشـتـر
٣٠- دگر گز که اطول بباشد تمام　　بمقدار بازو ست اي نیک نام
٣١- که از حد بغل ست تا ناخن ست　　بمقدار گز قوس آن متـقـن ست
٣٢- و لیکن مـراد ست اینجا ذراع　　که آن محض رش دست داري سماع
٣٣- بـود گـام یک نیم گـز در شمار　　همین گام شرعي ست در اعتبار
٣٤- همین گـام مقدار اطول گز ست　　همین گام یک نیم اول گز ست
٣٥- بایـن قـدر گـامِ شتـر هم شنو　　چـو رهوار باشد بـود تـیـز رو
٣٦- بـود گـام رهوار کـوتـه نـهـاد　　برابـر بگامِ کـه بـاشد مـراد
٣٧- ولـي با دو دست و یا با دو پا(١)　　بایـن طور گـامِ شتـر دان بجا
٣٨- بـود نـام فرسنگ گـاؤ ازان　　مُـقـدر بـآواز گـاء ست آن
٣٩- بغایت که بر مي رسد بانگ گاء　　بـطرفـین تا مـي رسد آن نـداء
٤٠- مـسافت ز طرفین فـرسنگ دان　　کـه گاؤ ست نامش بدان جاودان
٤١- چو گاؤ ست منسوب خود سوئ گاء　　بـود واو نسبت دریـن بـا صفـاء
٤٢- سه میل ست این نوع فرسنگ نیز　　ز 'مجموع خاني' ببین با تمیز
٤٣- "بکشف لغات" ست تحقیق این　　کـه فرسنگ گاؤ ست نامش متین
٤٤- بیک قـول میل ست مد البصر　　بقـدري که بر مـرد افـتد نظـر
٤٥- بـآواز تـقـدیـر هم مي کـنـنـد　　بـنـالـد چو مردي بصوت بلـنـد
٤٦- بـجـائـي کـه شـنـونـد آواز او　　ازان مـرد تا آن مکـان مـیـل گـو
٤٧- بـبـاب تیمم بریـن هر دو قـول　　ببعضي کتب نیز کـردنـد عول
٤٨- ولـي هر سه تقدیر تخمیني ست　　نه یکسان مسافت درین هر سه هست
٤٩- بـوقـتـي کـه طالع شود آفتاب　　نـظر دور افـتد بـاشراق تـاب
٥٠- دران وقت آواز شنـونـد دور　　بشب دور شنوند هم در سحور
٥١- باوقـات دیگـر چنـین دور نـیـست　　ازین وجه این هر سه مشهور نیست

(١) در نسخه "جهہ"، "چ،ا" و "چ،د" باین طور نوشته است. ع- ولي با دو دست است ویا دو پا.

٢٩- انهن ٻنهي ۾ گز کان زياده هڪ آڱر يا اجان بہ وڌيڪ سمجهہ.
٣٠- پيو گز جيڪو تمام وڏو آهي ۽ ٻانهن جي مقدار جيترو آهي.
٣١- ٻانهن جي حد بغل کان ننهن تائين آهي، جيڪا گز ڪمان جي مقدار وانگر مضبوط آهي.
٣٢- پر ٻُڌي ڇڏ تہ هت ان مان مراد هٿ جي ڊيگهہ آهي.
٣٣- هڪ گام (وِک) ڏيڍ گز ٿئي ٿي ۽ اعتبار ۾ اها شرعي گام آهي.
٣٤- اها گام وڏي گز جي ماپ آهي، اها گام ڏيڍ گز واري، پهريون گزُ آهي.
٣٥- ايتري گام تيز راهوار (واٽ ويندڙ)اٺ جي بہ گام آهي.
٣٦- راهوار اُٺ جي گام جيڪو بِندرو هجي، انهيءَ گام سان برابر آهي جيڪا مراد آهي.
٣٧- پر اٺ جي اڳين پيرن يا پوين پيرن جي وِک اٺ جي گام ڄاڻ. (١)
٣٨- فرسنگ جو نالو ڳائو ان ڪري آهي، جو ڳئونءَ جي آواز سان فرسنگ جو انداز مقرر ٿيل آهي.
٣٩- وڏ ۾ وڏ ڳئون جي رنڀ جو آواز جيترو پهچي، جو هر طرف ڦهلجي وڃي ٿو.
٤٠- هر طرف کان مفاصلو فرسنگ جو ڄاڻ، جنهن جو نالو "فرسنگ ڳائو" آهي.
٤١- ڳائو جڏهن ڳئون ڏانهن منسوب آهي، ان ڪري واوَ نسبت جو ملايو ويو آهي.
٤٢- هيءَ فرسنگ بہ ٽي ميل آهي، ڪتاب "مجموع خاني" پڙهي ڏِس.
٤٣- ڪشف اللغات ۾ تحقيق ڪئي وئي آهي تہ ان جو نالو "فرسنگ ڳائو" آهي.
٤٤- هڪ قول موجب ميل نظر جي ڊيگهہ آهي، جو ايتري قدر ماڻهوءَ تي نظر پوي.
٤٥- بلند آواز بہ ميل جو انداز چون ٿا جڏهن مرد بلند آواز ڪري.
٤٦- جتي سندس آواز ٻڌڻ ۾ اچي، مرد کان وٺي ان جاءِ تائين ميل چئبو.
٤٧- تيمم جي باري ۾ انهن ٻنهي قولن تي ڪن ڪتابن اعتماد ڪيو آهي.
٤٨- پر ٽنهي قولن جو انداز تخميني(اٽڪل وارو) آهي، هڪجهڙي ماپ ٽنهي ۾ نہ آهي.
٤٩- سچ ايرڻ مهل روشنيءَ جي ڪري نظر پَري پوي ٿي.
٥٠- ان وقت آواز پري ٻڌڻ ۾ ايندو، رات جو ۽ صبح جو بہ آواز پري ٻڌبو آهي.
٥١- ٻين وقتن ۾ آواز ايترو پري نٿو وڃي، ان ڪري هي ٽئي قسم مشهور نہ ٿيا.

(١) نسخي "جهہ"، "ج،ا" ۽ "ج،د" ۾ هي مصرع هن طرح آهي. ع ـ ولي با دو دست ست و يا با دو پاء.

باب سنتهاء تيمم كه آن هشت ست

١- بدان هشت سنت بباشد دران يكي تسميه دوم ترتيب آن
٢- سيوم هر دو كف را برد پيش او ز جائي زدن بر زمين دان نكو
٣- چهارم ازان باز آرد دو كف بجائي زدن باز دارد دو كف
٤- پس و پيش اين بر زمين بردن ست نه كف را جدا از زمين كردن ست
٥- كشيدن پس و پيش هر دو كفش بروئي زمين او شود دستكش
٦- بقولِ دگر شرح اين دو سنن دگر طور باشد شنو قول من
٧- زند هر دو كف را نگون بر زمين كند قلب كفين پس اي امين
٨- نگون بر زمين چون زده او بتاب نهد بر زمين پشت آنها شتاب
٩- چه اقبال همراه ادبار هست پس و پيش اين طور كردن به است
١٠- دگر هست تفريج انگشتها بوقت زدن بر زمين هر دو را
١١- كشادن اصابع تو پنجم شمار نه حاجت خلال ست رسد گر غبار
١٢- ششم دان فشاندن زِ هر دست خاك مگر دستها باشد از خاك پاك
١٣- موالات هفتم بود از سنن ز عالمگيري ست تخريج من
١٤- چو با ضرب حاصل شود ركن نيز بضمنش يكي سنت ست كن تميز(١)
١٥- بود ضرب هشتم شنو نيز مفت كه در درمختار اين در بسفت
١٦- شود فوت سنت بوضع اليدين شود ركن حاصل بلا رَين مَين
١٧- اگر خاك پاشيد بر عضوها بنيت تيمم بباشد روا
١٨- ولي ترك سنت درين ظاهر ست مسائل درين باب هم ديگر ست
١٩- شنيدم ز علماء كه سنت يكي ست بجز هشت سنت همان بي شكي ست
٢٠- چو مسح دو دستش بدارد بروع كند از رؤس الاصابع شروع
٢١- رساند چو مسحش بآرنج او رجوعش كنانند بباقي نكو

(١) اين شعر در نسخهايْ ديگر پس از شعر: "بود ضرب هشتم". (الخ) نوشته است. (دكتر غلام محمد داهري)

تيمم جي سنتن جو باب جيڪي اٺ آهن

١- تيمم ۾ اٺ سنتون آهن. هڪڙي سنت بِسمِ الله پڙهڻ، ٻي سنت ترتيب آهي.
٢- ٽين سنت ٻئي هٿ زمين تي هڻڻ چڱو ڄاڻ.
٣- چوٿين سنت زمين تان هٿ ڪٽي دوباره هڻڻ.
۴- اڳي پوءِ اهي زمين تي رکڻا آهن، ترين زمين کان پري نه کڻيون.(١)
٥- ٻئي ترين اڳتي پوئتي چڪي، زمين جي مٿان هٿ چڪي.
٦- هڪ ٻئي قول موجب انهن ٻن سنتن جو شرح ٻيو به آهي.
٧- ٻئي هٿ زمين تي اُبتا هڻي، ٻئي ترين اُبتيون مٿي ڪري.
٨- هٿ اُبتا ڪري زمين تي هڻي، زمين تي هٿن جي پُٺ رکي.
٩- اِقبال ۽ اِدبارُ (اڳيان ۽ پُٺيان) هٿن جو تيمم ۾ ڳلا هڻڻ آهي. اڳتي پوئتي ائين هٿ ڪرڻ بهتر آهي.
١٠- ٻيو زمين تي هٿن هڻڻ وقت آڱريون کليل رکجن.
١١- پنجين سنت آڱريون کليل رکڻ آهي، جيڪڏهن غبار پهچي ته خِلال جي به ضرورت نه آهي.
١٢- ڇهين سنت ٻئي هٿ زمين تان ڪٽي پاڻ ۾ ڇنڊجن ته جيئن خاڪ لهي وڃي.
١٣- ستين سنت (مک ۾) موالات ڪرڻ آهي ۽ اهو مسئلو عالمگيريءَ تان ورتو اٿم.
١۴- جڏهن ضرب (ڏک هڻڻ) سان تيمم جو رکن ادا ٿيو ته ان جي ضمن ۾ سنت به ادا ٿي.
١٥- ائين سنت ڏک هڻڻ آهي، جيڪا الدرالمختار ۾ بيان ڪيل آهي.
١٦- فقط هٿ زمين تي رکيائين ته سنت فوت ٿي ويندي، مگر رُکن بنا شڪ جي صحيح ٿيندو.
١٧- جيڪڏهن تيمم جي نيت سان عضون تي خاڪ ٻُرڪيائين ته به جائز آهي.
١٨- پر ائين ڪرڻ ظاهر ظهور سنت جو ترڪ آهي ۽ هن باب ۾ ٻيا به مسئلا آهن.
١٩- عالمن کان ٻڌو اٿم ته انهن اٺن سنتن کان علاوه ٻي به هڪ سنت آهي.
٢٠- ٻنهي هٿن جي مک آڱرين جي چوٽين کان شروع ڪجي.
٢١- مک ٺونٺين تائين پهچائي وري آڱرين ڏانهن موٽائي.

(١) هي شعر ٻين نسخن ۾ شعر: بود ضرب هشتم. (الخ) کان پوءِ لکيل آهي. (ڊاڪٽر غلام محمد ڏاهري)

٢٢- شود تا احاطه دو دستش تمام　　بمسح محيطش كند اختتام
٢٣- چو مسحش بآرنج او ختم كرد　　نه سوئي اصابع دگر كرد طرد
٢٤- احاطه باين طور مشكل تر ست　　بصورت رجوع ست ولي ديگر ست
٢٥- رساند بآرنج چون دست او　　نه سازد جدا دست اي نيک رو
٢٦- بسوئي رؤس الاصابع رجوع　　كند ختم را بر اصابع وقوع

باب نجاست غليظه و خفيفه

١- نجاست حقيقي همه بر دو نوع　　غليظه خفيفه بدان هر دو نوع
٢- غليظه يكي از تن آدمي ست　　همه آنچه ناقض وضو بودني ست
٣- مگر قي بقول حسن بن زياد　　خفيفه بود آن بداري تو ياد
٤- ولي بول طفلي كه او شير خوار　　بقولِ قوي هم غليظه شمار
٥- غليظه مني نيز نزديک ما ست　　نه پاک ست،نه سبک ست،شنو قول راست
٦- ولي لحم ساقط كه از جرح او ست　　اگرچه هميشه نه ناقض وضو ست
٧- دگر قي قليل ست بين در كتاب　　پليدند اين هر دو در حق آب
٨- دگر خون جاري ز هر جانور　　ز مردار هر چيز باشد چو تر
٩- مگر چونكه مردار بي خون بود　　نه او را گهي در تن خون بود
١٠- بود پاک لحمش نه خوردن حلال　　برو نام مردار باشد بحال
١١- پس افكندهء چار پايه همه　　غليظه ببين در هدايه همه
١٢- بود مذهب بوحنيفه چنين　　مشائخ بدادند فتوئ برين
١٣- بنزد دو صاحب خفيفه صريح　　بود گرچه قوتش ز جيفه صريح
١٤- چنانچه رجيع سباع و سگ ست　　خفيفه بود هم نه بس بدرک ست
١٥- بآخر محمد بگفت اين مقال　　هرآن چار پايه كه باشد حلال
١٦- پس افگندهش پاک باشد تمام　　چنين ست بنزديک مالک امام

٢٢- نہ جيئن مک پنهي هٿن کي احاطو ڪري. مک مُحيط سان ختم ڪري.
٢٣- مک ٺوڻين تائين ختم ڪيائين وري دوباره مک پنتي نہ ورايائين تہ اِحاطو نہ ٿيو.
٢۴- هٿن جي موٽائڻ کان سواءِ بي صورت ۾، ائين مک جو احاطو ڪرڻ مشڪل آهي.
٢۵- مک ٺونٺين تائين پهچائي هٿ ٻانهن تان نہ ڪٽي.
٢٦- آگرين جي طرف هٿ موٽائي مک ختم ڪجي.

غليظي ۽ خفيفي پليديءَ جو باب

١- نجاست حقيقي ٻہ قسم آهي هڪ غليظه ٻيو خفيفه.
٢- هڪ غليظه جا انسان جي جسم مان آهي ۽ وضوءَ کي ڀڄندر آهي.
٣- مگر قيءَ حسن بن زياد جي قول موجب خفيفه آهي، اهو قول ياد رکجو.
۴- ۽ کير پيئندڙ ٻار جو پيشاب بہ قوي قول موجب غليظه ڄاڻ.
۵- اسان وٽ مني غليظي پليدي آهي پاڪ نہ آهي، نہ خفيفه آهي، صحيح قول ٻڌ.
٦- ۽ (هڪ) گوشت جيڪو ڦٽ مان ڪري پوي اگرچہ وضوءَ جو ناقض نہ آهي.
٧- ٻيو قيءَ ٿوري هجي تہ اهي ٻئي پاڻي جي حق ۾ پليد آهن، ڪتاب ڏسو.
٨- هر ڪنهن جانور جو وهندڙ رَتُ ۽ مردار جي هر آلي شيءِ (غليظ پليد آهن).
٩- ۽ جيڪڏهن مردار بنا رت جي هجي ۽ ان جي جسم ۾ رت اصلي نہ هجي.
١٠- ان جو گوشت پاڪ آهي، مگر کائڻ حلال نہ آهي ۽ ان تي مُردار نالو ساڳيو بحال رهندو.
١١- سيني چوپاين جو پائخانو غليظي پليدي آهي "هدايه" ڏسو.
١٢- امام ابو حنيفہ جو مذهب ائين آهي، مشائخن ان تي فتويٰ ڏني آهي.
١٣- ۽ صاحبين وٽ خفيفي پليدي آهي اگرچہ ان چوپائي جو قُوت ڍوندي هجي.
١۴- جيئن ڪل ڦاڙيندڙ جانور ۽ ڪتي جو پائخانو نجاست خفيفي آهي.
١۵- آخر ۾ امام محمد چيو آهي تہ اهو جانور جيڪو حلال آهي.
١٦- ان جو ڇيٽو پاڪ آهي ۽ امام مالڪ وٽ بہ ائين آهي.

۱۷- ببین درمختار اي نیک نام — درین ست تحقیق جمله کلام
۱۸- خفیفه بود این بنرد زُفر — چو ماکول لحم ست آن جانور
۱۹- نه بر گاه خوردن بود فرق این — اگر شک داري متانه ببین
۲۰- دگر نیز بولِ بهیمه شده — که آن غیر ماکول لحم ست همه
۲۱- دگر خمر بیشک غلیظه تر ست — غلیظه بیک قول هر مسکر ست
۲۲- بیارم بیان همه مسکرات — درانجا بداني بیابي نجات
۲۳- چو پیخال مرغي ست بدبو ترین — چو عذره هویدا ست بوئي درین
۲۴- باین وصف پیخال زان مرغ دان — که پیخال آن بر زمین جاودان
۲۵- بحالت پریدن نمي افگند — نه پیخال اندر هوا مي کند
۲۶- چنانچه "حُبارا" دگر ماکیان — دگر بط هم قاز باشد عیان
۲۷- همه این غلیظه ولي حکم آن — بیارم جدا من بصافي بیان
۲۸- کنون در خفیفه بکن قیل قال — چو بول بهیمه که خوردن حلال
۲۹- دگر بول اسب ست خفیفه همه — بنزدیک شیخین روشن چو مه
۳۰- ولي از محمد شنو صاف قول — که پاک ست هر یک ازین هر دو بول
۳۱- برین قول فتویٰ ست در حق زمین — که پاک ست در حق زمین اي امین
۳۲- ببین در متانه بفتویٰ صریح — بسائر کتب هم بود این صحیح
۳۳- دگر خرؤ مرغي که نا خوردني ست — خفیفه ببودن بقولي سني ست
۳۴- مگر چونکه پیخال بدبو تر ست — غلیظه بود آن همه ابتر ست
۳۵- ولي خرءُ مرغي که خوردن حلال — بود پاک بي شک شنو این مقال
۳۶- مگر چونکه بویش بود بد خراب — غلیظه بود آن ببین در کتاب
۳۷- درین باب بسیار دیدم نزاع — صحیحش بگفتم بدان بي خداع
۳۸- نه اقوال دیگر بگفتم ترا — ببین در کتب تا تو یابي صفا
۳۹- ولي چونکه پیخال بوئي یسیر — بدارد و لیکن نه بدبو کثیر
۴۰- همان از کراهت نه خالي بود — همان از خفیفه نه عالي بود

١٧- اي نيڪنام! ڪتاب الدرالمختار ڏِسُ، ان ۾ هن ڪلام جي پوري تحقيق آهي.
١٨- امام زُفر وٽ اها نجاست خفيفي آهي بشرطيڪ اهو جانور ماڪول لحم (حلال) هجي.
١٩- گاهه ڪائڻ تي اهو فرق پيدا نه ٿيندو، شڪ هُجڻي ته متانه ڏِسُ.
٢٠- پيو پيشاب اهڙي حيوان جو جيڪو غير ماڪول اللحم (حرام) هجي.
٢١- بيشڪ شراب غليظ پليد آهي هڪ قول موجب هرڪا نشو ڪرائيندڙ شيءِ به غليظ آهي.
٢٢- سيني نشي ڪرائيندڙ شين جو بيان سندن جاءِ تي آڻيندس اهو ڄاڻين ته نجات حاصل ٿيندئي.
٢٣- جنهن پکيءَ جي وِٺ تمام بدبوُدار هجي، جو پائخاني جهڙي بوءِ هجيس.
٢٤- انهيءَ وصف واري وِٺ، اُن پکي جي هوندي، جيڪو وِٺ سدائين زمين تي ڦٽي ڪندو آهي.
٢٥- اڏامڻ جي حالت ۾ ۽ هوا ۾ وِٺ نه اڇلائيندو آهي.
٢٦- جيئن تَلُورُ، ڪڪڙ، بدڪ ۽ ڦاز ظاهر آهن.
٢٧- انهن سيني جي وِٺ غليظي آهي. پر انجو حڪم جدا جدا صاف بيان سان آڻيان ٿو.
٢٨- هاڻي خفيفي جو بيان ڪر، جهڙوڪ: حلال جانور جو پيشاب.
٢٩- شيخين وٽ گهوڙي جو پيشاب خفيفي پليدي آهي.
٣٠- امام مُحمد جو صاف قول ٻڌو ته اهي ٻئي پيشاب پاڪ آهن.
٣١- زمين جي پاڪ هجڻ ۾ ان قول تي فتوىٰ آهي.
٣٢- متانه ۾ صريح فتوىٰ ڏس ۽ ٻين ڪتابن ۾ به آهي ته اها فتوىٰ صحيح آهي.
٣٣- حرام پکيءَ جي وِٺ هڪ قول موجب خفيفي آهي.
٣٤- مگر وٽ بدبوُدار غليظي پليدي آهي ۽ ابتر آهي.
٣٥- حلال پکيءَ جي وِٺ پاڪ آهي اهو قول ٻُڌو.
٣٦- پر جنهن حلال پکيءَ جي وِٺ بدبوار هوندي ته غليظي چئبي ڪتاب ڏس.
٣٧- هن باري ۾ گهڻو اختلاف آهي مون ان مان صحيح روايت بيان ڪئي آهي.
٣٨- ٻيا قول مون توکي نه ٻڌايا آهن وجي ٻيا ڪتاب پڙهو ته صفائي ٿئي.
٣٩- پر جنهن وِٺ ۾ بدبوءِ ٿوري آهي ۽ گهڻي بدبوءِ نه اٿس.
٤٠- اها وِٺ ڪراهت کان خالي نه آهي ۽ خفيفي کان وڌيڪ پليد نه آهي.

٤١- هرآن چيز مسکر که باشد شراب نه جامد بباشد شنو اين جواب
٤٢- پليد ست آن چيز خوردن حرام برين ست فتوىٰ شنو اين کلام
٤٣- هرآن چيز جامد که آن مسکر ست نه از اشربه مي بود ديگر ست
٤٤- بود پاک بيشک نباشد پليد حرام ست خوردن حرامِ شديد
٤٥- ولي چار چيز ست از اشربه پليد ست هر دم بکن تجربه
٤٦- چو خمر و طلاء و نقيعين نام ولي خمر باشد غليظه تمام
٤٧- خفيفه طلاؤ نقيعين دان بنزديک جمهور شو بي گمان
٤٨- بقولي طلاؤ نقيعين هم بمانند خمر ست غليظه اتم
٤٩- سه قول ست در دُرمختار مفت غليظه که در "بحررائق" بگفت
٥٠- خفيفه گزيده ميان نهر طهارت بيامد بقولِ دگر
٥١- نه قائل پسين قول ظاهر بکرد کسي کو همين هر سه طاهر بکرد
٥٢- بايضاح اين قول 'اوزاعي' ست طهارت همين هر سه را واعي ست
٥٣- عصير العنب غير مطبوخ گر بگردد بمستي زير و زبر
٥٤- ولي افگند نيز کف را برون بود نام آن خمر اندر متون
٥٥- بنزد دو صاحب فگندن زبد نه شرط ست در خمر بودن ابد
٥٦- چو مطبوخ باشد باين وصفها دران حال مشهور نامش طلاء
٥٧- دگر نام باذق طلا را بود طلا را بباذق تقاضا بود
٥٨- مگر چونکه با طبخ ثلثين رفت طلا بودنش زان بلا مين رفت
٥٩- .چو ثلثين رفته، يکي ثلث ماند برآن حال نامِ مثلث نشاند
٦٠- مرادف مثلث طلا آمده درينجا نه هرگز مراد آن شده
٦١- مراد از طلا باذق ست در کتاب ببين در هدايه بيابي صواب
٦٢- وگر باز گوئي که اين نامها برين هر دو حال ست يکسان بجا
٦٣- چنانچه ز ايضاح معلوم گشت جوابش بگو حال اول گذشت
٦٤- درينجا همان حال باشد مراد نه نامش نهي گر نداري تو ياد

٤١- جا شيءِ نشه آور هجي ۽ پيئڻ جهڙي هجي ۽ جامد نہ هجي تہ جواب ڏنو.
٤٢- اها شيءِ پليد آهي ۽ کائڻ (پيئڻ) حرام آهي ان تي فتویٰ آهي.
٤٣- جامد شيءِ جيڪا نشه آور آهي، اها شرابن مان نہ آهي.
٤٤- اها پاڪ چئبي پليد نہ آهي، مگر ان جو کائڻ حرام آهي.
٤٥- پر چار شيون شرابن مان آهن ۽ هر وقت (سدائين) پليد آهن.
٤٦- خمر، طلاءُ ۽ نقيعين (ٻئي نپوڙا) پر خمر سيني ۾ وڏيڪ غليظ پليد آهي.
٤٧- طلاءُ ۽ نقيعينِ (ٻئي نپوڙا) جمهور وٽ بنا شڪ جي خفيفه آهن.
٤٨- هڪ قول موجب طلاءُ ۽ ٻئي نپوڙا شراب وانگر وڏيڪ غليظه آهن.
٤٩- الدرالمختار ۾ ٽي قول آهي، البحرالرائق ۾ غليظ چيائين.
٥٠- النهرالفائق ۾ خفيف چيو اٿس، هڪ ٻئي قول موجب پاڪ چيو ويو آهي.
٥١- پوئين قائل قول ظاهر نہ ڪيو، جنهن اهي ٽئي قسم پاڪ چيا آهن.
٥٢- ايضاح ۾ آهي تہ هي قول اوزاعي جو آهي، جيڪو انهن ٽنهي قسمن جي پاڪائيءَ جو قائل آهي.
٥٣- انگوري سُرڪو اڻ رڌيل مستيءَ ۾ اچي ڦري مُسڪر (نشه آور) ٿئي.
٥٤- پر گجي ڪري ٿو تہ ان جو نالو "خمر" آهي.
٥٥- صاحبين وٽ گجي اڇلائڻ "خمر" هجڻ لاءِ شرط نہ آهي.
٥٦- جڏهن رڌل سرڪو ائين ٿئي تہ ان حال ۾ ان جو مشهور نالو "طلاءُ" آهي.
٥٧- طلاءُ جو ٻيو نالو "باذق" آهي "طلاءُ" کي "باذق" سان موافقت آهي.
٥٨- مگر جيڪڏهن رڌڻ سان ٻہ ثُلث هليا وڃن تہ بيشڪ اهو طلاءُ نہ رهيو.
٥٩- ٻہ ثلث هليا وڃن ۽ هڪ ثُلث باقي رهي تہ ان تي شراب مُثلث نالو رکبو.
٦٠- مُثلثُ ۽ طلاءُ هم معنیٰ آهن پر هتي اهو مراد هرگز نہ آهي.
٦١- طلاءُ مان مراد باذق آهي هدايه ۾ ڏسو تہ صحيح رستو ملي.
٦٢- جيڪڏهن تون سوال ڪرين تہ هي ٻئي نالا ٻنهي حالتن ۾ برابر آهن.
٦٣- جيئن ايضاح مان معلوم ٿيو. جواب ڏي تہ اڳ ۾ اهڙو بيان گذري چڪو آهي.
٦٤- هتي اهوئي حال مراد آهي ياد نہ رکين تہ نالو نہ رکيس.

٦٥- بیانِ نقیعین اکنون شنو بگویم ترا تا بتعریف نو
٦٦- نقیع رُطب هم نقیع زبیب باین وصفها چون بگردد عصیب
٦٧- بمستي چو زیر و زبر هر نقیع بگردد بجولان شنو اي وکیع
٦٨- زبیب ست مر خشک انگور نام مویز ست در فرس نامش مدام
٦٩- عنب نام انگور تازه تمام رُطب نام خرما شنو این کلام
٧٠- چو خرما رسیده بغایت کمال ولي نرم نا خشک باشد بحال
٧١- درین دم رطب نام آنرا بدان تو رطباً جنیاً ز قرآن بخوان
٧٢- رطب را بسندي نام ست رَدَکْ بهندي دگر نام دان این محک
٧٣- زبیب و رطب چون بانداخته میانِ بسي آب بگداخته
٧٤- شودِ آب شیرین مزه ساخته دگر نام بر آب پرداخته
٧٥- همین آب را نام گردد نقیع نقیع ست نامش نه آبِ رفیع
٧٦- بدُردي بود نا صفا کشک وش ولي صاف گردد بپالودنش
٧٧- بود تمر خرما که خشک ست تمام بود خشک هم سخت بیحد مدام
٧٨- چو در آب آنرا بانداختي دران آب شیرین مزه ساختي
٧٩- بود نام آن آب، آن دم نبیذ نبیذ ست مشهور دیدم نبیذ
٨٠- رجعنا الي القصة الاصلیه مسائل درین باب دان عالیه
٨١- بدان چار مسکر که گفته شده پلید و حرام ست نزدِ همه
٨٢- بجز چار باقي همه مسکرات حرامند جمله شنو با ثبات
٨٣- بنزد همه هر چه مسکر بود نه کامل بود بلکه مُفتر بود
٨٤- بود خوردنش نزد جمله حرام برائي تَلَهِّيْ شنو این کلام
٨٥- وگر مي خورد کس برائي دوا بنزدیک شیخین باشد روا
٨٦- همین ست تحقیق بسیار بس ز ایضاح و از درمختار بس
٨٧- بدیگر کتب پاک باشد مباح نه خوردن حرام ست دان با فلاح
٨٨- مگر سُکر تحقیق باشد حرام کند حذر از سکر با اهتمام

٦٥- هاٿي نقيعين (ٻن نپوڙن) جو بيان ڀڏ تہ توکي نئين تعريف ٻڌايان.
٦٦- رُطب ۽ زبيب جو نپوڙو جڏهن اهڙي نموني سخت ٿئي.
٦٧- اي داناءَ ٻڌا جوش سان جڏهن هيٺ مٿي ٿئي ۽ ٿهڪي.
٦٨- "زبيبُ" خشڪ انگور(ڪشمش يا ڍاک)جو نالو آهي، جنهن کي فارسيءَ ۾ مويز چون ٿا.
٦٩- "عنب" تازي انگور جو نالو آهي "رُطب" ڪتل جو نالو آهي.
٧٠- ڪجور جڏهن پچي ڪامل ٿئي پر نرم رهي ۽ خشڪ نہ هجي.
٧١- ان وقت ان جو نالو رُطب ڄاڻ. قرآن شريف ۾ رُطباً جنياً پڙهہ.
٧٢- رُطب جو سنڌيءَ ۾ نالو ردڪ (اڌڪ ۽ ڪتل) ۽ هنديءَ ۾ ٻيو نالو اٿس هيءَ ڪسوٽي ڄاڻ.
٧٣- زبيب ۽ رطب کي گهڻي پاڻيءَ ۾ وجهي ڳاريائين تہ .
٧٤- اهو پاڻي مٺو ۽ مزيدار ٿيندو پوءِ ان پاڻيءَ جو نالو ٻيو ٿيندو.
٧٥- ان پاڻيءَ کي "نقيع" چوندا آهن.
٧٦- گيرڻ جي ڪري اهو پاڻي غير صاف(ميرو) رَبُ وانگر هوندو آهي پر ڇاڻڻ سان صاف ٿئي ٿو.
٧٧- "تمر" ڪارڪ آهي جيڪا بلڪل سُڪل ۽ سدائين سخت هوندي آهي.
٧٨- ان کي پاڻي ۾ وجهبو تہ پاڻي مٺو ۽ مزيدار ٿيندو.
٧٩- ان وقت پاڻيءَ جو نالو نبيذ آهي "نبيذ" مشهور آهي ۽ منهنجو بہ ڏِئلُ آهي.
٨٠- اصلي قصي ڏانهن موٽون ٿا هن باب ۾ وڏا مسئلا آهن.
٨١- مٿي ذڪر ڪيل چار مسڪر (نشه آور شيون) سيني عالمن وٽ پليد ۽ حرام آهن.
٨٢- ڇئن ڪان سواءِ ٻيا باقي مُسڪرات (نشه آور) بہ حرام آهن.
٨٣- سيني عالمن وٽ جيڪا شيءِ مسڪر آهي يا ڪامل مسڪر نہ آهي بلڪ سُستي پيدا ڪندڙ آهي.
٨٤- سيني عالمن وٽ اهي مُسڪرات پيئڻ حرام آهن جيڪڏهن لهو ۽ لعب خاطر هجن.
٨٥- اگر دوا خاطر استعمال ڪري تہ شيخين وٽ جائز آهي.
٨٦- اها گهڻي تحقيق ايضاح ۽ الدرالمختار ۾ بيان ٿيل آهي.
٨٧- ٻين ڪتابن ۾ آهي تہ پاڪ ۽ مباح آهن ۽ انهن جو پيئڻ حرام نہ آهي.
٨٨- مگر سُڪر (نشو) حرام آهي، ان ڪان پرهيز ڪرڻ گهرجي.

٨٩- بنزد محمد اگر جامد ست | خورد این دوا را بگیرد بدست
٩٠- وگر مائع ست هم همان مسکري | پليد ست چون خمر آن مسکري
٩١- هرآن چیز مسکر سِوىٰ اشربه | بود پاک بي شک چو جامد همه
٩٢- لهذا بخوردن برائي دوا ست | برائي تَقَوِّيْ همه تن روا ست
٩٣- تجارت همین نوع هم جائز ست | ببیع و شرا هر کسي فائز ست
٩٤- نه خوردن پلیدي روا مي بود | اگرچه برائي دوا مي بود
٩٥- نه بیع و شراء پلیدي روا ست | نه خوردن پلیدي برائي دوا ست
٩٦- اگر آب راکد بباشد قلیل | فتاده دران آب دان این دلیل
٩٧- یکي "جوزبویه" و یا زعفران | و یا محض افیون شنو این بیان
٩٨- توضي بدان آب جائز بدان | چو برطبع اصلي رقیق ست عیان
٩٩- ببین در "زواجر" همین هر سه پاک | صریحاً شمرده مشو خشمناک
١٠٠- بود هر سه مفتر مغیر مزاج | چو اندک بخورده مع الاحتیاج
١٠١- ببسیار خوردن همه مسکر ست | ولي زهر افیون همه ظاهر ست
١٠٢- قلیل ست تریاق بسیار سم | بقاموس افیون برین طور ضم
١٠٣- هرآن مسکرِ کو نباشد شراب | بود بلکه جامد شنو این جواب
١٠٤- نباشد نجس آن بباشد حرام | مطابق گذشته شنو این کلام
١٠٥- نه هرگز شفا در حرام ست گهي | مگر چون ضرورت بیابد رهي
١٠٦- دران وقت حرمت شود مرتفع | بوقت ضرورت شود منتفع
١٠٧- خریدن بخوردن مر او را روا ست | چو وقت ضرورت برائي دوا ست
١٠٨- شرابي که مسکر بداري تو یاد | بباشد شرابي، نباشد جماد
١٠٩- بود با نجاست غلیظه پلید | بحرمت بباشد حرام شدید
١١٠- بعالمگیري بگفته صریح | که قولِ محمد بباشد صحیح
١١١- محمد بتصریح اندر کتب | نوشته همه این الي الله تب
١١٢- شرابي که بسیار زان مسکر ست | قلیلش حرام و نجس بد تر ست

٨٩- مُسڪر(نشه آور شيءِ) جامد(جميل) هجي ته، امام محمد وٽ دوا طور استعمال ڪرڻ درست آهي.
٩٠- جيڪڏهن اهو مُسڪر پتڙو آهي ته، خمر (شراب) وانگر پليد چئبو.
٩١- چئن شرابن کان سواءِ، هر ڪا نشه آور شيءِ، جامد وانگر پاڪ آهي.
٩٢- تنهن ڪري دوا طور ۽ جسماني طاقت لاءِ استعمال ڪرڻ جائز آهي.
٩٣- اهڙي قسم جو واپار ڪرڻ به جائز آهي، يلي خريد و فروخت مان فائدو حاصل ڪجي.
٩٤- پليد شيءِ جو کائڻ پيئڻ جائز نه آهي، جيتوڻيڪ دوا طور هجي.
٩٥- پليدي شيءِ جي بيع و شِراءِ (ڏي وٺ) جائز نه آهي، نڪي پليد شيءِ دوا طور کائجي.
٩٦- جيڪڏهن بيئل پاڻي ٿورو هجي ۽ ان ۾ ڪا شيءِ پئجي وئي.
٩٧- ان ۾ جعفر، زُعفران يا رڱو آفيم ڪري پيا.
٩٨- جيڪڏهن اهو پاڻي پنهنجي اصلي طبع تي رقيق(پتڙو) هجي ته، ان سان وضو ڪرڻ جائز آهي.
٩٩- ڪتاب "زواجرُ" ۾ ڏس، اهي ٽئي شيون پاڪ لکيون اٿس ۽ ڪاوڙ نه ڪرِ.
١٠٠- اهي ٽئي شيون سُستي پيدا ڪندڙ ۽ طبيعت کي بگيڙيندڙ آهن، توڙي ضرورت جي ڪري ٿورڙيون کائي.
١٠١- گهڻي کائڻ سان سمورا مُسڪر آهن پر افيون (آفيم) جو ته زهر ظاهر آهي.
١٠٢- قاموس ۾ آفيم بابت هن طرح لکيل آهي ته ان ۾ ترياق ٿورو زهر گهڻو آهي.
١٠٣- جيڪا مُسڪر (نشه آور) شيءِ شراب (پتڙي) نه هجي پر جامد هجي ته هي جواب ٻُڌُ.
١٠٤- اها نجس ناهي، بلڪ حرام آهي ۽ هي ڪلام متي ذڪر ڪيل جي مطابق آهي.
١٠٥- حرام ۾ شفا نه آهي، مگر ضرورت وقت اختيار اٿس.
١٠٦- ان وقت حرمت ڪڇي ويندي ۽ ضرورت وقت ان مان فائدو وٺي سگهي ٿو.
١٠٧- کائڻ پيئڻ لاءِ خريد ڪرڻ جائز آهي، جيڪڏهن ضرورت وقت دوا طور ڪم اچي.
١٠٨- مُسڪرُ شراب، شراب آهي جيڪڏهن جامد نه هجي.
١٠٩- نجاست ۾ غليظ پليد آهي ۽ حرمت ۾ سخت حرام آهي.
١١٠- عالمگيريءَ ۾ صريح لکيو اٿس ته امام محمد جو قول صحيح آهي.
١١١- امام محمد صراحةً ڪتابن ۾ اهو سمورو بيان لکيو آهي، تون الله جي درِ توبه ڪر.
١١٢- اهو شراب جيڪو گهڻو هجي ته نشو ڪندو، اهو ٿورو به حرام، نجس ۽ خراب آهي.

١١٣- ز مذهب محمد چنين ياد گير		مذاهب ثلاثه چنين كن پذير
١١٤- احاديث بسيار آمد چنين		عمل بر احاديث باشد متين
١١٥- چو قولِ محمد بود بهترين		مشائخ بدادند فتوىٰ برين
١١٦- مشائخ برفتند بر قول او		چو بسيار تقوىٰ ست در قول او
١١٧- روايت ز شيخين آمد حسين		بشايد كه باشد روايت پسين
١١٨- شده آن روايت درين باب هين		مطابق بمذهب محمد امين
١١٩- اگر اين روايت بود آخرين		دليل رجوع ست ظاهر درين
١٢٠- بجز چار باقي دگر اشربه		مباح ست هم پاک كن تجربه
١٢١- بنزديک شيخين مشهور اين		ميانِ متون ست مذكور اين
١٢٢- دگر نيز آمد چنين در اثر		كه در عهد سالار خيرالبشر
١٢٣- ميانِ مدينه نه اين خمر بود		كه كردم بيانش برت بهر سود
١٢٤- گهي اندكي در مدينه بُدي		كه آن هم ز ملک دگر آمدي
١٢٥- نه انگور گرد مدينه بُدَه		بمجمع بحار ست اين مسئله
١٢٦- بُده بلک بي شک دگر مسكرات		ميان مدينه چنين منكرات
١٢٧- چو تحريم يک خمر نازل شده		كه آن خود نبوده دران آمكنه
١٢٨- بتحريم آن گشت جمله حرام		ازين ره همه را ست خود خمر نام
١٢٩- و ليكن براهِ عموم المجاز		كه آن راه مشهور باشد براز
١٣٠- مثالش بيامد ميانِ كتب		بباب حلف بين بيان كتب
١٣١- مجاز ست عُرفي درانجا مراد		درينجا ست شرعي بگيري تو ياد
١٣٢- بود هر شرابي كه مسكر تمام		بنزديک شارع برو خمر نام
١٣٣- ولي بنج تازي كه بنگ ست بفرس		سه گونه بود نيز از من بپرس
١٣٤- يكي تخم نبت خراساني ست		و يا برگ آن نبت،ني ثاني ست
١٣٥- ولي در "رشيدي" بكرده بيان		بود بنج آن نبت، ني تخم آن
١٣٦- اجوائن خراساني ست نام تخم		نه تخمش بود بنج،ني كامِ تخم

١١٣- اهو امام محمد جو مذهب ياد رکُ، اهڙي طرح ٽئي مذهب به قبول کر.
١١٤- گهڻن حديثن ۾ ائين آيو آهي ۽ حديثن تي عمل ڪرڻ بهتر آهي.
١١٥- جڏهن امام محمد جو قول بهترين آهي ته مشائخن ان تي فتوىٰ ڏني آهي.
١١٦- مشائخ امام محمد جي قول تي ان ڪري هليا آهن، جو ان قول ۾ گهڻي تقوىٰ آهي.
١١٧- شيخين ڪان به هڪ روايت سهڻي آئي آهي، شايد اها روايت آخري ۽ پوئين هجي.
١١٨- هن باب ۾ اها روايت امام محمد جي قول مطابق آهي.
١١٩- جيڪڏهن هيءَ روايت آخري هوندي ته پوءِ شيخين جي رجوع ٿيڻ جو دليل ته هن ۾ ظاهر آهي.
١٢٠- چئن ڪان سواءِ باقي پيا شراب مباح ۽ پاڪ آهن.
١٢١- شيخين وٽ هي مشهور آهي ۽ مُتون ۾ به مذڪور آهي.
١٢٢- حديث ۾ پي به روايت آئي آهي ته نبي پاڪ جي زماني ۾.
١٢٣- مدينه منوره ۾ اهو خمر نه هو، جنهن جو بيان مون توکي فائدي خاطر ٻڌايو.
١٢٤- مدينه منوره ۾ ڪٿي ٿورو هيو، جيڪو پين ملڪن مان ايندو هو.
١٢٥- مدينه جي آسپاس ۾ انگور ڪونه هئا، هي مسئلو "مجمع البحار" ۾ آهي.
١٢٦- البت پيون نشه آور شيون ۽ بُرايون مديني ۾ هيون.
١٢٧- جڏهن هڪ خمر جي تحريم نازل ٿي، جيڪو اتي ڪونه ٿهندو هو.
١٢٨- انجي تحريم سان سڀ شراب حرام ٿيا، انڪري پين سيني تي به خمر نالو رکيو ويو.
١٢٩- ۽ عموم المجاز جي اصول موجب خمر چئبا چو ته اها راهه مشهور آهي.
١٣٠- ان جو مثال ڪتابن جي باب الحلف جي بيان ۾ آيو آهي اتي ڏسِ.
١٣١- اتي مجاز عُرفي مراد آهي ۽ هتي مجاز شرعي مراد آهي.
١٣٢- جيڪو شراب مسڪِر (نشه آور) هجي شريعت ۾ ان جو نالو "خمر" آهي.
١٣٣- ۽ ڀنگ جنهنکي عربيءَ ۾ بنج ۽ فارسيءَ ۾ "بنگ" چون ٿا، ٽي قسم آهي، مونکان پڇو.
١٣٤- هڪ ته خراسان ۾ اهو سَلو ٿئي ٿو، ان جو ٻجُ آهي يا ان جا پَن آهن.
١٣٥- "رشيدي" ۾ بيان ڪيلُ آهي ته ڀنگ اهو سلو آهي، ٻجُ نه آهي.
١٣٦- ان ٻج جو نالو جاڻ خُراساني آهي ۽ ان جو ٻجُ ڀنگ نه آهي.

١٣٧- بشايد كه اين بنج باشد مباح بنزدِ فقيهان كثيرالصلاح
١٣٨- يكي بنج اندر اصول و فروع مباحش شمردند اي نيک روع
١٣٩- برين نوع محمول باشد همان نه بر نوع ديگر شنو اين بيان
١٤٠- دگر بنج باشد همين شيگران ميانِ 'زواجر' ببين شيگران
١٤١- بهندي ست دهاتوره نامش عيان گهي سود سازد گهي خود زبان
١٤٢- بود آن مجنن بيارد جنون بود بلک قتال مهلک زبون
١٤٣- سيوم بنج كوهي حشيشه بنام بود حيدري نام آنرا مدام
١٤٤- چو قنب بقاف ست كنب بكاف برين بنج اين هر دو نام ست صاف
١٤٥- چو مرغول ساري همين بنج را بكُتكه بمالي تو باريک ساء
١٤٦- بهمراه آبي شود كشک وش ولي صاف گردد بپالودنش
١٤٧- شود سبز آبي بسي رنگ ناک بتحقيق باشد همين آب پاک
١٤٨- بود گرچه اين بنج از اشربه ولي پاک باشد بكن تجربه(١)
١٤٩- چه سكرش طبعي نباتي شده نه فرعي،نه سلبي ثبوتي شده
١٥٠- بود همچو افيون و يا زعفران و يا جوزبويه و يا شيگران
١٥١- نه مرغول كردن بدارد اثر چه سكر ست سابق ميان شجر
١٥٢- پليدي بواقي همه اشربه بود عارضي، ني جبلي بُده
١٥٣- بود كار آدم چو خَمَّار وَش شرابي بسازد ميانِ خمش
١٥٤- چو مسكر بگشته، بگشته پليد نه جامد پليد ست دان اي سعيد
١٥٥- اگر درمختار در حد شرب ببيني گدازي ازان همچو سرب
١٥٦- دگر در كتاب الكراهة ببين رود دغدغه از دلت اي امين
١٥٧- چو اين بنج پاک(٢) ست گفتند صاف ولي هست در حرمتش اختلاف
١٥٨- بقولي حرام و بقولي مباح ببين درمختار يابي فلاح

(١) اين شعر را مخدوم نعمان الثاني علامه عبدالواحد سيوستاني در فتاوي خود در بيان "كتاب الصلواة ومايكره فيها. جلد ١، ص ١١ » ذكر كرده است. ولي برين قول فتوىٰ نداده است.بلكه نجاست غليظ را ترجيح داده است.

(٢) هر آنچه مباح ست خوردن آن بي ضرورت، آن پاک ست البتةٔ پس بقولي چون بنج مباح ست بي ضرورت، پس البتةٔ پاک باشد. (حاشيه مصنف)

١٣٧- شايد اها ڀنگ اصلاح پسند فقيهن وٽ مباح آهي.
١٣٨- هڪ ڀنگ اصول ۽ فروع ۾ مباح چون ٿا.
١٣٩- ان نوع تي اهائي محمول آهي، ٻئي ڪنهن نوع تي محمول نہ آهي.
١٤٠- ٻي ڀنگ شيڪران آهي، "زواجِرُ" ۾ شيڪران جو بحث ڏِسُ.
١٤١- هنديءَ (۽ سنڌيءَ) ۾ ان کي ڌاتورو چون. ڪڏهن نفعو ڏئي ڪڏهن نقصان.
١٤٢- اهو ڌاتورو چريو ڪندڙ آهي ۽ جنون پيدا ڪري ٿو، بلڪ ماري وجهندڙ، هلاڪ ڪندڙ ۽ زبون ڪندڙ آهي.
١٤٣- ٽيون قسم جابلو ڀنگ، جنهن جو نالو حشيشه آهي ۽ انجو نالو "حيدري" بہ آهي.
١٤٤- قنب قاف سان، ڪنب ڪاف سان انهيءَ ڀنگ جا اهي ٻئي نالا آهن.
١٤٥- جيڪڏهن ان ڀنگ کي ڏنڊي سان ڪُٽي، گهوٽي ۽ سنهو ڪرين.
١٤٦- پاڻي ملائڻ سان جونِ جي رَبَ وانگر ٿي پئي ٿي، پر ڇاڻڻ سان صاف ٿئي ٿي.
١٤٧- اهو پاڻي سائو رنگين ٿي پوندو. تحقيق موجب اهو پاڻي پاڪ آهي.
١٤٨- هيءَ ڀنگ بہ جيتوڻيڪ شرابن مان آهي، پر پاڪ آهي، ان جو تجربو ڪر.(١)
١٤٩- ان جو نشو طبعي ۽ سَلي وارو آهي، نہ فرعي، نہ سلبي، بلڪ ثبوتي آهي.
١٥٠- اها ڀنگ، آفيم، زعفران، جعفر ۽ ڌاتوري وانگر آهي.
١٥١- گهوٽڻ سان ان ۾ نشي جو اثر پيدا نٿو ٿئي، ڇو تہ نشو تہ ان وڻ ۾ اڳيئي هو.
١٥٢- ٻين باقي شرابن جي پليدي عارضي آهي ۽ طبعي نہ اٿن.
١٥٣- جيڪڏهن ماٺو شراب ٺاهيندڙ شخص وانگر مَٽ ۾ سامان وجهي شراب ٺاهي.
١٥٤- جي نشه آور ٿيو تہ پليد آهي، باقي جامد ۽ ڳوڙهي ٿيل آهي تہ پليد نہ آهي.
١٥٥- جيڪڏهِن شراب جي حد الدرالمختار ۾ ڏسين تہ، ان کان شيهي وانگر ڳري وڃين.
١٥٦- ٻيو ڪتاب الڪراهة ۾ بہ ڏس تہ تنهنجي دل تان ڍپ لهي وڃي.
١٥٧- جڏهن ڀنگ جي هن قسم کي پاڪ چيو اٿن، پر تڏهن بہ انجي حرمت ۾ اختلاف آهي.(٢)
١٥٨- هڪ قول موجب حرام، ٻئي قول موجب مباح آهي، الدرالمختار ڏسُ تہ فلاح حاصل ٿئي.

(١) هن شعر کي مخدوم نعمان ثاني علامہ عبدالواحد سيوستاني پنهنجي ڪتاب فتاويٰ واحدي جي ڪتاب الصلواة وما يكره فيها ،جلد١، ص٠١١۾ذڪر ڪيو آهي. پر هن قول تي فتويٰ نہ ڏني اٿس بلڪ ڀنگ جي غليظ پليد هجڻ واري قول کي ترجيح ڏني اٿس. (٢) جيڪا شيء بنا ضرورت جي استعمال ڪرڻ جائز آهي اها شيء يقيناً پاڪ آهي پوء هڪ قول موجب جڏهن تہ ڀنگ بنا ضرورت جي بہ جائز آهي تہ پوء يقيناً پاڪ آهي.(حاشيه مصنف)

١٥٩- ازينجا مـرا گشت مفهوم ايـن كـه هرجا بـود ذكر بنجِ چنين

١٦٠- ميان كُتب فـقـه دان اي امـين درينجا مـراد ست بـنجِ همين

١٦١- چـه اين بنج معروف مشهور گشت ميـانِ اقاليم جملـه گـذشت

١٦٢- نـه ايـن در زمانـه ائمـه ببود كنون در همه ملك دارد وجود

١٦٣- كـه بعد از ائمه بكرده ظهور مـيـانِ اقـاليـم كـرده عـبـور

١٦٤- ظهورِ تنباكو ازان پستر ست كه در شام بر آلف چون ظاهر ست

١٦٥- ببين درمـخـتـار يـابـي صواب دگر قولها را بـدان بـي صـواب

١٦٦- ميـانِ اصول ست بنجي حـلال ز تلويح، توضيح بين با كمال(١)

١٦٧- ز تحقيق شرح حسامي گـزيـن دگـر از هـدايـه بايـن طور بين

١٦٨- چـو از بنج سكري شود حاصلش وضويش شكسته شود سر مكش

١٦٩- بـود در طـلاقـش بسي اختلاف دگـر نـيـز در حـد او دان خلاف

١٧٠- چو بيني ز"اشبـاه" بـاب طـلاق رسـي ضـابطه را دريـن طمطراق

١٧١- ولـي درمـخـتـار گـفـتـه نـكـو كه تعزير بـر وي نه حد ست بـرو

١٧٢- چـه خوردن همين بنج باشد مباح حرام ست سكرش بدان بي خداع

١٧٣- همين نقل از "نـهر" او كرد مفت كـه "نهر" از "عنايه" بتحقيق گفت

١٧٤- ولـيـكـن بگفته بموضع دگـر چو ناقل ز "جامع" شده خوبتـر

١٧٥- كسي كو بگـويـد حشيشه حـلال بـود محض زنديق او بد خصال

١٧٦- بـود مبـتـدع واجب الـقـتـل او حـرام ست اين بنج بـي گفتگو

١٧٧- حـرام ست ايـن بنـج در "برهـنه" ز جـمـهـور عـلـمـاء نـعـمـانـيـه

(١) و در نسخه "ر" درينجا ترتيب باين طور است. اشعار
يكي بنج اندر اصول و فروع ـ مباحش شمردند اي نيک روع،
چو تحقيق شرح حسامي يكي ـ دگر نيز توضيح بين بي شكي،
چو تلويح ديگر هدايه دگر ـ ز كافي بتحقيق وافر نگر،
درينها شمردند بنجي مباح ـ ندانم كدام است اي با فلاح،
ولي گشت معلوم از دهلوي ـ كه در شرح مشكواة گفته قوي،
نه بنجي حشيش است اي خوب ريش ـ نه بنجي مباح است كه باشد حشيش،
شنيدم ز استاذ من بي شكي ـ بود نيز دهاتوره بنجي يكي.
(و بعد از هفت اشعار درين مسئله ناظمِ علام در نسخه "ر" باين طور مي گويد).
اشعار
بسي خوض كردم درين مسئله ـ هميشه ببودم درين ولوله
بهر چونكه تحقيق گشته مرا ـ نوشته درينجا شنو با صفا
بياباز اي بوالحسن زين كلام ـ بمقصود اصلي بكن اهتمام
و مصنف مخدوم ابوالحسن در آخر اين بيان فتوئ داده است كه نزديک جمهور علماء بنج حرام است. (دكتر غلام محمدداهري)

١٥٩- هتان مون کي اهو معلوم ٿيو ته هر جاءِ تي ڀنگ جو اهو حڪم آهي.

١٦٠- فقه جي ڪتابن ۾ ڏس، هتي اها ڀنگ مراد آهي.

١٦١- جڏهن هيءَ ڀنگ مشهور ٿي ته جتي ڪٿي اها هلندي وئي.

١٦٢- اها امامن جي دور ۾ نه هئي، هاڻ ته جتي ڪٿي موجود آهي.

١٦٣- امامن کان پوءِ ظاهر ٿي ۽ سيني ولايتن ۾ پهچي وئي.

١٦٤- تماڪ ان ڪانپوءِ ظاهر ٿيو آهي، جيڪو مُلڪ شام ۾ سن هڪ هزار هجري (کان بعد) ۾ ظاهر ٿيو آهي.

١٦٥- الدرالمختار ڏس ته صحيح رستو معلوم ٿئي، ٻيا قول صحيح نه سمجهه.

١٦٦- اصول ۾ هڪ ڀنگ حلال آهي "التلويح" ۽ "التوضيح" چڱيءَ طرح ڏس.(١)

١٦٧- شرح حسامي جي تحقيق کي قبول ڪر ۽ هدايه ۾ به ان طرح ڏس.

١٦٨- جيڪڏهن ڀنگ مان نشو ٿيو ته، وضو ڀڄي پوندو. ان حڪم کان منهن نه موڙ.

١٦٩- ڀنگ پيتل شخص جي طلاق ۾ گهڻو اختلاف آهي ۽ انجي حد هڻڻ ۾ به اختلاف آيو آهي.

١٧٠- الاشباهُ والنظائرُ جو باب الطلاق ڏس ته توکي اهڙي شخص بابت ڪو قاعدو هٿ اچي.

١٧١- ۽ الدرالمختار واري چڱو چيو آهي ته ان تي تعزير آهي ۽ حد نه آهي.

١٧٢- چو ته اها ڀنگ پيئڻ مباح آهي، مگر ان جو نشو حرام آهي.

١٧٣- اهو مسئلو "نهرفائق" کان نقل ڪيو اٿس ۽ نهر فائق" ، "عنايه" جي تحقيق جو حوالو ڏنو آهي.

١٧٤- ۽ ٻي جاءِ تي جامع الفتاوىٰ کان نقل ڪري چيو اٿس ته.

١٧٥- جيڪو ماڻهو حشيشه (ڀنگ) کي حلال چوي ٿو، اهو بي دين ۽ بد اخلاق آهي.

١٧٦- اهو بدعتي ۽ واجب القتل آهي ۽ هيءَ ڀنگ بنا اختلاف جي حرام آهي.

١٧٧- فتاوىٰ برهنه ۾ آهي ته جمهور حنفي علماءَ وٽ هيءَ ڀنگ حرام آهي.

(١) نسخي "ر" ۾ هن جاءِتي ترتيب هنطرح آهي: اشعار اصول ۽ فروع ۾ هڪ ڀنگ مباح آهي ان جي تحقيق شرح حسامي ۽ توضيح ۾ ڏس، تلويح، هدايه ۽ ڪافي ۾ گهڻي تحقيق ڏس، هتي هڪ ڀنگ مباح چئي اٿن جيڪا معلوم نه آهي، ۽ مونکي مشڪواة جي شرح للدهلوي مان معلوم ٿيو ڀنگ حشيش نه آهي نه وري حشيش مباح آهي، مون پنهنجي استاد کان ٻڌو ته ڌاتورو به هڪ ڀنگ آهي. ۽ ستن شعرن کان پوءِ مصنف نسخي "ر" ۾ هن طرح فرمائي ٿو: ترجمو

مون هن مسئلي ۾ گهڻي محنت ڪئي ۽ سدائين ولولو هوندو هو، پوءِ مون کي جيڪا تحقيق حاصل ٿي اها مون هتي لکي، اي ابوالحسن هن گفتگو کان اصل مقصد ڏي موٽي اچ. مصنف مخدوم ابوالحسن هن بيان جي پڇاڙيءَ ۾ هي فتوىٰ ڏني آهي ته سيني عالمن وٽ ڀنگ حرام آهي.

(ڊاڪٽر غلام محمد ڏاهري سنڌي)

باب احكام نجاست غليظه و خفيفه

١- تو حكم نجاست بياموز ياد بجامه رسد يا بتن رو نهاد
٢- چو حكم غليظه بود سخت تر نخستين بيانش كنم سر بسر
٣- غليظه زياده ز قدر درم رسيده بجامه شنو با همم
۴- و يا آن رسيده گهي بر تنش درين هر دو صورت برو شستنش
٥- برو فرض تطهير باشد ازان نمازش نه جائز بباشد بدان
٦- زمين را نه اين حكم باشد مدام بيانش بيارم بصافي كلام
٧- اگر قدر درهم غليظه رسيد بتن يا بجامه شنو اي سعيد
٨- بود محض واجب ازاله همان كه تطهير زين قدر واجب بدان
٩- بمقدار اين گر گزارد نماز شود سخت مكروه اي دل نواز
١٠- وگر كم ز درهم غليظه رسيد ازاله همين قدر سنت پديد
١١- نمازش باين قدر نامنهي ست ولي محض مكروه تنزيهي ست
١٢- همين طور در برهنه شد بيان دگر هم ز مفتاح گشته عيان
١٣- بدان آنچه اندر متون آمده غليظه چو مقدار درهم شده
١۴- و يا خود خفيفه كم از ربع ثوب رسيده بجامه مبردار چوب
١٥- معاف ست او را نشويد اگر نمازش باين قدر جائز نگر
١٦- بفهميد بعضي ز لفظِ معاف نه تطهير واجب بود گفت صاف
١٧- نه مكروه باشد نمازش ازين تقاضاء لفظ معاف ست اين
١٨- تقاضاء لفظ معاف ست عيان كه شستن، نه شستن، تو يكسان بدان
١٩- جوابش كه در دُرمختار هست بدانم كه آن خوش جوابش بِه است
٢٠- بدان ترك كردن همين قدر را نه شستن همين قدر اي نيك راء
٢١- معافش بگفتند اندر متون معاف ست تركش، نه فعل ست دون
٢٢- چو ناشستنش عفو گفتند شان ازان شستنش غير فرض ست عيان

غليظي ۽ خفيفي پليديءَ جي حڪمن جو باب

١- نجاست جو حڪم سڪي ياد ڪر، ڪپڙي يا جسم تي لڳي.
٢- غليظي جو حڪم سخت آهي، تنهن ڪري پهريائين ان جو بيان ڪيان ٿو.
٣- غليظي پليدي درم ڪان زياده ڪپڙي تي لڳي.
۴- يا غليظي پليدي جسم تي لڳي، ٻنهي صورتن ۾ ڌوئڻ گهرجي.
٥- ان کي پاڪ ڪرڻ فرض آهي، ان سان نماز جائز نہ ٿيندي.
٦- هيءَ حڪم زمين لاءِ نہ آهي ان جو بيان صاف ڪلام سان آڻيان ٿو.
٧- جيڪڏهن درهم جو قدر غليظي پليدي جسم يا ڪپڙي کي لڳي تہ (حڪم) ٻڌو.
٨- ان پليديءَ کي زائل (ختم) ڪرڻ ۽ ايتريءَ پليديءَ ڪان پاڪائي ڪرڻ واجب آهي.
٩- ايتري قدر پليديءَ سان نماز پڙهيائين تہ سخت مڪروه (مڪروه تحريمي) ٿي.
١٠- جيڪڏهن درهم ڪان گهٽ غليظي پليدي آهي تہ ان کي زائل ڪرڻ سنت آهي.
١١- ايتري پليديءَ سان نماز ادا ڪرڻ منع نہ آهي، پر مڪروه تنزيهي آهي.
١٢- فتاويٰ برهنه ۽ "مفتاح" ۾ ائين بيان ٿيل آهي.
١٣- جيڪو ڪتابن جي متنن ۾ آيو آهي تہ جڏهن غليظي پليدي درهم جي قدر جيتري ٿئي.
١۴- يا خفيفي پليدي ڪپڙي جي چوٿائي ڪان گهٽ، ڪپڙي کي لڳي.
١٥- جيڪڏهن نہ ڌوئيندو تہ بہ معاف اٿس ۽ ايتري قدر پليديءَ سان نماز پڙهڻ جائز آهي.
١٦- ڪن ماڻهن لفظ معاف مان سمجهيو تہ تطهير واجب نہ آهي.
١٧- هن پليديءَ سان نماز مڪروه نہ آهي. لفظ معاف جي اها تقاضا ۽ مفهوم آهي.
١٨- لفظ معاف جي تقاضا ظاهر آهي تہ ڌوئڻ ۽ نہ ڌوئڻ ٻئي برابر سمجهہ.
١٩- ڪتاب الدرالمختار ۾ ان جو تمام سٺو جواب ڏنل آهي.
٢٠- ايتري قدر پليدي کي ڇڏي ڏيڻ ۽ نہ ڌوئڻ.
٢١- متنن ۾ انکي معاف چيو اٿن، انکي ڇڏڻ معاف آهيءِ ان پليدي کي زائل ڪرڻ جو فعل بہ گهٽ نہ آهي.
٢٢- جڏهن ان پليديءَ جي نہ ڌوئڻ کي معاف چيائون تہ ڌوئڻ بہ فرض نہ ٿيندو.

٢٣- همين نفي فرض ست دليل وجوب　　بهرجا كه باشد سبيل وجوب
٢٤- چو فرض ست شستن پليدي قليل　　ميانِ مذاهب دگر با دليل
٢٥- جوابش(١) همين نفي فرض ست بس　　ميان اين جواب ست هم فهم كس
٢٦- كه فهمد وجوبش همو زين جواب　　باين طور مفهوم باشد صواب
٢٧- دليل جواب اين ز من تو شناس　　بود بر سبيلين اين را قياس
٢٨- نجاست سبيلين باشد درم　　نه هرگز ز درهم گهي نيز كم
٢٩- چو بعضي صحابه رسولِ خدا　　نه شستند ايشان سبيلين را
٣٠- ستنجا نكردند(٢) گاهي بآب　　بر ايشان نه وارد شده زان عتاب
٣١- اگر شستنش فرض بودي بحال　　معاتب شدي هر يكي با كمال
٣٢- تمسك گرفتند علماء ما　　بفعل صحابه شنو با صفا
٣٣- بگفتند واجب نه فرض ست هم　　ازاله غليظه كه باشد درم
٣٤- دليلي(٣) كه قطعي ست مبني شده　　بفعل صحابه چو ظني شده
٣٥- بظني ست تحقيق واجب تمام　　نه فرض ست ثابت شنو اين كلام
٣٦- ولي خصم گويد شنو اين نظير　　بفعل صحابه تمسك(٤) مگير
٣٧- چه شانرا ببودي غذاء يسير　　فرشته صفت بود زيشان كثير
٣٨- خصوصاً كه اصحابِ صفه مدام　　رياضت كشان هم ببودند تام
٣٩- هميشه ببودند شان زاهدان　　بمانند ملكوتيان جاودان
٤٠- قضا حاجت شان چو ابعار بود　　نه آلودگي هيچ زان رو نمود
٤١- نه بيني كه خود پشكهاءِ بزان　　ندارد تري كان بچسفد عيان
٤٢- ستنجا نكردند ايشان بآب　　نه حاجت ببوده ببين در كتاب
٤٣- دگر بار خود خصم گفت اين جواب　　بأحجار پاكي ست بي ارتياب

(١) بحسب مئونة المقام هو الجواب عن كون تطهير القليل فرضاً. (حاشيه مصنف)
(٢) در اصل نسخه خطي "غ" بكردند نوشته.
(٣) قوله تعاليٰ "وثيابك فطهر" مطلق ست و قلت و كثرت اعتبار كردن خلاف اطلاق و زيادتي بر نص ست. (حاشيه مصنف)
(٤) پس پليدي قدر درهم مطلقا بر پليدي شمان كه قدر درهم ست قياس كردن درست ست ولي بر پليدي مخرج صحابه درست نمي آيد. (حاشيه مصنف)

٢٣- اها فرض جي نفي وجوب جو دليل آهي، جتي به وجوب جو رستو هجي.
٢٤- پين مذهبن ۾ به دليل سان ثابت آهي ته ٿورڙي پليدي ڌوئڻ فرض نه آهي.
٢٥- انجو اهوئي جواب فرض جي نفي کافي آهي، هن جواب ۾ هرکنهن لاءِ سمجهه موجود آهي.[١]
٢٦- جيڪو هن جواب مان انجو وجوب سمجهندو، هن ئي طريقي سان صحيح مفهوم معلوم ڪندو.
٢٧- هن جواب جو دليل مون کان ٻڌو ته، هيءُ سبيلين تي قياس ڪيل آهي.
٢٨- سبيلين (ٻن اُگهڙن) جي نجاست درهم جيتري هجي ۽ درهم کان گهٽ نه هجي.
٢٩- جڏهن ته نبي پاڪ ﷺ جي ڪن اصحابن سڳورن سبيلين کي نه ڌوتو.
٣٠- پاڻيءَ سان ڪڏهن به استنجا ڪانه ڪيائون، ته به انهن تي ڪوبه عتاب نه آيو.[٢]
٣١- جيڪڏهن ان جو ڌوئڻ فرض هجي ها ته هر هڪ کي ڏوراپو ملي ها.
٣٢- اسان جي عالمن، اصحابن سڳورن جي فعل مان دليل ورتو آهي.
٣٣- درهم جيتري غليظي پليدي جي ازالي کي نه واجب، نه فرض چيائون.
٣٤- جيڪو دليل قطعي هجي ۽ اصحابن جي فعل تي مبني هجي ته اهو دليل ظني چئبو.[٣]
٣٥- ظني دليل سان واجب ثابت ٿيندو آهي، ان سان فرض ثابت نه ٿيندو آهي.
٣٦- پر خصم (مخالف) چوي ٿو ته هيءُ مثال ٻڌ ۽ اصحابن سڳورن جي فعل سان دليل نه وٺ.[٤]
٣٧- چو ته اهي ٿورو کائيندا هئا، تنهن ڪري ڪيترائي فرشته صفت هئا.
٣٨- خاص ڪري اصحاب صُفه، جو تمام گهڻي رياضت ڪندا هئا.
٣٩- اهي هميشه زاهد هوندا هئا ۽ سدائين ملڪوتين وانگر هوندا هئا.
٤٠- انهن جي قضاءِ حاجت (پائخانو) ليڏوڻن وانگر، آلاڻ کان سواءِ هئي.
٤١- ٻڪرين جون ڦولهڙيون نه ڏٺيون اٿوَ؟ جن ۾ آلاڻ نه هوندي آهي.
٤٢- ان ڪري پاڻيءَ سان استنجا ڪرڻ جي ڪين ضرورت نه هئي.
٤٣- خصم دوباره جواب ڏنو ته پٿرن سان به پاڪائي ٿي وڃي ٿي.

(١) جاءِ جي لحاظ کان هيءُ ٻن مذهبن جي ان سوال جو جواب آهي ته ٿورڙي پليدي به ڌوئڻ فرض آهي.(حاشيه مصنف)
(٢) نسخي "غ" ۾ بکردند لکيل آهي.
(٣) الله تعاليٰ جو فرمان ته "پنهنجي ڪپڙن کي پاڪ ڪر". مطلق آهي قلت ۽ ڪثرت کي اعتبار ڪرڻ مطلق جي خلاف آهي ۽ نص تي زيادتي آهي.
(٤) پوءِ پليدي قدر درهم مطلقاً کي توهان جي مخرج واري پليدي تي جيڪا قدر درهم آهي قياس ڪرڻ درست آهي. پر اصحابن جي مخرج پليدي تي (قياس ڪرڻ) درست نه آهي. (حاشيه مصنف)

٤٤- باحجار پاكي چو حاصل بكرد نـه حاجت بشستن بود كار مرد
٤٥- چنين در حديث ست اي مستفيد چو اسفل ز نعلين گشته پليد
٤٦- كنند سير بر ريگ يا بر تراب رود تـا پليدي ز نعلش شتاب
٤٧- چـو عـين و اثـر آن پـليدي رود بجـز آب پاكي دو نعلش شود
٤٨- بـود حكم مخرج چنين يـاد دار بجـز آب پـاكـي مـع الاعتـبـار
٤٩- چو در گرد مخرج پليدي كثير ز درهـم زيادہ بـود يـاد گـيـر
٥٠- بسنگ و مدر چون بسايد سه بار شـود پاک آنگـه شنو اين شمار
٥١- چو ابطال حجت شما ظاهر ست كـه تطهير جز آب آمد بـدست
٥٢- برو فرض پاكي تن و جامه اش بـرائي نـمـازش ازين سـر مَكش
٥٣- اگرچه پليدي ز درهم كم ست كه تطهير آن هم بـرو لازم ست
٥٤- اگرچـه بـجـز آب پاكي شـود نـه هـرگـز بـرو هيچ بـاكي بـود
٥٥- جـوابـش شنيدم شنو اي كيا بگـويـم تـرا مـن همـه بي ريـا
٥٦- پليـدي ز مخرج بأحجـار نيـز چـو زائـل بگـردد شنو با تميز
٥٧- بأحجار تجـفـيـف حـاصـل شـود بتجـفيف تخفيف حاصل شـود
٥٨- نـه تطهير مخرج بجز آب هم بأحجار حـاصـل بگـردد بـدم
٥٩- شنـو هم ز من اين نكو ضابطه بايـن ضابطـه هم كني رابـطـه
٦٠- نـجاست تـري دار بـاشـد اگر تـري مـيرسـد زان بـتن خـوبـتـر
٦١- چـو تـندار بـوده، بـرفتـه تنـش و ليكن تنش رفت بي شستنش
٦٢- همان قدر از تن كه تر گشته بود ولي خشک گشته شنو اي ودود
٦٣- همان قدر از تن نه پاک ست آن مگـر چـون بشـويد بآبش عـيان
٦٤- باحجـار عذره چـو زائل شـود ولـي جلد مخرج نجس مي بـود
٦٥- برين وجه مـا را بـود اين سند كه مذهب همه را بود زين مدد
٦٦- نـقيضش ببـاشد دگـر ضـابـطـه بگـويـم همـان خـوبتر ضابطه
٦٧- و ليكـن بـاشبـاه كـرده خبـر باحجار پاكي تـو حاصل نگـر

۴۴- جڏهن پٿرن سان پاڪائي حاصل ٿي ته ڌوئڻ جي ضرورت نه پئي.
۴۵- حديث ۾ آيو آهي ته جڏهن جُتيءَ جو ترو پليد ٿي پوي.
۴۶- واريءَ يا مٽيءَ تي جتي سان پنڌ ڪبو ته جتي پاڪ ٿي ويندي.
۴۷- جڏهن پليديءَ جو عين (اصل ۽ جند) ۽ اثر ويو ته بنا پاڻيءَ جي جتي پاڪ ٿي.
۴۸- پليدي جي مخرج(نڪرڻ واري جاءِ) جو به اهو حڪم ياد رک. پاڻيءَ ڪانسواءِ به پاڪ ٿيندي.
۴۹- جيڪڏهن مخرج جي چوڏاري درهم ڪان زياده پليدي لڳي هجي.
۵٠- جڏهن مخرج کي پٿر يا پتر سان ٽي ڀيرا اُگهندو ته پاڪ ٿيندي.
۵١- ظاهر آهي ته توهان جي حجت باطل ٿي، ڇو ته پاڻيءَ ڪانسواءِ به پاڪائي حاصل ٿي.
۵٢- نماز لاءِ جسم ۽ ڪپڙي جي پاڪائي فرض آهي. ان حڪم کان منهن نه موڙ.
۵٣- پليدي جيتوڻيڪ درهم ڪان گهٽ هجي ته به ان جي تطهير لازم آهي.
۵۴- اگرچه پاڻيءَ ڪان سواءِ پاڪائي حاصل ٿئي ٿي ۽ ان ۾ ڪو به خوف ۽ شڪ نه آهي.
۵۵- ان جو جواب مون ڏنو آهي، اي پهلوان! تون به ٻُڌ ته توکي بنا رياءَ جي ڏايان ٿو.
۵۶- پليدي جڏهن پٿرن سان به مخرج کان زائل ٿئي ٿي.
۵۷- پٿرن سان سڪاڻ حاصل ٿئي ٿي ۽ سُڪاڻ ۾ وري آساني حاصل ٿئي ٿي.
۵۸- مخرج جي تطهير پاڻيءَ ڪان سواءِ، پٿرن سان حاصل نه ٿيندي.
۵۹- مون کان هڪ سٺو قانون ٻڌ ۽ ان قانون سان رابطو به رک.
٦٠- پليدي جيڪڏهن آلاڻ واري هوندي ته ان جي آلاڻ، جسم کي خوب پهچي ٿي.
٦١- پليدي جسم دار هجي پر ڌوئڻ ڪان سواءِ سندس جسم ختم ٿي ويو.
٦٢- جسم جو جيترو قدر ان پليدي سبب آلو ٿيو هوندو، اهو جيڪڏهن سڪي به ويو(ته به).
٦٣- پاڻيءَ ڪان سواءِ اهو جسم جو قدر پاڪ نه ٿيندو.
٦۴- پٿرن سان پليدي (پائخانه واري) زائل ٿئي ٿي، مگر مخرج جي ڪل پليد ٿي ٿئي.
٦۵- انهيءَ سبب جي ڪري اسانکي هيءَ سند حاصل آهي ۽ هن مان سيني مذهبن کي مدد ملي ٿي.
٦٦- ٻيو قاعده وري هن قاعدي جي خلاف آهي، اهو قاعدو ذڪر ڪيان ٿو.
٦٧- پر الاشباه والنظائر ۾ خبر لکي اٿس ته پِتَرن سان پاڪائي حاصل ٿئي ٿي.

٦٨- اگر مخرجش را بسنگ و مدر		بمالد بتاكيد او پر حذر
٦٩- رود تا بسنگ و مدر آن تري		رود بوء بد نيز اي ممتري
٧٠- چو بوئي و تري رفت از مخرجش		شده پاک جز آب زين سر مَكش
٧١- نه سه سنگ شرط ست نزديک ما		چه مقصود پاكي ست اي با صفا
٧٢- مگر چونكه دشوار بويش بود		معاف ست او را شنو اين سند
٧٣- ولي بوئ رفتن بود شرط آن		بهمراه بويش تو پاكش مدان
٧٤- باشباه اين طور گفته صريح		بتحقيق اين قول باشد صحيح
٧٥- چو دشوار بويش بباشد عيان		بود عفو در درمختار آن
٧٦- بتصريح عفوش بكرده بيان		ز سائر كتب مجمل ست درميان
٧٧- دگر هم باشباه كرده خبر		كه تطهير مخرج بسنگ و مدر
٧٨- بود برخلاف قياس آن همه		نه تطهير عضوي چنين آمده
٧٩- پليدي چو بر عضو ديگر رسيد		چو با سنگ آنرا ز عضوش كشيد
٨٠- نه پاكي همان عضو حاصل شده		بسنگِ پليدي چو زائل شده
٨١- تن و جامه را چون رسيده تري		ز عين نجاست چو ديده تري
٨٢- چو نمناک شد از تري آن پليد		نه سيراب گشته شنو اي سعيد
٨٣- اگرچه رسيده تري بس ضعيف		نداوت رسيده چو نَم اي شريف
٨٤- تن و جامه هر دو پليد ست زان		تو در شرح منيه ببين اين بيان
٨٥- ز عين نجاست چو ديده اثر		تن و جامه را، زان رسيده اثر
٨٦- بگشته پليد از اثر با يقين		اگرچه تري را نديده درين
٨٧- دو اين ضابطه بين تو حق و صواب		كه اكنون ز من تو شنيدي شتاب
٨٨- ز مجموع سلطاني ست اين كلام		چو جامه بسرگين شده تر تمام
٨٩- ز سرگين تازه شده تر چكان		بشپليدنش گشت اكثر چكان
٩٠- پليد ست جامه مگر چون تري		نه هرگز چكد آن تري سرسري
٩١- بود پاک جامه، نگشته پليد		اگرچه اثر رنگ ظاهر بديد

٦٨- اگر پنهنجي مخرج کي پٿرن يا ڀٽرن سان خوب مهٽي ۽ گسائي ٿو.
٦٩- ڀٽرن ۽ پٿرن سان اها آلاڻ ختم ٿي ۽ ان جي باس به نه رهي.
٧٠- اگر آلاڻ ۽ بدبو مخرج کان هلي وئي ته پاڻيءَ کان سواءِ به پاڪ ٿي.
٧١- ٿي ڀٽر(يا پٿر)اسان وٽ شرط آهن، ڇو ته مقصد پاڪائي آهي.
٧٢- مگر جيڪڏهن بوءِ جو وڃڻ مشڪل ٿي پوي (نه وڃي) ته ان صورت ۾ ڪيس معاف آهي.
٧٣- پر پاڪائيءَ لاءِ بُوءِ جو وڃڻ شرط آهي، بدبوءِ جي هوندي پاڪ نه سمجهه.
٧٤- الاشباه والنظائر ۾ ائين صريح چيو اٿس ته تحقيق هيءُ قول صحيح آهي.
٧٥- اگر بوءِ جو وڃڻ ڏکيو ٿي پوي ته الدرالمختار ۾ ان کي معاف چيو اٿس.
٧٦- صراحةً ان کي معاف ذکر ڪيو اٿس، باقي ٻين ڪتابن ۾ مجمل آيل آهي.
٧٧- ٻيو ته الاشباه والنظائر ۾ هيٺين به لکيو اٿس ته مخرج جي پاڪائي ڀٽرن ۽ پٿرن سان.
٧٨- اهو قياس جي برخلاف آهي ۽ عضون جي پاڪائي ائين نه آئي آهي.
٧٩- پليدي جيڪڏهن ٻئي عضوي کي لڳي ۽ ڀٽر سان اها پري ڪيائين.
٨٠- عضوي کي لڳل پليدي ڀٽر سان پري ڪيائين، ته به اهو عضوو پاڪ نه ٿيندو.
٨١- ڪپڙي يا جسم کي جيڪڏهن نجاست عين واري پليدي جي آلاڻ لڳي.
٨٢- ان پليدي جي آلاڻ سان جسم يا ڪپڙو آلاڻ ۾ پرجي پيو مگر صفا آلو نه ٿيو.
٨٣- جيتوڻيڪ تَري (آلاڻ) بالڪل ٿوري لڳي ۽ اها آلاڻ، تري وانگر لڳي.
٨٤- ته جسم ۽ ڪپڙو ان کان پليد ٿيا شرح منيه ڏسو.
٨٥- نجاست عين جو اثر جسم ۽ ڪپڙي تي اهڙو ٿيو جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.
٨٦- يقيناً اهي پليد چئبا، جڏهن اثر ڏسڻ ۾ آيو اگرچه آلاڻ ڏسڻ ۾ به نه اچي.
٨٧- هي ٻئي قاعدا حق ۽ صواب ڄاڻ، جيڪي تو هاڻي مون کان ٻُڌا.
٨٨- "مجموع سلطاني" ۾ آيل آهي ته جڏهن ڪپڙو ڇيٽي سان تمام آلو ٿي پيو.
٨٩- تازي ڇيٽي لڳڻ سبب ٽمندو رهيو ۽ نپوڙڻ سان زياده ٽمي ٿو.
٩٠- ڪپڙو پليد چئبو، پر جيڪڏهن اهو ڪپڙو آلو نئو ٽمي ته.
٩١- اهو ڪپڙو پاڪ آهي پليد نه ٿيو، توڙي ڪٿي اثر ۽ رنگ ظاهر ڏسجي.

٩٢- ز "صُغْریٰ" بیاورد این مسئله　　اصحش بگفته بلا ولوله
٩٣- ولي ضابطه را مخالف شده　　ببايد كه گيري تو آن ضابطه
٩٤- نه عين نجاست بباشد اگر　　چو آبِ پليد ست بچيزِ دگر
٩٥- و يا پاک مائع پليد ست بچيز　　نه عين نجس آن بود اي عزيز
٩٦- اگر آن بجامه رسد يا بتن　　نگردد نجس آن شنو قول من
٩٧- مگر چونكه كامل بگردد تري　　كمالش شنو نيز اي ممتري
٩٨- تن و جامه را چون بگيرد بدست　　بدستش رسد زان تري نقش بست
٩٩- تن و جامه اش آن زمان شد پليد　　بدستش تري را چو ظاهر بديد
١٠٠- بقولي كمالِ تري ديگر ست　　علامت كمالِ تري ظاهر ست
١٠١- چو قطره چكد هم بشپليدنش　　كمالِ تري گشت زان سر مكش
١٠٢- اگر در تن و جامه اش رنگ ديد　　و يا از تري بو، درين دو رسيد
١٠٣- اگر آن اثر از پليدي ببود　　كه در آب افتاده پاكي ربود
١٠٤- پليد ست اين هر دو زان رنگ بو　　تري گرچه ناقص(١) بود اي سمو
١٠٥- وگر آن اثر پاک چيز ست تمام　　چنانچه گلابي كه پاک ست مدام
١٠٦- چو در آب ناپاک انداختند　　همان آب را رنگ بو ساختند
١٠٧- همين رنگ بو را مدان اعتبار　　بود بر كمال تري بس مدار
١٠٨- بود فرق واضح درين دو اثر　　ز عين نجس هست يا از دگر
١٠٩- نه اين فرق در شرح منيه نمود　　و ليكن درين ست بسيار سود
١١٠- چو جامه بجامه بپيچيده كس　　يكي زين دو جامه ببوده نجس
١١١- ببوده يكي نيز با آب تر　　كنون خشک تر گشت هم زان دگر
١١٢- اگر آن تري نيز كامل شده　　درين خشک اصلي عيان آمده
١١٣- و يا رنگ يا بو، درين خشک وار　　ازان ثوب تر هم شده آشكار
١١٤- كنون ثوب طاهر بگشته پليد　　كه در اصل خشک ست يا تر پديد
١١٥- چو بي رنگ، بي بو، تري بس ضعيف　　بود پاک بر حال اصلي شريف

(١) در نسخه "غ" ناقض بحرف الضاد نوشته است. (دكتر غلام محمد سندي داهري)

٩٢- فتاوىٰ صُغرىٰ کان هي مسئلو آندو اٿس ۽ بنا تَرَدُد جي ان کي اَصحُ چيو اٿس.
٩٣- مگر قاعده جي خلاف آهي، توکي قاعدي تي عمل ڪرڻ گهرجي.
٩۴- جيڪڏهن پاڻي ٻي شيءِ جي ڪري پليد ٿيو ته نجس عين نه چئبو.
٩٥- يا پاڪ ڀَنڙي شي ڪنهن شي جي ڪري پليد ٿي پئي ته انکي به نجس عين نه چئبو.
٩٦- اها شيءِ ڪپڙي يا جسم کي لڳي ته پليد نه ٿيندا.
٩٧- مگر جڏهن آلاڻ ڪامل ٿي وڃي ۽ ان جو ڪمال پڌو.
٩٨- جسم ۽ ڪپڙي کي هَٿُ لاتائين ته هٿ کي آلاڻ لڳي. جنهنڪري هٿ تي چِٽُ ٺهي بيٺو.
٩٩- جسم ۽ ڪپڙو ان وقت پليد ٿي پيو، جڏهن هٿ ۾ آلاڻ ڏسي.
١٠٠- هڪ قول موجب ڪامل آلاڻ اجا ٻيءَ شيءِ آهي ۽ آلاڻ جي ڪمال جي نشاني ته ظاهر آهي.
١٠١- نپوڙڻ سان ڪپڙي مان ڦڙا ٽِميا ته ان کي ڪامل آلاڻ چئبو.
١٠٢- جسم يا ڪپڙي ۾ رنگ ڏسي يا ٻنهي ۾ آلاڻ جي ڪري بُوءِ اچي.
١٠٣- جيڪڏهن اهو اثر پليديءَ جي ڪري هجي، جو پاڻيءَ ۾ پَوي ته پاڻيءَ جي پاڪائي ڪسي.
١٠۴- انهيءَ رنگ ۽ بوءِ سان ٻئي پليد چئبا اگرچه آلاڻ ناقص (ٿوري) هجي.(١)
١٠٥- جيڪڏهن اهي(رنگ ۽ بوءِ) ڪنهن پاڪ شيءِ جو اثر هجن، جيئن گلاب (جا ٻن)جو پاڪ آهن.
١٠٦- جڏهن پاڻيءَ ۾ ناپاڪ شيءِ وڌي وئي، جنهن پاڻيءَ ۾ رنگ ۽ بُوءِ ظاهر ڪئي.
١٠٧- ان جي رنگ ۽ بوءِ کي اعتبار نه آهي، تَري (آلاڻ) کي ڏسڻو آهي.
١٠٨- انهن ٻنهي اثرن ۾ فرق چٽو آهي، ڏسو ته اهو رنگ ۽ بوءِ نجس عين مان آهي يا ٻي شيءِ.
١٠٩- شرح مُنيه ۾ اهو فرق بيان ڪيل نه آهي، پر ان ۾ فائدو آهي.
١١٠- هڪڙو ڪپڙو ٻئي ڪپڙي سان ويڙهيو ويو ۽ انهن مان هڪڙو پليد هو.
١١١- هڪ ڪپڙو پاڻيءَ سان آلو هو، ٻئي ڪپڙي سان ملڻ ڪري سڪي ويو.
١١٢- جيڪڏهن اها آلاڻ به ڪامل هجي ۽ سڪل ڪپڙي ۾ ظاهر ٿئي.
١١٣- ۽ ان آلي ڪپڙي مان رنگ يا بوءِ، سڪل ڪپڙي ۾ ظاهر ٿي.
١١۴- هاڻي اهو پاڪ ڪپڙو به پليد ٿيو پوءِ اصل ۾ڪٽي سُڪل هو يا آلو.
١١٥- جيڪڏهن بالڪل ٿوري آلاڻ رنگ ۽ بوءِ کان سواءِ ظاهر ٿي، ته ڪپڙو پاڪ چئبو.

(١) نسخي "غ" ۾ ناقض حرف "ض" سان لکيل آهي. (ڊاڪٽر غلام محمد سنڌي ڏاهري)

١١٦- چو جامه يكي بود با بول تر درين صورتِ صاف اي خوش سِير
١١٧- نداوت رسيده بجامه دگر چو نمناک گشته پليدش نگر
١١٨- بچيدم مسائل ولي با قيود ولي از كتب آنچه موجود بود
١١٩- ببين در فتاوىٰ، ببين در شروح مسائل برت تا شود با وضوح
١٢٠- كنون شرح درهم ز من ياد گير يكي وزن مثقال درهم كبير
١٢١- بود بيست قيراط درهم همين ثقيل ست چو مثقال دان اي امين
١٢٢- ببوده بپيش از خلافت عمر همين نوع درهم شنو اين خبر
١٢٣- پليدي كه تندار باشد تمام بود سخت يا نرم اي خوشخرام
١٢٤- دران قدر درهم كه گفته شده بود وزن مثقال ني زائده
١٢٥- دگر نوع درهم زياده فراخ ز نوعِ نخستين كشاده فراخ
١٢٦- ز مثقال در وزن كمتر ببود مساحت همين نوع درهم بسود
١٢٧- پليدي اگر غير تندار هست درين محض اين نوع گيري بدست
١٢٨- وجودش ميانِ خلافت عمر نه سابق ببوده شنو اين خبر
١٢٩- چو كف را بكردي كشاده تمام بحدي كه گشته زباده تمام
١٣٠- نِهي آب را در كفت آن زمان باستد همين آب بر كف عيان
١٣١- مساحت كه باشد دران جاء آب بود قدر درهم همان جائ آب
١٣٢- مقرش نشيب كف دست هست قرارش بران جا ببايد(١) بدست
١٣٣- نشيبش هويدا همين مقعرش كه استادگي آب باشد برش
١٣٤- چو تندار چسفد بدارد تري رسد چون بجائي گمارد تري
١٣٥- ازان وزن مثقال درهم شمار بوقتي كه تندار دارد قرار
١٣٦- چو از وزن مثقال كم تر شده و ليكن فراخ ست بيحد همه
١٣٧- مساحت كند آن زمان اعتبار چو دارد درانجا عيان انتشار
١٣٨- تنش چون بحيله بجز شستنش نمانده برانجا چو رفته تنش
١٣٩- ولي خشک گشته بران حال(٢) بود ازان پس بحيله ازاله نمود

(١) در نسخه "چ ا" خطي ببايد، و در نسخه "چ د" و "جهه" بيابد. (٢) در نسخه "چ ا"، "چ د" و "جهه" بران جاكه بود.

١١٦- جيڪڏهن ڪو ڪپڙو پيشاب سان آلو هو ته ان صورت ۾ (حڪم) صاف آهي ته.
١١٧- ان ڪپڙي جي آلاڻ سان ٻيو ڪپڙو آلاڻ ۾ پرجي پيو ته ان کي پليد چئبو.
١١٨- مسئلا ڪِن قيدن سان انهن ڪتابن مان چُونڊيَم، جيڪي مون وٽ موجود هئا.
١١٩- فتوائن جا ڪتاب ۽ شرح ڏِسُ ته مسئلا توتي واضح ٿين.
١٢٠- هاڻي مون کان درهم جو بيان ٻڌ، جو هڪ ته مثقال جي هم وزن وڏو درهم آهي.
١٢١- اهو درهم ويهه قيراط آهي ۽ مثقال جيترو ڳرو آهي.
١٢٢- حضرت عمر رضي الله عنه جي خلافت کان اڳ درهم جو اهو قسم رائج هو.
١٢٣- اي سهڻي هلڻ وارا! جسم دار پليدي سخت هجي يا نرم.
١٢٤- انهيءَ ۾ درهم جو قدر جيڪو ٻڌايو ويو، اهو مثقال جي هم وزن آهي گهٽ وڌ نه آهي.
١٢٥- درهم جو ٻيو قسم ڀرئين قسم، کان تمام گهٽو ويڪرو آهي.
١٢٦- وزن ۾ مثقال کان گهٽ هو، باقي ماپ ان جي به ايتري هئي.
١٢٧- پليدي غير جسمدار هجي ته فقط هن نوع کي اختيار ڪر.
١٢٨- حضرت عمر رضي اللهعنه جي خلافت ۾ ان (درهم) جو وجود هو، انکان اڳ ڪونه هو.
١٢٩- جڏهن هٿ جي تريءَ کي تمام گهٽو ڪشادو ڪرين.
١٣٠- ان تريءَ جي تَري ۾ پاڻي رکين ته پاڻي بيهي رهندو هجي.
١٣١- ان ترئ ۾ پاڻيءَ جي جاءِ جي ماپ تي درهم پورو هوندو هو.
١٣٢- پاڻيءَ جي قرار جي جاءِ (١) جتي پاڻي قرار وٺي ٿو، هٿ جي ترئ ۾ هيٺ ڏسبي آهي.
١٣٣- ترئ جو ترو هيٺاهون آهي، جتي پاڻي بيهي ٿو.
١٣٤- جسم دار پليدي جيڪا آلي هجي جتي پهچندي ان کي آلو ڪندي.
١٣٥- ان ۾ مثقال جيترو وزن درهم ڳڻيو جڏهن جسم دار پليدي قرار وٺي.
١٣٦- جيڪڏهن مثقال جي وزن کان گهٽ آهي پر(اها جسم دار پليدي) گهٽي ڪشادي پکڙي هجي.
١٣٧- ان وقت ماپ کي اعتبار ڪبو، جڏهن اها ٽڙيل هجي.
١٣٨- جسم دار پليدي جو وجود ڏوئڻ کان سواءِ ڪنهن ٻئي حيلي سان وڃايائين.
١٣٩- پر پليدي سڪي وڃي انهيءَ حال تي رهي، پوءِ ڪنهن حيلي سان انکي زائل ڪيائين.(٢)

(١) نسخي "چ،ا" ۾ بيايد ۽ نسخي "چ، د" ۽ "جه" ۾ بيابد آهي.(٢) نسخي "چ،ا" ، "چ،د" ۽ "جه" ۾ بران جاڪه بود آهي.

١۴٠- شده پاک آنجا بجز آب هين تن و جامه را حكم يكسان ببين
١۴١- مگر چونکه مانده بران جا اثر مدان پاک آنجا چو آن جا اثر
١۴٢- و ليكن اثر از مني دان معاف ببين درمختار كاين گفت صاف
١۴٣- ولي شرح حيله يكي دلک دان دگر فرک هم بحت گفتند شان
١۴۴- چو تازه ببوده بكردي تو دور بحيله بجز آب اي كان نور
١۴۵- نه پاک ست آنجا شنو مطلقا مگر در يكي جا بباشد روا
١۴٦- يكي جا چو موزه و يا نعل او بتندار گشته همه تر نكو
١۴٧- كند دلک في الفور نا خشک نيز بنزد ابي يوسف پر تميز
١۴٨- نمانده چو با دلک باقي اثر بود پاک جز آب اي خوش سير
١۴٩- بايضاح فتوىٰ برين گفت صاف ببين بوالمكارم چنين گفت صاف
١٥٠- بدان چيست تندار اينجا مراد بنزد فقيهان بداري تو ياد
١٥١- تنش چون بماند هويدا بحال نه با خشک گشتن بگردد زوال
١٥٢- بود هرچه باقي تنش پس جفاف برو نام تندار گفتند صاف
١٥٣- وگر بول بر نعل افتاده زود برين بول چون خاک چسفيده بود
١٥۴- شده نيز تندار داري تو ياد برين درمختار فتوىٰ بداد
١٥٥- ولي چون مني تر بود بر تنش زوالش نموده بجز شستنش
١٥٦- بقولي بگردد تنش پاک نيز برين قول باور مكن اي عزيز
١٥٧- ولي چونكه يابس بگردد مني بجامه بود يا بتن خود سني
١٥٨- پليدي نباشد بجايش دگر زوالش بفركش كند خوبتر
١٥٩- شود پاک جامه بنزد همه تنش پاک گردد بقولي چو مه
١٦٠- اصح ست اين قول بسيار به همين ست در درمختار به
١٦١- چو از غير تندار نيم درم ز وجه مساحت بود يک درم
١٦٢- دگر نيم مثقال تندار نيز نه مانع نمازست اين هر دو چيز
١٦٣- ازين هر دو نيمش چو زائد يكي ست نه جائز نماز ست درين جا بايست

١٤٠- اها جاءِ پاڻيءَ کانسواءِ ائين پاڪ ٿي ويندي. جسم ۽ ڪپڙي جو حڪم ساڳيو آهي.
١٤١- پر جيڪڏهن ان جاءِ ۾ پليديءَ جو ڪجهه اثر رهيو هجي ته پوءِ اها جاءِ پاڪ نه ڄاڻ.
١٤٢- پر منيءَ جو اثر هجي ته معاف آهي، الدرالمختار ڏسو، جنهن ائين چيو آهي.
١٤٣- پر حيلي جو بيان ٻڌو، هڪ مهٽڻ ٻيو ڪرڙڻ، جنهن کي "نحت" به چوندا آهن.
١٤٤- جڏهن اها پليدي اجا تازي هجي ۽ پاڻيءَ کانسواءِ ڪنهن ٻئي حيلي سان پري ڪئي وڃي.
١٤٥- اها جاءِ پاڪ نه چئبي، پر هڪ جاءِ تي ائين ڪرڻ جائز آهي.
١٤٦- هڪ جاءِ جيئن موزو يا جُتي، جو جسم دار پليديءَ سان سموري آلي ٿي وئي هجي.
١٤٧- انهيءَ اڻ سڪل پليديءَ کي به امام ابو يوسف وٽ فوراً مهٽڻ گهرجي.
١٤٨- جيڪڏهن مهٽڻ سان پليديءَ جو اثر باقي نه رهي ته پاڻيءَ کانسواءِ به اها جاءِ پاڪ چئبي.
١٤٩- ايضاح ۾ ان تي فتوىٰ ڏني اٿس، ابوالمڪارم به ائين چيو آهي.
١٥٠- تون اها ڳالهه چاڻي ياد رک ته جسم دار پليديءَ مان فقيهن جي هت ڪهڙي مراد آهي؟
١٥١- اها پليدي جنهن جو جسم ظاهر هجي ۽ سُڪڻ سان به ان جو جسم زائل نه ٿئي.
١٥٢- جنهن پليديءَ جو سڪڻ کان پوءِ جسم باقي هجي، ان پليدي کي جسمدار چون ٿا.
١٥٣- جيڪڏهن جتي کي پيشاب لڳو ۽ ان پيشاب تي وري مٽي چنبڙي وئي.
١٥٤- ته اها به پليدي جسمدار چئبي، انهيءَ تي الدرالمختار فتوىٰ ڏني آهي.
١٥٥- پر جيڪڏهن جسم تي آلي مني لڳل هجي ۽ ان کي پاڻيءَ کان سواءِ زائل ڪيائين.
١٥٦- هڪ قول موجب سندس بدن به پاڪ ٿيو، پر انهيءَ قول تي پروسو نه ڪبو.
١٥٧- پر اگر مني سُڪل هجي، جيڪا ڪپڙي يا بدن تي لڳي هجي.
١٥٨- انهيءَ جاءِ تي ٻي ڪا پليدي نه هجي ۽ منيءَ کي مهٽي ۽ ڪرڙي لاٿائين.
١٥٩- سيني عالمن وٽ اهو ڪپڙو پاڪ ٿيو، هڪ قول موجب بدن به پاڪ ٿيو.
١٦٠- هيءَ قول اَصح ۽ بهتر آهي، الدرالمختار ۾ به انهيءَ کي بهتر چيو ويو آهي.
١٦١- اڌ درم غير جسمدار پليديءَ جو، جيڪا ماپ جي لحاظ کان هڪ درم هجي.
١٦٢- ٻيو اڌُ مشقال جسمدار پليديءَ جو به، اهي ٻئي پليديون(ايترو انداز) نماز کان مانع نه آهن.
١٦٣- انهن ٻنهي اڌن پليدين مان جيڪڏهن ڪوبه اڌ زياده ٿيو ته ان سان نماز جائز نه ٿيندي.

١٦۴- مدان جمع وزن و مساحت مدام — ز تندار واحد شنو این کلام
١٦٥- هرآن چیز مائع که پاک ست آن — چو گشته نجس با غلیظه عیان
١٦٦- چنانچه فتاده پلیدي بآب — ولي هم رقیق ست نه اصلش خراب
١٦٧- ازان قدر درهم مساحت شمار — چو عین نجاست بود این شمار(١)
١٦٨- چو مائع بچیزِ دگر شد کثیف — همان چیز بوده نجس اي منیف
١٦٩- ازان وزن مثقال دان معتبر — خفیفه غلیظه تو یکسان نگر
١٧٠- خفیفه چو تندار باشد گهي — ازان وزن مثقال یابد رهي
١٧١- چه تندار در حکم یک آمده — غلیظه خفیفه برابر شده
١٧٢- مگر چون خفیفه ببوده یسیر — چو با آب تر شد بگشته کثیر
١٧٣- چو با آب تر شد کند انتشار — ازان ربع جامه بکن اعتبار
١٧۴- چو در آب جاري خفیفه فتاد — اثر از خفیفه دران رو نهاد
١٧٥- همان آب جاري خفیفه شناس — بحکم خفیفه بکن تو قیاس
١٧٦- ولي اعتباري کم و بیش آن — بوقت نماز ست نه در پیش آن
١٧٧- بوقت رسیدن اگر کمتر ست — ازان بعد مدت اگر اکثر ست
١٧٨- نمازش روا نیست پس انتشار — بپیشش روا دان مع الاعتبار
١٧٩- بیاموز حکم خفیفه ز من — بجامه رسیده همان یا بتن
١٨٠- اگر ربع جامه ز جامه عیان — بود گرچه مرکب ز قطعات آن
١٨١- و یا ربع تن او ز جمله بدن — و یا ربع موزه شنو قول من
١٨٢- همه ربع کامل اگر تر شده — خفیفه باین قدر اکثر شده
١٨٣- باین قدر گردد نمازش تباه — ازین کم معاف ست بي اشتباه
١٨۴- و لیکن بمفتاح کرده خطا — که او ربع را گفت عفو و روا
١٨٥- بود ربع مجموع تن معتبر — ز شرحِ مواهب بکن تو نظر
١٨٦- ز مجموع جامه ز موزه همه — چنین حکم در ربع ظاهر شده
١٨٧- بمذهب محمد همین ست تمام — بیامد روایت یکي از امام

(١) شمار اول امر ست از شماردن و ثاني بمعنیٰ عدد ست. (حاشیه مصنف)

١٦٤- رڳو هڪڙي جسمدار پليديءَ ۾ تور ۽ ماپ کي ڳڻ نہ ڪبو.
١٦٥- جيڪڏهن پنڙي پاڪ شيءِ، غليظ پليد شين سان ڳڻجڻ ڪري نجس ٿئي.
١٦٦- جيئن پليدي پاڻيءَ ۾ ڪري پئي پر اها بہ پنڙي آهي.
١٦٧- ان مان درهم جو قدر ماپ جي لحاظ سان نجس العين چئبو.(١)
١٦٨- جيڪڏهن پنڙي (پاڪ) شي، ٻي پليد شيءِ سان ڳڻجڻ ڪري گهاٽي ٿي پئي.
١٦٩- انهيءَ ۾ مثقال جي وزن کي اعتبار ڪر خفيفي ۽ غليظي پليديءَ کي هڪجهڙو سمجهہ.
١٧٠- خفيفي پليدي جنهن وقت جسمدار هجي تہ ان ۾ بہ مثقال جي وزن کي اعتبار ڪبو.
١٧١- ڇو تہ جسمدار پليديءَ جو حڪم هڪڙو ئي آهي، تنهنڪري غليظه ۽ خفيفه برابر ٿيون.
١٧٢- پر جيڪڏهن خفيفہ ٿورڙي هئي ۽ پاڻيءَ سان آلي ٿي گهٽي ٿي پئي.
١٧٣- اها خفيفہ پاڻيءَ سان آلي ٿي تہ ٽڙندي، پوءِ ان مان ڪپڙي جو چوٿون حصو اعتبار ڪبو.
١٧٤- وهندڙ پاڻيءَ ۾ خفيفي پليدي ڪري پئي ۽ پاڻيءَ ۾ اثر ظاهر ٿيو.
١٧٥- انهيءَ وهندڙ پاڻيءَ کي خفيفي پليدي سمجهبو ۽ ان ۾ خفيفي پليدي جي حڪم جو انداز لڳائبو.
١٧٦- ۽ گهٽ وڌائي جو اعتبار نماز وقت ڪبو باقي ان کان اڳ ۾ نہ ڪبو.
١٧٧- خفيفي پليدي پهريائين لڳڻ وقت ٿوري هئي مگر پوءِ وڌي وئي.
١٧٨- پليدي جي ٽڙڻ کان پوءِ نماز جائز نہ آهي، باقي ٽڙڻ کان اڳ ۾ جائز آهي.
١٧٩- خفيفي پليدي جو حڪم مون کان سِڪُ. اها ڪپڙي کي لڳي يا جسم کي.
١٨٠- ڪپڙي جو چوٿون حصو جيتوٽيڪ ٽڪرن مان سبيل هجي.
١٨١- ۽ سموري بدن جو چوٿون حصو يا موزي جو چوٿون حصو مُلَوَثُ ٿين.
١٨٢- جيڪڏهن پورو چوٿون حصو آلو ٿيو، ايتري خفيفي پليدي گهٽي چئبي.
١٨٣- ايتري انداز ۾ (پليدي) جي هوندي نماز نہ ٿيندي، بيشڪ باقي چوٿين حصي کان گهٽ معاف آهي.
١٨٤- پر مفتاح ۾ غلطي ڪئي اٿس، جو اُن چوٿين حصي کي معاف ۽ جائز چيو آهي.
١٨٥- شرح مواهب ۾ ڏس جو سموري جسم جي چوٿين حصي کي اعتبار ڪيو اٿس.
١٨٦- اهڙيءَ طرح ساري ڪپڙي ۽ سموري موزي جي چوٿين حصي ۾ حڪم ظاهر آهي.
١٨٧- امام محمد جي مذهب ۾ ائين آهي ۽ امام اعظم کان بہ هڪ روايت آئي آهي.

(١) پهريون لفظ شمار امر آهي شماردن مان ورتل ۽ ٻيو عدد جي معنيٰ سان آهي. (حاشيه مصنف)

١٨٨- همين قول را در متانه گزيد — صحيحش بگفته بکوشش مزيد
١٨٩- چنين درمختار گفته صريح — ببين شرح منيه که گفته صحيح
١٩٠- بنزد محمد دو بول ست پاک — يکي بول اسپ ست مشو خشمناک
١٩١- دگر دان تو بولِ بهيمه حلال — ببالا شنيدي همه اين مقال
١٩٢- ولي قول ديگر بود از امام — همان قول احوط بباشد تمام
١٩٣- اگر ربع اندام او تر شده — خفيفه باين قدر اکثر شده
١٩٤- و يا ربع قطعه ز جامه مخيط — مُرکب بود چون نباشد بسيط
١٩٥- و يا ربع قطعه ز موزه همه — و يا ربع جامه که نا دوخته
١٩٦- اگرچه دراز ست جامه همان — اگرچه بباشد عمامه همان
١٩٧- بود ربع مانع جوازِ نماز — ازين کم معاف ست اي دل نواز
١٩٨- همين قول را بوالمکارم نوشت — برين داد فتوىٰ دگر را بهشت
١٩٩- بمفتاح کرده خطا، بي خلاف — که او ربع را نيز گفته معاف
٢٠٠- درين جا سه قول از ابي يوسف ست — بدانم که او در يکي منصف ست
٢٠١- بود شبر در شبر را اعتبار — همين قدر مانع بود در شمار
٢٠٢- همين قدر در فهم آسان تر ست — تن و جامه را نيز يکسان تر ست
٢٠٣- اگر چند کرات آبِ پليد — بيکجا ز جامه عيان مي رسيد
٢٠٤- بهر بار ظاهر نداوت شده — ولي خشک هر بار گشته بُدَه
٢٠٥- چو مجموع آن چند کرات آب — بيکبارگي مي رسيدي شتاب
٢٠٦- بدان آب سيراب جامه شدي — پليد ست آن قدر جامه جَلي
٢٠٧- چو اندک پليدي بود بر تنش — دگر در لباسي که پوشيدنش
٢٠٨- اگر هر دو را جمع کرده شود — ز مقدار درهم زياده شود
٢٠٩- چو هر دو غليظه بود مانع ست — اگرچه پراگندها واقع ست
٢١٠- چو هر دو خفيفه بربعِ يکي — بکن اعتبارش بدان بي شکي
٢١١- چو ملبوس ولابس درينجا يک ست — تن و جامه را حکم يک بي شک ست

١٨٨- متانه ۾ اهو قول قبول ڪيو ويو آهي ۽ ان کي صحيح چيو اٿس.
١٨٩- الدرالمختار ۾ ائين صريح چيو آهي، ”شرح منيه“ ڏسو ان ۾ صحيح چيو آهي.
١٩٠- امام محمد وٽ ۾ پيشاب پاڪ آهن، هڪ گهوڙي جو پيشاب آهي تون ڪاوڙ نه ڪر.
١٩١- ٻيو حلال جانور جو پيشاب پاڪ آهي، اها سموري گفتگو مٿي ٻڌي آيو آهين.
١٩٢- امام اعظم جو ٻيو ٻه قول آهي ۽ اهو قول اَحوَطُ (وڌيڪ تاڪيد وارو) آهي.
١٩٣- جيڪڏهن عضوي جو چوٿون حصو ان سان آلو ٿيو ته خفيفي ايتري انداز ۾ گهٽي چئبي.
١٩٤- يا سبيل ڪپڙي جي ٽڪر جو چوٿون حصو، جيڪو مُرَڪَبُ هجي ۽ بسيط نه هجي.(پليد ٿئي).
١٩٥- يا موزي جي ٽڪري جو چوٿون حصو يا ان سبيل ڪپڙي جو چوٿون حصو(پليدٿئي).
١٩٦- اگرچه اهو ڪپڙو ڍگهو هجي پلي ڪٽي پڳ هجي.
١٩٧- اهو چوٿون حصو نماز کي مانع آهي، باقي ان کان گهٽ معاف آهي.
١٩٨- ٻيا قول ڇڏي، ابوالمڪارم هي قول لکي، ان تي فتوىٰ ڏني آهي.
١٩٩- مفتاح ۾ خطا ڪئي اٿس، جو ان چوٿين حصي کي ٻه معاف قرار ڏنو آهي.
٢٠٠- هت امام ابو يوسف جا ٽي قول آهن، انهن مان هڪڙي ۾ مُنصِفُ آهي.
٢٠١- همچورس گرانٺ کي اعتبار آهي ۽ ايترو قدر نماز کي مانع آهي.
٢٠٢- اهو انداز سمجهڻ ۾ سولو آهي، جسم ۽ ڪپڙي لاءِ برابر آهي.
٢٠٣- جيڪڏهن گهٽا پيرا پليد پاٽي ڪپڙي مان هڪ جاءِ تي پهتو.
٢٠٤- هر پيري ظاهر ۾ آلاڻ ٿئي تي پر سڪي ٻه وجي ٿي.
٢٠٥- جيڪڏهن انهن پيرن جو پاٽي گڏيل طور هڪ ئي دفعي پهچي ها.
٢٠٦- ته ان پاٽيءَ سان ڪپڙو چڱيءَ طرح پُسي ها ته اوترو انداز ڪپڙو پليد آهي.
٢٠٧- جيڪڏهن ٿوري پليدي بدن تي ۽ ٿوري ڍڪيل ڪپڙن تي آهي.
٢٠٨- اگر بدن ۽ ڪپڙن جي پليدي گڏي ڏسجي ته درهم کان زياده ٿئي.
٢٠٩- ٻئي نجاستون غليظ هونديون ته مانع آهن، توڙي ڪٽي ٽڙيل هجن.
٢١٠- جي ٻئي نجاستون خفيفي آهن ته ڪپڙي يا جسم جو چوٿون حصو اعتبار ڪر.
٢١١- جي لباس ۽ لباس ڍڪيندڙ، هڪ آهن ته ڪپڙي ۽ جسم جو حڪم هِڪُ آهي.

۲۱۲- غلیظه بود چند جاها اگر — خفیفه بود در مواضع دگر
۲۱۳- ز جامه بود یا ز تن او بود — و یا در مواضع ز هر دو بود
۲۱۴- چو مجموع گردد فزون از درم — منافي نماز ست این قدر هم
۲۱۵- خفیفه بحکمِ غلیظه شده — چو هر دو بیک دم بهم آمده
۲۱۶- چنین در متانه بگفته متین — ببین درمختار یابي یقین
۲۱۷- ولي بوالمکارم دگر طور گفت — خفیفه غلیظه چو گشتند جفت
۲۱۸- چو نیم درم از غلیظه رسید — دگر ثمن ثوب از خفیفه پلید
۲۱۹- معاف ست همه این نه زائد ازین — باین طور از بوالمکارم گزین

باب آب مطلق و مقید و شرح هر یک

۱- شنو آب مطلق دگر هم میاه — یکي آب مطلق بود آب چاه
۲- دگر آب چشمه که بر مي جهد — که خود را زِ چشمه ببیرون نهد
۳- سیوم آب جاري ست در رودها — چهارم بود آب دریاءها
۴- همان بحر مواج هم پاک هست — همیشه غرنده(۱) غضبناک هست
۵- بقیه بمانده ز طوفان نوح — شب و روز هم مضطرب مثل یُوح
۶- شب و روز هم میکنند جز رمد — بسي آب شورش برون مي دمد
۷- بود آب پنجم چو آبِ سما — ز بالا شود بر زمین رو نما
۸- ولي ثلج(۲) آب ست چو باشد گداز — باندک گدازش وضو را مساز
۹- که باشد کراهت وضو آن زمان — و لیکن روا مي بود بي گمان
۱۰- بدان آب شبنم ز آبِ سما ست — وضو ساختن با نَدا(۳) هم روا ست

(۱) در نسخهایٔ دیگر غر نبد بصیغه مضارع و مصدر آن غر نبیدن ست و درین نسخه غرِنده بصیغه اسم فاعل آمده است پس مصدر آن غریدن است و معني هر دو مصادر یکسان است. (دکتر غلام محمد داهري)
(۲) و آبي که بعد مدت بسردي منجمد گردد آن را جمد گویند و چون وقت نزولش منجمد بود آن را ثلج گویند. (حاشیه مصنف) (۳) نَدا: نَم را گویند. بیت بپرسیدم از پارسي گو نَدا چیست؟
بپرسیدمش من نَدا را نَدانم،
بگفتا نَدانم ندانم ندانم. (حاشیه مصنف)

٢١٢- جيڪڏهن ڪُجهه جاين تي غليظي هجي ۽ ٻين جاين تي خفيفي هجي.
٢١٣- اهي پليديون ڪپڙي تي هجن يا جسم تي هجن يا ٻئي مختلف جاين تي هجن.
٢١٤- جي گڏجي درم (درهم) کان وَڌن ته، اهو انداز نماز کان مانع آهي.
٢١٥- خفيفي ۽ غليظي هڪ حڪم ۾ آهن اگر ٻئي هڪ وقت گڏ ٿين.
٢١٦- ائين متانه ۾ لکيو اٿس، الدرالمختار ڏس ته يقين اچئي.
٢١٧- پر ابوالمڪارم ٻي طرح لکيو آهي ته غليظي ۽ خفيفي گڏ ٿين.
٢١٨- جڏهن غليظي مان اَڌ درهم ۽ خفيفي مان اَٺون حصو ڪپڙي تي لڳي.
٢١٩- ايترو قدر معاف آهي زياده نه. ابوالمڪارم اهڙيءَ طرح قبوليو آهي.

مطلق ۽ مقيد پاڻي ۽ هرهڪ جي بيان جو باب

١- مطلق پاڻي ٻڌو ۽ ٻيا پاڻي به. هڪ مطلق پاڻي کُوهه جو پاڻي آهي.
٢- ٻيو چشمي جو پاڻي، جو ان مان نڪري ٿو ۽ چشمي کان ٻاهر پاڻ کي، اهو پاڻي اُجلي ٿو.
٣- ٽيون واهن جو پاڻي، چوٿون درياء جو پاڻي آهي.
٤- اهو درياء جو موج ڪري، گجڪار (گجڪوڙ) ڪري، غضبناڪ ٿئي ٿو، پاڪ آهي.(١)
٥- اهو حضرت نوح جي طوفان جو بچيل پاڻي آهي، جيڪو سچ وانگر سدائين مضطرب رهي ٿو.
٦- رات ڏينهن ڇوليون هٽي اُٿلي پوي ٿو.
٧- پنجون قسم آسماني پاڻي، جو اُبَ کان زمين تي ظاهر ٿئي ٿو.
٨- پر برف پاڻي آهي جڏهن ڳرندڙ هجي، ٿوري ڳرندڙ مان وضو نه ڪري.
٩- ان وقت ان مان وضو ڪرڻ ڪراهت آهي، مگر وضو جائز ٿئي ٿو.
١٠- مآڪَ به آسماني پاڻي آهي، ان جي آلاڻ سان به وضو ڪرڻ جائز آهي.(٢)(٣)

(١) ٻين نسخن ۾ غرنبد مضارع جي صيغي سان آهي ۽ ان جي مصدر غرنبيدن آهي ۽ هن نسخي ۾ غرنده اسم فاعل جي صيغي سان آهي پوءِ ان جي مصدر غريدن آهي ۽ معنيٰ ٻنهي مصدرن جي ساڳي آهي. (ڊاڪٽرغ.م)
(٢) جيڪو پاڻي گهڻي مدت کان پوءِ ٿڌ جي ڪري ڄمي وڃي ته ان کي جمد چوندا آهن ۽ جڏهن مٿان لهڻ مهل نه ڄمي وڃي ته ان کي برف چوندا آهن. (حاشيه مصنف) (٣) ندا: نم کي چوَن. ترجمو: مون هڪ پارسي ڳالهائيندڙ کان پڇيو ته ندا ڇا آهي؟ مون ان کان پڇيو ته مون کي ندا جي معنيٰ جي خبر نه آهي جواب ڏنائين ته ندا جي معنيٰ نَمَ (آلاڻ ۽ تري) آهي ندا بمعنيٰ نم، ندا بمعنيٰ نم آهي. (حاشيه مصنف)

١١- چه شبنم بود در حقيقت مطر — شود جمع بر برگها سبز تر
١٢- بجز ابر بارد ز سردي هوا — ز سردي زمين ست سردي جدا
١٣- گهي هست سردي بروئي زمين — هوا گرم بالا بود اي امين
١٤- دران وقت شبنم نيايد فرود — چنين ست در علم هيئت ورود
١٥- بقولي ست حيوان بحري يكي — كلان ست بسيار بيحد ولي
١٦- كلان تر ز وِيسر بود بي گمان — بود گرچه وِيسر ز جمله كلان
١٧- فراخِ دهانش چو فرسنگها ست — نه مثلش ميانِ زمين و سما ست
١٨- خورد آب دريا چو بيحد همان — كند پُوز(١) آنكه سوئي آسمان
١٩- كشد دم ببالا دمد او بزور — رسد تا سما را همان آب شور
٢٠- زند آب را در هوا از دهان — شود منتشر در هوا يک زمان
٢١- فتد بر زمين چون ضعيف المطر — نمايان شود چون خفيف المطر
٢٢- مگر چون هوا گرم باشد تمام — شود خشک اندر هوا بي كلام
٢٣- همين قول را نيست اصل و سند — بظاهر گرفته نخستين مدد
٢٤- همين پنج آب ست كلي عيان — كنون آب جزوي كنم من بيان
٢٥- يكي آب از سنگ با معجزه — كه در نص قرآن عيان آمده
٢٦- همان سنگ در دست موسیٰ گهي — بسي چشمها يافته زان رهي
٢٧- دگر آب با معجزه بي بها ست — كه آن از اصابع رسولِ خدا ست
٢٨- دگر از كرامت ولي آب صاف — بديدم بچشمم بلا اختلاف
٢٩- كه بر پشت كوهان گور ولي — مدام ست آن آب شيرين جلي
٣٠- ولي نيم شبر ست مقدار آن — ز وجهش ز عمقش همين قدر دان
٣١- بگيرند آن آب را مردمان — هميشه پياپي بنوشند شان
٣٢- نه هرگز كم و بيش گردد همان — هميشه برين قدر خود جاودان
٣٣- بپهلوئي آن گور چاه ست عيان — عميق ست آن چاه دان اين بيان
٣٤- بنزديک سورت همين گور بين — بشهري كه نامش بهروچ ست متين

(١) پُوز: همه رويْ و دهان بسندي "پُوٿ". (حاشيه مصنف)

۱۱- چوٿون ماڪ حقيقت ۾ برسات آهي، جيڪا ساوَن پنن تي گَڏُ ٿئي ٿي.
۱۲- ڪڪرن کان سواءِ هوا جي سردي سبب ماڪ پوي ٿي، زمين جي سردي بي طرح آهي.
۱۳- ڪڏهن سردي زمين جي مٿاڇري تي هوندي آهي ته مٿي وري هوا گرم هوندي آهي.
۱۴- ان وقت ماڪ نه پوندي آهي، علم هيئت ۾ ائين آيو آهي.
۱۵- هڪ قول موجب هڪ بحري حيوان آهي، جيڪو تمام گهڻو وڏو آهي.
۱۶- وِيسَر (مانگرمڇ) کان وڏو ٿيندو جيئن ٽِڪ وِيسُر (مانگرمڇ) ٻين جانورن کان وڏو آهي.
۱۷- انجي وات جي ويڪر ڪيترائي فرسنگ آهي، ان جهڙو وڏو، نه زمين ۾، نه آسمان آهي.
۱۸- سمنڊ جو پاڻي تمام گهڻو پي، پوءِ پوٽ آسمان ڏانهن ڪري ٿو.(۱)
۱۹- ۽ وڏو ساهه ڪٽي ڦوڪ ڏئي ٿو ته اهو کارو پاڻي تمام گهڻو مٿي وڃي ٿو.
۲۰- وات مان هوا ۾ پاڻي اُڇلي ٿو. جيڪو يڪدم هوا ۾ ٽڙي پکڙي وڃي ٿو.
۲۱- زمين تي هلڪي بارش وانگر پوي ٿو، جيڪو ٿوري بارش (بُوندَ) وانگر ڏسڻ ۾ اچي ٿو.
۲۲- پر جي هوا تمام گرم هوندي ته، هوا ۾ خشڪ ٿي هوا سان ملي ويندو.
۲۳- هن قول جو اصل ۽ سَنَد نه آهي، رڳو ظاهري قياس آرائي ڪئي وئي آهي.
۲۴- اهي پنج پاڻي ڪُلي آهن، هاڻي آءٌ جُزوي پاڻيءَ جو بيان ڪيان ٿو.
۲۵- هڪ پاڻي جيڪو معجزي سان پٿر مان پيدا ٿئي، جنهنجو نص قرآن ۾ ذڪر آيو آهي.
۲۶- جنهن وقت اهو پٿر حضرت موسىٰ عليه السلام جي هٿ ۾ هو، جنهن مان ڪيترائي چشما جاري ٿيا.
۲۷- ٻيو معجزي جو بي بها پاڻي، جيڪو رسول الله ﷺ جي آگرين مبارڪن مان جاري ٿيو.
۲۸- ٻيو (ٽيون) ڪرامت جو صاف پاڻي، جيڪو مون پنهنجي اکين سان ڏٺو.
۲۹- هڪ ولي الله جي قبر جي تعويذ مان، سدائين اهو پاڻي مٿو آهي.
۳۰- اهو اڌ گرانٽ جيترو هو پر هر طرف کان ايترو انداز اٿس.
۳۱- اهو پاڻي ڪٽي ماڻهو هميشه پيئندا رهندا آهن.
۳۲- استعمال ڪرڻ سان اهو پاڻي گهٽ وڌ نٿو ٿئي، سدائين هڪ ڪَروءِ ساڳيو رهي ٿو.
۳۳- ان قبر جي پرسان هڪ اونهو کوهه آهي.
۳۴- "سورت" شهر جي پرسان اها قبر آهي، ان شهر جو نالو "يَرَوُچ" آهي.

(۱) پوز: يعني پوُٽ. (حاشيه مصنف)

٣٥- بپهلوئي بازار ناگوريان ✿ همين گور آنجا ست اي صوفيان
٣٦- بهروچ ست بر حد گجرات خوب ✿ بود حد گجرات جانب جنوب
٣٧- نه آب ست مطلق جز اين آبها ✿ بباشد بجز اين وضو نا روا
٣٨- شود گرچه بيرون بجز اعتصار ✿ ز برگ درختان و يا از ثمار
٣٩- و يا از درختان و يا از نبات ✿ وضو نا روا هم باين ناميات
٤٠- اگرچه بود آب، آبِ كَرم ✿ بجز سعي جاري شود دم بدم
٤١- اگرچه نبيذ تمر مي بود ✿ اگرچه ز ديگر ثمر مي بود
٤٢- همين قول مختار مفتيٰ به است ✿ برين دار باور كه قول اين به است
٤٣- ازان درمختار مختار گفت ✿ ببين شرح منيه كه اين در بسفت
٤٤- مخالف بود قول بعضي متون ✿ چو آب شجر بي عمل شد برون
٤٥- دگر آب باشد نبيذ تمر ✿ همين هر دو آب اين تو مطلق نگر
٤٦- همين قول مردود نزديک ما ست ✿ چو قول نخستين بود حق راست
٤٧- بدان اهل تحقيق اين قول را ✿ نه مردود گفتند اي نيک راء
٤٨- بود آب اشجار آب زمين ✿ كه جاري شود از شجر اي امين
٤٩- وگر گشت جاري مع الاعتصار ✿ نه آب ست مطلق شنو اين شمار
٥٠- اگر غير مائع بود چيز پاک ✿ نباتي بود يا بود مثل خاک
٥١- چو در آب مطلق بانداختند ✿ سه اوصاف از آب هم تاختند
٥٢- بسه شرط جائز وضو آمده ✿ بآن آب مطلق كه گفته شده
٥٣- بدان شرح اوصاف رنگ ست يكي ✿ مزه هم دگر بو، بود بي شكي
٥٤- سه وصف ست اينجا همين ياد دار ✿ دگر جا سه آثار هم اين شمار
٥٥- بهرجاكه گويند مانده اثر ✿ مراد از اثر وصف يک تو نگر
٥٦- شروطِ ثلاثه كه گفته شده ✿ يكي زان وجودي شنو آمده
٥٧- سلامت بود طبع آبِ تمام ✿ نگشته طبيعت كه سابق مدام
٥٨- چو سيلان و رقت بود طبع آب ✿ چو باقي بباشد شنو اين جواب

٣٥- اي صُوفيو! ناگورين جي بازار جي پرسان، اُتي اها قبر موجود آهي.
٣٦- پڙوچ گجرات جي حد وٽ آهي، گجرات جي حد ڏکڻ طرف آهي.
٣٧- هنن پاڻن کانسواءِ ٻيو کوبہ پاڻي مطلق نہ آهي ۽ هنن پاڻن کانسواءِ ٻين سان وضو ڪرڻ جائز نہ آهي.
٣٨- اهو ٻيو پاڻي جيتوڻيڪ نپوڙڻ کان سواءِ وڻن جي پنن مان يا ميوات مان نڪري.
٣٩- وڻن ۽ سبز سلن مان نڪتل پاڻيءَ سان بہ وضو ناجائز آهي.
٤٠- اگرچہ اهو پاڻي انگور جو هجي، جيڪو ڪوشش ڪرڻ کانسواءِ پاڻهي ٻاهر نڪري وهي ٿو.
٤١- يا ڪارڪن جي نپوڙڻ يا ٻين ميون جي نپوڙڻ مان پاڻي نڪتو هجي.
٤٢- هي قول مختار ۽ مفتىٰ بہ آهي، هن تي ڀروسو ڪر ڇو تہ هي قول بهتر آهي.
٤٣- انهيءَ ڪري الدرالمختار انکي مختار چيو آهي، "شرح منيہ" ڏِسُ جنهن هي موتي پُوتا آهن.
٤٤- ڪن متنن ۾ انجي خلاف لکيل آهي تہ اگر وڻ مان پاڻي بنا حيلي جي پاڻهي ظاهر ٿئي.
٤٥- ٻيو پاڻي ڪارڪن جو نپوڙو هجي تہ، اهي ٻئي پاڻي بہ مطلق سمجهو.
٤٦- اسان وٽ اهو قول مردود آهي ۽ پهريون قول حق ۽ صحيح آهي.
٤٧- پر ڄاڻ تہ اهل تحقيق هن قول کي مردود نہ چيو آهي.
٤٨- وڻن جو پاڻي بہ زمين جو پاڻي آهي، جيڪو وڻن مان جاري ٿئي ٿو.
٤٩- اگر نپوڙڻ سان پاڻي جاري ٿيو تہ اهو پاڻي مطلق نہ آهي.
٥٠- جيڪڏهن غير مائع (پڪي) شيءِ پاڪ هجي، پوءِ اها نباتي هجي يا مٽي وانگر هجي.
٥١- جڏهن (اها پاڪ پڪي شيءِ) مطلق پاڻيءَ ۾ وڃي وئي تہ پاڻيءَ جون ٽئي وصفون وَيون هليون.
٥٢- ان مطلق پاڻيءَ سان وضو ٽن شرطن تي جائز ٿيندو.
٥٣- وصفن جو بيان سُڃاڻ. هڪ رنگ ٻيو مزو (الذت) ٽيون بُوءِ.
٥٤- هتي ٽي وصفون آهن ياد رک، ٻي جاءِ تي ٽي اثر بہ هي (وصفون) ڳڻجانءِ.
٥٥- جتي چون تہ اثر باقي آهي اتي اثر مان مراد وصف سمجهہ.
٥٦- ٽي شرط جيڪي ڄاڻايا ويا، انهن مان هڪ وجودي آهي.
٥٧- پاڻيءَ جي سابق (پهرئين) طبيعت سالم ۽ باقي هجي ۽ ڦري نہ هجي.
٥٨- پاڻيءَ جي اصل طبيعت وهڻ ۽ رقت آهي ۽ اها باقي هجي تہ جواب ڀڏو.

٥٩- ازان آب جائز وضو هم شده — اگرچه سه اوصاف رفته همه
٦٠- چو زير درختان بباشد غدير — كه آبش تغير گرفته كثير
٦١- باوراق رفته سه اوصاف آب — و ليكن رقيق ست سيال داب
٦٢- بآن آب جائز بباشد وضو — همين ست تحقيق اي نيكرو
٦٣- چو مطبوخ كردند در آب چيز — چو شد سرد آن آب بر طبع نيز
٦٤- برقت بمانده شنو با تميز — بود آب مطلق بگفتم وجيز
٦٥- چو با سرد گشتن نمانده رقيق — چو در حال گرمي رقيق ست حقيق
٦٦- نه در حال گرمي وضو هم روا ست — اگرچه رقيق ست گفتم براست
٦٧- و يا مثل صابون برائي صفا — چو مطبوخ در آب شد با بَها
٦٨- اگر سرد گشته بمانده رقيق — بود آب مطلق وضو را حقيق
٦٩- وگر سرد گشته بگشته كثيف — دران حال مطلق مدان اي شريف
٧٠- پسين حال سردي شده در نظر — نخستين شده بر پسين معتبر
٧١- درين فرق باشد بسي گفتگو — ترا هم ببايد كني جستجو
٧٢- اگر آب شيرين بود اي همام — كه مُروي بود نيز منبت مدام
٧٣- بہ "اِرواء" زائل كند تشنگي — بہ "اِنبات" سبزه كشد از تگي
٧٤- چو اين هر دو طبعش گُسِسته شده — بهمراه چيزي بر آتش كده
٧٥- بدان آب هرگز نه جائز وضو ست — ببين درمختار اي نيک دوست
٧٦- مگر مثل صابون چو اشخار شور — و يا مثل شوره كه بسيار شور
٧٧- دو شرط ست عدمي يكي بين شتاب — نه مسكر بگردد ازان چيز آب
٧٨- چو در آب افتد بسي زعفران — كه مسكر شود با يقين بي كران
٧٩- بدان آب هرگز نه جائز وضو ست — همين شرط نزديک بعضي نكو ست
٨٠- دگر شرط بر آب هم نام آب — بود نيز باقي شنو اين جواب
٨١- نه نامِ دگر هيچ بر آب گشت — ازان چيز مخلوط ظاهر سرشت
٨٢- نه سركه،نه شربت،نه دوشاب نيز — نباشد نقيع و مرق آب نيز

٥٩- ان پاڻيءَ مان وضو جائز آهي، اگرچہ ٽئي وصفون ويون هليون ۽ نہ رهيون.
٦٠- ٽلاءَ جيڪڏهن وڻن جي هيٺان هجي ۽ ان جو پاڻي گهڻو ڦري ۽ تبديل ٿي ويو هجي.
٦١- پنن جي پوڻ ڪري ٽئي وصفون ڦري ويون، مگر پاڻي رقيق ۽ وهندڙ آهي.
٦٢- اي سهڻا! ان پاڻيءَ سان وضو جائز آهي ۽ اها تحقيق آهي.
٦٣- ڪا شيءِ پاڻيءَ ۾ رڌي وڃي، پر ٿڌي ٿيڻ کان پوءِ پاڻيءَ جي ساڳئي طبع رهي.
٦٤- رقت باقي رهي تہ اهو پاڻي مطلق چئبو، اهي مسئلا توکي مختصر ٻڌايم.
٦٥- سرد ٿيڻ سان رقيق نہ ٿيو، جڏهن تہ گرميءَ جي حال ۾ رقيق هو.
٦٦- گرميءَ جي حالت ۾ وضو جائز نہ آهي اگرچہ رقيق هجي.
٦٧- يا صفائيءَ خاطر صابڻ جهڙي ڪا شيءِ، جڏهن پاڻيءَ ۾ رڌي وڃي.
٦٨- جيڪڏهن سرد ٿي رقيق ٿيو تہ پاڻي مطلق چئبو ۽ وضوءَ جي لائق آهي.
٦٩- اي شريف! پر جيڪڏهن سرد ٿي گهاٽو ٿيو، تڏهن مطلق پاڻي نہ چئبو.
٧٠- سرديءَ جو پويون حال نظر ۾ ٿيو، پهريون قسم پوئين قسم تي معتبر آهي.
٧١- هن جي فرق ۾ گهڻي گفتگو آهي، توکي بہ جستجو ڪرڻ گهرجي.
٧٢- جيڪڏهن پاڻي مٺو، اُڇ لاهيندڙ ۽ سلا ڄمائيندڙ آهي.
٧٣- اِرواءَ سان اڇ لهي ويندي ۽ اِنبات سان سبزي پاڙون هٽندي.
٧٤- جڏهن اهي ٻئي طبيعتون اَنَ پاڻيءَ جون، ٻيءَ شيءِ سان گڏ ڇُلهہ تي چاڙهڻ ڪري بدلجي ويون.
٧٥- اي نيڪ دوست! ان پاڻيءَ سان وضو هرگز جائز نہ آهي، الدرالمختار ڏسو.
٧٦- پر ڪارُ ۽ قلمي شورو صابڻ وانگر آهن.
٧٧- عدمي جا ٻہ شرط آهن، هڪ تہ پاڻي انهيءَ شيءِ جي ڪري مُسڪِرُ (نشوڪرائيندڙ) نہ ٿئي.
٧٨- جيڪڏهن پاڻي ۾ گهڻو زعفران پوي تہ، يقيناً مُسڪر (نشه آور) ٿيندو.
٧٩- ان پاڻيءَ سان هرگز وضو جائز نہ آهي بعضي عالمن وٽ اهو چڱو شرط آهي.
٨٠- ٻيو شرط تہ پاڻيءَ تي پاڻي جو نالو باقي رهي هي جواب ٻڌو.
٨١- ۽ ان گڏيل شيءِ جي ظاهر طبع مطابق پاڻيءَ تي ڪو ٻيو نالو نہ پوي.
٨٢- نہ سُرڪو نہ شربت، نہ دوشاب (شيره انگور) نہ نقيع (نپوڙو)، نہ رهو هجي.

٨٣- نـه جائز وضو با نـبيذ ست گهي | صحيح ست اين قول در هر دهي
٨٤- اگر ملـح آبـي، بشـد آب صاف | نـه آب ست مطلق بلا اختلاف
٨٥- اگـرچـه نـ نـامند آنـرا نـمـک | ببين دُرمختـار يـابـي محک
٨٦- و ليكن جمد چون بگشته مذاب | بنرد همـه گشت تحقيق آب
٨٧- اگـر چيـز رنگين نهد نام رنگ | بـران آب مطلق شنو بي درنگ
٨٨- نمانـده همـان آب مطلق نكو | بـود گـرچـه سيال اي نيكـرو
٨٩- هـر آنچه گذشته كنون اي عزيز | مرا گشت مفهوم زان پنج چيز
٩٠- كـه آن پنج باشد طبائع مياه | طبائع ميـاه ست بي اشتباه
٩١- مزيل طبائع مياه ست جماد | دگـر هم نبات ست داري تو ياد
٩٢- يكي طبع آب ست رقت عيـان | كـه آنـرا بتفصيل كـردم بيـان
٩٣- دگـر غيـر مسكر ببودن بـدان | نـه آب ست مسكر بدان جاودان
٩٤- سيوم نام بـر آب بـودن چـو آب | نـه نـامِ دگر هيچ جز آب نـاب
٩٥- چـو بر آب باقي ست نـامِ مياه | همان نام بر طبع آب ست گواه
٩٦- ازين سه طبيعت نه خالي ست آب | اگـرچه بود شور بين در كتاب
٩٧- دو طبع ست باقي ازين پنج چيز | كـه در آب شيرين بود اي عزيز
٩٨- كه مخصوص در آب شيرين مدام | همين هر دو طبع ست اي نيک نام
٩٩- يكـي تشنگي را بَبُـردن تـمـام | كـه آنـرا بتازي ست اِرواء نـام
١٠٠- كه مر مردمان را ست مُروي مدام | بـود دافـع تشنگي اي همـام
١٠١- دگـر نيـز انبات سبـزه گيـاه | چـه منبت گياه ست شيرين مياه
١٠٢- ميان همين هر دو طبعش عيان | تـلازم بباشـد شنـو ايـن بيـان
١٠٣- همين هر دو طبعش بگفتند شان | ببين "درمختـار" يـابـي نشـان
١٠٤- چـو در آب غلـه بپـختـه شـده | همين هر دو طبعش بـرفتـه همـه
١٠٥- و يا تلـخ چيـزي و يـا شور چيز | كني خلط بآب شيرين تو نيز
١٠٦- و ليـكـن بـرائـي دوا ايـن اخيـر | كـنـي خلط با آب دان اين نظير

٨٣- نبيذ (نپوڙي) سان وضو جائز نہ آهي، هي قول هر هنڌ صحيح آهي.
٨٤- جيڪڏهن پاڻيءَ وارو لُوڻ پاڻي ٿي پوي تہ، بنا اختلاف جي اهو مطلق پاڻي نہ آهي.
٨٥- توڙي ڪٿي ان کي لوڻ نہ سڏين، الدرالمختار ڏس تہ ڪَسوٽي حاصل ٿئي.
٨٦- پر لوڻ ڄميل ڳري اگر پڇي پيو تہ، سيني عالمن وٽ پاڻي ڇئبو.
٨٧- رنگين شيءِ سان رنگ جو نالو، ان مطلق پاڻي تي پيو تہ بنا دير ڀڏو.
٨٨-(اِي سهڻا! اهو پاڻي مطلق نہ رهيو، اگرچہ وهندڙ هجي.
٨٩- هاڻي جيڪو بيان گذري چڪو، ان مان مون کي پنج شيون معلوم ٿيون.
٩٠- بيشڪ اهي پنج طبيعتون پاڻيءَ جون آهن.
٩١- هڪ جُمود جيڪو پاڻيءَ جي طبيعت وڃائي ٿو، پيو نبات(ڦُتَڻ ۽ ڄَمڻ) آهي ياد رک.
٩٢- هڪ پاڻيءَ جي طبيعت رقت آهي، جنهن جو تفصيل سان بيان ڪيم.
٩٣- پيو غير مسُڪر هجڻ، ڇو تہ پاڻي مسُڪر (نشہ آور) نہ هوندو آهي.
٩٤- ٽيون پاڻيءَ تي، پاڻيءَ جو نالو برقرار هُجي ۽ پاڻيءَ کان سواءِ پيو نالو نہ پوي.
٩٥- پاڻيءَ تي، پاڻي، نالو باقي رهڻ، ان جي طبيعت جو شاهد آهي.
٩٦- پاڻي انهن ٽن طبيعتن (وصفن) کان خالي ناهي، اگرچہ کارو هجي.
٩٧- انهن پنجن شين مان ٻہ طبيعتون (وصفون)، باقي متي پاڻي ۾ موجود آهن.
٩٨- اهي ٻئي طبيعتون (وصفون) سدائين متي پاڻيءَ ۾ مخصوص آهن.
٩٩- هڪ اُڃَ کي لاهڻ، جنهن کي عربي زبان ۾ "اِرَواءُ" چون ٿا.
١٠٠- ۽ اهو پاڻي سدائين ماڻهن جي اُڃَ لاهيندڙ آهي.
١٠١- پيو سائي گاهہ کي بہ ڦُٽائڻ، ڇو تہ متو پاڻي گاهہ ڦٽائيندڙ آهي.
١٠٢- انهن ٻنهي طبيعتن (وصفن) جي پاڻ ۾ لُزوميت آهي.
١٠٣- پاڻيءَ جون اهي ٻئي طبيعتون (وصفون) ڇيون اٿن، الدرالمختار ڏسو.
١٠٤- جڏهن پاڻيءَ ۾ ان کي رڏيو وبو ۽ سندس ٻئي طبيعتون (وصفون) زائل ٿيون.
١٠٥- جيڪڏهن پاڻيءَ ۾ ڪا ڪوڙي يا ڪاري شيءِ ملائي وئي.
١٠٦- پر دوا خاطر پوئين شيءِ پاڻيءَ سان ملايائين.

١٠٧- چو این هر دو طبعش بگشته زوال — وضو نیست جائز بآن هیچ حال
١٠٨- بود گرچه سیال آبِ همان — چو رفته دو طبعش هم بي گمان
١٠٩- اگر هر دو طبعش نرفته تمام — بود نیز سیال دان این کلام
١١٠- توضي بدان آب جائز بدان — برین دار باور بدان جاودان
١١١- اگر بهر تنظیف اشخار شور — و یا مثل صابون که بسیار شور
١١٢- چو در آب آنرا بینداختند — همین هر دو طبعش فنا ساختند
١١٣- و یا جوش دادند آن آب را — بهمراه اشجار(١) بهر صفا
١١٤- ولي هر دو طبعش بگشته فنا — توضي بدان آب باشد روا
١١٥- چه مقصود کلي ست تنظیف آب — که حاصل بگشته شنو این جواب
١١٦- چو بي قصد رفته دو طبعش بچیز — روا دان توضي بدان آب نیز
١١٧- اگر رنگ در آب بیحد شده — ز چیزي که رنگین بباشد همه
١١٨- چو نیل سیاه ست و یا زعفران — چو در آب رنگش بود بي کران
١١٩- چنان رنگ انبوه گردد بآب — که مصبوغ جامه بسازد شتاب
١٢٠- نه این آب باشد بود صبغ نام — ببین "درمختار" یابي مرام
١٢١- و اِلا نه رنگ از وضو مانع ست — چه صاحب هدایه برین قانع ست
١٢٢- اگر چیز مائع بود پاک نیز — چو مخلوط با آب شد اي عزیز
١٢٣- بود در سه وصفش موافق بآب — برابر بود چون بدان آب ناب(٢)
١٢٤- نه مطلق بود آن مگر آب چون — زیاده بران چیز باشد فزون
١٢٥- مثالش یکي آب مستعمل ست — ز بعضي فواکه چنین حاصل ست
١٢٦- چو وصفش مخالف بآب ست یکي — چو آن وصف غالب شده بي شکي
١٢٧- نه مطلق بمانده شنو این دلیل — مثالش چو آبي ست از نارجیل(٣)
١٢٨- که شیرین بود آن بجز رنگ بو — دگر آب لیبو بجز گفتگو
١٢٩- دو وصفش مخالف بباشد اگر — یکي زین دو غالب بود سخت تر
١٣٠- نه جائز بآن آب باشد وضو — چو گشته یکي وصف، ني گشت دو

(١)دربسه نسخهاي ديگر (خطي)اشخار نوشته. (٢) ناب: خالص (منتخب) (٣) نارجیل: سندي ناریل.

١٠٧- جڏهن ٻئي طبيعتون(وصفون) زائل ٿيون ته، ان پاڻيءَ سان ڪنهن به صورت ۾ وضو جائز نه آهي.
١٠٨- اگرچه اهو پاڻي وهندڙ هجي، جڏهن ان جون ٻئي طبيعتون (وصفون) زائل ٿيون.
١٠٩- اگر سندس ٻئي طبيعتون زائل نه ٿيون ۽ پاڻي وهندڙ به آهي.
١١٠- ان پاڻيءَ سان وضو جائز آهي، ان تي پروسو رکُ.
١١١- صفائي خاطر جيڪڏهن ڪَارُ يا صابڻ جهڙيءَ ڪا اهڙي شيءِ جيڪا گهڻي ڪاري هجي.
١١٢- پاڻيءَ ۾ وڌائين ته، پاڻيءَ جون ٻئي وصفون فنا ٿي ويون.
١١٣- يا ان پاڻيءَ کي صفائي خاطر، وڻن جي پنن يا ٽارين سان گڏ ٽهڪايائون.(١)
١١٤- ۽ پاڻيءَ جون ٻئي طبيعتون(وصفون) فنا ٿيون ته، انهيءَ پاڻيءَ سان وضو ڪرڻ جائز آهي.
١١٥- ڇو ته مقصد پاڻيءَ جي صفائي آهي، جيڪا حاصل ٿي چڪي.
١١٦- جڏهن بناارادي جي پاڻيءَ جون ٻئي طبيعتون ڪنهن شيءِ جي ڪري ويون ته اُن سان وضو جائز آهي.
١١٧- جيڪڏهن ڪنهن رنگين شيءِ جي ڪري پاڻيءَ ۾ گهڻو رنگ ٿي ويو.
١١٨- جيئنڻن نِيرُ يا زُعفران جڏهن انهن جي رنگ جو پاڻيءَ ۾ گهڻو (اثر) هجي.
١١٩- پاڻيءَ تي رنگ جي اهڙي ته گهڻائي(غلبو) ٿئي، جو هُوند ڪپڙي کي رنگ ڏئي سگهجي.
١٢٠- هيءَ پاڻي نه چئبو ان کي رنگ چئبو، الدرالمختار ڏس ته توکي مقصد حاصل ٿئي.
١٢١- ور نه ته رنگ وضو جو مانع نه آهي صاحب "هدايه" ان تي قناعت ڪئي آهي.
١٢٢- جيڪڏهن ٻنڙي پاڪ شيءِ پاڻيءَ سان گڏجي پوي.
١٢٣- ٽنهي وصفن ۾ پاڻيءَ سان موافق هجي ۽ ان پاڻيءَ سان برابر هجي. (٢)
١٢٤- اهو پاڻي مطلق نه چئبو، مگر جڏهن ان شيءِ کان پاڻي زياده ۽ غالب هجي.
١٢٥- مثال پاڻي مستعمل هجي، ايترو ميون جو پاڻي اُن سان گڏيو.
١٢٦- ان جي وصف پاڻيءَ جي وصف کان مخالف هجي ۽ اها غالب هجي.
١٢٧- اهو پاڻي مطلق نه چئبو، اهو ناريل جي پاڻيءَ وانگر آهي.(٣)
١٢٨- جيڪو مٺو آهي پر رنگ ۽ بُوءِ نه اٿس. ٻيو ليمي جو پاڻي بنا اختلاف جي (اهڙي طرح آهي).
١٢٩- اگر ان جون ٻه وصفون مخالف هجن، هڪ وصف ٻيءَ کان گهڻي غالب هجي.
١٣٠- ان پاڻيءَ سان وضو جائز نه آهي اگر هڪ وصف ڦري ۽ ٻه نه ڦرِيُون.

(١) ٻين نسخن ۾ اُشخار لکيل آهي. (٢) ناب: خالص. (منتخب) (٣) نارجيل يعني سنڌي ناريل.

١٣١- مثالش بود شير يا دوغ ترش بيايد ازان نيز آروغ ترش
١٣٢- ببين درمختار گفته بفن مثالش بگفته صريحا لبن
١٣٣- اگر هر سه وصفش مخالف بآب دو وصفش ازين هر سه گشته شتاب
١٣٤- نه مطلق بمانده شنو اين جواب همه اين مسائل ببين در كتاب
١٣٥- همه آنچه گفتم مخالف متون ولي محض اقوىٰ ست همچون ستون
١٣٦- تفاصيل جمله بگوئي كجا ست ميان شروح و فتاواها ست
١٣٧- نخستين تو از شرح منيه ببين دگر هم ز عالمگيري گزين
١٣٨- ببين در متانه كه توفيق داد ميان عبارات گيري تو ياد
١٣٩- وگر دغدغه در دلت مي نِهي ببين "درمختار" زان هم رهي
١٤٠- مسائل كثيره مياه حياض ميان كتب هست همچون رياض
١٤١- دگر آب بير ست كثير الوقوع مسائل همين آب داري بروع
١٤٢- يكي را بگويم ز من ياد دار ترا تا درين باب آيد بكار
١٤٣- اگر آب جاري بود يا كثير چنانچه بباشد غدير كبير
١٤٤- بيفتد دران آب جيفه پديد و يا آن پليدي دگر بس پليد
١٤٥- اگر هيچ تاثير در آب نيست نه رنگ و نه بويش همه خوش تني ست
١٤٦- همان آب پاك ست دان مطلقا اگرچه بپهلوئ جيفه بجا
١٤٧- بنزديك جيفه چو سازد وضو ميان غديرِ مدان رد وضو
١٤٨- چو پيوسته آب ست بجيفه تمام كه جاري ست در جُوئي اي نيك نام
١٤٩- تجاوز بكرده ز جيفه چو آب ازان آب جائز وضو دان شتاب
١٥٠- پليدي كه هرگز ندارد اثر ميانِ اين دو آبِ شنو اين خبر
١٥١- بود آن پليدي همه كالعدم بموضع پليدي وضو كنّ بدم
١٥٢- همين قول مختار گيري بدست گرفته بعالمگيري بدست(١)
١٥٣- ببين درمختار، مختار گفت كه مختار گفتن بتكرار گفت
١٥٤- ولي قول احوط مخالف شده همان ست مشهور نزد همه

(١) در اصل نسخه "غ" خطي اين شعر معكوس نوشته است كه مصرع اول در آخر و مصرع ثاني در اول مرقوم ست

١٣١- مثال ڪير يا ڪتي لسي، جنهن مان ڪتيون اوڳرايون اچن.
١٣٢- الدرالمختار ڏسو، جنهن ڪير جو مثال ڏنو آهي.
١٣٣- اگر ان جون ٽئي وصفون پاڻيءَ جي وصفن کان خلاف آهن ۽ انهن مان ٻه نه رَهيون.
١٣٤- اهو پاڻي مطلق نه آهي، جواب ٻُڌ ۽ هي سمورا مسئلا ڪتاب ۾ ڏسو.
١٣٥- مَتنَنِ جي خلاف جيڪي چيم، اهو ٽنهي وانگر وڏي قوي آهي.
١٣٦- جيڪڏهن تون پُڇين ته سيني جا تفصيل ڪٿي آهن؟ (جواب) شرحن ۽ فتوىٰ جي ڪتابن ۾ آهن.
١٣٧- اول ته شرح مُنيَه ڏِسُ ٻيو عالمگيريءَ کي به قبول ڪر.
١٣٨- متانه ڏس جنهن سيني عبارتن ڪي موافقت ڏني آهي.
١٣٩- اجا به دل ۾ وسوسو اٿئي ته الدرالمختار ڏس ته وسوسو لهي وڃئي.
١٤٠- حوض جي پاڻيءَ جا مسئلا گهڻا آهن، جيڪي ڪتابن ۾ موجود آهن.
١٤١- ٻيو کوهه جو پاڻي، جنهنجا مسئلا گهڻا درپيش ايندا آهن، اهي مسئلا دل سان ياد ڪر.
١٤٢- هِڪُ توکي ٻڌايان ٿو ياد رکُ ته هن باب ۾ توکي ڪم اچي.
١٤٣- اگر پاڻي وهندڙ هجي يا گهڻو هجي يا وڏو چشمو هجي.
١٤٤- ان پاڻيءَ ۾ ڏُونڊي يا ٻي ڪا پليدي پوي.
١٤٥- پوءِ جيڪڏهن ان پاڻيءَ ۾ پليدي جوڪو اثر رنگ ۽ بوءِ ۾ نه آيو هجي.
١٤٦- اهو پاڻي مطلقاً (هر حال ۾) پاڪ آهي، جيتوڻيڪ ڏُونڊي جي پاسي وارو هجي.
١٤٧- تلاءَ ۾ ڏُونڊي جي پرسان وضو ڪندو ته درست آهي.
١٤٨- شاخ ۽ واهه جو پاڻي ڏُونڊي سان ٽَڪرِجي لنگهي ٿو.
١٤٩- ڏونڊي کان پاڻي لنگهي ويو ته، ان پاڻيءَ سان وضو ڪرڻ جائز آهي.
١٥٠- پاڻي جي انهن ٻنهي قسمن ۾، جيڪڏهن پليديءَ جو ڪوبه اثر ڪونهي.
١٥١- اها پليدي جڻ ته آهي ئي ڪانه، تنهنڪري پليدي واري جاءِ ۾ به وضو ڪري سگهجي ٿو.
١٥٢- عالمگيري هٿ ۾ ڪٽي ڏس، ان هن قول کي مختار چيو آهي.(١)
١٥٣- الدرالمختار ڏِسُ، جنهن هن قول کي بار بار مختار چيو آهي.
١٥٤- پر اَحوَطُ قول ان جي خلاف آهي، جيڪو سمورن عالمن وٽ مشهور آهي.

(١) نسخي "غ" ۾ هي شعر ابتڙ لکيل آهي جو پهريون مصرعو آخر ۽ ٻيو مصرعو اول ۾ لکيل آهي.

١٥٥- دگر نيز گويم يکي مسئله كه بسيار باشد دران قلقله
١٥٦- اگر موش درچاه مرده ببود ولي نيز آماس كرده ببود
١٥٧- ولي وقت مردن نه معلوم گشت بگو چيست حكم هرانچه گذشت
١٥٨- بنزد دو صاحب چو ديدند موش پليد ست آن چاه اي تيز هوش
١٥٩- ولي پيش ديدن بود چاه پاک اگرچه دران چاه موش ست هلاک
١٦٠- پليد ست آن چاه نزد امام ز مدت سه روز و سه شب اي همام
١٦١- همه را بود اصل اينجا يکي برين اصل رفتند شان بي شکي
١٦٢- چو شک ست عارض يقين لايزول همين ست اصلي ميان اصول
١٦٣- درين وجه مذهب دو صاحب امام همه ظاهر ست بي خفا اي همام
١٦٤- ولي مذهب بوحنيفه شنو قياس دقيق ست اي يار نو
١٦٥- تعارض يقينين نزديک او ست درين مسئله دان تعارض نكو ست
١٦٦- يكي با يقين چاه هم بود پاک بپاكي اصلي ست موجود پاک
١٦٧- دگر هست ظاهر سبب موت موش بظاهر سبب آن بداري تو هوش
١٦٨- چو ظاهر سبب موت شد آب چاه نه ظاهر دگر هست بي اشتباه
١٦٩- دگر احتمالي ست نادر خفي نشد معتبر آن بدان اي صفي
١٧٠- بود حكم اشيا بظاهر سبب مقرر شده اين سبب روز و شب
١٧١- سبب هم بجائي مسبب شده چو نومش بجائي حدث آمده
١٧٢- يقيناً چو ظاهر سبب موت ديد يقيناً بپاكي ست اصلي پديد
١٧٣- تعارض يقينين ظاهر شده ازان شک در آب ظاهر شده
١٧٤- شده آب مشكوک در حق بدن نه سازد ازاله حدث در زمن
١٧٥- درين مدتِ تا سه روز و سه شب اعاده نمازش كند بهر رب
١٧٦- مگر بي حدث او وضو ساخته و يا طاهري غسل زو ساخته
١٧٧- نباشد اعاده برو هيچ چيز نمازش كه كرده روا گشت نيز
١٧٨- نه اين آب پاكي كند مر پليد پليد ست بر حال اصلي پديد

١٥٥- پيو بہ هڪ مسئلو توکي ٻڌايان ٿو، جنهن ۾ گهڻو اختلاف آهي.
١٥٦- جيڪڏهن ڪئو ڪنهن کوهہ ۾ ڪري مري ۽ سُڄي وڃو.
١٥٧- پر ان ڪُئي جي مرڻ جو وقت معلوم نٿو ٿئي، تون پُڇُ تہ ان صورت ۾ ان جو ڪهڙو حڪم آهي؟
١٥٨- صاحبين وٽ جڏهن مئل ڪُئو کوهہ ۾ ڏٺائون تہ انهيءَ کوهہ جو پاڻي پليد آهي.
١٥٩- پر ڪئي جي ڏسڻ کان اڳ ۾ کوهہ جو پاڻي پاڪ چئبو، جيتوڻيڪ مئل ڪُئو ان کوهہ ۾ پيو آهي.
١٦٠- امام اعظم وٽ اهو پاڻي ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين کان پليد چئبو.
١٦١- سيني عالمن جو هت هڪُ اصل(قاعدو) آهي، جيڪي ان اصل(قاعدي) تي هليا آهن.
١٦٢- اصول(فقه) ۾ هي اصل بيان ٿيل آهي تہ عارضي شڪ سان، يقين زائل نٿو ٿئي.
١٦٣- هن وجه سان صاحبين جو مذهب ظاهر آهي ۽ ان ۾ ڪو خفاءُ (لڪل ڳالهہ) نہ آهي.
١٦٤- پر امام ابو حنيفہ جو مذهب ٻڌو، هِتِ دقيق قياس (استحسان) آهي.
١٦٥- امام ابو حنيفہ وٽ هن مسئلي ۾ ٻن يقينن جو پاڻ ۾ تعارض (مخالفت) آهي.
١٦٦- هڪ تہ يقيناً اصلي پاڪائيءَ سان کوهہ پاڪ هو.
١٦٧- پيو ڪئي جو موت ظاهر سبب آهي، انهيءَ ظاهري سبب جو بہ خيال رکُ.
١٦٨- جڏهن ڪُئي جي موت جو ظاهري سبب، کوهہ جو پاڻي آهي، ٻيو ڪوبہ سبب نہ آهي.
١٦٩- ٻيو احتمال ٿورو ۽ خفي آهي، جيڪو معتبر نہ آهي.
١٧٠- شين جو حڪم ظاهري سبب سان آهي اهو حڪم رات ۽ ڏينهن لاءِ مقرر ٿيو.
١٧١- سَبَبُ مُسَبب جي جاءِ تي ٿيو، جيئن ننڊ حدث لاءِ سبب ٿئي ٿي.
١٧٢- يقين سان ڄاتو ويو تہ (پاڻي) موت جو سبب آهي تہ اصل پاڪائي يقيني آهي.
١٧٣- ٻنهي يقينن ۾ تعارض ٿيو تہ پاڻيءَ ۾ شڪ پيدا ٿيو.
١٧٤- بدن جي حق ۾ پاڻي مشڪوڪ آهي، حدث جو ازالو نہ ڪندو.
١٧٥- ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين جي نماز ورائي پڙهي.
١٧٦- جيڪڏهن بنا حدث جي وضو ڪيائين يا پاڪ شخص ان مان غُسل ڪيو.
١٧٧- ان تي ڪنهن بہ شيءِ جو ورائڻ نہ آهي، جيڪي نمازون پڙهيائين صحيح ٿيون.
١٧٨- هيءُ پاڻي پليد کي پاڪ نہ ڪندو، پليد پنهنجي اصلي حال تي پليد چئبو.

١٧٩- نـه هرگز كند پاک را هم نجس نجس هست برحال اصلي نِحس(١)
١٨٠- طعامي كـه با آب پختند شان سگان را خـورانند اي نوجوان
١٨١- همـه گفت در درمختار صاف نگفته كه باشد درين اختلاف
١٨٢- ولي گفت اجماع باشد برين مخالف كه باشد بود بد ترين
١٨٣- بدان حكم جامه بود اقتصار دگر انقلاب(٢) ست با اعتبار
١٨٤- يكي اقتصار و دگر انقلاب بود حكم جامه كه شسته بآب
١٨٥- دران مدت كآن سه روز و شب ست اگر آب از چاه آمد بدست
١٨٦- دران آب جامه چو شسته كسي كه بود نجس با نجاست بسي
١٨٧- نمازش بكرده بجامه همان پس آن موش در چاه گشته عيان
١٨٨- پليد ست جامه چو ديدند موش بنزديک اجماع داري تو گوش
١٨٩- اعاده نمازش نباشد برو صحيح ست اين قول اي نيكرو
١٩٠- به "اِمداد فتاح" گفته صحيح ز ديگر كتب نيز آمد صريح
١٩١- دگر درمختار باشد مشير بصحت همين قول تو ياد گير
١٩٢- ولي 'نهر فائق' اعاده گويد همين است احوط بباشد اكيد
١٩٣- وگر پاک جامه بشسته همو نه هرگز اعاده بباشد برو
١٩٤- باجماع نفي اعاده شده نماز ست جائز كه كرده بُدَه
١٩٥- چه در حال جامه بگشته پليد صحيح ست اين قول اي مستفيد
١٩٦- بقولي نه جامه بشويد همان بُدَه پاک اصلي كنون همچنان
١٩٧- بدان حكم جامه درين مسئله بود مقتصر در نمازش همه
١٩٨- نه در حق جامه بود مقتصر بود بلک خود مستند در نظر
١٩٩- بجامه چو ديده پليدي كثير نه معلوم وقتش بود ياد گير
٢٠٠- نه هرگز اعاده نمازش برو كنون جامه گشته نجس نا نكو

(١) درنسخه "ج ا" ، "ج د" و "جهہ" نجس بجاي نحس نوشته است.
(٢) الانقلاب صيرورة ماليس بعلة، علة كالتعليق، والاقتصار ثبوت الحكم في الحال والاستناد ثبوته في الحال مستندا الي ما قبله كلزوم الزكواة حين الحول مستندا لوجود النصاب والتبيين ان يظهر في الحال تقدم الحكم. (درمختار من الطلاق) اگر بسيار تفصيل بخواهي پس رجوع كُن بسوئ رفع الغرية والمرية خطي للناظم العلام

١٧٩- نہ وري پاڪ کي پليد ڪندو، نجس پنهنجي اصلي حال سبب خراب آهي.(١)

١٨٠- جيڪو طعام ان پاڻيءَ سان تيار ڪيائون، اهو ڪُتن کي کارائجي.

١٨١- هيءَ سڀ ڪجهہ الدرالمختار ۾ چيو اٿس ۽ ان ۾ اختلاف نہ ڄاڻايو اٿس.

١٨٢- پر چيائين تہ ان تي اجماع آهي ۽ ان جو مخالف بد ترين چئبو.

١٨٣- ڪپڙي جو حڪم اقتصارُ، ٻيو انقلاب آهي، اعتبار ڪر. (٢)

١٨٤- جيڪو ڪپڙو ان پاڻيءَ سان ڌوتو ويو، ان جو حڪم هڪ اقتصار، ٻيو انقلاب آهي.

١٨٥- جيڪڏهن انهيءَ کوهہ جو پاڻي ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين کان وٺي استعمال ڪيو اٿن.

١٨٦- جيڪڏهن انهيءَ کوهہ جي پاڻيءَ مان ڪپڙو ڌوتو ويو، جيڪو اڳ ۾ ئي پليد هو.

١٨٧- ان ڪپڙي سان نماز ادا ڪيائين، پوءِ کوهہ ۾ مئل ڪئو ظاهر ٿيو.

١٨٨- جڏهن اهو مئل ڪئو ڏٺو ويو تہ سمورن وٽ ڪپڙو پليد چئبو ڏيان ڪر.

١٨٩- اي سهڻا! اها نماز موٽائڻي نہ آهي، هي قول صحيح آهي.

١٩٠- امداد الفتاح ان کي صحيح چيو آهي، ٻين ڪتابن ۾ بہ صحيح آيو آهي.

١٩١- الدرالمختار ۾ بہ ان قول جي صحت ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي.

١٩٢- پر النهرُالفائق ۾ نماز جو موٽائڻ لکيل آهي، اهو قول احوطُ آهي ۽ تمام تاڪيد وارو آهي.

١٩٣- جيڪڏهن (اُن کوهہ مان) پاڪ ڪپڙو ڌوتو ويو(۽ ان سان نماز پڙهيائين) تہ پوءِ اها نماز موٽائڻي نہ آهي.

١٩٤- نماز موٽائي پڙهڻي جي منع اجماع سان ثابت آهي، جيڪا نماز ادا ڪيائين جائز ٿي.

١٩٥- چو تہ ڪپڙو هاڻي (کُئي ڏسڻ کان پوءِ زمان حال ۾) پليد ٿيو آهي ۽ هي قول صحيح آهي.

١٩٦- هڪ قول موجب اهو ڪپڙو نہ ڌوئبو، جيئن اصل ۾ پاڪ هو، هاڻي بہ پاڪ آهي.

١٩٧- هن مسئلي ۾ ڪپڙي جو حڪم نماز جي حق ۾ "اِقتِصَارُ" ڄاڻ.

١٩٨- ڪپڙي جي حق ۾ "اِقتِصارُ" نہ آهي، بلڪ مُستند چئبو.

١٩٩- ڪپڙي تي گهڻي پليدي ڏٺائين، پر پليد ٿيڻ جو وقت معلوم نہ آهي.

٢٠٠- پنهنجي نماز نہ وراڻي، هاڻي ڪپڙو پليد چئبو.

(١) نسخي "ج،ا"، "ج،د" ۽ "جهہ" ۾نجس لکيل آهي. (٢) انقلاب جي معنىٰ غير علت کي علت قرار ڏيڻ جيئن تعليق کي حڪم لاءِ علت قرار ڏجي ٿو ۽ اقتِصار جي معنىٰ في الحال حڪم ثابت ڪرڻ ۽ استناد جي معنىٰ في الحال حڪم ثابت ڪرڻ پر آن جي نسبت ماقبل ڏانهن هجي. مثال: زڪواة سال پوري ٿيڻ وقت نصاب ڏانهن استناد هجيس. ۽ تبيين جي معنىٰ حال ۾ اڳيون حڪم ظاهر ڪرڻ. (درمختار، باب طلاق)

٢٠١- چنين ست معني درين اقتصار بحق نماز ست اين اعتبار
٢٠٢- چو معذور(١) كرده وضو را تمام ولي عذر جاري ببوده مدام
٢٠٣- بحق نمازش حدث نيست اين چو باقي ست وقت نمازش متين
٢٠۴- درينجا بباشد حدث مستند ببين در كتب تا تو يابي سند
٢٠٥- چو جامه بشسته بدان آب چاه شده پاک جامه بلا اشتباه
٢٠٦- پس از موش ديدن بگشته پليد سبب مر پليدي ز شستن رسيد
٢٠٧- پليدي حقيقي كه ظاهر پليد بتن يا بجامه اگر آن رسيد
٢٠٨- بشويد تن و جامه را كس اگر بهمراه شستن شود پاک تر
٢٠٩- چو با آب مطلق بشسته همو بنزد همه گشت پاكي نكو
٢١٠- اگر او بشسته بمائع دگر بنزديک شيخين پاكش نگر
٢١١- نه نزد محمد، نه نزد زفر بمائع شود پاک اي خوش سير
٢١٢- بيامد باين طور از شافعي بمائع نه پاكي ست اي المعي
٢١٣- ز شيخين مائع چو آب آمده مزيل ست پاكي كننده شده
٢١۴- بسه شرط گفته شده ياد دار يكي پاک مائع ببودن شمار
٢١٥- دگر بي لزوجت بباشد همان سيوم بي دسومت بود جاودان
٢١٦- چو مائع بود پاک هم نا لزوج بود بي دسومت شنو با عروج
٢١٧- مزيل ست پاكي كننده همان بنزديک شيخين شنو بي گمان
٢١٨- چو شسته غليظه ببول بقر نگشته خفيفه، غليظه نگر
٢١٩- بقولي ازاله غليظه شده بجايش خفيفه نشسته همه
٢٢٠- پسين قول باشد موافق قياس بنزديک شيخين اين را شناس
٢٢١- چو عين نجاست رسيده بود ز آثار جمله نظيفه بود
٢٢٢- چون تندار باشد ازاله تنش بود شرط تطهير در شستنش
٢٢٣- بيک بار شستن تنش رفت گر ز ظاهر روايت تو پاكي نگر

(١) مثل سلسل بول در وقت در حق معذور حدث نيست و بعْد الوقت حدث ست بطريق استناد، پس توضي لازم آمد نه اعاده نماز. (حاشيه مصنف)

٢٠١- اقتصار جي اها معنيٰ آهي، اهو اعتبار نماز جي حق ۾ آهي:
٢٠٢- عُذر واري وضو پورو ڪيو، پر عذر (عارضو) جاري رهيو.(١)
٢٠٣- نماز جي حق ۾ هي حدث نہ آهي، جي نماز جو وقت باقي هجي.
٢٠٤- هتي حدث مستند چئبو، ڪتابن ڪي ڏس تہ توکي سند حاصل ٿئي.
٢٠٥- جڏهن ان کوهہ جي پاڻيءَ مان ڪپڙو ڌوتائين تہ بنا شڪ جي ڪپڙو پاڪ ٿيو.
٢٠٦- ڪُئي ڏسڻ کان پوءِ پليد ٿيو پليديءَ جو سبب ڌوئڻ چئبو.
٢٠٧- حقيقي ظاهر پليدي جيڪا جسم يا ڪپڙي کي لڳي.
٢٠٨- جيڪڏهن جسم ۽ ڪپڙو ڌوتائين تہ ڌوئڻ سان پاڪ ٿيندو.
٢٠٩- مطلق پاڻيءَ سان ڌوئندو تہ، سيني عالمن وٽ پاڪ چئبو.
٢١٠- جيڪڏهن ٻئي ڪنهن پگهرندڙ شيءِ سان ڌوتائين تہ شَيخَين وٽ پاڪ سَمجھُہ.
٢١١- امام محمد ۽ امام زُفر وٽ پگهرندڙ شيءِ سان پاڪ نہ ٿيندو.
٢١٢- امام شافعيءَ کان بہ ائين مروي آهي تہ پگهرندڙ شيءِ سان پاڪائي حاصل نہ ٿيندي.
٢١٣- شيخين وٽ پگهرندڙ شيءِ پاڻيءَ وانگر، پليدي وڃائيندڙ ۽ پاڪ ڪندڙ آهي.
٢١٤- ان ۾ ٻي شرط ياد رکُ. هڪ پگهرندڙ شيءِ پاڪ هجي.
٢١٥- ٻيو چنبڙندڙ نہ هجي، ٽيون سَٽيي نہ هجي.
٢١٦- جڏهن پگهرندڙ شيءِ پاڪ هجي ۽ چنبڙندڙ نہ هجي ۽ سٽيي بہ نہ هجي.
٢١٧- شيخين وٽ اهڙي پگهرندڙ شيءِ، بنا گمان جي پليدي وڃائيندڙ ۽ پاڪ ڪندڙ آهي.
٢١٨- نجاست غليظه کي ڍڳي جي پيشاب سان ڌوتائين تہ خفيفہ نہ ٿيندي بلڪ غليظ رهندي.
٢١٩- هڪ قول موجب غليظه زائل ٿي، باقي خفيفه ان جي جاءِ تي برقرار رهندي.
٢٢٠- شيخين وٽ پويون قول قياس جي مواقف آهي.
٢٢١- جنهن وقت پليدي نجس العين هجي ۽ ان جا آثار صاف ٿي وڃن.
٢٢٢- جي اها پليدي جسمدار هجي تہ انجي جسم کي زائل ڪرڻ ڌوئڻ ۾ پاڪائي لاءِ شرط آهي.
٢٢٣- جيڪڏهن هڪ ڀيري ڌوئڻ سان انجو جسم زائل ٿيو تہ ظاهر روايت ۾ پاڪ سمجھُہ.

(١) مثال: پيشاب جو ٽمڻ وقت جي اندر معذور جي حق ۾ حدث نہ آهي باقي وقت گذرڻ کان پوءِ حدث آهي پر اهو استناد جي طريقي سان آهي تنهن ڪري وضو لازماً ڪرڻو پوندو باقي نماز نہ ورائبي. (حاشيه مصنف)

۲۲۴- ولي در روايت ابي جعفر ست — که شرطش دو کرت دگر ظاهر ست

۲۲۵- چو تثليث شرط ست نزديک او — دو کرت دگر بار باشد برو

۲۲۶- روايت ابي جعفر ست معتبر — ميان متانه صحيحش نگر

۲۲۷- و ليکن بظاهر روايت عمل — بکردند علما شنو بي خلل

۲۲۸- چو تندار دارد اثر بيشتر — بود شرط پاکي برفتن اثر

۲۲۹- ز عين نجاست اثر عين دان — دليل ست بر عين آن بي گمان

۲۳۰- چو رفته تنش رنگ مانده ازان — بود رنگ بر عين شاهد عيان

۲۳۱- چو عين نجاست بدارد اثر — اثر نيز عين نجاست نگر

۲۳۲- اثر نيز شستن تو مقصود دان — چنانچه نمايم بيانش عيان

۲۳۳- اگر غير عين نجاست رسيد — دران چون اثر ديد ظاهر پديد

۲۳۴- نباشد اثر را دران اعتبار — چو تبعا شده پاک اندر سه بار

۲۳۵- نه شرط ست اينجا ازاله اثر — اثر غير عين نجاست نگر

۲۳۶- ميانِ همين دو اثر فرق دان — ندانند اين فرق را مردمان

۲۳۷- بيا پيش من تو کنم تا بيان — بدانند اين تا همه عاميان

۲۳۸- چو تندار شسته برفته تنش — اثر ماندهٔ باقي پس از شستنش

۲۳۹- و يا(۱) غير تندار شسته سه بار — اثر مانده باقي شده بر قرار

۲۴۰- بشويد اثر را رود تا اثر — نمازش نه جائز بود با اثر

۲۴۱- ولي رنگ يا بُو اثر دو شمار — نه طعمش درينجا بيايد بکار

۲۴۲- مگر چون ازاله اثر مشکل ست — که با آب ساده نيايد بدست

۲۴۳- معاف ست او را اثر آن زمان — برائي ضرورت بدان بي گمان

۲۴۴- ولي آب ساده برائي اثر — برو شرط لازم شنو اين خبر

۲۴۵- نه شستن بصابون برو لازم ست — نه اشخار لازم برو يکدم ست

۲۴۶- نه در ديگ پختن نه حيله دگر — نه در گرم آبِ تو شستن نگر

۲۴۷- چو با آب ساده بشسته چنان — که خود آب صافي بود بي گمان

(۱) در نسخه "جه" ولي بجايِ ويا نوشته است.

٢٢٤- پر ابو جعفر جي روايت ۾، ٻه ڀيرا ڌوئڻ شرط آهي.
٢٢٥- جڏهن ان وٽ تثليث (ٽي ڀيرا) شرط آهي ته ڀيا ٻه ڀيرا به ڌوئي.
٢٢٦- ابو جعفر جي روايت معتبر آهي، "متانه" ۾ آهي ته انهيءَ روايت کي صحيح سمجهُه.
٢٢٧- پر عالمن ظاهر روايت تي عمل ڪيو آهي.
٢٢٨- جسمدار پليديءَ جو گهڻو اثر هجي ته ان ۾ شرط آهي ته اثر زائل ٿئي ته پاڪائي حاصل ٿيندي.
٢٢٩- نجس العين جو اثر به عين نجس آهي، بيشڪ اهو اثر به عين جو دليل آهي.
٢٣٠- نجس العين جو جسم ته زائل ٿيو، مگر رنگ باقي رهيو ته به عين تي شاهد آهي.
٢٣١- نجس العين پليدي جيڪڏهن اثردار آهي ته ان جي اثر کي به نجس العين سمجهُه.
٢٣٢- ان جي اثر کي ڌوئڻ (وڃائڻ) به مقصود آهي، جيئن ان جو بيان ڪريان ٿو.
٢٣٣- جيڪڏهن غير نجس العين پليدي لڳي پوي ۽ ان جو اثر ڏسڻ ۾ آيو.
٢٣٤- جڏهن ٽن ڀيرن ڌوئڻ سان تبعاً اثر به پاڪ ٿيو ته هاڻي ان جي اثر کي اعتبار نه آهي.
٢٣٥- هتي اثر وڃائڻ شرط نه آهي ۽ اثر کي عين نجاست جو غير سمجهُه.
٢٣٦- هنن ٻنهي اثرن ۾ فرق ڄاڻ. هن فرق کي ماڻهو نٿا ڄاڻن.
٢٣٧- مون وٽ اچُ ته توکي ٻڌايان ته جيئن عام ماڻهن کي به خبر پوي.
٢٣٨- جسمدار پليديءَ جو جسم ڌوئي وڃايائين ان کان بعد اثر باقي رهيو.
٢٣٩- يا غير جسمدار پليديءَ کي ٽي ڀيرا ڌوتائين ۽ ڌوئڻ کان پوءِ به ان جو اثر باقي رهيو.(١)
٢٤٠- اثر کي ڌوئي ته جيئن اثر وڃي هليو، اثر جي هوندي نماز جائز نه ٿيندي.
٢٤١- پر رنگ ۽ بُوءِ ٻه اثر سمجهه. باقي لذت ۽ مزو هت ڪارگر نه آهي.
٢٤٢- پر جڏهن اثر وڃائڻ مشڪل هجي، جو خالص پاڻيءَ سان زائل نٿو ٿئي.
٢٤٣- اُن وقت ضرورت جي ڪري ڪيس اهو اثر وڃائڻ معاف آهي.
٢٤٤- پر خالص پاڻيءَ کي اثر وڃائڻ لاءِ استعمال ڪرڻ لازمي شرط آهي.
٢٤٥- باقي يڪدم صابڻ يا ڪارُ سان ڌوئڻ لازم نه آهي.
٢٤٦- نه ديگ ۾ ڪاڙهڻ، نه وري ڪو ٻيو حيلو ڪرڻ، نه گرم پاڻيءَ ۾ ڌوئڻ ڄاڻ.
٢٤٧- خالص پاڻيءَ سان اهڙيءَ طرح ڌوتائين جو خود (ٽمنڊڙ) پاڻي صاف ڏسجي ٿو.

(١) نسخي "جهه" ۾ 'ويا' جي بدران 'ولي' لکيل آهي.

٢٤٨- اثر را نه تاثير مانده همان — كه در آب سازد اثر خود عيان
٢٤٩- معاف ست او را اثر اين چنين — بجامه بود يا بتن اي امين
٢٥٠- چو باشستنش آب صافي شده — ازان پس نه شستن دگر آمده
٢٥١- ولي آنچه اندر متانه نكو ست — ازان پس سه كرت بشستن برو ست
٢٥٢- همين احتياطي نباشد لزوم — درينجا نه شرط ست آن بر عموم
٢٥٣- چو آبِ كه شسته اثر را بآن — همان آب صافي بود بي گمان
٢٥٤- بگردد اثر آن زمان كالعدم — نه حاجت بشستن پس آن هيچدم
٢٥٥- همين حكم عين نجاست بدان — كه باشد اثردار آن جاودان
٢٥٦- اگر آب گشته بچيزي پليد — دران آب چون چيز رنگين رسيد
٢٥٧- و يا چيز رنگين بچيزِ دگر — پليدست خود پاک بوده مگر
٢٥٨- ازان چيز خود آب رنگين شده — برنگش همه آب آگين شده
٢٥٩- چو سرخ و سياه و چو زرد و كبود — يكي رنگ ظاهر درين آب بود
٢٦٠- دران آب جامه چو شد رنگدار — شده پاک جامه چو شسته سه بار
٢٦١- و يا چيز ديگر بكردي خضاب — چو شستي سه بارش بهمراه آب
٢٦٢- شده پاک في الفور با اعتبار — همين ست معمول اندر ديار
٢٦٣- برين راه رفتند اكثر كبار — ببين "شرح منيه" همه ياد دار
٢٦٤- ولي از محيط ست منقول اين — بآبِ كه شستي همان آب بين
٢٦٥- اگر رنگ در آب بيني عيان — نه مغسول پاک ست دان اين بيان
٢٦٦- بجز عصر چون آب رنگين شده — نه پاک ست جامه شنو اين همه
٢٦٧- ولي درمختار گفته درين — باين طور شستن بود بهترين
٢٦٨- نه شرط ست اين طور گفته صريح — ولي گفت اَوْلیٰ بقولِ صحيح
٢٦٩- سه كرت بشستن درين كافي ست — ز رنگش همه گرچه نا صافي ست
٢٧٠- فتاویٰ كه نامش بود "نور عين" — گرفته همين قول را همچو دين
٢٧١- بسي فرق باشد ميان دو رنگ — يكي رنگ عذره كزان هست ننگ

٢٤٨- ۽ اثر ۾ اهو تاثير باقي نه رهيو، جو پاڻيءَ ۾ اثر ظاهر ڪري.
٢٤٩- اي ايماندار! اهڙو اثر ڪپڙي يا بدن تي هجي ته معاف آهي.
٢٥٠- جڏهن ڌوئڻ سان پاڻي صاف آيو ته، پيهر ڌوئڻ جو ضرور نه آهي.
٢٥١- پر "متانه" ۾ لکي ٿو ته پوءِ به ٽي ڀيرا ڌوئڻ گهرجي.
٢٥٢- اهو ڌوئڻ احتياطاً آهي ۽ لازمي نه آهي هرويرو ٽي ڀيرا ڌوئڻ شرط نه آهي.
٢٥٣- جنهن پاڻيءَ سان اثر کي ڌوتائين اهو صاف پاڻي هجي.
٢٥٤- ۽ اثر ختم ٿي ويو ته، پيهر ڌوئڻ جي ضرورت نه آهي.
٢٥٥- اهو حڪم نجس العين جو آهي، جيڪا دائمي اثر دار هجي.
٢٥٦- ڪنهن رنگين شيءِ پوڻ جي ڪري، پاڻي پليد ٿي پيو.
٢٥٧- يا رنگين پاڪ شيءِ ٻي پليد شيءَ سان گڏجي پئي.
٢٥٨- ان شيءِ جي ڪري پاڻي رنگين ٿيو ۽ رنگ سان سمورو پاڻي پرجي ويو.
٢٥٩- مثلاً ڳاڙهو، ڪارو، ڦڪو ۽ آسماني، انهن رنگن مان ڪو پاڻيءَ ۾ ظاهر ٿيو.
٢٦٠- ان پاڻيءَ ۾ جيڪڏهن ڪپڙو رنگدار ٿيو ته، ٽن ڀيرن ڌوئڻ سان پاڪ ٿيندو.
٢٦١- يا ٻي ڪنهن (پليد) شيءِ سان رنگيائين ۽ ٽي ڀيرا پاڻيءَ سان ڌوتائين.
٢٦٢- اهو ڪپڙو هڪدم پاڪ ٿي ويندو، اٿين ملڪ ۾ معمول آهي.
٢٦٣- انهيءَ طريقي تي گهڻا وڏا علماء هليا آهن. شرح منيه ڏسي سمورا مسئلا ياد رک.
٢٦٤- پر "محيط" کان هن طرح منقول آهي ته، جنهن پاڻيءَسان تو ڪپڙو ڌوتو، ان پاڻيءَ کي ڏِسُ.
٢٦٥- پاڻيءَ ۾ جيڪڏهن رنگ ظاهر هجي ته، ڌوتل ڪپڙو پاڪ نه آهي.
٢٦٦- رنگين ڪپڙي جي نپوڙڻ کان سواءِ، پاڻي رنگين ٿيو ته ڪپڙو پاڪ نه چئبو.
٢٦٧- پر الدرالمختار ۾ چيو اٿس ته اهڙي طرح ڌوئڻ بهتر آهي.
٢٦٨- صريح چيو اٿس ته اٿين شرط نه آهي، باقي صحيح قول موجب اُولىٰ آهي.
٢٦٩- ٽي ڀيرا ڌوئڻ ڪافي آهي، جيستوڻيڪ رنگ صاف نه هجي.
٢٧٠- فتاويٰ نورالعين انهيءَ قول کي ورتو آهي.
٢٧١- ٻن رنگن ۾ ڪافي فرق آهي، هڪ پائخاني جو رنگ جيڪو اڻَ وڻندڙ آهي.

٢٧٢- دگـر رنـگ صباغ در جامها — كـه مقصود باشد هم جابجا
٢٧٣- كنون شرح پاكي بدن را بدان — كـه احكام خاصه بباشد دران
٢٧۴- چـو تـن را پليدي نموده اثـر — بيانش گذشته همـه خوبتر
٢٧٥- بيكبار شستن بدن فرض دان — برائي ازاله حدث اي جوان
٢٧٦- اگـر غير تندار تـن را رسيد — اثـر نيست اصلا دران اي سعيد
٢٧٧- كند غسل تن را پياپي سه بار — شـود پاک في الفور با اعتبار
٢٧٨- بهرجا كه ساقط شده اعتصار — بـود گرچه ممكن مع الاختيار
٢٧٩- دران جا نه شرط ست تجفيف هم — نـه قلت تقاطر شنو بـا همم
٢٨٠- يكي آب پي آب ديگر شتاب — سيوم هم بتعجيل ريزي تو آب
٢٨١- چكد گرچه قطرات انبوه نيز — بـزودي دگـر آب را هم بـريـز
٢٨٢- بريزي يكي بر دگـر متصل — پياپي سه كرت نباشد مخل
٢٨٣- بسا چيزها را همين ضابطه — گـرفتـه بحيطه تضمن همه
٢٨۴- باشباه تخصيص كرده بتن — ميانِ متانه دو چيز ست بفن
٢٨٥- يكي تن دگر هم ظروف خشب — نه تخصيص دو اين بدارد سبب
٢٨٦- ببين تـو ز عالمگيري زهي — هـران چيـز آبي نه نوشد گهي
٢٨٧- چنانچه بـود سنگ يا آهن ست — چو آوند روئين و يا خود تن ست
٢٨٨- و يـا نوش اندک بسوئ درون — بـدارد خفي تـر ز راه بـرون
٢٨٩- چنانچه سفاله كه مستعمل ست — بنوشيدني آب نا كامل ست
٢٩٠- و يا قدح چوبين و يا خود خشب — بـود اين مثالات را يک سبب
٢٩١- چو چيزي بشسته ازين چيزها — سه كرت بشسته بگشته روا
٢٩٢- پياپي سه كرت چو شسته شده — بيكبارگي دفعة واحده
٢٩٣- شده پاک بي شک مع الاعتبار — ببين شرح منيه بيابي قـرار
٢٩۴- ببين "شرح منيه" درين ضابطه — مطابق بعالمگيري شده
٢٩٥- ولي نـوع اول صريحا بگفت — درين سلک هم نوع ثاني بسفت

٢٧٢- ٻيو ڪپڙن ڪي ڪٽيءَ جو ڏنل رنگ، جيڪو هر هنڌ مقصود آهي.
٢٧٣- هاڻي بدن جي پاڪائيءَ جو بيان ڪجي ٿو، جنهن ۾ خاص احڪام آهن.
٢٧٤- بدن تي پليديءَ جو اثر هجي ته ان جو بيان چڱي طرح گذري چڪو آهي.
٢٧٥- اي جوان! حدث کي وڃائڻ لاءِ بدن کي هڪ ڀيرو ڌوئڻ فرض سمجهه.
٢٧٦- جيڪڏهن غير جسمدار پليدي جسم کي لڳي ۽ ان ۾ اثر نه هجي.
٢٧٧- جسم لڳيتو ٽي ڀيرا ڌوئي ته في الفور پاڪ ٿي ويندو.
٢٧٨- جتي نپوڙڻ ڪري ڀوي (نپوڙڻ نه سگهجي) جيستوڻيڪ نپوڙڻ (وڏي ڪوشش سان) ممڪن به هجي.
٢٧٩- اُتي سُڪائڻ ۽ قطرن جو ٽورو ٽيڻ (يا بند ٿيڻ) شرط نه آهي.
٢٨٠- هڪ لاڳيتو، ٻيو جلد پاڻي وجهجي، ٽيون تڪڙو پاڻي هارجي.
٢٨١- گهٽا گهٽا قطرا ڪرن ته به، ٻيو پاڻي جلد هارجي.
٢٨٢- پاڻي هڪ ٻئي پٺيان هارجي ۽ لاڳيتا ٽي ڀيرا هجي ۽ وچ ۾ ساهي نه هجي.
٢٨٣- گهڻن شين لاءِ اهو قانون آهي، جيڪو سيني کي اِحاطو ڪري ٿو.
٢٨٤- الاشباه والنظائر ۾ بدن سان خاص ڪيو اٿس ۽ متانه ۾ ٻن شين جو ذڪر آهي.
٢٨٥- هڪ بدن ٻيو ڪاٺ جا ٿانوَ، هنن ٻن شين جي تخصيص جو ڪوبه سبب نه آهي.
٢٨٦- عالمگيريءَ ۾ ڏِسُ جيڪا شيءِ پاڻي نه چوهي.
٢٨٧- جيئن پَٿَرُ يا لوهه يا ڪُٽِ جا ٿانو يا خود جسم آهي.
٢٨٨- يا ٿورو اندر چوسي ۽ اهو چوسڻ ٻاهران خفي تر هجي.
٢٨٩- جيئن استعمال ڪيل نڪر، پاڻي چوسڻ ۾ ڪامل نه آهي.
٢٩٠- يا ڪاٺ جو پيالو يا خود ڪاٺ هجي، انهن سيني مثالن جو هڪ سبب آهي.
٢٩١- انهن شين مان ڪابه شيءِ ٽي ڀيرا ڌوئبي ته جائز آهي.
٢٩٢- انهن شين کي هڪ ئي واري سان ٽي ڀيرا لاڳيتو ڌوتو ويو.
٢٩٣- بيشڪ اهو پاڪ ٿيو اعتبار ڪر، شرح منيه ڏس ته قرار ٿئي.
٢٩٤- "شرح منيه" ڏسو، هن قاعدي ۾ عالمگيريءَ سان مطابق آهي.
٢٩٥- پر پهريون قسم صريحاً چيو اٿس ۽ ٻيو قسم به ان لڙهيءَ (قطار) ۾ پُوتو (بيهاريو) اٿس.

٢٩٦- بگفته سفاله که مستعمل ست ازين وجه اين نيز از اول ست
٢٩٧- چو خود نوش اندک ندارد شمار لهٰذا بکرده عدم اعتبار
٢٩٨- نه مقصود پاکي همين چيزها برائي جواز نماز ست بجا
٢٩٩- برائي نماز ست پاکي ثياب شنو شرح آن هم بيابي ثواب
٣٠٠- چو احکام تندار بالا گذشت دگر ذکر آثار مذکور گشت
٣٠١- کنون غير تندار را ياد دار که در حق جامه چه دارد شمار
٣٠٢- چو در طشت شويد کسي جامه را سه کرت بشويد بدان اي کيا
٣٠٣- بهر کرتِ آب گيرد جديد بهر کرتِ طشت شويد پديد
٣٠٤- بهر کرتِ عصر جامه کند همين هر سه شرط ست دارد سند
٣٠٥- ولي طشت شستن پس از هر سه بار همين شرط اندر متانه شمار
٣٠٦- چو اجانه باشد و يا مرکن ست درين حکم چون طشت در شستن ست
٣٠٧- ولي نام اجانه کونار را ست که در شستنش هم حرج بي خفا ست
٣٠٨- ولي عصر جامه بهر کرتي برين ست باور درين صورتي
٣٠٩- بقولي چو شويد همه هر سه بار بيک بار آخر کند اعتصار
٣١٠- نه نزد ابي يوسف ست عصر هيچ درين هر سه کرت ازين سر مپيچ
٣١١- اثر از نجاست بجامه اگر رسيده بمانده بجامه اثر
٣١٢- بتفصيل حکمش گذشته تمام نگويم بتکرار اي نيک نام
٣١٣- اگر عصر جامه نه آسان بود چو پنبه ميانش فراوان بود
٣١٤- و يا ثوب پشمين بباشد غليظ سه کرت بشويد بدان اي حفيظ
٣١٥- پس از هر سه کرت بسازد جفاف چو قطرات بس کرد شد حد جفاف
٣١٦- تقاطر سه کرت چو گشته تمام شده پاک جامه شنو اين کلام
٣١٧- سفاله که نو مي بود هيچگاه نه آبش رسيده بلا اشتباه
٣١٨- درين حکم پاکيش يکسان شمار سفاله چو نوشد بسي آب زار
٣١٩- چو جامه بشوئي بآبِ روان چو يکبار شوئي ميانش عيان

٢٩٦- انهيءَ ڪري استعمال ڪيل ٺڪر ڪي ٻه ڀيريون قسم چيو ويو آهي.
٢٩٧- ٿورو چوسڻ ڪونه ڳڻبو آهي، تنهنڪري ان کي اعتبار نه ڪيو اٿن.
٢٩٨- نماز جي جواز لاءِ انهن شين جي پاڪائيءَ مقصود نه آهي.
٢٩٩- نماز لاءِ ڪپڙن جي پاڪائي ضروري آهي، ان جو بيان ٻُڌ ته ثواب ٿئي.
٣٠٠- جسمدار پليديءَ جا احڪام ۽ انهن جي اثرن جو ذڪر مٿي گذري چڪو آهي.
٣٠١- هاڻي غير جسمدار پليدي کي ياد ڪر ته، ڪپڙن جي حق ۾ ڪيئن ڳڻبي؟
٣٠٢- اي پهلوان! جڏهن ڪو شخص ٿالهيءَ ۾ ڪپڙا ڌوئي ته ٽي ڀيرا ڌوئي.
٣٠٣- هر ڀيري نئون پاڻي ڪڻي ۽ هر ڀيري ٿالهي ۾ ڌوئيندو رهي.
٣٠٤- هر ڀيري ڪپڙو نپوڙي، هي ٽئي شرط مُستند آهن.
٣٠٥- پر ٽن ڀيرن کان پوءِ ٿالهي ڌوئڻ جو شرط "متانه" ۾ آهي.
٣٠٦- جيڪڏهن اِجانه (ڪُونَارِ) يا تغاري آهي ته ڌوئڻ ۾ انهن جو حڪم ٿالهيءَ وارو آهي.
٣٠٧- پر اجانه ڪُونَارِ جو نالو آهي، جنهن جي (هر ڀيري) ڌوئڻ ۾ حرج ظاهر آهي.
٣٠٨- پر ان صورت ۾ ڪپڙي کي هر ڀيري نپوڙجي، ان تي ڀروسو ڪر.
٣٠٩- هڪ قول موجب جيڪڏهن ٽي ڀيرا ڌوئي ته هڪ ڀيرو پڇاڙيءَ ۾ نپوڙي.
٣١٠- اُبو يوسف وٽ ٽنهي ڀيرن ۾ نپوڙڻ جو حڪم ڪونهي. تون انهيءَ حڪم کان منهن نه موڙ.
٣١١- پليديءَ جو اثر جيڪڏهن ڪپڙي کي لڳو ۽ اهو اثر ڪپڙي تي رهيو.
٣١٢- اي نيڪنام! ان جو حڪم تفصيل سان گذري چڪو آهي، دوباره بيان نٿو ڪيان.
٣١٣- جيڪڏهن ڪپڙو نپوڙڻ ۾ ڏکيو هجي مثلاً ان ۾ گهٽي ڪپهه پيل آهي.
٣١٤- يا ٿلهي پشم جو ڪپڙو هجي ته، فقط ٽي ڀيرا ڌوئي ڇڏي.
٣١٥- هر هڪ ڀيري ڌوئڻ کان پوءِ سڪائي، جيئن قطرا ڪرڻ کان بند ٿين.
٣١٦- ٽنهي ڀيرن جا قطرا ٽمڻ بند ٿيا ته ڪپڙو پاڪ ٿيو.
٣١٧- نئون ٺِڪر جنهن کي اجا پاڻي نه لڳو آهي.
٣١٨- اهو ٺِڪر جيڪو پاڻي گهڻو چوسي ٿو. هن پاڪائيءَ واري ۾ حڪم ۾ هڪجهڙو سمجهُه.
٣١٩- جيڪڏهن وهندڙ پاڻيءَ مان ڪپڙو ڌوئجي ته ان کي هڪ ڀيرو ڌوئجي. (ڇَچَولجي).

۳۲۰- و يـا در غديري كه باشد كثير بيكبار شوئي تو جامه كبير
۳۲۱- و يـا آب بـر ثـوب جاري كني بهر جزؤ از ثوب ساري كني
۳۲۲- درين هر سه صورت شود پاک ثوب بپاكي حقيقي ست چالاک ثوب
۳۲۳- نـه حاجت بتكرار شستن بود چه شستن بيكبار خوش تن بود
۳۲۴- نه حاجت بعصر ست كه شپليدن ست اگرچه بشپليدنش ممكن ست
۳۲۵- نه حاجت بقطرات بس كردن ست درانچه نه عصر ست ممكن بدست
۳۲۶- درين هر سه صورت چو يكبار شست ولي ثوب از غيـر تندار شست
۳۲۷- شده پاک جامه بتعجيل تام چو از آب بيرون شده اي همام
۳۲۸- همين قول مختار ماخوذ فرد چنين درمختار تصريح كرد
۳۲۹- چـو در درمختار هر سه صور همه گفت مختار شد خوبتر
۳۳۰- يكي صورتي آب جاري كه هست ببين بحررائق كه ذكرش به است(۱)
۳۳۱- دگر آب بـر ثوب جاري شدن بايضاح ايـن را گزيده بفـن
۳۳۲- دو اين با يكي هر سه صورت شده كـه در درمختار آمد همه
۳۳۳- نـه تخصيص جامه بود معتبر شود پاک هر چيز در سه صور
۳۳۴- ولي چونكه مغسول باشد جسيم چنانچه بساط ثخين و عظيم
۳۳۵- و يا حشو غاليچه دارد بسي كـه آمُود با حشو كرده كسي
۳۳۶- چـو در آب جاري بمقدار روز بمانـد بپـاكي شود دل فروز
۳۳۷- بقولي بمقدار ليل و نهار بمانـد دران آب پاكش شمار

ذكر عصر و فتل و فرق ميان هر دو

۱- بدان عصر شپليدن ست ني بتاب كشيدن بضغطه بجر تاب آب
۲- بقوت كفِ دست ضغطه كند چنانچه عصير از عنب بر كند
۳- بگيرد طرف ثوب در مشت او دهد زور بسيار بر مشت او

(۱) در نسخه "جهـ" بگفت نوشته.

٣٢٠- يا وڏي تلاءَ مان ڌوئين ته به هڪ ڀيرو ڌوئجي. (ڇڇولجي).
٣٢١- يا ڪپڙي تي پاڻي وهائين، جيئن ڪپڙي جي هر تند تار کي پاڻي پهچي وڃي.
٣٢٢- انهي ٽنهي صورتن ۾ ڪپڙو حقيقي پاڪ ٿيندو.
٣٢٣- جيڪڏهن هڪ ڀيرو چڱي طرح ڌوتو ويو ته، وري وري ڌوئڻ جو ضرور نه آهي.
٣٢٤- نپوڙڻ جو به ضرور نه آهي، توڙي ڪٿي نپوڙڻ ممڪن به هجي.
٣٢٥- جنهن شيءِ جو نپوڙڻ ممڪن نه هجي ته، قطرن جي بند ٿيڻ جو به ضرور نه آهي.
٣٢٦- هنن ٽنهي صورتن ۾ جيڪڏهن ڪپڙي مان غير جسمدار پليدي هڪ ڀيرو ڌوتائين.
٣٢٧- ڪپڙو پاڻيءَ مان نڪرندي ئي، فوراً پاڪ ٿي ويندو.
٣٢٨- الدرالمختار تصريح ڪئي آهي ته، اهو قول مختار ۽ ماخوذ آهي.
٣٢٩- الدرالمختار ٽنهي صورتن ۾ مختار لکيو آهي.
٣٣٠- هڪ صورت وهندڙ پاڻيءَ جي آهي، البحرالرائقُ ڏسُ جنهن ان کي ذڪر ڪيو آهي.(١)
٣٣١- ٻيو ڪپڙي تي پاڻي وهائڻ آهي، ايضاح ۾ هن کي قبول ڪيو ويو آهي.
٣٣٢- هي به، هڪڙيءَ ٻيءَ سان گڏ، اهي جملي ٽي صورتون ٿيون، جيڪي الدرالمختار ۾ آيل آهي.
٣٣٣- ڪپڙي جي تخصيص معتبر نه آهي، هرڪا شيءِ ٽنهي صورتن ۾ پاڪ ٿيندي.
٣٣٤- جيڪڏهن ڌوتل شيءِ تلهي هجي مثلاً پٽرٽي ٿُلهي ۽ وڏي هجي.
٣٣٥- يا غاليچي ۾ حَشوُ (پوُرُ) هجي ۽ ڪنهن ماٿوءَ غاليچي کي حَشوَ (پوُرُ) سان ڀري ڇڏيو هجي.
٣٣٦- اهڙي شيءِ جيڪڏهن وهندڙ پاڻيءَ ۾ هڪ ڏينهن جو قدر پئي هوندي ته پاڪ ٿيندي.
٣٣٧- هڪ قول موجب رات ۽ ڏينهن جو قدر پاڻيءَ ۾ رهي ته پاڪ ٿيندي.

نپوڙڻ، وٽڻ ۽ ٻنهي ۾ فرق جو ذڪر

١- ڄاڻڻ گهرجي ته "عصر" زور سان نپوڙڻ کي چئبو آهي.
٢- چنبي جي زور سان نپوڙي جيئن انگور مان رَسُ نپوڙي ڪڍجي.
٣- مُٺِ ۾ ڪپڙي جو پَلوُ جهلي، زور سان وَٽُ به ڏجي.

(١) نسخي "جه" ۾ بگڦت لکيل آهي.

۴- بپهلوئ این مشت مشتِ دگر — دهد بر دگر زور هم بیشتر
۵- نهد مشت بر مشت این طور تام — کند تا بدیگر طرف اختتام
٦- همه ثوب در مشت آرد بزور — رود تا همه آب شیرین و شور
۷- چنین عصر جامه بباشد مراد — که در فقه آنرا بکردند یاد
۸- مخالف دگر قول باشد درین — ندانم که قول ست آن بهترین
۹- که ایشان بگفتند اینجا صریح — همه زور عاصر که دارد صحیح
۱۰- همه صرف قوت بود شرط تام — کند صرف قوت مع الاهتمام
۱۱- اگر جامه اش را رعایت کند — که بر عصر اندک کفایت کند
۱۲- نه پاک ست جامه رعایت مخل — همه این معاني بداري بدل
۱۳- اگر عصر مذکور بودي مراد — که مشروح(۱) گشته بداري تو یاد
۱۴- نه تضییع جامه درین صورتي ست — چگونه رعایت کني تو بایست
۱۵- اگر عصر مشروح مشروط هست — خطاء فقیهان عیان نا به است
١٦- چه تضییع جامه بدانند شان — نه تضییع هرگز بود اي جوان
۱۷- وگر عصر دیگر مراد ست شان — که آن ست از عادت گازران
۱۸- قباحت دگر چند گونه بران — بگویم شود تا بـَرَت هم عیان
۱۹- اگر عصر در فقه این ست مراد — که از گازران ست هر جا بیاد
۲۰- برین قول چون شرط مذکور را — بیارند در عصر هر جا بجا
۲۱- بسا جامها پاره پاره شوند — بپاره شدن هم ز حاجت روند
۲۲- فتد قحط جامه بر اهلِ نماز — همه چیزها را بکن امتیاز
۲۳- چو با عصر پارید جامه کسي — درین نیز باشد تعدي بسي
۲۴- بباشد برو زین ضمانیتش — اگرچه تعدي نه در نیتش
۲۵- مباشر جنایت بجر قصد او — ضمان ست لازم همیشه برو
۲٦- مسبب بقصدِ تعدي مگر — ضمان ست آنکه برو هم نگر
۲۷- ز "اشباه" بین تو ببابِ غصب — برین اصل داني همه این سبب(۲)

(۱) در نسخه "جهـ" مشهور بجاءِ مشروح نوشته است. (۲) در نسخه "جهـ" این شعر موجود نیست.

۴- هڪڙيءَ مُٺ جي پرِ ۾ ٻي مُٺ رکي، ٻنهي هٿن سان زور ڏجي.
۵- هڪ مُٺ ٻي مُٺ تائين رکي اهڙي طرح زور سان وَٽُ ڏئي ٻئي طرف تائين پڇاڙي ڪري.
٦- سڄو ڪپڙو ڪٺي مٺ ۾ جهلي زور ڏئي ڪپڙي جو پاڻي ڪڍجي.
٧- ڪپڙي جي نپوڙڻ جو اهو طريقو مراد آهي، جيڪو فقه ۾ ذڪر ڪيل آهي.
٨- ٻيو قول هن جي خلاف آهي، مون کي معلوم نه آهي ته ڪو اهو قول بهتر آهي.
٩- صريح لکيو اٿن ته زور، نپوڙيندڙ جي حال آهر مراد آهي.
١٠- پنهنجو سمورو زور لائڻ شرط آهي، جيترو زور هجيس، اوترو زور لائي.
١١- جيڪڏهن ڪپڙي جي رعايت ڪري ۽ نپوڙڻ ۾ نرمي ڪري.
١٢- ائين ڪپڙو پاڪ نه ٿيندو، ڪپڙي جي رعايت مُخِل (نقصان ڏيندڙ) آهي اها حقيقت ياد رک.
١٣- جيڪڏهن ذڪر ڪيل نپوڙڻ مراد هجي، جنهن جو بيان ٿي چڪو ته تون ياد رک.[1]
١۴- هن صورت ۾ ڪپڙي جي تضييع (ڦاٽڻ يا ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ) نه آهي ته پوءِ رعايت ڇا لاءِ ٿو ڪرين؟
١۵- جيڪڏهن ذڪر ڪيل شرط نپوڙڻ لاءِ آهن ته پوءِ اها فقيهن جي خطا آهي.
١٦- ڪپڙي جي ڪهڙي تضييع ڄاڻائون؟ (ان ۾) تضييع هرگز نه آهي.
١٧- جيڪڏهن نپوڙڻ جو ٻيو قسم مراد آهي، جيئن ڌوٻين ۽ ڪتين جي عادت آهي.
١٨- ٻئي قسم جي خرابيءَ جا ڪجهه قسم توکي معلومات خاطر ٻڌايان ٿو.
١٩- جيڪڏهن فقه ۾ هي ڌوٻين ۽ ڪتين وارو نپوڙڻ مراد آهي.
٢٠- ان قول موجب ذڪر ڪيل شرط جيڪڏهن نپوڙڻ ۾ هرجاءِ پورا ڪجن.
٢١- ڪيترائي ڪپڙا ٽڪرا ٽڪرا ٿي پوندا، جيڪي ڪنهن ڪم جا نه رهندا.
٢٢- نمازين لاءِ ڪپڙي جو قحط پئجي ويندو، هر شيءِ جو امتياز ڪر.
٢٣- جيڪڏهن ڪنهن شخص (ڌوٻي) نپوڙڻ سان ڪپڙو ڦاڙي وڌو ته ان ۾ به گهڻو تجاوز هوندو.
٢۴- ان شخص(ڌوٻيءَ) کان ڪپڙو پرائي ونبو، جيتوڻيڪ حد کان تجاوز سندس نيت ۾ نه هجي.
٢۵- بنا ارادي اهڙي نقصان ڪندڙ (ڌوٻيءَ) تي به ضمان (ڀري ڏيڻ) لازم آهي.
٢٦- مسبب، تعدي (حد کان وڌيڪ) جي ارادي سان، ضمان (ڀري ڏيڻ) کي لازم ڪندو آهي.
٢٧- الاشباه والنظائر جي باب الغصب کي ڏسُ، هيءُ سبب انهيءَ قانون ۽ اصل تي مبني آهي.[2]

(١) نسخي "جهه" ۾ 'مشروح' جي بدران 'مشهور' لکيل آهي. (٢) نسخي "جهه" ۾ هي شعر موجود ناهي.

۲۸- بود نهي در شرع تضييع مال ... مکن جامه ضايع که باشد وبال
۲۹- بگفتند در شستن گازري ... نه در ثوب حاصل شود طاهري
۳۰- بتدبير اوساخ جامه برند ... نه تطهير جامه بدست آورند
۳۱- کنون باز گويم ترا يک جواب ... شنو تا بگويم جواب صواب
۳۲- گهي عصر بر فتل اطلاق يافت ... ولي عصر بر فتل نامش شتاقت
۳۳- عموم المجاز ست اطلاق آن ... مجاز و حقيقت نه جمع ست دران
۳۴- و ليکن بنزديک پيشينيان ... بُده عصر هم بر حقيقت عيان
۳۵- ازين وجه گفتند قوت تمام ... کند صرف در عصر با اهتمام
۳۶- چو بعضي نه واقف بمعني بدند ... بکردند از عصر فتلش پسند
۳۷- بگفتند عصر ست مر فتل نام ... شود گرچه تضييع جامه تمام
۳۸- رعايت ثياب ست بپاکي مخل ... که در فهم اين بعض آمد بدل
۳۹- بدان فتل همچو رسن تافتن ... بود فتل جامه چو فتل رسن
۴۰- بود فتل هم عادت گازران ... ولي فتل از عصر اَوکَدُ بدان
۴۱- بود فتل ابلغ باخراج آب ... که اکثر کشد آب بي شک شتاب
۴۲- ولي فتل از عصر آسان تر ست ... وقوعش بهر ملک هم اکثر ست
۴۳- اگر فتل جامه کند اختيار ... بود قوت جامه را اعتبار
۴۴- بقوت که جامه نه ضائع شود ... همه قوت آن قدر لازم بود[1]
۴۵- بقدري که با عصر آبي کشد ... باين قدر با فتل گر مي کشد
۴۶- بود جائز او را بلا اختلاف ... چو خوف زيان ست داني تو صاف
۴۷- من از اهل تحقيق در چند سال ... درين مسئله مي نمودم سوال
۴۸- بآخر مرا گشت تحقيق اين ... که گفتم درين جا شنو با يقين

(۱) در نسخه "ر" درين جا ترتيب باين طور نوشته است. اشعار
وگر عصر جامه کند مرد دين ـ همه قوت آن مرد مشروط بين،
کند صرف قوت همه را دران ـ نه شرط ست دران قوت ديگران،
بر زور اندک کفايت کند ـ نه او جامه اش را رعايت کند،
من از اهل تحقيق در چند سال ـ ببودم درين مسئله پر سوال،
بآخر مرا گشت تحقيق اين ـ که گفتم درين جا شنو با يقين.

٢٨- شريعت ۾ مال ضايع ڪرڻ جي منع آهي تہ ڪپڙو بہ ضايعُ نہ ڪر.
٢٩- چون ٿا تہ ڌوبيءَ جي ڌوئڻ سان ڪپڙو پاڪ نٿو ٿئي.
٣٠- تدبير سان ڪپڙي جي مَرُ لاهين ٿا، باقي ڪپڙي جي پاڪائيءَ جو خيال نٿا ڪن.
٣١- ٻُڌ تہ هاڻي وري توکي هڪ جوابُ باصواب ٻڌايان ٿو.
٣٢- ڪڏهن نپوڙڻ کي وٽڻ تي ڳالهائبو آهي ۽ نپوڙڻ کي وٽڻ جو نالو ڏنو ويندو آهي.
٣٣- اهو ڳالهائڻ عُمومُ المجاز آهي، مجاز ۽ حقيقت گڏ نہ ٿيندا آهن.
٣٤- پر متقدمين وٽ عصر (نپوڙڻ) بہ پنهنجي حقيقت تي رهي ٿو.
٣٥- ان ڪري چوندا آهن تہ نپوڙڻ ۾ سمورو زور لائجي.
٣٦- جڏهن تہ ڪي ماڻهو معنىٰ کان واقف نہ آهن، سي عصرُ مان فتل (وٽڻ) مراد وٺن ٿا.
٣٧- چون ٿا تہ عصر، فتل جو نالو آهي، توڙي ڪٿي ڪپڙو ضايع ٿئي.
٣٨- ڪپڙي جي رعايت پاڪائيءِ ۾ خلل وجهي ٿي، ڪن ماڻهن کي دلبر اها ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي آهي.
٣٩- فتل رسي کي وَٽُ ڏيڻ وانگر آهي، ڪپڙي جو وٽڻ رسي وانگر آهي.
٤٠- وٽڻ ڌوٻين جي بہ عادت آهي، پر وٽڻ نپوڙڻ کان وڌيڪ تاڪيد وارو آهي.
٤١- وٽڻ ڪپڙي مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ وڌيڪ مبالغي وارو آهي جنهن سان جلد گهڻو پاڻي نڪري وڃي ٿو.
٤٢- وٽڻ، نپوڙڻ کان آسان آهي ۽ هر ملڪ ۾ گهڻو رائج آهي.
٤٣- ڪپڙي جي وٽڻ ۾، ڪپڙي جي حالت کي اعتبار آهي.
٤٤- اينترو زور ڏجي جو ڪپڙو ڦاٽي نہ پوي، اينتري طاقت استعمال ڪجي.(١)
٤٥- جيترو زور نپوڙڻ ۾ ڏئي ٿو، جيڪڏهن اينترو ئي زور وٽڻ ۾ ڏيندو.
٤٦- ائين بنا اختلاف جي جائز آهي، پلي ڪٿي ڪپڙي کي نقصان ٿيڻ جو خطرو بہ هجي.
٤٧- آءُ محققن کان ڪيترائي سال، اهو مسئلو پڇندو رهيس.
٤٨- نيٺ مون کي هيءَ تحقيق حاصل ٿي، جيڪا هِتِ بيان ڪيم.

(١) نسخي "ر" ۾ هن جاء تي ترتيب هن طرح لکيل آهي: ترجمو
جيڪڏهن ڪو دين دار ڪپڙو نپوڙي تہ ان مرد جي سموري طاقت شرط آهي،
پنهنجي طاقت کي ان ۾ استعمال ڪري ۽ ٻين جي طاقت شرط نہ آهي،
ٿوري زور سان ڪفايت ڪري ۽ اهو ڪپڙي جي رعايت نہ ڪري،
آءُ محققن کان ڪيترائي سال ان مسئلي جي باري ۾ پڇندو رهيس،
نيٺ مون کي هيءَ تحقيق حاصل ٿي، جيڪا هِتِ بيان ڪيم.

باب فرائض نماز سه گانه

١- فرائض نماز ست همه شانزده
إزان هشت بيرون نماز آمده
٢- شرائط بگويند آن هشت را
ازان دو گذشته است اي نيک راء
٣- يکي پاک جامه دگر پاک تن
سيوم پنج اوقات بشناختن
٤- ولي ذکر اوقات مشهور هست
ميان متون نيز مذکور هست
٥- دگر پنج باقي بيارم تمام
جدا هر يکي را بتفصيل تام
٦- دگر هشت داخل نماز ست همه
ازان پنج ارکان عيان آمده
٧- قيام و قرائت رکوع و سجود
بآخر نماز ست پنجم قعود
٨- سه فرض ست باقي بداخل نماز
شرائط دروني همان ست باز
٩- درين هر سه ترتيب ارکاني ست
خروجش بفعلش بدان ثاني ست
١٠- سيوم نيز يقظه که بيداري ست
بتحقيق مشروط هشياري ست

باب طهارت مکان نماز گزاردن

١- طهارت مکان نماز ست شرط
دو گونه درين گفتگوئي ست فرط
٢- يکي بر نجاست چو رکني بکرد
همان رکن فاسد شده صاف سرد
٣- اعاده کند رکن بر جائی پاک
رهد تا نمازش همه از هلاک
٤- بقولي نه رکن ست تنها تباه
نماز ست باطل بلا اشتباه
٥- دگر هم پليدي مکانِ نماز
چه قدر ست مانع منافي نماز
٦- ميانِ قيام و رکوع و سجود
يکي پا نهادن بود فرض زود
٧- دگر پا نهادن برو واجب ست
درين هر سه موضعِ نکو واجب ست
٨- بجبهت نهادن سجود ست تام
ببيني ست تنها بنزد امام
٩- امام ست راجع ازين مسئله
ببيني نهادن نه سجده شده

نماز جي ٽن قسمن جي فرض جو باب

١- نماز ۾ سورهن فرض آهن، جن مان اٺ نماز کان ٻاهر آهن.
٢- انهن ٻاهرين اٺن فرضن کي شرط چوندا آهن، جن مان ٻه ته بيان ٿي چڪا آهن.
٣- هڪ ڪپڙو پاڪ، ٻيو بدن پاڪ، ٽيون پَنجَ وقت سڃاڻڻ.
۴- وقتن جو بيان ته مشهور آهي، جيڪو متن ۾ ذڪر ڪيل آهي.
۵- باقي پنج فرض رهيل آهن، جن جو تفصيل سان بيان ڪيان ٿو.
٦- ٻيا اٺ فرض نماز ۾ اندر آهن، انهن مان پنج ارڪان ظاهر آهن.
٧- قيام، قرائت، رڪوع ۽ سجدو، پنجون نماز جي پڇاڙيءَ ۾ قعدو ڪرڻ آهي.
٨- ٽي فرض باقي نماز ۾ اندر آهن، انهن کي اندريان شرط چوندا آهن.
٩- انهن ٽن مان هڪ رڪنن جي ترتيب. ٻيو پنهنجي فعل سان نماز کان ٻاهر نڪرڻ آهي.
١٠- ٽيون نماز ۾ سڄاڳي ۽ هوشياري به رڪن آهي.

نماز پڙهڻ واري جاءِ جي پاڪ هجڻ جو باب

١- نماز واري جاءِ جو پاڪ هجڻ شرط (فرض) آهي. هن ۾ ٽن قسمن تي گفتگو آهي.
٢- هڪ نجاست تي رڪن ادا ڪرڻ سان اهو رڪن فاسد ٿيندو.
٣- اهو رڪن پاڪ جاءِ تي ورائي ادا ڪجي ته جيئن نماز فساد کان بچي وڃي.
۴- هڪ قول موجب رڳو اهو رڪن تباهه نه آهي، پر سموري نماز باطل ٿي.
۵- ٻيو پليدي به نماز جي جاءِ واري، ڪيتري قدر آهي، جيڪا نماز کان مانع آهي.
٦- قيام، رڪوع ۽ سجدي ۾ هڪ پير زمين تي رکڻ فرض آهي.
٧- باقي ٻيو پيرُ انهن ٽنهي جاين ۾ زمين تي رکڻ واجب آهي.
٨- پيشاني رکڻ سان سجدو پورو آهي. امام اعظم وٽ رڳو نڪ رکڻ سان به سجدو پورو آهي.
٩- پر امام اعظم ان قول کان رجوع ڪري چڪو آهي ته رڳو نڪ رکڻ سان سجدو پورو نه ٿيندو.

١٠- چو برجائ پاکي نهاده قدم — دگر بر نجاست نهاده بدم
١١- نمازش اشد الکراهة شده — شده ترک واجب شنو تو همه
١٢- نه وضعش شده بر نجس معتبر — يکي پا شده معتبر بي دگر
١٣- بود وضع پا بر نجس کالعدم — بود همچو بي وضع بر جا بدم
١٤- يکي پا نهاده که آن فرض بود — دگر نا نهاده ازين وجه زود
١٥- اگر بر نجاست زياده تمام — دو دست و دو زانو نهاده تمام
١٦- و يا(١) بر نجاست چو بيني نهاد — چو بر پاک جبهت نهاده بياد
١٧- همه عضوها اين نهاده بدم — نهاده همه اين شده کالعدم
١٨- نهادن همه اين چو سنت شده — کراهت بود ترک سنت همه
١٩- نمازش روا با کراهت بدان — ببين در متانه که کرده بيان
٢٠- ولي قول مشهور ظاهر بدان — همان ست معمول اي نوجوان
٢١- مکاني که دارد بران هر دو پاء — دگر جاءِ وجه ست اي نيک راء
٢٢- بود شرط پاکي همين دو مکان — نه باقي مُصَلّیٰ شنو بي گمان
٢٣- برين قول يک پا نهاده اگر — ولي بر نجاست غليظه نگر
٢٤- دگر پا چو بر جاء پاکي نهاد — نمازش برفته همه با فساد
٢٥- دو دست و دو زانو همه بر پليد — نهادن بباشد کراهت پديد
٢٦- شده ترک سنت شنو اين شمار — بود وضع سنت همه اين چهار
٢٧- ز "شرح مواهب" دگر قول را — بديدم صريحا شنو با صفا
٢٨- مکان همه هفت اندامهاء — بود شرط پاکي نه باقي ز جاء
٢٩- همين قول تحقيق باشد صحيح — ولي از سمرقندي ست اين صريح
٣٠- اگر زير هر هفت اندامها — نجاست غليظه بباشد بجا(٢)

(١) در نسخه "جهه" وگر بجایٔ ويا نوشته است.
(٢) در نسخه "ر" بود اي کيا بجایٔ بباشد بجا نوشته است. و درين نسخه ترتيب اشعار باين طور است.
مساحت همه آنچه ملصق شده ـ ازين هفت اندام اي نيک رَه.
ز مقدار درهم بود بيشتر ـ بيک رکن اين جمع شد معتبر.
نمازش شکسته شده ياد گير ـ مسائل درين باب باشد کثير.

١٠- جيڪڏهن هڪ پير پاڪ جاءِ تي، ٻيو پليد جاءِ تي رکيائين،
١١- ان جي نماز سخت مڪروهه ٿي، ڇو ته ان صورت ۾ واجب ترڪ ٿئي ٿو.
١٢- پليدي تي پير رکڻ کي اعتبار نه ڪبو، باقي (پاڪ جاءِ تي رکيل) هڪ پير کي اعتبار آهي.
١٣- پليد جاءِ تي پير رکڻ، نه رکڻ وانگر آهي.
١٤- هڪ پير رکيائين جيڪو فرض هو. باقي ٻيو پير(رکڻ واجب هو) جيڪو نه رکيائين.
١٥- جيڪڏهن پليديءَ تي ٻن هٿن ۽ ٻن گوڏن جي جاءِ کان زياده (عضوا) رکيائين.
١٦- يا نَڪُ پليد جاءِ تي ۽ پيشاني پاڪ جاءِ تي رکيائين. (١)
١٧- هي سڀ رکيل عضوا ڪالعدم ۽ اڻ رکيل ڄڻبا.
١٨- هي عضوا رکڻ سنت آهن ۽ سنت کي ڇڏڻ ڪراهت آهي.
١٩- ان حال ۾ نماز ڪراهت سان جائز ٿيندي "متانه" ۾ ان جو بيان آهي.
٢٠- اي نوجوان! پر مشهور قول ظاهر آهي ۽ اهوئي معمول آهي.
٢١- ٻنهي پيرن ۽ مُنهن جي رکڻ جي جيڪا جاءِ آهي.
٢٢- انهن ٻن جاين جي پاڪائي شرط آهي، باقي ٻيءَ جاءِ جو پاڪ هجڻ شرط نه آهي.
٢٣- ان قول موجب جيڪڏهن نجاست غليظه تي هڪ پير رکيائين.
٢٤- ۽ ٻيو پير پاڪ جاءِ تي رکيائين ته ان جي نماز جائز نه ٿيندي.
٢٥- ٻئي هٿ ۽ ٻئي گوڏا پليد جاءِ تي رکڻ ڪراهت آهن.
٢٦- ائين سنت ترڪ ٿئي ٿي، ڇو ته انهن ڇئني عضون جو (پاڪ جاءِ تي) رکڻ سنت آهي.
٢٧- "شرح مواهب" ۾ ٻيو قول صريح ڏٺم، اهو ڇڱيءَ طرح ٻُڌُ.
٢٨- ستن عضون جي جاءِ جي پاڪائي شرط آهي وڏيڪ شرط نه آهي.
٢٩- تحقيق هي قول صحيح آهي ۽ سمرقنديءَ کان صريح منقول آهي.
٣٠- جيڪڏهن انهن ستن عضون جي هيٺان نجاست غليظه هجي.(٢)

(١) نسخي "جهه" ۾ 'ويا' جي عيوض 'وگر' لکيل آهي.
(٢) نسخي "ر" ۾ 'بباشد بجا' بدران 'بود اي کيا' لکيل آهي. ۽ انهيءَ نسخي ۾ هن شعر کان پوءِ شعرن جي ترتيب هن طرح لکيل آهي: ترجمو:
ستن عضون مان انهن عضون جي ماپ جيڪي پليديءَ سان لڳل هجن،
اها ماپ درهم جي قدر کان زياده هجي ۽ هڪ رکن ۾ هجي،
ان جي نماز پڇي پئي، هن باب جا مسئلا تمام گهڻا آهن.

٣١- نـه نفسِ نجاست بـود معتبـر مساحت ز مـوضوع کن در نظر
٣٢- مساحت ز اعضا که ملصق شده بنفس نـجاست شنـو تـو همـه
٣٣- اگـر آن مساحت زیاده بـود ز مقدار درهـم کشاده بـود
٣٤- منـافي نماز ست این قدر زو ازین کم معاف ست اي نیک رو
٣٥- ولـي جمع کردن مساحت همین بیک رکـن آمـد شنـو اي امین
٣٦- اگر زیـر هر دو عقب او بدید نجاست دگـر زیـر زانـو پـدید
٣٧- جـدا هـر یکي را بکن اعتبار مکن جمع این هر دو را در شمار
٣٨- وجـود نخستین بـود در قیـام پسین در سجود ست اي نیک نام
٣٩- چو یک سجده اش بر نجاست نمود کند بر دگر او چو دیگر سجود
٤٠- جـدا هر یکي هم بـود معتبـر ببین 'شرح منیه' ، متانه دگر
٤١- بجاء غلیظـه خفیفـه اگـر بـود زیـر عضوي بجمله صور
٤٢- مساحت ازان ربع انـدام گیـر بکن جمع بر طور سابـق پذیـر
٤٣- غلیظه اگر بـا خفیفه بگشت شنـو طور جمعش بباش گذشت
٤٤- کنـون قول احوط که باشد صحیح بـگـویم بیـانش تـرا هم صریح
٤٥- ز پس دو عقب تا مکان سجود همـه پـاک بـودن بـود شرط زود
٤٦- بـود شـرط پـاکي مصليٰ همه صحیح ست این قول روشن چو مه
٤٧- مُصَلّیٰ ز هـر دو عـقـب دو قـدم بـود تـا مکانِ سجود ست هم
٤٨- بود گرچه خالي ز وضع تنش دریـن حد داخل بـود بـودنـش
٤٩- چنـانچـه مقابل بسینـه همو نجاست بباشد شنـو تـو نکو
٥٠- اگـر آن غلیظـه ز درهـم فـزون نـمازش شـود بـا تباهي زبـون
٥١- نـه حکم خفیفه دریـن مسئلـه بـدیدم گهي در کتب عـادلـه
٥٢- بـشایـد بحکم غلیظـه شـده دریـن حکم یکسان همه آمده
٥٣- ولـي در متـانـه ز ترغیب گفت روا بـر خفیفـه سجود ست مفت
٥٤- دو بـول ست پـاک از محمد امین بـریـن ست فتـویٰ بحق زمین

٣١- پليديءَ جي عين کي اعتبار نہ آهي، بلڪ رکيل عضوي جي ماپ کي ڏسبو.
٣٢- پليديءَ سان جيڪو عضوو لڳل هجي، ان جي ماپ ڀڏو.
٣٣- جيڪڏهن ان جي ماپ، درهم جي قدر کان زياده هجي.
٣٤- ايترو انداز پليدي نماز جي منافي آهي، ان کان گهٽ معاف آهي.
٣٥- پر هڪ رُڪن ۾ مُتفرق پليدي گڏي اُن ماپ جو حڪم لائبو.
٣٦- جيڪڏهن ٻنهي ڪُڙين ۽ گوڏن جي هيٺان پليدي ڏنائين.
٣٧- هر هڪ کي جدا شمار ڪبو ۽ گڏ شمار نہ ڪبون.
٣٨- اي نيڪنام! پهرئين صورت قيام ۾، پوئين صورت سجدي ۾ ٿيندي.
٣٩- جيڪڏهن هڪ سجدو پليد جاءِ تي، ٻيو سجدو ٻيءَ جاءِ تي ڪيائين.
٤٠- هرهڪ کي جدا جدا اعتبار ڪبو، شرح منيه ۽ متانه ڏس.
٤١- مذڪوره بالا سيني صورتن ۾ جيڪڏهن غليظي پليدي جي بدران خفيفي پليدي هجي.
٤٢- ان صورت ۾ عضوي جوچوٿون حصو ان جي ماپ آهي ۽ اهي گڏ ڪبا جيئن مٿي گذريو.
٤٣- جيڪڏهن غليظي، خفيفيءَ سان گڏ ٿي تہ ان جي گڏ ٿيڻ جو طريقو ڀڏو جيڪو گذريو.
٤٤- هاڻي توکي اَحوَطُ ۽ صحيح قول جو صريح بيان ٻڌايان ٿو.
٤٥- ٻنهي ڪُڙين کان سجدي واري جاءِ تائين، سموري جاءِ جو پاڪ هجڻ شرط آهي.
٤٦- نماز جي سموري جاءِ جو پاڪ هجڻ شرط آهي. هي قول صحيح ۽ چڱو وانگر چٽو آهي.
٤٧- ٻنهي پيرنَ جي ٻنهي ڪُڙين کان وٺي، سجدي واري جاءِ تائين، اها سموري جاءِ نماز آهي.
٤٨- جيتوڻيڪ ان جاءِ کي بدن نہ بہ لڳي، فقط ان حد ۾ داخل هجي.
٤٩- جيئن سيني جي سامهون نجاست هجي تہ ان بابت حڪم ڀڏو.
٥٠- جيڪڏهن اها نجاست غليظه درهم کان زياده هوندي تہ نماز فاسد ٿيندي.
٥١- هن مسئلي ۾ خفيفي پليدي جو حڪم معتبر ڪتابن ۾ نہ ڏٺو اٿم.
٥٢- شايد (تي سگهي ٿو) جو خفيفه ۽ غليظه جو حڪم ساڳيو هجي.
٥٣- پر "متانه" ۾ "ترغيب" جي حوالي سان لکي ٿو تہ خفيفه تي سجدو ڪرڻ جائز آهي.
٥٤- ڀ پيشاب امام محمد وٽ پاڪ آهن، زمين جي حق ۾ ان تي فتوىٰ آهي.

٥٥- چو بول بهيمه كه لحمش حلال ‏ دگر بول اسب ست اي نيک فال
٥٦- مراد از مُصَلّىٰ بود جائگاه ‏ نه سجاده باشد بلا اشتباه
٥٧- چو پاكي مصلىٰ همه شرط گشت ‏ همين ست احوط چنانچه گذشت
٥٨- همين قول تحقيق كرده بيان ‏ ابوليث شيخ سمرقنديان
٥٩- بمفتاح اين قول آمد صريح ‏ بگفته كه اين قول باشد صحيح
٦٠- بود در پليدي مكان اختلاف ‏ كه مفسد نماز ست بيک قول صاف
٦١- بقولي نه مفسد نماز ست آن ‏ ولي ركن فاسد بگردد ازان
٦٢- اعاده همان ركن لازم بدان ‏ نخستين بود قول مختار شان
٦٣- نجاست غليظه كثيره اگر ‏ ز مقدار درهم بود بيشتر
٦٤- بران جبهت و انف هر دو نهاد ‏ برائي سجودش بران زور داد
٦٥- چو سجده بران جا بكرده تمام ‏ سه قول ست درين صورتِ با مرام
٦٦- بقولي نمازش درين فاسد ست ‏ صحيح ست اين قول گيري بدست
٦٧- ولي درمختار اصحش بگفت ‏ بديگر كتب نيز اين در بسفت
٦٨- و ليكن ندانم كه اين قول كيست ‏ كه گفته همين قول قولش قوي ست
٦٩- ولي شرح منيه بگفته چنين ‏ همين قول طرفين دان با يقين
٧٠- ولي بوالمكارم نوشته(١) عيان ‏ كه قولِ دو صاحب چنين شد بيان
٧١- مگر يک روايت چنين از امام ‏ موافق بمذهب دو صاحب همام
٧٢- ببين در متانه بطور دگر ‏ نه اين قول آمد مگر از زفر
٧٣- بقولي نه محسوب شد آن سجود ‏ جواز نمازش بدارد وجود
٧٤- اعاده چو كرده سجودش همان ‏ نمازش روا گشت دان بي گمان
٧٥- ندانم كه گفته همين قول را ‏ ز علماء تحقيق اي با صفا
٧٦- ز توضيح و از شرح منيه ببين ‏ كه مذهب ابي يوسف ست اين چنين
٧٧- ولي بوالمكارم همه گفت راست ‏ نه اين قول مذهب ز علماء ما ست
٧٨- مگر از ابي يوسف ست قول يک ‏ نه مذهب وي ست اين درين نيست شک

(١) در نسخه "جهـ" بگفته بجاىٔ "نوشته" مرقوم ست.

٥٥- مثلاً حلال جانور جو پيشاب، ٻيو گهوڙي جو پيشاب پاڪ آهي.
٥٦- لفظ مُصَلّي مان مراد نماز جي جاءِ آهي ۽ سجدي وارو ڪپڙو مُراد نه آهي.
٥٧- سموري نماز واري جاءِ جو پاڪ هجڻ شرط آهي، اهو قول احوط آهي، جيئن گذريو.
٥٨- هي قول شيخ ابوالليث سمرقنديءَ بيان ڪيو آهي.
٥٩- مفتاح ۾ هي قول صريح آيو آهيُ ۽ چيو اٿس ته، هي قول صحيح آهي.
٦٠- جاءِ جي پليدي ۾ اختلاف آهي هڪ قول موجب مفسد نماز آهي.
٦١- ٻئي قول موجب مفسد نماز نه آهي، پر ان سان رُڪن فاسد ٿيندو.
٦٢- ۽ ان رڪن کي ورائڻ لازم آهي، پهريون قول مختار آهي.
٦٣- نجاست غليظه جيڪڏهن درهم جي مقدار کان زياده هجي.
٦٤- ان تي پيشاني ۽ نَڪُ، سجدي لاءِ زور سان رکيائين.
٦٥- جڏهن ان جاءِ تي سجدو پورو ڪيائِين ته ان صورت ۾ ٽي قول آهن.
٦٦- هڪ قول موجب نماز فاسد ٿي، هي قول صحيح آهي ۽ اهو اختيار ڪر.
٦٧- پر الدرالمختار ۾ هن قول کي اصح چيو اٿس، ٻين ڪتابن به ائين لکيو آهي.
٦٨- پر مونکي معلوم نه آهي ته هي قول ڪنهن جو آهي، جنهن هن قول کي قوي چيو آهي.
٦٩- پر "شرح منيه" چيو آهي ته، هي قول طرفين جو آهي.
٧٠- پر ابوالمڪارم لکيو آهي ته، اهو قول صاحبين جو آهي.(١)
٧١- اهڙي طرح امام اعظم کان به هڪ راويت صاحبين جي مذهب موافق آئي آهي.
٧٢- "متانه" ڏس ان ۾ وري ٻي طرح آهي ته، هي قول امام زُفر جو آهي.
٧٣- هڪ ٻئي قول موجب اهو سجدو حساب ۾ نه ايندو پر نماز جائز ٿي.
٧٤- اهو سجدو ورائي ڪندو ته نماز صحيح ٿي ويندي.
٧٥- مون کي معلوم نه آهي ته اهو ڪهڙي محقق عالم جو قول آهي.
٧٦- التوضيح ۽ شرح منيه ۾ ڏسو (لکيل آهي) ته، هيءُ مذهب (قول) ابو يوسف جو آهي.
٧٧- پر ابوالمڪارم چيو ته هيءُ قول اسان جي مذهب جي عالمن جو نه آهي.
٧٨- باقي ابو يوسف جي هڪ قول کي ان جو مذهب نه چئبو.

(١) نسخي "جهه" ۾ 'نوشته' جي بدران 'بگفته' لکيل آهي.

٧٩- ولـي در متانـه نوشتـه شده || كـه مذهب دو صاحب چنين آمده
٨٠- بقولي سجودش بباشد روا || كـه آن بر نجاست بكرده ادا
٨١- ببين در متانه كه كرده بيان || كـه مذهب امام ست اين خود عيان
٨٢- روايت يكي از ابي يوسف ست || متانـه درينجا مدان منصف ست
٨٣- نوشتـه بديدم جدا بر ورق || كـه مذهب امام ست اين طور حق
٨٤- حديثي برين طور دارد سند || همو بر حديث آن عمل مي كند
٨٥- چو سجده موحد كند بي ريا || باخلاص كامل برائي خدا
٨٦- خدا پاک سازد بقدرِ همين || ز سجده گهش تا بهفتم زمين
٨٧- چو اقوال جمله شده مضطرب || شده حق ميان خطا محتجب
٨٨- ولي قول اول(١) چو معمول گشت || برين دار باور چنانچه گذشت
٨٩- درينجا بيامد يكي ضابطه || عجيب ست آن بي شكي ضابطه
٩٠- بباشد اگر كشف عورت ازو || و يا بر پليدي باستاد او
٩١- و يا بر پليدي بكرده سجود || چو از قدر درهم زياده ببود
٩٢- و يا او بپوشيد جامه پليد || و يا ناگهش هم حدث در رسيد
٩٣- و يا گشت كشتي ز قبله تمام || و يا او مقدم شده بر امام
٩٤- و يا او محاذي شده با زني || بجمله شرائط شنو اين فني
٩٥- و يا هر دو پا را جدا در سجود || بكرده جدا از زمين هر دو زود
٩٦- و يا در ميانِ قيام و ركوع || جدا هر دو پا را بكرده بروع
٩٧- چنانچه شده در هوا يک زمان || جدا از زمين با تكلف عيان
٩٨- و يا مرد او را ببرداشسته || ميان هوا زود افراشته
٩٩- و يا برتنش بس پليدي فتاد || همه اين صور را بياري تو ياد
١٠٠- بقدري سه تسبيح چون دير كرد || و يا كرد ركني ادا نيک مرد
١٠١- بهمراه صورت يكي زين صور || نمازش شكسته شنو اين خبر
١٠٢- سه تسبيح مقدار ركن ست تام(٢) || ببين شرح منيه بيابي مرام

(١) در نسخه "جهـ" احوط بجاىٔ اول نوشته. (٢) در نسخه "چ ا" تمام بجاىٔ تام نوشته است.

٧٩- پر متانه ۾ لکيل آهي ته، هي قول صاحبين جو آهي.
٨٠- هڪ ٻئي قول موجب ان جو سجدو جائز ٿيو، جيڪو پليدي تي ادا ڪيائين.
٨١- متانه واري بيان ڪيو آهي ته، هي امام اعظم جو مذهب آهي.
٨٢- ۽ ابو يوسف کان به هڪ روايت آئي آهي، متانه هتي انصاف نه ڪيو آهي.
٨٣- هڪ جدا پني تي لکيل ڏٺم ته هيءُ مذهب (قول) امام اعظم جو آهي.
٨٤- انهيءَ مسئلي لاءِ هڪ حديث کي سَند (حُجت) وٺي، ان حديث تي عمل ڪري ٿو.
٨٥- جڏهن موحد (مسلمان) بنا رياءَ جي اخلاص ڪامل سان خدا کي سجدو ڪري ٿو.
٨٦- خدا تعالىٰ انهيءَ زمين کي سجدي واري جاءِ کان وٺي ستين زمين تائين پاڪ ڪري ٿو.
٨٧- جيئن ته سمورا اقوال مضطرب ٿي پيا، ان ڪري حق خطا ۾ لڪي ويو.
٨٨- پر پهريون قول معمول آهي، تنهنڪري ان تي ڀروسو ڪر.(١)
٨٩- هتي هڪ عجيب ضابطو (قاعدو) آيو آهي.
٩٠- جيڪڏهن اُگهڙ کلي پوي يا پليدي تي ويٺو هجي.
٩١- يا پليديءَ تي سجدو ڪيائين، جيڪا قدر درهم کان زياده هئي.
٩٢- يا پليد ڪپڙو ڍڪيائين يا اوچتو حدث لاحق ٿيس.
٩٣- يا ٻيڙيءَ ۾ نماز ٿي پڙهيائين سا قبلي کان ڦري وئي يا امام جي اڳيان ٿي بيٺو.
٩٤- يا ڪنهن عورت جي پرسان بيٺو. انهن سمورين صورتن جو حڪم ٻڌو.
٩٥- يا سجدي ۾ زمين کان ٻئي پير مٿي ڪنيائين.
٩٦- يا قيام ۽ رڪوع ۾ ٻئي پير زمين کان مٿي ڪنيائين.
٩٧- جيئن ڪنهن ڪوشش سان، هڪ ساعت زمين کان جدا ٿي مٿي هوا ۾ بيٺو.
٩٨- يا ڪو شخص ڪيس مٿي هوا ۾ ڪٽي بيٺو.
٩٩- يا ان جي بدن کي گهڻي پليدي لڳي وئي، هي سڀ صورتون ياد رک.
١٠٠- ٽن تسبيحن جيتري دير ڪيائين يا ڪو رڪن ادا ڪيائين.
١٠١- انهن سيني صورتن ۾ نماز ڀڄي پوندي.
١٠٢- ٽي تسبيحون رڪن تام جو قدر آهن. شرح منيه ڏس ته مقصد حاصل ٿئي.(٢)

(١) نسخي "جهه" ۾ 'اول' جي بدران 'احوط' لکيل آهي. (٢) نسخي "ڇ، ا" ۾ 'تام' جي بدران 'تمام' لکيل آهي.

١٠٣- بمفتاح تسبيح يک گفت صاف — کـه مقدار رکن ست اين بي خلاف
١٠٤- سـه تسـبيح در درمختار گفت — نـه تسبيح واحد همو گفت مفت
١٠٥- بقدرِ سه تسـبيح چو دير کرد — ميانِ صور اين همـه گشت سرد
١٠٦- بنزد ابي يوسف ست قدر اين — بـدادنـد جمهـور فتـوىٰ بريـن
١٠٧- نـه تسبيح واحد بنزديک او ست — چو مقدار رکني سه تسبيح زو ست
١٠٨- چـه تعديل فرض ست نزديک او — بقـدرِ سـه تسبيح کـامل نکـو
١٠٩- بمقدار تسبيح هم حاصل ست — ولي هست ناقص، نه آن کامل ست
١١٠- اگـر با تفکر ز خواندن بماند — بقـدرِ سه تسبيح چيزي نخواند
١١١- سجود ست از سهـو واجب برو — چـه مقـدار رکن ست تاخيـر زو
١١٢- نه رکن ست کامل بتسبيح يک — نـه ناقص مراد ست من غير شک
١١٣- ولـي قـول مفتـاح احـوط شـده — اگرچـه ضعيف ست اي نيکـره
١١٤- چـو رکنـي بتـعديـل کـرده ادا — بهمـراه صورت يکـي اي کيـا
١١٥- ز جمله منافي که مذکور گشت — صـور يـازده نيـر بـالا گذشت
١١٦- فسـاد نمـاز ست بـالاتفـاق — همين مسئلـه را بـدان بي نفـاق
١١٧- اگـر در دمک کم ز تسبيح يک — ادا کـرد رکنـي دران يـک دمک
١١٨- ولـي کـرد همـراه صـورت يکـي — ز جملـه صـور آن يکـي انـدکي
١١٩- بنـزد محـمـد نمـازش تبـاه — نـه فتـوىٰ بباشـد بريـن هيچگاه
١٢٠- چـو قدر سه تسبيح باقي شده — يکـي صـورتي از صـور يـازده
١٢١- ميان نمازش چو اين قدر بـود — اگـرچـه نـه رکنـي ادا او نـمـود
١٢٢- بنـزد ابي يوسف ست زان فساد — بريـن ست فتويٰ بداري تو ياد
١٢٣- بنـزد محـمد نمـازش صحيـح — مگر چون ادا کرد رکنـي مليح
١٢٤- روايـت نيـامـد دريـن از امـام — چنين بوالمکارم نـوشتـه تمام
١٢٥- فتـد بر نجاست چو اطراف ثوب — کـه باشد لقان از تنش صاف ثوب
١٢٦- معاف ستِ او را نمازش روا ست — ولي با کراهت شنو قـول راست

١٠٣- مفتاح ۾ هڪ تسبيح کي، رڪن جو مقدار چيو اٿس.
١٠٤- الدرالمختار ۾ تسبيحون لکيون آهن ۽ هڪ تسبيح جو قائل نہ آهي.
١٠٥- ٽن تسبيحن جيترو قدر دير ڪيائين تہ انهن سيني صورتن ۾ نماز نہ ٿيندي.
١٠٦- ابو يوسف وٽ هي قدر مقرر آهي ۽ انهيءَ قول تي جمهور فتوىٰ ڏني آهي.
١٠٧- هڪ تسبيح ان وٽ مقدار نہ آهي، ڇو تہ رڪن جو مقدار ان وٽ ٽي تسبيحون آهن.
١٠٨- جڏهن تہ تعديل الارڪان ابو يوسف وٽ فرض آهي ۽ ڪامل تعديل ٽن تسبيحن جو مقدار آهي.
١٠٩- هڪ تسبيح جو قدر بہ آيو آهي، پر اهو ناقص آهي ۽ ڪامل نہ آهي.
١١٠- جيڪڏهن ڪنهن فڪر ۾ اچي ٽن تسبيحن جيترو قدر ماٺ ۾ رهيو ۽ ڪجهہ بہ نہ پڙهيائين.
١١١- انتي سهو جو سجدو واجب ٿيو، ڇو تہ رڪن جيترو مقدار دير ڪيائين.
١١٢- هڪ تسبيح جو قدر ڪامل رڪن نہ آهي ۽ هت ناقص مراد نہ آهي.
١١٣- پر مفتاح جو قول احوط آهي جيتوڻيڪ اهو قول ضعيف آهي.
١١٤- مذڪوره صورتن مان ڪنهن ۾ بہ، جيڪڏهن ڪو رڪن تعديل سان ادا ڪيائين.
١١٥- مٿي ذڪر ڪيل سموريون منافي (نماز جي خلاف) صورتون يارنهن آهن.
١١٦- انهن صورتن ۾ بالاتفاق نماز فاسد ٿيندي. اهو مسئلو چڱيءَ طرح سمجهہُ.
١١٧- جيڪڏهن هڪ تسبيح کان بہ گهٽ وقت هڪ ساعت ۾ ڪو رڪن ادا ڪيائين.
١١٨- پر اهو رڪن مٿي ذڪر ڪيل صورتن مان ڪنهن بہ هڪ صورت ۾ ادا ڪيائين.
١١٩- امام محمد وٽ نماز فاسد ٿي، پر ان تي فتوىٰ نہ آهي.
١٢٠- مٿين يارنهن صورتن مان ڪنهن بہ صورت ۾، جيڪڏهن ٽن تسبيحن جو قدر باقي رهيو.
١٢١- نماز ۾ جيڪڏهن ايترو قدر ٿيو، توڙي رڪن ادا نہ ڪيائين.
١٢٢- امام ابو يوسف وٽ نماز فاسد ٿيندي ۽ ان تي فتوىٰ آهي.
١٢٣- امام محمد وٽ ان جي نماز صحيح آهي پر تڏهن، جڏهن رڪن ادا ڪيائين.
١٢٤- ابوالمڪارم لکيو آهي تہ ان باري ۾ امام اعظم کان ڪا روايت نہ آئي آهي.
١٢٥- بدن تي ڍڪيل ڪپڙي جو پلاند پليدي تي پيو.
١٢٦- اهو معاف اٿس ۽ سندس نماز ڪراهت سان جائز ٿي.

بـاب سـتـر عـورت در نـمـاز

١- بدان ستر عورت بصافي كلام ز ناف ست تا زير زانو تمام
٢- نه عورت بود ناف نزديک ما چنين ستر عورت بود مرد را
٣- ولي ستر عورت كنيزک نكو ست ز دوش ست تا زير زانوئ او ست
٤- بيک قول سينه نپوشد اگر معاف ست او را بدان اين خبر
٥- بمفتاح صدرش چو شكمش شمرد نه قولِ دگر در كتابش نَوُرد
٦- همه تن حرائر زنان عورت ست مگر وجه ديگر مگر هر دو دست
٧- دگر دو قدم او نه عورت بود برين ست ظاهر روايت سند
٨- بقولي ست عورت همه دو قدم همين ست احوط شنو بيش وكم
٩- و ليكن بظاهر روايت عمل بكردند علما درين خوش محل
١٠- بگويند عورت همان عضو را كه سترش بود فرض اي نيک راء
١١- اگر ربع عضوي شود برهنه ازان عضوهائي كه عورت شده
١٢- و يا ثمن هر يک ز عضوين او ازين عضوهائي كه عورت ازو
١٣- و يا چند موضع ز عورت همه شود برهنه از تنش هيچگه
١٤- چو مجموع آن ربع عضوي شوَد بقدرِ سه تسبيح باقي بود
١٥- فسادِ نماز ست بقولِ صحيح بنزديک طرفين آمد صريح
١٦- ولي نصف عضو از ابي يوسف ست نه ماخوذ قولش درين موقف ست
١٧- چو چيزي نيابد كه ساتر شود مگر ثوب ناپاک جمله بود
١٨- مصلي مخير بود آن زمان شود برهنه يا گزارد دران
١٩- وگر ربع جامه بود پاک صاف پليد ست باقي همه بي خلاف
٢٠- نمازش گزارد بجامه همان روا نيست عاري شدن بي گمان
٢١- بود قبح عاري شدن سخت تر ز قبح پليدي شنو اين خبر
٢٢- كند دفع اول كه مشكل تر ست گزيند دگر را كه آن ايسر ست
٢٣- نخستين اشد القباحة بدان گزيند دگر تا شود دفع آن

نماز ۾ اُگهڙ ڍڪڻ جو باب

١- ڌُن کان وٺي گوڏي کان ٿورو هيٺ تائين، اُگهڙ ڍڪڻ فرض آهي.
٢- ڌُن اسان وٽ اُگهڙ نہ آهي، ايتري اُگهڙ مرد کي ڍڪڻي آهي.
٣- پر ٻَانهيءَ کي کُلهي کان وٺي گوڏي کان ٿورو هيٺ تائين، اگهڙ ڍڪڻي آهي.
٤- هڪ قول موجب (ٻانهي جيکڏهن) سينو نہ ٿي ڍڪي تہ معاف اٿس.
٥- مفتاح ۾ ان جو سينو پيٽ وانگر چيل آهي ۽ ٻيو قول نہ آندو اٿس.
٦- آزاد عورتن جو سمورو بدن اگهڙ آهي، مگر هٿ ۽ منهن اگهڙ نہ آهن.
٧- ان جا ٻہ پير بہ اگهڙ نہ آهن، ظاهر روايت ان لاءِ سند آهي.
٨- هڪ قول موجب ٻئي پير اگهڙ اٿس ۽ اهو قول احوط آهي.
٩- پر عالمن سڀڪورن هِتِ ظاهر روايت تي عمل ڪيو آهي.
١٠- اگهڙ ان عضوي کي چون ٿا، جنهن جو ڍڪڻ فرض آهي.
١١- اگهڙ وارن عضون مان، جيکڏهن ڪنهن عضوي جو چوٿون حصو اگهاڙو ٿيو.
١٢- يا اهڙا بہ عضوا جن جو ڍڪڻ فرض آهي، انهن مان هر هڪ جو اٺون حصو ظاهر ٿيو.
١٣- يا بدن جي اگهڙ وارن جاين مان ڪجهہ جايون اگهاڙيون ٿيون.
١٤- جيکڏهن اها سموري اگهڙ هڪ عضوي جو چوٿون حصو ٿئي ۽ ٽِن تسبيحن جو قدر ڪليل رهي.
١٥- صحيح قول موجب طرفين وٽ نماز فاسد ٿي.
١٦- پر ابو يوسف وٽ اڌ عضوو آهي ۽ هتي سندس قول ماخوذ نہ آهي.
١٧- پاڻي لاءِ پاڪ شيءِ نٿي ملي، ڪپڙو آهي پر اهو سڄو پليد آهي.
١٨- نمازيءَ کي اختيار آهي تہ اگهاڙو ٿي نماز پڙهي يا پليد ڪپڙو پائي نماز پڙهي.
١٩- جيکڏهن ڪپڙي جو چوٿون حصو پاڪ هجي، باقي ٽي حصا پليد هجن.
٢٠- انهيءَ ڪپڙي سان نماز پڙهي، اگهاڙو ٿي نماز نہ پڙهي.
٢١- پليديءَ جي خرابيءَ کان، اگهاڙو ٿيڻ وڌيڪ خراب آهي.
٢٢- اول (اگهڙ) واري خرابي دفع ڪري، جيڪا مشڪل آهي، ٻي خرابي اختيار ڪري جيڪا آسان آهي.
٢٣- پهرئين (اگهڙ) سخت ڪراهت آهي ٻي (پليدي) کي اختيار ڪري تہ اُگهڙ دفع ٿئي.

باب قلبه كه عين كعبه ست يا جهت كعبه يا جهت مكه

۱- بدان سُوْیٔ مكه تو قبله شناس — كه بر غير مكي بود اين قياس
۲- ولي عين كعبه كه باشد عيان — هميشه بود قبلهٔ حاضران
۳- ز كعبه نه حائل بود درميان — بنزد همه حكم اين شده بيان(۱)
۴- چو از عين كعبه وَرَا حائل ست — بمكه همو با يقين داخل ست
۵- بود قبلهٔ اش عين كعبه تمام — مدان سُوْیٔ كعبه شنو اين كلام
۶- ببين شرح منيه كه گفته صريح — همين قول را محض گفته صحيح
۷- ولي درمختار عكش گزيد — كه قبله بود سویٔ كعبه مزيد
۸- كسي كو ز مكه بود دور تر — بود قبله اش سُوْیٔ مكه مگر
۹- ز جمله جوانب بود قبلهاء — ز هر جانبِ هست قبله جدا
۱۰- همه قبلها اجتهادي شده — مگر در دو جا وحي هادي شده
۱۱- يكي قبلهٔ اهلِ مكه تمام — دگر مر مدينه شنو اين كلام
۱۲- كه با وحي ثابت شده هر دو اين — ببين درمختار يابي يقين
۱۳- صحابه چو كردند فتح البلاد — بكردند در قبلها اجتهاد
۱۴- بسوئ جنوبي ست قبله عراق — بقولِ صحابه مع الاتفاق
۱۵- ولي قبلهٔ اهل مشرق يكي ست — كه آن جانبِ مغربي بي شكي ست
۱۶- ز جوزا رسيده چو روز اخير — بود مغربش منتهیٰ ياد گير
۱۷- شماليّ و صيفيّ همين مغرب ست — كه اين بر نهايت مغارب شب ست
۱۸- دگر آخرين روز از قوس خوب — بود مغربش بر مغارب جنوب
۱۹- نهايت مغارب جنوبي همه — برين مغربي در شتا آمده
۲۰- ز مغرب يكي تا بمغرب دگر — همه جانب مغربي معتبر
۲۱- بود قبلهٔ اهل مشرق تمام — همه جانب مغربي اي همام

(۱) در نسخه "جهه" عيان بجایٔ بيان نوشته است.

قبلو عين ڪعبو يا ڪعبي جو طرف يا مڪي جو طرف آهي

١- مڪي وارن ڪان سواءِ، ٻين لاءِ مڪي جي طرف کي قبلو سمجهہُ.

٢- ڪعبي ۾ حاضر ٿيندڙن جو قبلو، عين ڪعبو آهي.

٣- جڏهن ڪعبي ۽ نمازيءَ جي وچ ۾ ڪوبہ حائل نہ هجي، اهو حڪم سمورن عالمن وٽ آهي[١].

٤- جيڪڏهن عين ڪعبي ڪان ڪو حائل آهي، پر (نمازي) مڪي ۾ داخل آهي.

٥- ان جو قبلو عين ڪعبو آهي، باقي ڪعبي جي طرف کي قبلو نہ چئبو.

٦- شرح منيہ ڏسو، جنهن هن قول کي صراحةً صحيح چيو آهي.

٧- پر الدرالمختار ان جي اُبتڙ ڪعبي جي طرف کي قبلو چيو آهي.

٨- پر جيڪو ماڻهو مڪي ڪان پري آهي، ان جو قبلو مڪي جو طرف آهي.

٩- سيني طرفن ڪان قبلا آهن ۽ هر طرف جدا جدا قبلو آهي.

١٠- سڀ قبلا اجتهادي آهن، مگر ٻن جاين (قبلن) ۾ وحي هادي آهي.

١١- هڪڙو قبلو مڪي وارن جو، ٻيو مديني وارن جو آهي.

١٢- اهي ٻئي قبلا وحي سان ثابت آهن، الدرالمختار ڏس تہ يقين ٿئي.

١٣- جڏهن اصحابن ملڪ فتح ڪيا تہ قبلي لاءِ اجتهاد ڪيائون.

١٤- اصحابن جي متفق قول موجب عراق لاءِ ڏکڻ طرف قبلو آهي.

١٥- پر اوڀر وارن جو قبلو هڪڙو آهي ۽ اهو اولهہ طرف آهي.

١٦- جڏهن سج جوزا بُرج جي آخري ڏينهن تي پهچي لهي تہ، قبلي جي جاءِ اُلهندي طرف سمجهڻ گهرجي.

١٧- شمالي مغرب ۽ اونهاري واري مغرب اهائي آهي جو انهيءَ مغربن جي انتها تي رات آهي.

١٨- قوس بُرج جي جاءِ تي سج لهڻ جي جاءِ جُنوبي مغرب آهي.

١٩- سيني جنوبي مغرب جي ملڪن جي انتها، سياري ۾ا ها لهڻ واري جاءِ آهي.

٢٠- هڪ مغرب ڪان ٻي مغرب تائين اهو وچ اولهہ طرف سمجهہ آهي.

٢١- اوڀر وارن لاءِ اولهہ وارو سمورو حصو قبلو آهي.

(١) نسخي "جهہ" ۾ 'بيان' جي بدران 'عيان' لکيل آهي.

۲۲- بـود حـد ايـن از صحابـه كـرام — چنين در حديث ست اي نيكنام
۲۳- بـيـانِ جـواز سـت حـد دراز — نمانده حرج چون فراخ ست جواز
۲۴- ولي مستحب ست مر اهل شرق — كـه در ملک شرقي بـدانـنـد فـرق
۲۵- شنيـدم ز عـلـمـاء گـجـراتـيـان — كـه از اهل هيئت بـود اين بيان
۲٦- كـه بـر خـط مكـه مقـابـل بـآن — بـود شهر كهنبهات اي نـوجوان
۲۷- بـود شهـر كهنبهات مشهـور تـر — بنزديک سورت شنو اين خبـر
۲۸- ز كهنبهات تـا شهر ملتـان نگـر — بـمقدار ايـن هم ز جـانـب دگـر
۲۹- همه را ست قبلـه يكي در شمـار — براِئي سهولت شنو اين شمار
۳۰- تفـاوت يميناً يـسـارا گـر ست — همان ست دشوار مشكل تر ست
۳۱- همه ملک آنچه كـه گفته شده — دو جانب ز كهنبهات باشد همه
۳۲- همه را ست قبلـه يكي مستحب — مُـعَـيَّنُ بگـويـم تـرا بـهـر رب
۳۳- همـه جـانـب مغربـي اي كـيـا — دو حـصـه بـرابـر بگـردان جـدا
۳۴- ميان اين دو حصه تو قبلـه بدان — درين مـلـک قبلـه همين جـاودان
۳۵- ميان اين دو حصه بـود جاىٔ خوب — بـود جاىٔ شِعْرَيٰ(۱) بوقت غروب
۳٦- چـو شِعْرَيٰ بكرسي بـدارد قـرار — تـفـاوت قـليـلش نـدارد شـمـار
۳۷- بـود شمس انـدر چـهـارم سمـاء — دريـن ملک باشد تـفـاوت نـمـاء
۳۸- دو حـصـه بـرابـر نـگـردد پسنـد — مـگـر دائـره هـنـديـه بـر كشـنـد
۳۹- ز قطب شمـالـي بـداننـد هـم — ولي قـطـب مشكل بـود هم اهم
۴۰- بـزيـر جـدي ست اگـر فـرقـديـن — نبـاشد بجـانـب دگـر فـرقـديـن
۴۱- و يـا فـرقـدين ست فـوقـش تـمـام — جـدي ست آن وقت هم قطب تام
۴۲- سـه حصـه كـنـي جـانـبِ مـغـربـي — ميـانِ خـراسـان مـشـو اجـنـبـي
۴۳- دو حصـه يـمـين و يكي چـپ گـذار — بـايـن طـور قبله خـراسـان شمـار
۴۴- چـو قبله بخـارا سوىٔ عـقـرب ست — بـوقت غروبش جلي مغـرب ست
۴۵- بـتـقـريـب اين هر دو قبله يكي ست — تـفـاوت ميان دو اين اندكي ست

(۱) شِعْرَيٰ: بر وزن ذِكْرَيٰ بسندي "ڪيڙو تارا" . (حاشيه مصنف) وحق تعالىٰ فرمود : وَاَنَّهٗ رَبُّ الشِّعْرٰى. (سورة النجم. آيت : ٥٠)

٢٢- اها حد اصحابن سڳورن جي مقرر ٿيل آهي، ائين حديثن ۾ آيل آهي.
٢٣- اها ڍگهي حد جواز جو بيان آهي ۽ ان ۾ تڪليف به نه ٿيندي، ڇو ته جواز ۾ وُسعت آهي.
٢۴- اوپر وارن لاءِ مستحب آهي ته پنهنجي اوپر واري ملڪ ۾ فرق ڄاڻن.
٢٥- گجرات جي عالمن کان ٻُڌو اٿم ته هيءُ بيان هيئت وارن جو آهي.
٢٦- اي نوجوان! مڪي جي خط جي سامهون کُنيات جو شهر آهي.
٢٧- کنيات جو شهر تمام مشهور آهي، جيڪو سُورت شهر جي پرسان آهي.
٢٨- کُنيات کان ملتان تائين جيڪو مقدار آهي، اوترو مقدار(کنيات جي) ٻئي طرف کان به سمجهه.
٢٩- سيني لاءِ اهو هڪڙوئي قبلو آهي، سهولت خاطر هي حڪم ٻڌو.
٣٠- سڄي ۽ کٻي (مغربين جي سڄي وچ) ۾ تفاوت ڪرڻ نهايت مشڪل آهي.
٣١- جيڪي ملڪ ٻڌايا ويا، اهي ڪنيات شهر جي ٻنهي طرفن کان آهن.
٣٢- انهن سمورن جو قبلو هڪ آهي، جيڪو مستحب ۽ معين آهي.
٣٣- اي پهلوان! سموري اولهه طرف کي هڪجيترا ٻه حصا ڪري جُدا ڪَرِ.
٣۴- انهن ٻنهي حصن جي وچ تي قبلو آهي، هن ملڪ لاءِ سدائين اهو قبلو آهي.
٣٥- اُنهن ٻن حصن جي وچ ۾ هڪ جاءِ آهي، جتان ٽيڙو تارا لهن ٿا. (١)
٣٦- جڏهن ٽيڙو تارا پنهنجي مِحورَ تي قرار وٺن ۽ ٿوري تفاوت کي اعتبار نه آهي.
٣٧- سج چوٽين آسمان ۾ آهي، جيڪو هن ملڪ ۾ تفاوت ڏيکاري ٿو.
٣٨- دائره هندي ٿاهڻ کان سواءِ ٻه حصا برابر ڪري نه سگهبا.
٣٩- اتر واري قطب تاري سان به قبلو سڃاڻبو آهي، پر قطب تارو سڃاڻڻ به نهايت مشڪل آهي.
۴٠- جدي بُرج جي هيٺان جيڪڏهن فرقدين (ٻہ تارا) هجن ۽ ٻئي طرف نه هجن.
۴١- يا فرقدين تارا ان جي مٿان هجن ته ان وقت جدي به قطب چئبو.
۴٢- اولهه واري پاسي کي ٽي حصا ڪَرِ ته خراسان وچ ۾ ٿيندو.
۴٣- ٻه حصا سڄي طرف ۽ هڪ حصو کاٻي طرف ڇڏ ته ان طرح خراسان جو قبلو ٿيندو.
۴۴- بُخارا جو قبلو بُرج عقرب ڏانهن آهي، ان جي غروب وقت ظاهر ظهور اولهه آهي.
۴٥- تقريباً هي ٻئي قبلا هڪ آهن ۽ ٻنهي ۾ تفاوت ٿورڙو آهي.

(١) شعرَي: ذڪري جي وزن تي سنڌيءَ ۾ ٽيڙو تارا. (حاشيه مصنف) ۽ خدا فرمايو ته هو ٽيڙو تارن جو رب آهي. (سورة النجم- آيت: ٥٠)

۴۶- بخارا نه هم از خراسان جدا ست — تفاوت بهر جا همه با خفا ست
۴۷- تفاوت ببسیار فرسنگها ست — میان جهتها شنو قول راست
۴۸- بموجب تفاوت کند انحراف — همین فن مشکل بود بي خلاف
۴۹- بآغاز اسلام مشکل ببود — میان اقالیم ترک و هنود
۵۰- مهندس قوي ماهرِ هِندسه — بود مؤمن و متقي نیکره
۵۱- بود هیئتِ رُبع مسکون شناس — کند در تفاوت جهتها قیاس
۵۲- بقولش عمل کردن ست خوبتر — که قولش درین باب دان معتبر
۵۳- بود امر این اجتهادي تمام — بود او درین فن هادي تمام
۵۴- اگر سویٔ قبله گهي گم کني — بباید که پرسش ز مردم کني
۵۵- اگر تو نیابي درانجا کسي — بهرسو که داري تو باور بسي
۵٦- دران سو نمازت بباشد روا — شود گرچه ظاهر ازان پس خطا
۵۷- خطا در تحري چو پیدا شود — میانِ نمازت هویدا شود
۵۸- بسویٔ خطا هر چه کردي روا ست — دران سو ازان پس نه باقي روا ست
۵۹- بوقتِ ظهورش بسوئي صواب — برائي بِنا، رو بگردان شتاب
٦۰- اگر قدر رکني کني دیر تو — نمازت روا نیست اي نیکرو
٦۱- چو شد شک در سُؤیٔ قبله گهي — بغیر از تحري نیابد رهي
٦۲- دهد با تحري چو ترجیح سو — دران سو گزارد نمازش نکو
٦۳- بود نیتِ سُؤیٔ قبله برو — همین هر دو فرض ست جمله برو
٦۴- تحري یکي، دوم نیت همین — دگر جا، نه نیت همین فرض هین
٦۵- وگر بي تحري گزارد نماز — نمازش بکرده تمامش براز
٦٦- ازان پس چو ظاهر بگشته خطا — و یا هیچ ظاهر نشد اي کیا
٦۷- درین هر دو صورت نمانده جواز — ولي گشت زو ترک فرض نماز
٦۸- وگر سویٔ قبله نمازش شده — بدانست پس از نمازش همه
٦۹- نمازش روا گشت دان با یقین — ز "ایضاح" و از "درمختار" بین

٤٦- بُخارا بہ خراسان کان جدا (پري) نہ آهي، هر هنڌ مخفي تفاوت آهي.
٤٧- صحيح قول ٻڌو تہ جهتن (طرفن) ۾ ڪيترا ئي فرسنگ (ڳائُو) فرق آهي.
٤٨- تفاوت آهر ٿورڙو پوندو، پر هيءُ فن ڏکيو آهي.
٤٩- ابتدا اسلام وقت تُرڪ ۽ هندستان جي مُلڪن ۾ تفاوت ڏکيو هو.
٥٠- ڄاڻو انجنيئر ۽ هندسي جو ماهر، جيڪو مؤمن ۽ متقي هجي.
٥١- جيڪو رُبع مِسڪُون جي هيئت کان واقف هجي، اهو جِهَتُن جو تفاوت معلوم ڪري سگهندو.
٥٢- ان جي قول تي عمل ڪرڻ بهتر آهي ۽ هن باب ۾ ان جو قول معتبر آهي.
٥٣- هي اجتهادي امر آهي ۽ انجنيئر هن فن ۾ رهنمائي ڪندڙ آهي.
٥٤- جيڪڏهن قبلو معلوم نہ ٿئي تہ ٻين ماڻهن کان پڇا ڪجي.
٥٥- جيڪڏهن اتي ٻيو ڪو ماڻهو نہ هجي تہ،جنهن طرف تنهنجو قوي رايو ٿئي اهو قبلو چئبو.
٥٦- ان طرف نماز پڙهيائين تہ جائز ٿي،توڙي پوءِ معلوم ٿئي تہ قبلو ايڏانهن نہ هو.
٥٧- جيڪڏهن وچ نماز ۾ جاچ وارو رايو غلط معلوم ٿئي.
٥٨- غلط طرف ڏي ادا ڪيل نماز صحيح ٿي،پر باقي رهيل نماز ان طرف پڙهڻ جائز نہ آهي.
٥٩- جڏهن صحيح طرف ظاهر ٿئي تہ ان طرف مُنهن ڦيرائي.
٦٠- صحيح قبلي جي ظهور وقت جيڪڏهن هڪ رڪن جيتري دير ڪبي، تہ نماز جائز نہ ٿيندي.
٦١- قبلي جي شڪ وقت تحريٰ (جاچ ڪرڻ) کان سواءِ ٻي ڪا راهہ نہ آهي.
٦٢- تحريٰ ڪرڻ سان جڏهن ڪنهن طرف کي ترجيح ڏنائين تہ ان طرف نماز پڙهڻي پوندي.
٦٣- ان کي قبلي جي نيت ڪرڻي آهي، اهي ٻئي (تحريٰ ۽ قبلي جي نيت ڪرڻ) فرض آهن.
٦٤- هڪ تحريٰ ٻيو نيت ڪرڻ فرض آهي، ٻي جاءِ تي قبلي جي نيت فرض نہ آهي.
٦٥- جيڪڏهن تحريٰ ڪرڻ کان سواءِ نماز پڙهي پوري ڪيائين.
٦٦- اي پهلوان! اُن کان پوءِ خطا معلوم ٿي يا خطا نہ بہ ظاهر ٿي.
٦٧- انهن ٻنهي صورتن ۾ نماز جائز نہ ٿي ڇو تہ نماز جي فرض (تحريٰ) جو ترڪ ٿيو.
٦٨- جيڪڏهن نماز قبلي جي طرف ادا ٿي پر ڪيس نماز پڙهڻ کان پوءِ اها خبر پئي.
٦٩- ان جي نماز يقيناً جائز ٿي "ايضاح" ۽ "الدرالمختار" ڏِسُ.

۷۰- بود از تحري اصابت غرض　اصابت شده اصل بابت غرض
۷۱- وگر او بدانست پيش از سلام　كه در سو مصيب ست اي نيكنام
۷۲- نه جائز نماز ست اي نيكرو　شروعش دگر بار باشد برو
۷۳- دليلش دقيق ست بي گفتگو　ز ايضاح و از درمختار جو
۷۴- چو گم كرد قبله جماعت بسي　كنند پس تحري جدا هر كسي
۷۵- كنند هر يكي بر تحري عمل　كنند بر تحريش جاري عمل
۷۶- كساني كه يک سو بود رایٔ شان　كنند اقتدا با يكي ديگران
۷۷- چو هر يک برايش بباشد جدا　نه كس را، روا با دگر اقتدا
۷۸- چو تاريک بيحد شود هيچگاه　درانجا شود موجبِ اشتباه
۷۹- چو حال امامش نه معلوم او ست　نه هرگز بداند كه رويش چه سو ست
۸۰- همين جهل باقي چو مانده تمام　ميانِ نمازش همه تا سلام
۸۱- نماز ست جائز باين اقتدا　و ليكن بشرطي كه گويم ترا
۸۲- ببعضي كتب ما بود شرط اين　بعلم مطابق بدارد يقين
۸۳- نه هرگز امامش پس پشت او ست(۱)　سوايش نداند كزو او چه سو ست
۸۴- چو علمش مطابق ندارد خطا ست(۲)　باين شرط باشد نمازش روا ست
۸۵- ببين در "نقايه" كه گفته چنين　و ليكن ز بعضي دگر شرط بين
۸۶- چو خلف الامام ست او را مقام　نباشد مقدم دمي بر امام
۸۷- بجز علم اين شرط في الواقع ست　مطابق بواقع درين موضع ست
۸۸- اگرچه ندانست او هيچگاه　كه خلف الامام ست بي اشتباه
۸۹- اگر او بداند ميانِ نماز　نه خلف الامام ست او با نياز
۹۰- و يا او بداند كه روئي امام　بسوئي دگر شد مخالف تمام
۹۱- نمازش برفته بگشته تباه　درين هر دو صورت درين نيكراه
۹۲- وگر پس فراغت بداند همو　مخالف امامش شده او بسو

(۱) در نسخه "چ ا"، "چ د" و "جهہ" اين مصرع باين طور ست. ع كه هرگز امامش نه پس پشت او ست.
(۲) در نسخه "چ ا"، "چ د" و "جهہ" در آخر اين شعر لفظ "است" موجود نيست.

٧٠- چو ته تحرىٰ مان اصلي مقصد اصابت آهي (۽ اها اصابت هت ثابت آهي).
٧١- جيڪڏهن سلام کان اڳ قبلي جي اصابت معلوم ڪيائين.
٧٢- اها نماز جائز نه ٿي، ٻيو ڀيرو ورائي پڙهي.
٧٣- ان جو دليل دقيق آهي ايضاح ۽ الدرالمختار ۾ ڳول.
٧٤- جيڪڏهن پوري جماعت کان قبلو ڍُلجي وڃي ته پوءِ هرڪو جدا تحرىٰ (ڳولا) ڪري.
٧٥- پوءِ هرڪو پنهنجي پنهنجي تحرىٰ تي عمل ڪري.
٧٦- جن ماڻهن جو هڪ طرف رايو هجي ته اهي پنهنجي راءِ واري ڪنهن به شخص جي پٺيان نماز پڙهن.
٧٧- جيڪڏهن هر هڪ جو جدا جدا رايو هجي ته ڪوبه ماڻهو ڪنهن جي اقتدا نه ڪري.
٧٨- جيڪڏهن گهڻي اونداهي هجي ۽ مُونجهارو ٿي پوي.
٧٩- جيڪڏهن امام جو حال معلوم نه اٿس ۽ نه وري اها خبر اٿس ته امام جو مُنهن ڪهڙي طرف آهي.
٨٠- ۽ اهو جهل (نه ڄاڻڻ) نماز ۾ سلام تائين باقي رهيو.
٨١- اهڙي امام جي پويان نماز جائز ٿي پر هڪ شرط اٿس، جيڪو توکي ٻڌايان ٿو.
٨٢- اسان جي بعض ڪتابن ۾ هي شرط آهي ته پنهنجي علم مطابق يقين رکي.
٨٣- اها پڪ هجيس ته امام سندس پٺيان نه آهي، سندس مُنهن جي خبر نه اٿس ته ڪهڙي طرف آهي.[1]
٨٤- پنهنجي علم مطابق نه هلندو ته خطا آهي، هن مطابقت واري شرط پوري ڪرڻ سان نماز جائز ٿيندي.[2]
٨٥- "نقايه" ۾ ائين چيو اٿس پر ڪن ٻين ڪتابن ۾ ٻيا به شرط آهن اهي ڏس.
٨٦- امام جي پويان بيٺو هجي ۽ هڪ گهڙي به ان کان آڏو نه ٿيو هجي.
٨٧- في الواقع (حقيقت ۾) هن شرط جو علم نه اٿس پر هن جاءِ ۾ واقع مطابق آهي.
٨٨- اگرچه هُو نٿو ڄاڻي ته ڪو آئون امام جي پويان آهيان.
٨٩- جيڪڏهن وچ نماز ۾ خبر پيس ته آءٌ امام جي پويان نه آهيان.
٩٠- يا معلوم ٿيس ته امام جو مُنهن ٻئي طرف هو.
٩١- انهن ٻنهي صورتن ۾ نماز جائز نه ٿي.
٩٢- جيڪڏهن نماز کان پوءِ خبر پيس ته هُو طرف ۾ امام جي مخالف هو.

(١) نسخي "چ،ا"، "چ،د" ۽ "جهه" ۾ هي مصرع هن طرح آهي:ع- انجو امام ان جي پويان هرگز نه هجي.
(٢) نسخي "چ،ا"، "چ،د" ۽ "جهه" ۾ هن شعر جي ٻجاڙيءَ ۾ است جو لفظ نه آهي.

٩٣- نمازش سلامت بمانده تمام — بنزديک جمله شنو اين کلام
٩۴- وگر او بداند دمي پس نماز — نبوده بخلف الامام او بناز
٩۵- اعاده نماز ست لازم برو — نخستين شکسته شده نا نکو
٩٦- وگر هيچ چيزي نه معلوم اوست — ازان در نمازش بسي گفتگو ست
٩٧- بايضاح اين طور کرده بيان — دگر بوالمکارم مشير ست عيان
٩٨- ولي بوالمکارم بگفته بمفت — باين شرط شرطِ دگر نيز گفت
٩٩- نه پشتش بود سوئ پشتِ امام — نديدم ز ديگر کتب اين کلام
١٠٠- ولي شرط مشهور اندر کُتب — بگويم ترا گر بداري تو حب
١٠١- بعلم اليقين او بداند چنان — که خلف الامام ست او را مکان
١٠٢- اگرچه بعلمش بباشد خطا — خطا را ندانست او هيچ جا
١٠٣- اگر او خطا را بدانست باز — چو فارغ بگشته همو از نماز
١٠۴- نمازش سلامت بدان با مرام — نه شرط ست علمِ مطابق تمام
١٠۵- وگر در نمازش بپيش از سلام — خطا را بدانست او نيک نام
١٠٦- نمازش شکسته شده اي همام — بخواند دگر بار با اهتمام
١٠٧- بود جمع شرطين مشکل ترين — يکي جهل حال اِمامش ببين
١٠٨- نداند که رويش بسوئ کجا ست — باين شرط، شرطِ دگر نيست راست
١٠٩- همان شرط علم اليقين ست تمام — که رويش بود سوئ پشتِ امم
١١٠- بشرحِ وقايه يکي شرط گفت — نه سائر شرائط همو کرد جفت
١١١- بگفته چو روئي امامش بسو — نداند همان سو کدام ست زو
١١٢- کند روئ خود را بسوئ امام — همين شرط کافي ست اي نيک نام
١١٣- اگر او مخالف امامش شده — چو رويش دگر سو ببوده همه
١١۴- چو دانست خود را مخالف شدن — ميانِ نمازش شنو قول من
١١۵- نمازش شکسته شده اي کيا — وگر پس نمازش شده رو نما
١١٦- نمازش سلامت بود بي گمان — بکن جمع اقوال اين يک زمان

٩٣- هي گفتگو ٻڌو ته سيني امامن وٽ ان جي نماز دُرست ٿي.
٩٤- جيڪڏهن نماز کان پوءِ معلوم ٿيس ته ڪا گهڙي امام جي پٺيان نه هوس.
٩٥- نماز ورائي پڙهڻ لازم اٿس ۽ پهرئين نماز ٻڃي پئي.
٩٦- جيڪڏهن ڪجهه به معلوم نه اٿس ته ان جي نماز ۾ ڪافي گفتگو آهي.
٩٧- ايضاح ۾ ائين بيان ڪيو اٿس ۽ ابوالمڪارم به ان طرف اشارو ڪيو آهي.
٩٨- ۽ ابوالمڪارم هن شرط سان گڏ ٻيو شرط به چيو آهي.
٩٩- امام جي پُٺ ڏي، پُٺ نه هجي، پر اهو ٻيو شرط ٻين ڪتابن ۾ نه ڏٺو اٿم.
١٠٠- پر ڪتابن ۾ جيڪو مشهور شرط آهي، اهو توکي ٻڌايان ٿو. جيڪڏهن حُب اٿئي(ته ٻڌ).
١٠١- يقين سان ڄاڻي ته سندس جاءِ امام جي پويان آهي.
١٠٢- توڙي ڪٿي سندس ڄاڻ ۾ خطا هجي پر خطا جي خبر نه پيس.
١٠٣- جڏهن نماز کان واندو ٿيو ته پوءِ ان کي خطا جي خبر پئي.
١٠٤- ان جي نماز صحيح ٿي، علم مطابقت جو شرط نه آهي.
١٠٥- جيڪڏهن سلام کان اڳ نماز ۾ خطا جي خبر پيس.
١٠٦- سندس نماز ٻڃي پئي، ٻيهر چڱيءَ طرح پڙهي.
١٠٧- ٻنهي شرطن جو گڏ ٿيڻ تمام مشڪل آهي، جن مان هڪ امام جي حال جي نا واقفيت آهي.
١٠٨- اها خبر نه اٿس ته امام جو منهن ڪهڙي طرف آهي؟ هن شرط سان ٻيو شرط لڳائڻ درست نه آهي.
١٠٩- اهو شرط يقين سان ڄاڻڻ آهي ته ان جو مُنهن امام جي پٺي ڏي هجي.
١١٠- شرح وقايه ۾ هڪ شرط چيو اٿس، ٻيا شرط ان سان ملايا اٿس.
١١١- جڏهن امام جي مُنهن جو طرف معلوم نه هجيس ته ڪهڙي طرف آهي؟
١١٢- اي نيڪنام! پنهنجو مُنهن امام جي طرف ڪري، اهو شرط ڪافي آهي.
١١٣- جيڪڏهن امام جي طرف کان مخالف ٿيو ۽ سندس منهن ٻئي طرف ٿيو.
١١٤- پوءِ جيڪڏهن وچ نماز ۾ امام کان مخالف هجڻ معلوم ٿيس.
١١٥- ته سندس نماز ٻڃي پئي، پر جيڪڏهن نماز کان پوءِ معلوم ٿيس.
١١٦- بيشڪ سندس نماز صحيح ٿي. هي سمورا قول هڪ وقت گڏ ڪر.

١١٧- كـنـد روئي خود را بـسوئي امـام		نـه پيشش(١) بسويش كند تا سلام
١١٨- ز پشت امامش باِستد همو		نگـردد دمـي او مـقـدم بـرو
١١٩- بـنـزد هـمـه تـا نـمـازش روا		بگـردد هميشه شنو بـا صفـا
١٢٠- اگـرچـه نـدانـد كـه رویٔ امـام		مـيـانِ دو مـغـرب بـدارد مـقـام
١٢١- و يـا سـویٔ مغرب شمالي بـود		و يـا سـویٔ قربش حـوالي بـود
١٢٢- و يـا سـویٔ مغرب جنوبي همـو		و يـا سویٔ قربش همو كـرد رو
١٢٣- بـرو مشتبه گشت حالِ امام		بطوري كه گفتم شنو اين كـلام
١٢٤- اگـر در نـمـازش بـدانست حال		كـه رويش شده سوئي مغرب شمال
١٢٥- بـمغرب جنوبي ست رویٔ امام		مخالف شده او ز سـویٔ امام
١٢٦- نـمازش شكسته شده اي رفيق		بغـربـال تحـقيـق پـيـزي دقيـق
١٢٧- مـرادم ز خلفِ امـام ست ايـن		بـرو نـا مقدم شدن تـو ببين
١٢٨- چو روئي امام ست بسوئي شمال		بنـزديک مـغـرب شمالي بحـال
١٢٩- ميان دو مغرب اگر رویٔ او ست		باين طور خلفش شدن نا نكو ست
١٣٠- نـه در جوف كعبه فساد ست مدام		مگر پشت شد سـویٔ روئي امام
١٣١- كسي در تحري چو كرده خطا		خطا را چـو دانست كـرده بنـا
١٣٢- بـوي نيست جائز گهي اقـتدا		مـگـر چـون نكرده(٢) دگـر ابتـدا
١٣٣- مگر مقتدي او ست در هر دو حال		مـطـابـق بـرايـش كـنـد انـتـقـال
١٣٤- دو قسم ست قبلـه مع الاعتبار		يكـي اضطراري بـود در شمـار
١٣٥- چو او را شنـاسـد عـدوش قـوي		چـو رويش بقبله كـنـد مستوي
١٣٦- و يـا عـاجـز ست از توجـه تمام		معينش نيابـد شنـو ايـن كـلام
١٣٧- بهـر سو كه قـادر شود اي كيا		همـان سـو نـمـازش بـبـاشـد روا
١٣٨- چو قـادر بـود بـر تـوجـه تـمام		تـوجه كـنـد سـویٔ قـبـلـه مـدام
١٣٩- مگر خـارج الـمـصر بـر مـركبي		كـنـد نـفـل در روز يـا در شبي
١٤٠- بـهر سو كه مركب رود با نـياز		همـان سو كـند بـا اشـارت نـمـاز

(١) در نسخهائ ديگر پشتش بجایٔ پيشش نوشته. (٢) در نسخه "چ د" و "جه" بكرده بجایٔ نكرده نوشته است.

١١٧- پنهنجو منهن امام ڏانهن ڪري، امام ڪان اڳيان سلام تائين اُنَ ڏانهن منهن نہ ڪري.(١)
١١٨- امام جي پٺيان بيهي ۽ هڪ گهڙي بہ ان جي اڳيان نہ ٿئي.
١١٩- صاف ٻُڌي ڇڏِ تہ سيني عالمن وٽ سندس نماز درست ٿي.
١٢٠- توڙي ڪٿي نہ ڇاٽي تہ امام جو منهن ٻن مغربن جي وچ ۾ آهي.
١٢١- يا شمالي مغرب جي طرف يا ان جي قريب چوڏاريءَ هجي.
١٢٢- يا جنوبي مغرب يا ان جي طرف قريب مُنهن اٿس.
١٢٣- ان تي امام جو طرف، مشتبه (مونجهاري وارو) ٿي پيو جيئن ٻڌائي آيس.
١٢٤- جيڪڏهن نماز ۾ معلوم ٿيس تہ سندس منهن شمالي مغرب ڏي آهي.
١٢٥- ۽ امام جو منهن جنوبي مغرب ڏي آهي، جنهنڪري پاڻ امام جي طرف ڪان مخالف ٿي پيو.
١٢٦- اي رفيق! ان جي نماز يڇي پئي. تحقيق جي گيچڻ ۾ اُنَ ڪي ڇاڻ.
١٢٧- امام جي پٺيان هجڻ مان منهنجو مطلب هيءُ آهي تہ امام جي اڳيان نہ بيهي.
١٢٨- جڏهن امام جو منهن اترئين پاسي شمالي مغرب جي قريبُ هجي.
١٢٩- انجو منهن جيڪڏهن ٻن مغربن جي وچ تي آهي تہ اهڙي طرح امام جي پٺيان هجڻ ٺيڪ نہ آهي.
١٣٠- ڪعبي ۾ اندر نماز فاسد نہ ٿيندي، مگر امام ڏي پُٺ نہ هجي.
١٣١- جنهن شخص تحريٰ ۾غلطي، ڪئي پوءِ خطا معلوم ڪري باقي نماز ڪي ان تي بِنا ڪيائين.
١٣٢- ان حال ۾ اهڙي شخص جي اقتدا نہ ڪبي، مگر نماز ورائي پڙهيائين تہ صحيح ٿيندي.(٢)
١٣٣- ٻنهي حالتن ۾ هو مقتدي آهي ۽ راءِ مطابق ڦرندو رهي.
١٣٤- قبلو ٻہ قسم آهي، جن مان هڪ قسم اضطراري آهي.
١٣٥- جيڪڏهن قبلي ڏي منهن سڌو ڪري ٿو تہ سندس دشمن ڪيس سڃاڻي ٿو.
١٣٦- يا اهو سامهون ٿيڻ ڪان عاجز آهي ۽ ڪوبہ مدد ڪندڙ شخص نہ آهي.
١٣٧- جنهن طرف بہ قادر ٿئي، ان طرف منهن ڪري نماز پڙهي.
١٣٨- جڏهن سامهون ٿيڻ جي طاقت ٿئيس تہ قبلي ڏي سامهون ٿئي.
١٣٩- ۾ شهر ڪان ٻاهر ڪنهن سواريءَ تي رات جو يا ڏينهن جو نفل پڙهي ٿو.
١٤٠- سواري جنهن بہ طرف وڃي ان تي (سُوار) اشارن سان نماز ادا ڪري.

(١) ٻين نسخن۾ "پيشش" جي بدران "پشتش" لکيل آهي. (٢) نسخي "چ،د" ۽ "جهہ" ۾ 'نکرده' جي بدران 'بکرده' لکيل آهي.

١٤١- چو گردون درين باب چون دابها ست دران نفل كردن بهر سو روا ست
١٤٢- بيک قول گردون چو كشتي بدان توجه بقبله بباشد دران
١٤٣- كسي كو بباشد بگردون سوار و يا در سفينه بدارد قرار
١٤٤- بيارم مسائل همين هر دو زود ميانِ قيام و ميانِ سجود
١٤٥- بدان چيست قبله بگويم ترا ستوني ست الطف ز نورِ خدا
١٤٦- ز نورش چو اين نور موجود گشت بملک و بملكوت مسجود(١) گشت
١٤٧- ز بالايْ عرش ست تا ته زمين بود مستوي آن ستونِ متين
١٤٨- سرش فوق عرش ست در لامكان ندانند سِوَي الله بالامكان
١٤٩- بود راست طولش چو تيرِ كمان بيكسان بود مستوي بي گمان
١٥٠- بود سطبري آن ستونِ قوي بمقدار كعبه همه مستوي
١٥١- لطافت دقيقه كه داردَ بتن نه هرگز بديده شود آن بفن
١٥٢- علامت دوگانه كه در عرض آن بود هر دو خانه بدان جاودان
١٥٣- يكي بيت معمور از بهر حق كه معمور گشته بهفتم طبق
١٥٤- دگر بيت كعبه بپشت زمين همين دو علامت بود اي امين
١٥٥- بود راستي آن ستون بي كران فتد برسرش چونكه سنگِ گران
١٥٦- رسد سنگ بر بيت معمور آن همان سنگ بر بيت كعبه رسان
١٥٧- فتد زير پايش پس از يک زمان بود زير پايش همه لامكان
١٥٨- بود آن ستونِ قلب عرشِ عظيم كه قبله بود بهر حمله قديم
١٥٩- بود آن ستون قلب كرسي عيان كه قبله بود بهر كروبيان
١٦٠- بود بيت معمور قبله تمام برائي ملائک شنو اين كلام
١٦١- بود بيت كعبه بروئي زمين كه هر دم بود قبلهء مسلمين
١٦٢- اگرچه همه قبلها بي شكي ست ولي در حقيقت همه خود يكي ست
١٦٣- مگر خاص بيت المقدس جدا ست كه آن نيز قبله عبادت خدا ست
١٦٤- همه اين حقائق كه پيدا شده ز اهل المعارف هويدا شده

(١) و در حقيقت مسجود حق تعاليٰ ست اگر نيت سجده برايْ كعبه كرد كافر گشت كذا في الدر المختار. (ح.م)

١٤١- گاڏي هڻ باب ۾ وهڻ وانگر آهي، ان ۾ هر طرف نفل پڙهڻ جائز آهي.
١٤٢- هڪ قول موجب گاڏي ٻيڙيءَ وانگر آهي. ان ۾ توجهه قبلي جي طرف هجي.
١٤٣- ڪو شخص گاڏيءَ تي سوار هجي يا ٻيڙي ۾ چڙهيل آهي.
١٤٤- انهن ٻنهي (گاڏي ۽ ٻيڙي) جا مسئلا "قيام" ۽ "سجود" جي باب ۾ آئيندس.
١٤٥- توکي ٻڌايانِ ٿو تہ قبلو ڇا آهي؟ (قبلو) خدا جي نور جو هڪ لطيف ٿنڀ آهي.
١٤٦- خدا جي نور مان هي نور موجود ٿيو. جيڪو مَلَڪَن ۽ مَلَڪُوت جو (ظاهر ۾) مَسجُود ٿيو.(١)
١٤٧- عرش کان مٿي شروع ٿي زمين جي تهہ تائين پهچي ٿو. اهو مضبوط ٿنڀ سڌو آهي.
١٤٨- ان ٿنڀ جو مُنڍُ لامڪان ۾ عرش کان مٿان آهي. الله تعاليٰ کانسواءِ انکي ٻيو ڪوبہ نہ ٿو ڄاڻي.
١٤٩- ڪمان جي تير (گز) وانگر ڏيکهہ ۾ سڌو آهي ۽ سچو ٿنڀ هڪ جهڙو سڌو آهي.
١٥٠- ان مضبوط ٿنڀ جي ٿولهہ ڪعبي شريف جيتري آهي.
١٥١- ان جي جسم جي دقيق لطافت اهڙي آهي، جو ڪيس ڪوبہ ڏسي نہ سگهندو.
١٥٢- ٻئي ڪعبا ان جي عرض (ويڪر) جون بہ نشانيون آهن.
١٥٣- هڪ بيت المعمور جيڪو ستين آسمان تي ٿهيل آهي.
١٥٤- ٻيو ڪعبة الله شريف جيڪو زمين تي آهي. اهي بہ نشانيون آهن.
١٥٥- ان ٿنڀ جي سڌائي اهڙي آهي، جو ان جي منڍ کان ڪوبہ پٿر ڪِري.
١٥٦- تہ اهو پٿر اچي بيت المعمور تي پوندو، اتان وري ڪعبة الله شريف تي پوندو..
١٥٧- پوءِ اهو پٿر ڪعبة الله جي پاڙ ۾ پوندو ۽ پاڙ کان هيٺ لامڪان آهي.
١٥٨- اهو ٿنڀ عرش عظيم جو قلب آهي، جيڪو عرش کي کڻندڙ ملائڪن جو قبلو آهي.
١٥٩- اهو ٿنڀ ڪرسيءَ جو قلب آهي، جيڪو ڪَرُوبِين (مُقَرَّب ملائڪن) جو قبلو آهي.
١٦٠- هي گفتگو ٻڌو تہ، بيت المعمور سيني ملائڪن جو قبلو آهي.
١٦١- ڪعبة الله شريف زمين تي آهي، جيڪو مسلمانن جو قبلو آهي.
١٦٢- (مٿي ذڪر ڪيل) اگرچہ سمورا قبلا آهن، پر اهي سمورا قبلا حقيقت ۾ هڪ قبلو آهي.
١٦٣- پر خاص بيت المقدس جدا آهي جو اهو بہ خدا جي عبادت لاءِ قبلو آهي.
١٦٤- هي جيڪي بہ حقيقتون ظاهر ٿيون، اهي معرفت وارن کان معلوم ٿيون آهن.

(١) حقيقت۾ "مسجود" الله تعاليٰ آهي. جيڪڏهن ڪعبي کي سجدو ڪندو تہ ڪافر ٿيندو ائين الدرالمختار ۾ آهي.(ح.م)

١٦٥- نه منكر كسي زانچه سر خفي ست — مگر هر كه بر مذهبِ فلسفي است
١٦٦- بدان بر ثبوتِ ستون همين — بنا گشت دو مسئله كار دين
١٦٧- يكي چونكه در قعر غار عميق — گزاري نمازت شنو اي شفيق
١٦٨- بود قبلدات تحت كعبه مكين — برابر برويت بجوفِ زمين
١٦٩- دگر چونكه بر كوه اطول دراز — بسوئي هوا مي گزاري نماز
١٧٠- همه قبله ات فوق كعبه هوا ست — بقبله هوائي نمازت روا ست

باب نيت نماز و اركان آن نيت

١- بدان نيت اندر لغت قصد دل — بود معنيش قصد مطلق مهل
٢- و در شرع قصد عبادت خدا ست — نه قصدِ دگر از عبادت جدا ست
٣- ولي شرح اخلاص باشد دراز — كه در نيت ست آن كمال و براز
٤- ولي فرض نيت بباشد بدل — بدل فرض كافي ست اي مستدل
٥- زباني بهمراه دل مستحب — بقولي ست سنت بقولي ادب
٦- بقولي ست بدعت شنو اي امين — ولي قول اول تو مختار بين
٧- كه خود مستحب ست نيت زبان — مگر نيت حج سنت بدان
٨- چو در حج ثابت زباني شده — زباني بجز حج چون نامده
٩- ولي وقت نيت كه باشد بدل — بود پيش تكبير هم متصل
١٠- اگر بعد نيت منافي نماز — شده پيش تكبير اي دل نواز
١١- نه نيت دگر پس منافي بكرد — باين طور نيت همه گشت سرد
١٢- اگر در دلش رخش نيت براند — ازان پس ز نيت چو ذاهل بماند
١٣- بحالت ذهولش چو تكبير گفت — شده شارع اندر نمازش بمفت
١٤- بقولي نه داخل شده در نماز — ذهول ست اينجا منافي جواز
١٥- روا نيست تاخير نيت شنو — ز تكبير تحريم اي يار نو

١٦٥- هن مخفي راز جو منڪر فيلسوف ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونهي.
١٦٦- ان ڳالهہ جي ثبوت مان بہ مسئلا ظاهر ٿيا.
١٦٧- اي مهربان! هڪ تہ جنهن وقت تون ڪنهن اُونهي غار جي تري ۾ نماز پڙهين ٿو.
١٦٨- ان وقت تنهنجو قبلو ڪعبي جي هيٺان زمين جي جوف (وچ) ۾ منهن جي سڌو آهي.
١٦٩- ٻيو ڪنهن ڏکهي جبل تي هوا ۾ نماز پڙهين ٿو تہ.
١٧٠- قبلو ڪعبي جي مٿان هوا ۾ آهي، هوا واري قبلي ڏانهن نماز جائز آهي.

نماز جي نيت ۽ نيت جي رُڪن جو بيان

١- نيت جي لغوي معنىٰ دل ۾ مطلق ارادو ڪرڻ آهي.
٢- ۽ شريعت ۾ خدا تعالىٰ جي عبادت جو ارادو ڪرڻ آهي، ٻيو ارادو مراد نہ آهي.
٣- پر اخلاص جو بيان ڏکهو آهي، جنهن جو نيت ۾ هجڻ (عمل جو) ڪمال آهي.
٤- پر دل ۾ نيت ڪرڻ فرض آهي ۽ دل ۾ نيت ڪرڻ (عمل لاءِ) ڪافي آهي.
٥- دل سان گڏ زبان سان نيت ڪرڻ مستحب آهي. هڪ قول موجب سنت هئڻ قول موجب ادب آهي.
٦- هڪ قول موجب (زبان سان نيت ڪرڻ) بدعت آهي پرَ پهريون قول مختار آهي.
٧- خود زبان سان نيت ڪرڻ مستحب آهي پر حج جي زبان سان نيت ڪرڻ سنت آهي.
٨- جڏهن حج ۾ زبان سان نيت ثابت آهي تہ پوءِ حج ڪانسواءِ ٻئي عمل لاءِ زبان سان نيت ثابت ڇو نہ آهي؟
٩- پر دل ۾ نيت ڪرڻ جو وقت تڪبير کان اڳ متصل (گڏ ۽ لاڳيتو) آهي.
١٠- جيڪڏهن نيت ڪرڻ کان پوءِ ۽ تڪبير هڻڻ کان اڳ ۾ ڪو ڪم نماز جي خلاف ڪيائين.
١١- ۽ ان نماز جي مخالف ڪم کان پوءِ ٻي نيت نہ ڪيائين تہ اها نيت بيڪار ٿي وئي.
١٢- جيڪڏهن دل ۾ نيت جو گهوڙو ڊوڙايائين (نيت ڪيائين) ان کانپوءِ نيت کان غافل ٿي ويو.
١٣- جيڪڏهن غفلت واري حالت ۾ تڪبير چيائين تہ نماز ۾ شروع ٿيندو.
١٤- هڪ قول موجب نماز ۾ داخل نہ ٿيو ڇو تہ غفلت نماز جي مخالف آهي.
١٥- تڪبير تحريمہ کان نيت کي مؤخر ڪرڻ جائز نہ آهي.

۱٦- چنین ست ظاهر روایت صفا — ز کرخي ست تاخیر نیت روا
۱۷- روا تا رکوع ست نزدیک او — ببین درمختار بي گفتگو
۱۸- نه نیت مجرد زبان معتبر — چه آن قصد قلب ست نه فعل دگر
۱۹- مگر از کسي کو ندارد حضور — حضورِ دلش را نباشد ظهور
۲۰- زباني فقط کافي ست هم به است — ز"اشباه"و از"درمختار"هست
۲۱- چو نوع از عبادت که نامش نماز — کند قصد آنرا بدل با نیاز
۲۲- اگرچه نه لله در قلب او ست — ببین درمختار گفتن نکو ست
۲۳- نوافل باین قصد مطلق روا ست — روا نیست سنت، بیک قول راست
۲۴- بیک قول سنت بنیت چنین — بمثل نوافل تو جائز ببین
۲۵- پسین قول را در هدایه گزید — صحیحش بگفته بکوشش مزید
۲٦- ولي لفظ الله گفتن بدل — نه شرط ست آن نیز اي مستدل
۲۷- بود رکن اخلاص لله محض — مدان رکن نیت درین راه محض
۲۸- نه مر غیر حق را عبادت روا ست — نه حاجت بنیت برائي خدا ست
۲۹- بنیت نمازِ که آن مطلق ست — نوافل روا نیز بهر حق ست
۳۰- وگر فرض یا واجب ست آن نماز — بدل وصف آنرا معین بساز
۳۱- یکي وصف فرضي دگر واجبي ست — تعین دو این وصف فرضِ جلي ست
۳۲- نمازي که واجب بباشد صحیح — کند نیتش نیز واجب صریح
۳۳- بود وتر واجب بمذهب امام — برین ست علماء مذاهب تمام
۳۴- کند نیت وتر واجب برو — مطابق عقیده بجز گفتگو
۳۵- بمفتاح این طور آمد عیان — که وتر ست واجب بکرده بیان
۳٦- ز"اشباه"و از"درمختار"بین — کند نیت وتر مطلق متین
۳۷- چو وتر ست سنت بقولِ یکي — بنزد دو صاحب بود بي شکي
۳۸- ولي وتر مطلق برین شامل ست — چه واجب چه سنت درین داخل ست
۳۹- دگر وقت کردن معین تمام — بود رکن نیت شنو این کلام

١٦- ظاهر روايت ۾ ائين آهي، علامہ ڪرخي وٽ تاخير نيت جائز آهي.
١٧- الدرالمختار ڏس، علامہ ڪرخي وٽ رڪوع تائين نيت جي تاخير جائز آهي.
١٨- رڳو زبان جي نيت معتبر نہ آهي ڇو تہ نيت دل جو ارادو آهي ٻيو ڪو ڪم نہ آهي.
١٩- پر جنهن ماڻهوءَ ۾ دل جو حضور نہ آهي ۽ دل جو حضور ظاهر نٿو ٿئيس.
٢٠- ان لاءِ زباني نيت ڪافي بلڪ بهتر آهي. الاشباهہ والنظائر ۽ الدرالمختار ڏِسُ.
٢١- جڏهن نماز جهڙي عبادت ادا ڪري تہ دل ۾ ان جو ارادو ڪري.
٢٢- اگرچہ اخلاص ان جي دل ۾ نہ آهي تہ بہ نيت ڪرڻ سٺي ڳالهہ آهي الدرالمختار ڏِسوُ.
٢٣- نفل، مطلق نماز جي نيت سان پڙهڻ جائز آهي، هڪ قول موجب سنت جائز نہ آهي.
٢٤- هڪ قول موجب سنت، مطلق نماز جي نيت سان نفل وانگر جائز آهي.
٢٥- پوئين قول کي هدايہ قبول ڪيو آهي ۽ ان کي صحيح چيو اٿس.
٢٦- پر الله جو لفظ دل سان ڇوڙ اهو بہ شرط نہ آهي.
٢٧- اخلاص رڪن آهي، باقي نيت ڪرڻ رڪن نہ آهي.
٢٨- غيرُ الله جي عبادت جائز نہ آهي ۽ خدا جي (عبادت) لاءِ نيت جي ضرورت نہ آهي.
٢٩- مطلق نماز جي نيت سان نفل پڙهڻ جائز آهي.
٣٠- جيڪڏهن فرض يا واجب نماز هجي تہ ان جي وصف ۽ ڪيفيت دل ۾ معين ڪري.
٣١- هڪ وصف فرض، ٻي واجب آهي. انهن ٻنهي وصفن جو معين ڪرڻ فرض آهي.
٣٢- جيڪا نماز واجب آهي، اُن جي نيت ۾ واجب صريحاً چوي.
٣٣- امام اعظم جي مذهب موجب وتر واجب آهي، مذهب جي سيني عالمن جو ان تي عمل آهي.
٣٤- عقيدي مطابق وتر واجب جي نيت ڪري. ان ۾ ڪوبہ اختلاف ناهي.
٣٥- مفتاح ۾ هن طرح آيل آهي تہ وتر واجب آهي.
٣٦- الاشباهہ ۽ الدرالمختار ۾ ڏس (الڪيل آهي تہ) وتر جي نيت مطلق ڪري.
٣٧- ڇو تہ صاحبين جي هڪ قول موجب، وتر سنت آهي.
٣٨- پر وتر مطلق ان کي شامل آهي ڀلي واجب هجي يا سنت هجي ان ۾ داخل آهي.
٣٩- هي ڳالهہ ٻڌو تہ وقت مقرر ڪرڻ نيت جو رڪن آهي.

۴۰- اگر ظهر را عصر نیت نمود نمازش بگشته همه نفل زود
۴۱- و یا فطر را عید اضحیٰ بدید نمازش نمانده ازین هر دو عید
۴۲- نمازش شده نفل بي اشتباه بنزدِ محمد بگشته تباه
۴۳- وگر نیت وقت جمعه بکرد که خود ظهر جمعه بود وقت فرد
۴۴- اگر اعتقادش بباشد چنین که در روز جمعه همین وقت هین
۴۵- بود وقت جمعه که ظهر ست تام که در غیر جمعه بود ظهر نام
۴۶- نه از بهر اسقاط ظهر آمده نماز ست سر خود شنو این همه
۴۷- کند نسخ جمعه همین ظهر را چو سعیش کند او نه ظهر ست روا
۴۸- باین نیتش نیز جمعه روا ست همین قول مختار هم با صفا ست
۴۹- ز اشباه و از درمختار بین که جمعه روا گشت اي مرد دین
۵۰- بمفتاح جمعه نباشد روا بنیت که مذکور شد اي کیا
۵۱- مگر چونکه با قصد اسقاط ظهر ادا کرد جمعه بفُسطاط(۱) ظهر
۵۲- شود تا عوض ظهر جمعه ازو شود ظهر ساقط که بوده برو
۵۳- چو اوقات بسیار رفته ازو نه ایام آنها بدل داشت او
۵۴- کند نیت وقت جز روز او مدان نیت روز باشد برو
۵۵- چو کرده فراموش روزش تمام نه تعیین روز ست بر وي مدام
۵۶- نه تاریخ رفته معین کند نه روزي ز هفته معین کند
۵۷- اگر فجر شش وقت فوتش شده نه ایام در دل بیاد آمده
۵۸- کند نیت فجر مطلق قضاء چو شش بار نیت بکرده بجاء
۵۹- چو او نیت فجر شش بار کرد بهر بار فجرش چو تکرار کرد
۶۰- همه گشت جائز همین فجرها اصح ست این قول اي با صفا
۶۱- ببین درمختار را تو بعین اصحش همو گفت در موضعین
۶۲- بپیش از فرائض میان متون بیامد همین حکم همچون ستون
۶۳- میان مسائل که شتیٰ تمام ببین مسئله این چنین باهتمام

(۱) مراد از فسطاط مقام ظهر ست. (حاشیه مصنف)

٤٠- جيڪڏهن ظُهر ڪي عصر جي نماز ڪري نيت ڪيائين تہ اها نماز نفل ٿي ويندي.
٤١- يا عيدُ الفطر ڪي عيد الاضحىٰ سمجهيائين (نيت ڪيائين) تہ ٻنهي عيدن جي نماز نہ ٿي.
٤٢- اها نماز نفل ٿي ۽ امام محمد وٽ اها نماز فاسد ٿي.
٤٣- جيڪڏهن جمعي جي وقت جي نيت ڪيائين، جو خود ظهر جمعي جو وقت آهي.
٤٤- جيڪڏهن سندس اعتقاد اهو آهي تہ جمعي جي ڏينهن اهوئي وقت ظهر جو آهي.
٤٥- جمعي جو وقت تام ظهر هوندو، جو جمعي کان سواءِ ان جو نالو ظهر هوندو.
٤٦- جمعو ظهر ڪيرائڻ لاءِ نہ آيل آهي بلڪ از خود اهو پاڻ نماز آهي.
٤٧- اهو جمعو ظهر ڪي منسوخ ڪندو آهي، جڏهن جمعي لاءِ سعيو ڪندو تہ ظهر جائز نہ آهي.
٤٨- انهيءَ نيت سان بہ جمعو جائز آهي، اهو قول مختار آهي.
٤٩- الاشباه ۽ الدرالمختار ڏس (لڪن ٿا) تہ جمعو جائز ٿيو.
٥٠- مفتاح ۾ آهي تہ مذڪوره بالا نيت سان جمعو جائز نہ ٿيو.
٥١- جيڪڏهن جمعو اسقاط ظهر جي ارادي سان ظهر جي جاءِ تي ادا ڪيائين.(١)
٥٢- جيئن سندس ٻاران ظهر جو عيوض جمعو ٿئي تہ ظهر ساقط ٿي ويندي.
٥٣- جيڪڏهن ان کان گهڻا وقت فوت ٿي ويا هجن، جيڪي ڪيس ياد نہ آهن.
٥٤- وقت جي نيت ڪري، ڏينهن نہ ڄاڻائي، ڏينهن جي نيت ڪرڻ لازم نہ آهي.
٥٥- جيڪڏهن ان کان ڏينهن وسري وڃي تہ ڏينهن جي تعيين ان تي لازم نہ آهي.
٥٦- وِيل وقت جي تاريخ مقرر نہ ڪري، نہ وري هفتي مان ڪو ڏينهن مقرر ڪري.
٥٧- جيڪڏهن ڇهہ وقت فجر نماز جا فوت ٿيا ۽ ڏينهن ياد نہ اٿس.
٥٨- ۽ مطلق فجر جي نالي سان قضا لاءِ ڇهہ ڀيرا نيت ڪيائين.
٥٩- جڏهن ان فجر جي نيت ڇهہ ڀيرا ڪئي ۽ هر ڀيري سان فجر تڪرار سان چيائين.
٦٠- اهي سڀ فجر واريون نمازون جائز ٿيون هيءُ قول اصح آهي.
٦١- اڪين سان الدرالمختار ڏسُ ٻن جاين تي اصح چيو اٿس.
٦٢- متن ۾ ڪتاب الفرائض کان اڳ هيءُ حڪم آيو آهي.
٦٣- ۽ مسائل شتىٰ جي بيان ۾ بہ اهو مسئلو چڱيءَ طرح ڏسُ.

(١) فسطاط مان مراد هت ظهر جي جاءِ آهي. (حاشيه مصنف)

۶۴- باشباه نقل از محیط آمده		دران نقل این حکم ظاهر شده
۶۵- که از بهر ترتیب تعیین وقت		شده در قضا فرض کن دور مقت
۶۶- چو ترتیب ساقط شده در قضا		نه تعیین روز ست از شرطها
۶۷- ببعضي کتب گفت این همچو قرض		بهر حیله تعیین روز ست فرض
۶۸- کند نیت اول الفجر او		و یا آخر الفجر باشد برو
۶۹- همین ست مشهور اندر دیار		نخستین اصح ست تو یاد دار
۷۰- دگر اقتدا را کني اهتمام		اگر تو نمازت کني با امام
۷۱- معین بکردن امام ست خوب		و لیکن برو نیست شرط و وجوب
۷۲- امامش معین بکرده اگر		که زید ست یا بکر یا کس دگر
۷۳- ولي در معین بکردن امام		بکرده خطا در مُسَمّیٰ بنام
۷۴- نه جائز بگشته بَوي اقتدا		اگر در تعین بکرده خطا
۷۵- نه بهتر تعین بکردن بود(۱)		نه لازم ببوده که بر تن بود
۷۶- اگر احتمالِ خطا مي بود		اگرچه تعین روا مي بود
۷۷- کسي کو کند با امامش نماز		نمازش بود فرض اي دل نواز
۷۸- بود چار ارکان همه نیتش		شود تا بدان چار فرضیتش
۷۹- یکي قصد مطلق نماز ست برو		دگر نیت فرض او را بگو
۸۰- اگر نیت فرض دارد بدل		بقصد(۲) نمازش گزارد بدل
۸۱- نمازش ازین ره نشد هیچ چیز		چه انواع فرض ست بسیار نیز
۸۲- سیوم تو معین کني وقت صاف		چهارم بود اقتدا بي خلاف
۸۳- نه در شرح منیه بجز چار این		شمرده دگر هیچ رکني درین
۸۴- ولي قصد قبله ز جرجاني ست		بنزدیک او رکن این ثاني ست
۸۵- ولي عین کعبه بنزدیک او		کند نیتش فرض باشد برو
۸۶- اگرچه ز مکه بود دور تر		بجز عین کعبه نه قبله دگر
۸۷- چه بر حاضران جز توجه بعین		نه فرض ست نیت نباشد چو دین

(۱) درنسخه"جه" و"چ د"این شعر پس از شعر اگر احتمال خطا مي بود. (الخ) (۲) در چار نسخهایٔ نہ قصد نوشته

٦٤- الاشباهُ، مُحيط کان نقل ڪري آندو آهي. جنهن ۾ هيءُ حڪم ظاهر آهي.
٦٥- صاحب ترتيب لاءِ وقت جي تعيين، قضا ۾ فرض آهي، ڪاوڙ نہ ڪَرِ.
٦٦- جڏهن قضا ۾ ترتيب ڪري پئي تہ ڏينهن مقرر ڪرڻ بہ شرط نہ آهي.
٦٧- ڪن ڪتابن لکيو آهي تہ ڏينهن مقرر ڪرڻ هر صورت ۾ فرض آهي.
٦٨- نيت سڀ کان اول قضا ٿيل فجر جي ڪري يا سڀ کان آخر ۾ قضا ٿيل فجر جي ڪري.
٦٩- مُلڪ ۾ هي طريقو مشهور آهي ۽ پهريون طريقو اصح آهي.
٧٠- جيڪڏهن تون جماعتي ٿي امام سان نماز پڙهين.
٧١- امام مقرر ڪرڻ سنو آهي، پر اهو شرط يا واجب نہ آهي.
٧٢- جيڪڏهن امام مقرر ڪيائين تہ زيد آهي يا بڪر يا ڪو ٻيو شخص آهي.
٧٣- پر امام جي نالي مقرر ڪرڻ ۾ ڀُل ڪيائين.
٧٤- جيڪڏهن امام جي تعين ۾ خطا ڪيائين تہ اهڙي امام جي اقتدا جائز نہ ٿي.
٧٥- تعين ڪرڻ بهتر نہ آهي ۽ لازمي بہ نہ آهي.(١)
٧٦- جيڪڏهن خطا جو احتمال هجي جيتوڻيڪ تعين جائز آهي.
٧٧- جيڪڏهن ڪو شخص فرض نماز امام جي پٺيان پڙهي ٿو.
٧٨- ان جي نيت جا چار رڪن آهن، انهن چئن سان فرضيت ادا ٿيندي.
٧٩- هڪ مطلق نماز جو ارادو ڪرڻ، ٻيو فرض جي نيت ڪرڻ.
٨٠- جيڪڏهن دل ۾ فرض نماز جي نيت ڪري ۽ مطلق نماز جي قصد سان نماز ادا ڪري.(٢)
٨١- ان طرح نماز نہ ٿي ڇو تہ فرض جا گهڻا نوع آهن.
٨٢- ٽيون وقت مقرر ڪرڻ، چوٿون اقتدا ڪرڻ آهي.
٨٣- شرح منيه ۾ انهن چئن رڪنن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ رڪن ذڪر ٿيل نہ آهي.
٨٤- پر علامہ جُرجاني وٽ ٻيو رڪن قبلي جو ارادو ڪرڻ آهي.
٨٥- پر اُن (علامہ جرجاني) وٽ عين ڪعبي جي نيت ڪرڻ فرض آهي.
٨٦- اگرچہ مڪي شريف کان پري هجي تہ بہ، عين ڪعبي کان سواءِ ٻيو قبلو نہ آهي.
٨٧- ڪعبي ۾ حاضر ٿيندڙن تي بعينہ توجهہ کان سواءِ نيت فرض نہ آهي.

(١) نسخي "جهہ" ۽ "ڇ،د" ۾ هي شعر: اگر احتمال خطا مي بود کان پوءِ آيل آهي. (٢) چئن نسخن۾ "نہ قصد" لکيل آهي

٨٨- چو غائب بود فرض نيت برو ست   ولي نيت عين كعبه نه سو ست
٨٩- بنزديک جمهور نيت چنين   نه فرض ست آن بل توجه ببين
٩٠- مگر چونكه گم كرده قبله كسي   بهرسو كه باور بدارد بسي
٩١- همان سو برو فرض نيت شده   دگر جا نه نيت چنين آمده
٩٢- مدان قول جرجاني ست هم قبول   چو جمهور كرده ز قولش عدول
٩٣- نه نيت امامت بود بر امام   نمازش روا همچو تنها مدام
٩٤- ولي اقتدا نيست جائز باو   چو نيت امامت نكرده همو
٩٥- برين قول كرخي ابو حفص نيز   نه مختار اين قول شد با تميز
٩٦- بدادند فتوىٰ كه اين اقتدا   بود جز بنيت امامت روا
٩٧- مگر اقتداءِ زنان بي نظير   بباشد درين اختلاف كثير
٩٨- چو نيت امامت زني كرد او   ز جمله زنان اقتدا شد نكو
٩٩- بود اقتداء زنان در دو جا   دران هر دو جا، دان روا مطلقا
١٠٠- يكي جا نمازِ جنازه گزين   باجماع از درمختار بين
١٠١- بعيد و بجمعه روا مطلقا ست   بنا بر اصح ست اين قول راست
١٠٢- بنفي امامت چو نيت بكرد   نه نيت امامت بكرده بدرد
١٠٣- نه عيد و نه جمعه بگشته روا   بنيت چنين طور اي با صفا
١٠٤- ولي آنچه گويند بعضي عوام   بقرآن كند اقتدا هم امام
١٠٥- دگر منفرد هم كند اقتدا   بقرآن هادي بيابد هُدىٰ
١٠٦- كند هر يكي از امامش سوال   كه مارا امامت تو كردي بحال
١٠٧- امام تو گو كيست؟ اي نيكرو   كه كردي باو، اقتدا تو نكو
١٠٨- اگر او بگويد كه ما را امام   بود محض قرآن هادي تمام
١٠٩- روا شد نماز آن ز ايشان همه   چوشد اقتدا هم بقرآن همه
١١٠- و الا نماز همه نا روا ست   چو او را نه ثابت چنين اقتدا ست
١١١- باطراف گجرات اين مسئله   پراگنده گشته، بگشته يله

٨٨- ۽ غائب شخص تي عين ڪعبي جي نيت فرض آهي ۽ ڪعبي جي طرف جي نيت فرض نہ آهي.
٨٩- جمهور وٽ اهڙي نيت فرض نہ آهي فقط توجهہ ڪافي آهي.
٩٠- پر جيڪڏهن قبلو معلوم نہ ٿئي، پوءِ جنهن طرف ڀروسو رکي.
٩١- ان طرف جي نيت ان تي فرض آهي، ٻئي طرف نيت نہ ڪبي.
٩٢- علامہ جرجاني جو قول قبول نہ آهي ڇو تہ جمهور ان جي قول کان مُنهن موڙيو آهي.
٩٣- امام تي امامت جي نيت فرض نہ آهي، اڪيلي وانگر سندس نماز صحيح آهي.
٩٤- پر اهڙي شخص جي اقتدا ڪرڻ جائز نہ آهي، جنهن امامت جي نيت نہ ڪئي آهي.
٩٥- اهو علامہ ڪرخي ۽ ابو حفص جو قول آهي پر اهو قول مختار نہ آهي.
٩٦- انهن فتوىٰ ڏني آهي تہ هيءَ اقتدا امامت جي نيت کان سواءِ بہ جائز آهي.
٩٧- پر زالن جي اقتدا ڪرڻ ۾ تمام گهڻو اختلاف آهي.
٩٨- جيڪڏهن هڪ عورت جي نيت ڪيائين تہ اها نيت گهڻين عورتن لاءِ بہ ڪافي آهي.
٩٩- ٻن جاين تي زالن جي اقتدا ثابت آهي ۽ انهن ٻن جاين ۾ نماز مطلقاً جائز آهي.
١٠٠- هڪ جاءِ نماز جنازه آهي، جيڪا اجماع سان ثابت آهي، الدرالمختار ڏس.[١]
١٠١- عيد ۽ جمعي جي نماز مطلقاً جائز آهي، اهو قول اَصَحُ آهي.
١٠٢- جيڪڏهن امام امامت جي نيت نہ ڪئي بلڪہ امامت جي نفيءَ جي نيت ڪيائين.
١٠٣- اهڙي نموني جي نيت ڪرڻ سان عيد ۽ جمعو جائز نہ ٿيندا.
١٠٤- پر جيڪي بعضي ماڻهو چوندا آهن تہ امام قرآن جي اقتدا ڪري.
١٠٥- ۽ اڪيلو نماز پڙهندڙ بہ قرآن جي اقتدا ڪري ڇوتہ قرآن هادي آهي ان سان هدايت حاصل ٿيندي.
١٠٦- هرڪو شخص پنهنجي امام کان پڇندو تہ تو اسان جي امامت ڪئي هئي يا نہ؟
١٠٧- اي نيڪ مرد! تنهنجو امام ڪهڙو آهي؟ جنهن جي تو اقتدا ڪئي هئي.
١٠٨- جيڪڏهن هو جواب ڏئي تہ منهنجو امام ۽ هادي قرآن آهي.
١٠٩- جڏهن قرآن جي اقتدا ٿي تہ سيني جي نماز جائز ٿي.
١١٠- جنهن ڪي اهڙي اقتدا حاصل نہ ٿي تہ نماز جائز نہ ٿي.
١١١- هيءُ مسئلو گجرات جي آس پاس تمام گهڻو پکڙجي ويو.

١١٢- شنیدم ز علماء هندوستان — که کردند این افترا مردمان
١١٣- نه در شرع آمد روایت چنین — بود بلکه این محض کذب متین
١١۴- ولي آنچه ما را ست قرآن امام(١) — بمعني دگر آن بود اي همام
١١۵- نه معني امام آنکه اندر نماز — بأو اقتدا مي بود با نیاز
١١٦- ز قرآن بخوان وصف تورية را — اماماً و رحمه بگفته خدا
١١٧- نه تعداد رکعات در نیت ست — نه تعداد رکعات أمنیت ست

ذکر اخلاص مطلق و اخلاص مصطلح صوفیان

١- درینجا بباشد مقالت دگر — زِ اهلِ تصوف بود آن مکر
٢- عجب مي بود مذهب صوفیان — اگر گوش داري کنم آن بیان
٣- بدان نص قرآن بداد این خبر — که نیت باخلاص شد معتبر
۴- بدان چیست اخلاص در هر روش — که خالص کني چیز از غل غش
۵- چو زبده ز جغرات با جغزدن(٢) — کشیدي تو از بهر خالص شدن
٦- پس آنرا تو خالص بسازي بنار — کني صاف روغن سني بي غبار
٧- ز دردي مسکه چو روغن کشي — خلاصه بود آن مشو مرتشي
٨- بدان روغنِ صاف خالص تمام — خلاصه بنامند اي نیک نام
٩- همین کار مجموع اخلاص دان — همین کار مخلص کند جاودان
١٠- درین باب بین تو "لوامع نجوم" — شوي نیک واقف بجمله علوم
١١- ولي نام اخلاص در اصطلاح — کنم شرح آنرا شنو با صلاح
١٢- چو نیت بتخصیص یابد خصوص — عبادت شود بهر حق با خلوص
١٣- چو نیت عبادت برائي خدا ست — نه شرکت دران مر سوائي خدا ست
١۴- بود عین اخلاص در نیتش — همین ست اخلاص زان سر مکش

(١) چنانچه بکلمات صفت ایمان مفصل وارد ست "والقرآن امامي". (حاشیه مصنف)
(٢) جغزدن: بکلانیدن برائي جدا کردن مسکه ازدوغ، جغ بسندي "ماڌاڻي". (حاشیه مصنف)

١١٢- هندوستان جي عالمن کان ٻڌو اٿم ته ا... مسئلو ماڻهن جو من گهڙت آهي.
١١٣- شريعت ۾ اهڙي روايت نه آئي آهي بلــــ هيءَ هڪ ڪُوڙ آهي.
١١٤- ۽ قرآن اسان جو امام آهي، ان جي معنىٰ ٻئي نموني آهي. (١)
١١٥- جنهن امام جي نماز ۾ اقتدا ڪجي ٿي ان جي اها معنىٰ نه آهي.
١١٦- خدا تعاليٰ قرآن ۾ تورات کي اماما وَ رَحمَةً (امام معنىٰ رحمت) چيو آهي.
١١٧- نيت ۾ رڪعتن جو تعداد ڄاڻائڻ ضروري نه آهي، نه وري ڪو رڪعتن جو تعداد مراد ئي آهي.

مطلق اخلاص ۽ صوفين واري اخلاص جو ذڪر

١- هت ٻي گفتگو آهي، جيڪا تصوف وارن جي آهي.
٢- صوفين جومذهب عجيب آهي، جيڪڏهن ٻڌڻ چاهين ته توکي ٻڌايان.
٣- نص قرآن ٻڌايو آهي، نيت اخلاص سان معتبر آهي.
٤- ڄاڻ ته اخلاص ڇا آهي؟ اخلاص هر شي کي کوٽ کان خالص رکڻ آهي.
٥- جيئن ماڏاٽي ڏونري ۾ وجهي، ڦيرا ڏئي، ولوڙي، خالص مکڻ ڪڍيو آهي. (٢)
٦- پوءِ ان مکڻ کي باهه تي رجائي، خالص ۽ صاف گيهه ڪڍين ٿو.
٧- مکڻ مان گيرڻ وغيره ڪڍي گيهه ظاهر ڪرين ته ان کي خالص چئبو.
٨- ڄاڻڻ گهرجي ته انهيءَ صاف خالص گيهه کي "خلاصو" چوندا آهن.
٩- اخلاص جي مجموعي معنىٰ اها آهي اخلاص وارو ائين ئي ڪندو آهي.
١٠- هن موضوع بابت ڪتاب "لوامع نجوم" ڏس ته سيني علمن کان واقف ٿين.
١١- ۽ اصطلاحي اخلاص جو بيان ڪيان ٿو ٻُڌ ته اصلاح ٿئي.
١٢- نيت خاص هوندي ته خدا جي عبادت به خلوص سان ادا ٿيندي.
١٣- جڏهن نيت عبادت جي خدا ڪارڻ آهي ته اُن ۾ مَاسِوَى الله جي شرڪت نه ٿيندي.
١٤- عين اخلاص نيت ۾ هجي اهوئي اخلاص آهي ان کان منهن نه مُوڙ.

(١) جهڙي طرح ايمان مفصل جي تعريف ۾ آيو آهي ته "قرآن منهنجو امام آهي". (حاشيه مصنف)
(٢) جغزدن: مکڻ ڪڍڻ خاطر ماڏاٽيءَ کي ڏونريءَ ۾ ڦيرائڻ، لفظ جغ جي سنڌي معنىٰ ماڏاٽي آهي. (حاشيه مصنف)

١٥- نـه نيـت عـبـادت بـود معتبـر　　دران غير حق چون بود در نظـر
١٦- حديثي نسائي بريـن شاهد ست　　صريحا بـديـدم گـرفتم بـدست
١٧- چـو مال و چو جاه و چو مدح ست كام　　بباشد خفي در دلش اي همام
١٨- بنيت عـبـادت خـدا خلـط كـرد　　نمانده عبادت همـه گشت سـرد
١٩- نـه نيت عبادت برائي حق ست　　چـو شركت دران مر سوائي حق ست
٢٠- چـو مخلوط نيت عبادت شده　　بـچـيـزي كـه بهـرِ خـدا نـامـده
٢١- نگشتـه عبادتْ نه بهـرِ خدا ست　　چه سُمعت(١) ريا از عبادت جدا ست
٢٢- ز شركت ريـا پـاک نيت دلش　　بـود از بـرائـي خـدا حـاصلـش
٢٣- دگـر پـاک نـيت ز اغـراض دل　　ز غـيـرِ خـدا كـرد اعـراض دل
٢٤- هـمـين ست اخلاص نزديک شان　　دلش چـون منزه ز شركت عيان
٢٥- بخوان خاتمه سـورة الكهف نيز　　مـيـان تـفـاسيـر اي بـا تـمـيـز
٢٦- عبادت دو قسم ست اي نـوجـوان　　يكي آنچـه شـرط ست نيت دران
٢٧- چـو نيت عـبـادت بـدارد بـدل　　نـه اخلاص دارد هـمـو مـسـتـدل
٢٨- صحيح ست جمله عبادت همان　　تهي از ثـواب سـت آن بي گمان
٢٩- چـو قسمي عـبـادت كـه نيت دران　　نـه شرط ست نيت دران هر زمان
٣٠- نـكرده چـو نيت عبـادت بكـرد　　نـه او را ثـواب ست اي نيک مرد
٣١- نـه حانث بگردد چو حالف بُده　　بكـردن عـبـادت هـمـان دان هـمـه
٣٢- چـو سـوگـنـد كـرده بنفي وضو　　و يـا او بـنـفـي امـامـت نـكـو
٣٣- چـو بـاران بـباريـد بـر وي كـثير　　ازان گشت حاصل وضو بي نظير
٣٤- چو تنها بـكـرده نـمـازش شروع　　جـمـاعـت رسـيده بـاو در ركـوع
٣٥- نـه حـانث بـگشتـه نه او را ثواب　　درين هر دو صورت ببين در كتاب
٣٦- چـو نيت همو كرد حـانث شـده　　بـرائـي وضـو يـا امـامـت هـمـه
٣٧- عـبادت كه خـالي ز اخلاص نـاب　　دران هـيـچ او را نـبـاشـد ثـواب

(١) سُمعت: بضم سين اسمي ست از تسميع بمعنىٰ شنوانيدن و در عرف شرع تشهير عبادت حق بر مردم از جهت تحصيل مال يا جاه يا مدح مردم او را. (ينابيع الحياة الابدية، باب ٦، فصل ١١ تاليف ناظم علام)

١٥- عبادت ۾ جيڪڏهن غيرُ الله جي بہ نيت هوندي تہ اها نيت معتبر نہ آهي.
١٦- نسائي جي حديث ان تي صريح شاهد آهي، مون نسائي شريف پاڻ ڪٿي حديث ڏٺي آهي.
١٧- جيڪڏهن عبادت سان مقصد دل ۾ ڳجهي نموني مال، عزت يا ساراهہ جو آهي.
١٨- خدا جي عبادت جي نيت ۾ ٻي شيءِ کي شريڪ ڪيائين تہ عبادت نہ رهي بلڪ بيڪار ٿي.
١٩- اها خدا تعالىٰ جي عبادت جي نيت نہ چئبي، جنهن ۾ غير الله کي شريڪ ڪيائين.
٢٠- اهڙي شي کي خدا تعالىٰ جي عبادت جي نيت ۾ شريڪ ڪيائين، جيڪا خدا ڪارڻ نہ آهي.
٢١- اها عبادت خدا ڪارڻ نہ آهي ڇو تہ ماڻهن کي ٻڌائڻ، رياءَ ۽ ڏيکاءُ عبادت کان جدا آهي[1].
٢٢- دل جي نيت، ريا ۽ ڏيکاءُ کان پاڪ خدا ڪارڻ هجي.
٢٣- ٻيو تہ نيت دل جي غرض کان پاڪ هجي ۽ غير الله کان دل جو منهن موڙيل هجي.
٢٤- صوفين وٽ اهو اخلاص آهي جيئن دل شرڪت (ڀائيواري) کان پاڪ هجي.
٢٥- تفسيرن ۾ سورة ڪهف جي پڇاڙي پڙهي ڏسو.
٢٦- عبادت ٻہ قسم آهي، هڪ جنهن ۾ نيت شرط آهي.
٢٧- دل ۾ عبادت جي نيت ڪري ٿو، پر اخلاص نہ اٿس.
٢٨- اها عبادت درست ٿي، پر ثواب کان خالي آهي.
٢٩- عبادت جو اهو قسم، جنهن ۾ نيت شرط نہ آهي
٣٠- اي نيڪ مرد! نيت کان سواءِ عبادت ڪيائين تہ ان کي ثواب نہ ملندو.
٣١- عبادت ڪرڻ جو قسم ڪنيائين تہ (بنا نيت جي) حانث نہ ٿيندو.
٣٢- وضو نہ ڪرڻ يا امامت نہ ڪرڻ جو قسم ڪنيائين.
٣٣- اُنَ (قسم ڪندڙ) شخص تي گهٽو مينهن وَسِيو، جنهن سان وضو حاصل ٿي ويو.
٣٤- اڪيلي شخص نماز شروع ڪئي ۽ جماعت رڪوع ۾ پهتي.
٣٥- انهن ٻنهي صورتن ۾ نہ حانث ٿيو نہ وري ثواب ملندس.
٣٦- جيڪڏهن وضو يا امامت جي نيت ڪيائين تہ حانث ٿي پوندو.
٣٧- جيڪا عبادت بنا اخلاص جي هوندي، ان سان ثواب نہ ملندو.

(١) سُمعت: سين جي پيش سان تسميع کان ورتل اسم آهي جنهنجي معنىٰ ٻڌائڻ آهي ۽ شريعت جي عرف ۾ الله تعالىٰ جي عبادت کي دولت ۽ مرتبو حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهن ۾ مشهور ڪرڻ يا تعريف حاصل ڪرڻ. (ينابيع الحياة الابدية باب٦ فصل١١)

٣٨- اگر خلط نيت كند با رياء كند كار حق با ريا نا صفاء
٣٩- ولي آن عبادت روا بي ثواب صحيح ست بي اجر بين در كتاب
٤٠- اگر فرض باشد عبادت همان قضا نيست واجب برو بي گمان
٤١- چه ابراء ذمت بيامد بدست اگرچه نه در نيتش مخلص ست
٤٢- شود با ريا فرض ساقط تمام ولي نيست او را زِ درجَه مقام
٤٣- بدان فرض از نفل در هر زمان بهفتاد بار ست بهتر عيان
٤٤- همه فضل هفتاد درجه برفت ز دست مرائي كه در چَه برفت
٤٥- ثواب ست ملزوم اخلاص تام چو ابراء ذمت بصحت مدام
٤٦- بدان چيست صحت عبادت تمام بنزد فقيهان شنو اين كلام
٤٧- رعايت شرائط باركان همه همين ست صحت درين مسئله
٤٨- بوجهي كه مسقط وجوبِ قضا بگردد هميشه شنو با صفا
٤٩- نه صحت عبادت بجز اين بود بنزدِ فقيهان شنو اين سند
٥٠- و ليكن بنزديک اهلِ كلام نه صحت عبادت چنين ست مدام
٥١- مگر ظن غالب چنين در دل ست بوقت عبادت وَرا حاصل ست
٥٢- مطابق بِامرِ شريعت شده عبادت كه كرده شنو اين همه
٥٣- شده گرچه ظاهر خطا بعد زان عبادت بصحت رسيده عيان
٥٤- تطابق عبادت بِامرِ چنين بود ركن صحت عبادت متين
٥٥- همين ست صحت ز متكلمين ز تحقيق شرح حسامي گزين
٥٦- بوجهي خصوص و بوجهي عموم ميان اين دو تعريف اي پر علوم
٥٧- رعايت شرائط باركان تمام بمانده ميان دلش با دوام
٥٨- بهمراه اخلاص اي نيک ره درين هر دو تعريف حاصل شده
٥٩- همين ست مسقط وجوب قضا ثواب ست اينجا شنو با صفا
٦٠- رعايت شرائط باركان اگر بود با ريا زشت اي خوش سير
٦١- نه صحت بباشد ز اهلِ كلام نه اجر و ثواب ست اي نيک نام

٣٨- جيڪڏهن نيت ۾ رياء ڪيائين ته خدا ڪارڻ وارو ڪم رياء جي ڪري صاف ۽ خالص نه ٿيو.
٣٩- پر اها عبادت بنا ثواب جي جائز ۽ صحيح آهي. ڪتاب ڏسو.
٤٠- جيڪڏهن اها عبادت فرض هجي ته ان جي قضا به واجب نه آهي.
٤١- ڇو ته ذمي تان بار لاهڻ وارو مقصد حاصل ٿيو، توڙي نيت ۾ اخلاص نه آهي.
٤٢- رياء سان فرض لهي ويندو، پر درجو ۽ مرتبو نه ملندس.
٤٣- فرض نفل ڪان هر وقت ۾ ستر ڀيرا بهتر آهي.
٤٤- جڏهن ته ستر ڀيرا فضيلت جو درجو ريا ڪندڙ جي هٿان (ڇڻ ته) ڪوهه ۾ هليو ويو.
٤٥- ثواب اخلاص جو ملزوم آهي، جيئن ابراء ذمه صحيح عبادت جو ملزوم آهي.
٤٦- ٻُڌ ته فقيهن وٽ صحيح عبادت ڇاکي چئجي؟
٤٧- سيني رڪنن ۽ شرطن جي رعايت ڪي صحيح عبادت چَوَنِ.
٤٨- صاف ٻڌي ڇڏ ته جيئن انهي عبادت سان وجوب قضا جو اسقاط ٿئي.
٤٩- فقيهن وٽ اهائي صحيح عبادت آهي.
٥٠- پر اهل ڪلام (اهل علم الڪلام والعقائد) وٽ اها صحيح عبادت نه آهي.
٥١- عبادت جي وقت ظن غالب دل ۾ حاصل اٿس.
٥٢- جيڪا عبادت ادا ڪيائين اها عبادت شرعي امر مطابق ادا ٿي.
٥٣- اگرچه بعد ۾ خطا ظاهر ٿي پر عبادت صحيح ٿي.
٥٤- اهڙي امر سان عبادت جو تطابُقُ عبادت جي صحت جو رڪن آهي.
٥٥- مُتڪلمين وٽ اها عبادت صحيح آهي، شرح حسامي ڏس.
٥٦- عموم و خصوص من وجه جي نسبت ٻنهي تعريفن ۾ آهي.
٥٧- دل ۾ شرطن ۽ رڪنن جي رعايت دائمي رهي.
٥٨- (اها رعايت) اخلاص سان گڏ ٻنهي تعريفن ۾ حاصل آهي.
٥٩- اهائي (رعايت) وجوب قضا ڪي ڪيرائيندڙ آهي ۽ ان ۾ ثواب آهي.
٦٠- رڪنن ۽ شرطن جي رعايت، رياء سان خراب آهي.
٦١- اهلِ ڪلام وٽ نه اها عبادت صحيح آهي نه ڪو اجر ۽ ثواب آهي.

٦٢- صحیح ست نزد فقیهان همه چه مسقط وجوبِ قضا آمده
٦٣- رعایت شرائط بارکان گهي باخلاص آورد سالک رهي
٦۴- ولي فوت شرطي بدانست او چو فارغ بگشته شنو تو نکو
٦٥- صحیح ست نزدیک متکلیمن ثواب ست حاصل شنو اي امین
٦٦- نه نزد فقیهان بگشته(١) صحیح نه مسقط وجوب قضا شد صریح
٦٧- عبادت که مسقط وجوب قضا ست بنزد فقیهان صحیح ست راست
٦٨- ولي بر شرائط بارکان تمام همین ست موقوف اي نیک نام
٦٩- عبادت که موجب ثواب ست آن ز اهلِ کلام آن صحیحش بدان
٧٠- ثواب ست باخلاص دائم منوط نه موقوف بر رکنهاء و شروط
٧١- "بشرحِ وقایه" ببابِ وضو نه تعریف فقهي ست اي نیکرو
٧٢- گزیده چو تعریف اهلِ کلام که صحت همه با ثواب ست مدام
٧٣- اگر اصل نیت ندارد بدل نماند نمازش شود مضمحل(٢)
٧۴- چنانچه باکراه کرده نماز نه نیت نمازش بود با نیاز
٧٥- چو خود را بدانست او با وضو نمازش باخلاص کرده نکو
٧٦- ولي بي وضو بود در حال کام حدث را فراموش کرده تمام
٧٧- ثوابِ نمازش بنزدِ همه باخلاص حاصل شده همچو مه
٧٨- چو در دار دنیا ندانست او که بي وضو او بود اي نیک رو
٧٩- نمازش بصحت بمانده مدام بنزد فریقین اي نیک نام
٨٠- نه تکلیف مالا یطاق ست روا چه انسان نباشد ز نسیان سوا
٨١- چو در دار دنیا بدانست باز که او بي وضو بود اندر نماز
٨٢- قضا آن نماز ست واجب برو بنزد فریقین بي گفتگو
٨٣- ثوابش بحال ست هم با کمال بنزد فریقین اي نیک فال
٨۴- وگر شافعي بود در اعقاد بکرده همو بر وضو اعتماد
٨٥- نه خونِ جراحت حدث دید او نمازش باخلاص کرده نکو

(١) در نسخه "چ د" و "جه" بنزد فقیهان نگشته صحیح نوشته. (٢) مضمحل: فنا و پژ مرده. (حاشیه مصنف)

٦٢- فقيهن وٽ صحيح آهي ڇو ته مسقط وجوب قضا آهي.
٦٣- اخلاص سان شرطن ۽ رڪنن جي رعايت سالڪن جي راهه آهي.
٦٤- عبادت جي فارغ ٿيڻ کان پوءِ معلوم ٿيس ته ڪو شرط رهجي ويو آهي.
٦٥- اي ايماندار! متڪلمين وٽ اها عبادت صحيح آهي ۽ ثواب به حاصل ٿيو.
٦٦- پر فقيهن وٽ (اها عبادت) صحيح نه ٿي، نه ڪي وجوب قضا جي مسقط ٿي.(١)
٦٧- جيڪا عبادت وجوب قضا جي مسقط آهي، اها فقيهن وٽ صحيح آهي.
٦٨- پر عبادت جو صحيح هجڻ سيني شرطن ۽ رڪنن جي ادائگي تي موقوف آهي.
٦٩- جنهن عبادت سان ثواب ملي، اها عبادت اهل ڪلام وٽ صحيح آهي.
٧٠- ثواب جو دارومدار سدائين اخلاص تي آهي، باقي شرطن ۽ رڪنن تي موقوف نه آهي.
٧١- شرح وقايه جي باب الوضوء ۾ فقهي تعريف نه آهي.
٧٢- جڏهن تعريف اهل ڪلام (متڪلمين) جي قبوليائين ته صحت ثواب سان وابسته آهي.
٧٣- جيڪڏهن دل ۾ نيت اصلِ نه اٿس ته ان جي نماز درست نه ٿي.(٢)
٧٤- جيئن ڪنهن شخص جي زبردستي ڪرڻ جي ڪري نماز پڙهيائين ۽ نماز جي نيت نه اٿس.
٧٥- جڏهن پاڻ ڪي باوضو سمجهي اخلاص سان نماز ادا ڪيائين.
٧٦- پر بي وضو هو ۽ حدث وسري ويو هوس.
٧٧- سيني وٽ اخلاص سان نماز جو ثواب حاصل ٿيو.
٧٨- جڏهن دنيا ۾ خبر نه پيس ته آءُ بي وضو هوس.
٧٩- ٻنهي ڌرين (متڪلمين ۽ فقيهن) وٽ ان جي نماز صحيح ٿي.
٨٠- تڪليف مالا يُطاقُ جائز نه آهي ڇو ته انسان وير ڪان خالي نه آهي.
٨١- جيڪڏهن دنيا ۾ خبر پيس ته آءُ نماز ۾ بي وضو هوس.
٨٢- ٻنهي ڌرين وٽ ان شخص تي، اها نماز قضا ڪرڻ واجب آهي.
٨٣- ٻنهي ڌرين وٽ ان جو ثواب باڪمال بحال آهي.
٨٤- جيڪڏهن شافعي مذهب جو معتقد آهي ۽ ان وضو تي اعتماد رکي ٿو.
٨٥- ان شخص ڦٽ مان خون جاري ٿيڻ ڪي حدث نه سمجهيو ۽ نماز اخلاص سان ادا ڪيائين.

(١) نسخي "ڇ،د" ۽ "جهه" ۾ بنرد فقيهان نگشته صحيح لکيل آهي. (٢) مضمحل: فنا ۽ ڪومايل. (حاشيه مصنف

٨٦- چـو حنفي بگشته بمـانده روا ‏ بـرو نيست واجب قـضا ما مضا
٨٧- چه حُجت تمسک بمذهب قوي ست ‏ نه اين با فراموشيش مستوي ست
٨٨- دران جا بتبيين حدث مستند ‏ درين اقتصار ست دان اين سند
٨٩- چو رايش بگشته بسوئي دگر ‏ کند رو دران سو، شنو اين خبر
٩٠- و ليکن گذشته همه شد روا ‏ مطابق برايش شنو با صفا
٩١- بود حکم رايش همه مقتصر ‏ بنزد فريقين دان اين خبر
٩٢- نمازِ مُرائي صحيح و روا ست ‏ بنزد فقيهان شنو قول راست
٩٣- اگرچه نمازش بود بي ثواب ‏ قضا نيست واجب برو در کتاب
٩٤- ميانِ فريقين باشد نزاع ‏ نزاع ست لفظي مجرد نزاع
٩٥- تخالف ندارند در هيچ چيز ‏ مگر لفظ صحت بدان با تميز
٩٦- که هر يک فريقِ بوضعش(١) جدا ست ‏ ولي حکم هر دو يکي با صفا ست
٩٧- نماز مُرائي بنزدِ همه ‏ مخالف بامر شريعت شده
٩٨- چه مبطل ثواب ست ريا با يقين ‏ بنزديک اجماع اي مرد دين
٩٩- ولي اختلاف ست بِنوعِ دگر ‏ بباب ريا آن بدان اين خبر
١٠٠- بقولي ريا گرچه مُبطل ثواب ‏ نه وزرست بر وي شنو اين جواب
١٠١- دران قول بيشک درين مسئله ‏ که لا وزر بر وي و لا اجر له
١٠٢- ولي نزد جمهور دان اي کيا ‏ ز جمله کبائر بباشد ريا
١٠٣- يکي شرک اصغر ريا را ست نام ‏ ميانِ احاديث اي خوش خرام
١٠٤- بشرکِ خفي نيز نامِ ريا ست ‏ چه اين شرک در درگه کبريا ست
١٠٥- ولي شرک بي کفر باشد ريا ‏ يکي از کبائر بود اي کيا
١٠٦- مُرائي ست مشرک نه او کافر ست ‏ چه شرک ست بي کفر هم بد تر ست
١٠٧- بجز شرک دان کفر اهل کتاب ‏ عموم و خصوص ست دان اين جواب
١٠٨- ميان اين دو چيز ست اي با خلوص ‏ بوجهي عموم و بوجهي خصوص
١٠٩- ببين شرح اشباه کز حموي ست ‏ برين مدعي خوب تر حاوي ست

١) در نسخه "چ د" و "جه" بوصفش بجايِ بوضعش نوشته است.

٨٦- پر جڏهن اهو (شافعي) حنفي ٿيو ته، اها نماز جائز رهي ۽ قضا به واجب نه اٿس.
٨٧- ڇو ته مذهب جو تَمَسُکُ قوي حجت آهي ۽ هيءَ صورت، ويسر واري صورت سان برابر آهي.
٨٨- اتي تبيين سان حدث مستند آهي ۽ هت اقتصار آهي.
٨٩- جڏهن ان جو رايو ٻئي طرف ٿيو ته مُنهن ان طرف ڪري.
٩٠- پر گذريل سڀ ارڪان جائز ٿيا، جڏهن سندس راءِ مطابق هُئا.
٩١- فريقين وٽ ان جي راءِ جو حڪم اِقتصارُ آهي.
٩٢- رياڪار جي نماز فقيهن وٽ درست آهي.
٩٣- اگرچه نماز جو ثواب نه ملندس پر قضا واجب نه اٿس.
٩٤- ٻنهي ڌرين (متڪلمين ۽ فقيهن) ۾ نزاع (اختلاف) آهي پر اهو لفظي نزاع آهي.
٩٥- ڪنهن به شيءِ جي حڪم ۾ مخالف نه آهن پر لفظ صحت ۾ اختلاف ظاهر اٿن.
٩٦- هر هڪ فريق جو وضع جدا آهي پر حڪم ٻنهي ڌرين وٽ هڪ آهي.(١)
٩٧- رياڪار جي نماز سيني وٽ شريعت جي خلاف آهي.
٩٨- ڇو ته اجماع وٽ رياءُ، ثواب کي باطل ڪندڙ (وڃائيندڙ) آهي.
٩٩- پر رياءُ جي ٻئي قسم ۾ اختلاف آهي.
١٠٠- هڪ قول موجب رياءُ اگرچه ثواب جو مُبطِل (وڃائيندڙ) آهي پر ان تي گناهه نه آهي.
١٠١- ان قول موجب هن مسئلي ۾ نه گناهه اٿس نه وري کو ثواب ملندس.
١٠٢- پر جمهور وٽ رياء ڪبيرن گناهن ۾ شامل آهي.
١٠٣- حديثن ۾ رياء کي "شرڪ اصغر" سڏيو ويو آهي.
١٠٤- رياء کي "شرڪ خفي" به چيو ويو آهي ڇو ته اهو الله تعالىٰ جي دربار ۾ شرڪ آهي.
١٠٥- پر کُفر کان سواءِ شرڪ رياءُ آهي جيڪو ڪبيرن گناهن مان هڪ آهي.
١٠٦- رياڪار مشرڪ آهي پر ڪافر نه آهي ڇو ته شرڪ ڪفر کان سواءِ به تمام خراب آهي.
١٠٧- اهل ڪتاب جو ڪفر شرڪ کانسواءِ آهي مسلم ۽ اهل ڪتاب جي شرڪ ۽ ڪفر ۾ عموم وَ خصوص آهي.
١٠٨- ٻنهي شين ۾ عموم و خصوص جي نسبت آهي هڪ وجهه سان عموم آهي ٻئي وجهه سان خصوص آهي.
١٠٩- شرح الاشباهه والنظائر للحموي ڏس جيڪو ان دعوىٰ تي حاوي آهي.

(١) نسخي "ڇ،د" ۽ "جهه" ۾ 'بوضعش' جي عيوض 'بوصفش' لکيل آهي.

۱۱۰- دگر شرح مشکواة کز دهلوي ست | برين مسئله خوب شاهد قوي ست
۱۱۱- "بتنبيه نامه" بگفت اين بيان | ابوليث شيخِ سمرقنديان
۱۱۲- بنيت نخستين باخلاص تام | بود اجر حاصل شنو اين کلام
۱۱۳- ريا گرچه عارض ميانِ عمل | بود بعد اخلاص دارد خلل
۱۱۴- ثوابي که مجمل بباشد کثير | بنيت نخستين باخلاص گير
۱۱۵- نه رکني ست خالي ز اجر عظيم | باخلاص چون کرد اي مستقيم
۱۱۶- ثوابي مفصل بهر رکن صاف | باخلاص حاصل شود بي خلاف
۱۱۷- نه اخلاص در هر زمان مي بود | مگر چون حضوري عيان مي بود
۱۱۸- کنون قول مشکل کنم من بيان | که هر رکن فرض ست نيت دران
۱۱۹- نه رکن ست جائز مگر با سه چيز | يکي هست نيت عبادت وجيز
۱۲۰- عبادت بباشد تذلل خضوع | بابلغ وجوه ست در بيت روع
۱۲۱- دگر نيت طاعت ست بي گمان | که طاعت خدا هست بر مردمان
۱۲۲- مطابق بفرمان حق کردن ست | همين ست طاعت بياوردن ست
۱۲۳- دگر نيت قربت حق بگو | اراده ثواب ست در کار او
۱۲۴- همين هر سه نيت بود شرط رکن | رود گر يکي هم رود شرط رکن
۱۲۵- سوا هر سه نيت دگر چيزها | بود شرط هر رکن اي با صفا
۱۲۶- بگفته باشباه از مجتبیٰ | غريب ست اين راه از مجتبیٰ
۱۲۷- بدان هر چه اخلاص باشد پسند | همه اهل ظاهر برين واقفند
۱۲۸- کنون کار اخلاص اهل کمال | بگويم ترا، گر نباشي ملال
۱۲۹- ولي اصل اخلاص ايشان که هست | نه هرگز بيايد بيان را بدست
۱۳۰- چرا کار اخلاص وجداني ست | بيانش دگر هم عيان ثاني ست
۱۳۱- ازان کارِ وِجدان ندارد بيان | مدان کار وجدان که گردد عيان
۱۳۲- و ليکن بگويم نشاني ترا | بِنِه گوش با هوش بر قول ما
۱۳۳- بدان هست اخلاص اعلیٰ چنين | که در دل بداري تو حق اليقين

١١٠- پيو شرح المشڪواة للدهلوي ڏس، جيڪو هن مسئلي تي سنئو ۽ قوي شاهد آهي.
١١١- شيخ ابوالليث سمر قندي "تنبيه نامہ" ۾ هي بيان لکيو آهي.
١١٢- پهرئين نيت ۽ اخلاص تام سان ثواب حاصل ٿئي ٿو.
١١٣- اخلاص کان پوءِ بہ جيڪڏهن عمل ۾ ريا ظاهر ٿيو تہ ان عمل ۾ خلل پوندو.
١١٤- مُجمَلُ ثواب گهٽو آهي پر پهريائين نيت اخلاص سان هجي.
١١٥- ڪوبہ رڪن اجر عظيم کان خالي نہ آهي، جيڪڏهن اهو رڪن اخلاص سان ادا ڪيائين.
١١٦- مفصل ثواب هر رڪن ۾ اخلاص سان حاصل ٿيندو.
١١٧- اخلاص هر وقت ۾ مشڪل ٿيندو، مگر جڏهن حضور دل جو ٿيندو.
١١٨- هاڻي هڪ مشڪل ڳالهہ بيان ڪريان ٿو تہ هر هڪ رڪن ۾ نيت فرض آهي.
١١٩- ٽن شين کانسواءِ ڪوبہ رڪن جائز نہ آهي، انهن مان هڪ عبادت جي نيت ڪرڻ آهي.
١٢٠- عبادت تذلل ۽ خضوع آهي، جيڪو گهٽوڪري دل جي خوف واري جاءِ ۾هوندو آهي.
١٢١- ٻيو عبادت جي نيت هجي ڇو تہ خدا تعالىٰ جي عبادت ماڻهن تي واجب آهي.
١٢٢- طاعت خدا تعالىٰ جي فرمان مطابق ادا ڪرڻ طاعت آهي، جيڪا ادا ڪرڻي آهي.
١٢٣- ٽيون خدا تعالىٰ جي قربت جي نيت هجي، جنهن ۾ ثواب جو ارادو هجي.
١٢٤- رڪن لاءِ هي ٽي نيتون شرط آهن، جيڪڏهن انهن مان هڪ بہ شرط نہ لڌو تہ رڪن ادا نہ ٿيو.
١٢٥- انهن ٽن نيتن کان سواءِ ٻيون سڀ شيون هر رڪن لاءِ شرط آهن.
١٢٦- الاشباهہ والنظائر ۾ مجتبىٰ کان نقل ڪيل آهي تہ هيءَ راهہ چڱي آهي.
١٢٧- اخلاص پسنديده شيءِ آهي، جنهن تي ظاهر وارا واقف آهن.
١٢٨- جيڪڏهن تون ملول نہ ٿين تہ هاڻي توکي ڪاملن جو اخلاص ٻڌايان ٿو.
١٢٩- پر ڪاملن جو اصلي اخلاص بيان ٿي نہ سگهندو.
١٣٠- ڇو تہ اخلاص وجداني ۽ قلبي ڪم آهي، جنهن جو بيان ٻي طرح آهي.
١٣١- ان ڪري وجداني ڪم بيان ٿي نہ سگهندو ۽ نہ وري ڪو وجداني ڪم ظاهر هوندو آهي.
١٣٢- پر توکي هڪ نشاني ٻڌايان ٿو، منهنجي ڳالهہ ڪَنُ ڏئي ٻُڌُ.
١٣٣- اعلىٰ اخلاص اهو آهي، جو دل ۾ تون حق اليقين رکين.

١٣٤- بِوقتِ عبادت رها كن خودي　بدرگاه ايزد(١) چو حاضر شدي
١٣٥- بود حق عليم بذات الصدور　هميشه بدارد ترا در حضور
١٣٦- بفرمود حق در كلامش مجيد　بتو او ست اقرب ز حبل الوريد
١٣٧- بدان حق هميشه بتو حاضر ست　ترا عين غفلت ز حق ساتر ست
١٣٨- ازو قرب يكسان بانسان مدام　بموسىٰ و فرعون يكسان مدام
١٣٩- ولي بُعد انسان همين غفلت ست　كه بُعدش ز ايزد ازين علت ست
١٤٠- بمقدار غفلت بعيد ست ازو　بقدر حضورش قريب ست باو
١٤١- و ليكن حضورش كه موجب رضا　نتيجه دهنده بود اي كيا
١٤٢- مطابق بقانون شرعي اگر　حضورش بباشد دهد آن ثمر
١٤٣- بقانون شرعي چو دارد حضور　حضورش همان به بود عين نور
١٤٤- نخستين نتيجه حضور ست اين　كه محبوب ايزد شود با يقين
١٤٥- بدان فاتبعوني درين وارد ست　كه يحببكم الله را مورد ست
١٤٦- بدان فاتبعوني ست فرمان دوست　چو يحببكم الله ميعاد او ست
١٤٧- نه ميعاد كاذب ز حق آمده　ازين نقص ايزد منزه شده
١٤٨- اگر فاتبعوني نياري بجا　نه يحببكم الله داري رجا
١٤٩- مخالف بقانون شرعي اگر　حضورش بود بي نتيجه نگر
١٥٠- بود بي شريعت حضورش عقيم　نتيجه ندارد بباشد سقيم
١٥١- حضورِ اگر در دل كافر ست　نه موجب رضاءِ خدا اكبر ست
١٥٢- بود حبط اعمال او با دوام　عدو خدا او ست در هر مقام
١٥٣- بدان چيست علم اليقين اي عزيز　كه اركان آن علم باشد سه چيز
١٥٤- يكي او بداند كه صانع همه　منزه ز جسم و جهت او شده
١٥٥- نه پيش و پس و راست و چپ همو ست　نه بالا، نه پست و نه جايش نه سو ست
١٥٦- نه قرب و نه بعدش مگر معنوي ست　سُلوكِ بسويش چگونه قوي ست
١٥٧- نه سوئي بدارد ندارد مكان　مجرد نه هرگز بگيرد مكان

(١) ايزد: بالكسر بپارسي زبان نامِ خدائ تعالىٰ و يزدان نيز. (كشف)

١٣٤- عبادت جي وقت خودي(وڏائي)ڇڏي ڏي، جڏهن خدا تعاليٰ جي دربار ۾حاضر ٿين.[1]
١٣٥- الله تعاليٰ دلين جا رازِ ڄاڻي ٿو، تون سدائين سندس حضور ۾ آهين.
١٣٦- قرآن شريف ۾خدا تعاليٰ فرمايو آهي ته. الله تعاليٰ توکي حبل الورید کان به وڌيڪ ويجهو آهي.
١٣٧- خدا تو سان حاضر (گڏ) آهي، غفلت جي اک وچ ۾ حائل آهي.
١٣٨- هر کنهن انسان سان سندس قرب آهي، قرب ۾حضرت موسيٰ ۽ فرعون برابر آهن.
١٣٩- پر غفلت سبب انسان بعيد آهي خدا تعاليٰ کان انسان جي بعيد ٿيڻ جو اهوئي سبب آهي.
١٤٠- غفلت جو مقدار الله کان بعيد آهي ۽ حضور جي لحاظ سان قريب آهي.
١٤١- پر الله جو حضور رضامندي جو سبب آهي، جيکو آخر نتيجي وارو آهي.
١٤٢- جيڪڏهن شرعي قانون مطابق جيڪڏهن حضور هوندو ته نفعو ڏيندو.
١٤٣- شرعي قانون مطابق حضور هوندو ته اهو عين نور آهي.
١٤٤- حضور جو پهريون نتيجو اهو آهي جو خدا جو محبوب ٿي پوندو.
١٤٥- فاتبعوني جي آيت ان بابت آهي، جيڪا يُحبِبكم الله جي مورد آهي.
١٤٦- فاتبعوني جي حڪم پويان، يحبِبكم الله جو واعدو آيو آهي.
١٤٧- الله جو واعدو ڪوڙو نه آهي ڇو ته الله تعاليٰ ڪوڙ کان پاڪُ آهي.
١٤٨- جيڪڏهن فاتبعوني تي عمل نه ٿيو ته يحببكم الله جو درجو نه ملندو.
١٤٩- حضور جيڪڏهن شرعي قانون جي خلاف هجي ته ان کي بي نتيجه سمجهُ.
١٥٠- شريعت کان سواءِ حضور بيڪار آهي ۽ نتيجه خيز نه آهي.
١٥١- جيڪڏهن ڪافر جي دل ۾ حضور ٿئي ته اهو الله تعاليٰ جي رضا جو سبب نه آهي.
١٥٢- ان جا سڀ عمل باطل آهن، اهو خدا جو دشمن آهي.
١٥٣- علم اليقين ڇا آهي؟ جنهن جا رڪن ٽي شيون آهن.
١٥٤- هڪ اهو ڄاڻي ته خدا تعاليٰ جسم ۽ جهت کان پاڪ آهي.
١٥٥- نه اڳيان نه پويان، نه سڄي، نه کٻي، نه مٿي، نه هيٺ، نه ان جي جاءِ، نه طرف آهي.
١٥٦- نه قُرب، نه بُعد، مگر معنوي آهن، ان ڏانهن سُلوڪ کھڙو نه قوي آهي.
١٥٧- نه طرف اٿس، نه مڪان، ڇو ته مُجرد کي مڪان نه هوندو آهي.

[1] ايزد: زير سان پارسي زبان ۾ خدا تعاليٰ جو نالو آهي ۽ يزدان به خدا تعاليٰ جو نالو آهي. (ڪشف)

١٥٨- بـريـن اهل سنت همه صوفيان — بكردنـد ايشان همـه اين بيان
١٥٩- دگر او بداند كـه حـق در دلـش — هميشه باين قرب حق حاصلش
١٦٠- و ليكن نـدانست ايـن قـرب را — بآفاق مي جست حق جابجا
١٦١- چـو دُري فراموش در خانـه اش — بكـرده بجستـه بـويـرانـه اش
١٦٢- نـه بيرون ز خـانـه رسيـده بأُو — برون گرچه كرده بسي جستجـو
١٦٣- چـو گـردان شده در عرب يا عجم — بـواقف رسيـده همـو ذو همم
١٦٤- چو واقـف بگفتش كه مقصود تو — بـود وسـط خـانـه نه بيرون ازو
١٦٥- دران دم بـروبـد اگر خـانـه اش — شـود در ظاهر بكـاشـانـه اش
١٦٦- چو حق را بجوئي بنزديک(١) تو ست — نه بيرون ز دل تو گهي جائ او ست
١٦٧- بسويش ز دل تو بيابي رهش — ميـانِ دلـت مي بـود درگهش
١٦٨- هميشه دلت كعبه معنوي ست — كـه خانه خدا آن دل مستوي ست
١٦٩- بـود بيت ربي دلِ كـامـلان — بـدانـنـد ايـن قـول صـاحبدلان
١٧٠- مكـانِ معين مگـو مـر خـدا — نـه كعبه مكانش نـه عرش و ثرا
١٧١- منـزه هـميـشـه بـود از مكان — مكـر قلب كـامل مكـانـش بـدان
١٧٢- بـود كفر گفتن مكـانـش صريح — مكر در دلت حق بگـفتن صحيح
١٧٣- اگـر شـک داري دريـن اعـتـقـاد — ببين مثنوي(٢) تا تو يابي رشاد
١٧٤- سيوم ركـن دانـد كـه از دل مراد — نـه قلب ست صوري شنو بي عناد
١٧٥- مراد از دلِ ايـن دلِ معنـوي ست — كه قوت بصيرت دريـن دل قوي ست
١٧٦- بنـور نبوت كـه از پيروي ست — بصيرت همه صافي و مستوي ست
١٧٧- بـود در بـصـائـر تـفـاوت كـثـيـر — ز بعضي چو نارِ حُبَاحِب(٣) حقير
١٧٨- ز بعضي چو خورشيد انور تمام — ز بعـضي ميـانـه ببـاشـد مدام
١٧٩- بـصـيـرت سـوا قـوت عـاقـلـه — بـود عقل(٤) انـور بسر خـود همه

(١) لقوله تعاليٰ واذا سالک عبادي عني فاني قريب. "سورة بقره پاره، ٢" (حاشيه مصنف)
(٢) مثنوي: بزرگي كتاب شش دفتر در شرح دل وغيره نوشته وبعضي علماء گفته كه هنوز دفتر هفتمي نيز نوشته است.
(٣) حُبَاحِب: (بضم حائ اول و كسر حائ ثاني) مگسي ست كه در شب مي پرد و شعاع دارد چو شعاع چراغ. (حاشيه مصنف)
(٤) بدان عقل و روح و نفس ناطقه و اتحاد يا تعدد اينها از نظريات غامضه است. (حاشيه مصنف)

١٥٨- اهل سنت جي سيني صوفين جو اهو عقيدو آهي، جن ائين چيو آهي.
١٥٩- پيو چاٽي تہ ان جي دل ۾ الله تعالىٰ سدائين انهيءَ قرب سان موجود آهي.
١٦٠- پر هن قرب کي نہ ڄاڻي، هر طرف هر هنڌ حق جي جُستجو ڪري ٿو.
١٦١- جيئن گهر ۾ موتي وساري جهنگ ۾ ڳولي ٿو.
١٦٢- گهر کان ٻاهر نہ لڌس جيتوڻيڪ گهڻي ڳولا ڪيائين.
١٦٣- ان لاءِ عرب و عجم لتاڙيائين نيٺ ڪنهن خبردار جي وَرِ چڙهيو.
١٦٤- انکي خبردار ٻڌايو تہ تنهنجو مقصد تہ تنهنجي گهر ۾ موجود آهي توکي اُتان حاصل ٿيندو نہ ٻاهران.
١٦٥- ان وقت جيڪڏهن گهر ۾ ڀهاري ڳولي تہ اُتان موتي ملندس.
١٦٦- الله تعالىٰ کي ڳولين تہ تنهنجي ويجهو آهي. دل کان ٻاهر سندس جاءِ نہ آهي.(١)
١٦٧- دل مان ان طرف واٽ ملندئي، دل ۾ ئي ان جي دربار آهي.
١٦٨- دل معنوي ڪعبو آهي ڇو تہ دل خدا جو گهر آهي.
١٦٩- ڪاملن جي دل الله جو گهر آهي. اهو راز صاحبدل (اولياء) ڄاڻن ٿا.
١٧٠- خدا لاءِ مڪان مقرر نہ ڪر، ان جو مڪان نہ ڪعبو، نہ عرش ۽ نہ زمين آهي
١٧١- خدا مڪان کان پاڪ آهي، ان جو مڪان ڪاملن جي دل آهي.
١٧٢- ان لاءِ مڪان مقرر ڪرڻ ڪفر آهي، مگر دل ۾ خدا ڄاڻڻ صحيح آهي.
١٧٣- هن اعتقاد ۾ شڪ هجئي تہ "مثنوي شريف" ڏس.(٢)
١٧٤- ٽيون رڪن ڄاڻي تہ دل مان مراد، صُوَري دل نہ آهي.
١٧٥- دل مان مراد معنوي دل آهي، جنهن ۾ قوت بصيرت موجود آهي.
١٧٦- نبوت جو نور جيڪو پيروي سان حاصل ٿئي ٿو. اهو ئي بصيرت آهي.
١٧٧- بصيرتن ۾ گهڻو تفاوت ٿئي ٿو. ڪن ۾ تہ ڪڙڪيتي(ٽانڊاٽي) کان بہ گهٽ روشني ٿئي ٿي.(٣)
١٧٨- ڪن جي بصيرت سج کان بہ وڌيڪ روشن آهي. ڪن ۾ وچٽري ٿئي ٿي.
١٧٩- بصيرت قوت عاقلہ کان سواءِ بيڪار آهي. عقل ڪيس روشن ڪندڙ آهي.(٤)

(١) الله تعاليٰ فرمايو اي رسول! جڏهن توکان ماڻهو مون بابت پڇن تہ ٻڌايو تہ آءٌ رب ويجهو آهيان. بقره پ٢(حاشيه مصنف)
(٢) مثنوي: هڪ وڏو ڪتاب آهي جنهن جا ڇهہ دفتر دل وغيره جي وضاحت ۾ لکيل آهن. بعضي علماء فرمايو تہ احيان ستون دفتر بہ لکيو اٿس. (٣) حُباحب: (پهرين ح کي پيش ۽ ٻئي کي زير) اها هڪ مک آهي جيڪا رات جو اڏامي ٿي ۽ ڏيئي وانگر ان ۾ روشني هوندي آهي. (٤) ڄاڻڻ گهرجي تہ عقل، روح، نفس ناطقه ۽ انهن جو اتحاد اُونهن نظرين مان آهي. (ح.م)

١٨٠- بصيرت ميانِ دل معنوي ست همين دل بدل صوربش مختفي ست
١٨١- بصارت نظير بصيرت شده تفاوت بسي در بصارت شده
١٨٢- بصارت ز مرآت اسكندري(١) رسيدي بسي دور تر اي حري
١٨٣- نظر بر مسافت بشش ماه راه ز مرآت آن مي رسيدي پگاه
١٨٤- بصيرت كه از پيروي روشن ست چو مرآت از پيروي بودن ست
١٨٥- همه اين بيان ست علم اليقين اگر اعتقادت بباشد چنين
١٨٦- چو تحصيل اين علم برهاني ست ببرهان قاطع كه قرآني ست
١٨٧- مفيد يقين ست ترا علم اين بعلم اليقين ست نامش متين
١٨٨- نِهي در سلوک رهش چون قدم روي از دلت سويْ دل دم بدم
١٨٩- بنامند اين را سفر در وطن سفر دل سويْ ملک دل آمدن
١٩٠- ولي مضغهء دل بباشد يسير بشكل صنوبر بباشد حقير
١٩١- و ليكن لطيفه دلِ معنوي فراخ ست از عرش اعظم قوي
١٩٢- بدان بلک از عرش واسع تر ست بيان را درينجا نه پاء و سر ست
١٩٣- نه ايزد بگنجد بعرش عظيم و ليكن بگنجد بقلب سليم
١٩٤- درين سير قلبي حقائق بسي نمايان شود زود بر هر كسي
١٩٥- چو انوار بر تو تجلي كند ترا از معارف تسلي كند
١٩٦- مطابق بعلم اليقين هرچه بود شود بر دلت كشف محجوب زود
١٩٧- مُسميٰ بعين اليقين ست اين بود نام مشهور عين اليقين
١٩٨- چو مرآت دل را دهي تو صفا شوي صاف صوفي ببيني خدا
١٩٩- بچشمِ دلت حق چو بيني عيان شوي داخل اندر صف صوفيان
٢٠٠- بدان چيست معني بديدن بدل دگر گون مراد ست اي مستدل
٢٠١- بديدن بدل غير دانستن ست بديدن بچشمِ كه آن باطن ست
٢٠٢- چو حاضر ببينند خدا را بدل بخدمت حضورش شود مشتغل
٢٠٣- خطابش بلذت شود حاصلش بخوف و رجاء و حياء در دلش

(١) آئينه گيتي نما كه از صنعت ارسطو برائي اسكندر بود. (حاشيه مصنف) نيز رک ينابيع باب٢ فصل ٤ص٣٨٣

١٨٠- بصيرت معنوي دل ۾ آهي ۽ اها معنوي دل، صوري دل ۾ لڪل آهي.
١٨١- بصارت، بصيرت جو نظير آهي، بصارت ۾ بہ گهڻو تفاوت هوندو آهي.
١٨٢- سڪندر جو آئينو، بصارت (نظر) ڪي پري پنڌ تائين پهچائيندو آهي.(١)
١٨٣- ڇهن مهينن جي پنڌ تي، ان آئيني مان نظر پوندي هئي.
١٨٤- آئيني، وانگر پيروي بہ، بصيرت ڪي وڌائي ٿي.
١٨٥- هي سمورو بيان علم اليقين جو آهي. جيڪڏهن توکي اعتقاد آهي.
١٨٦- هي علم اليقين قرآن شريف جي قطعي دليل سان ثابت آهي.
١٨٧- اهو علم يقين جو فائدو ڏئي ٿو. ان ڪري ان ڪ علم اليقين چئون ٿا.
١٨٨- سُلوڪ جي راهہ ۾ قدم رکندين تہ هڪ دل کان ٻيءَ دل ڏي ويندين.
١٨٩- سُلوڪ کي سفر ڪرڻ چوَن، جو هڪ دل کان ٻي دل جي مُلڪ ڏانهن سفر ڪرڻو آهي.
١٩٠- پر دل گوشت جو ننڍو ٽُڪر، صنوبر وڻ جي شڪل وانگر آهي.
١٩١- پر معنَوي دل جو لطيفو، عرش عظيم کان بہ وڏو آهي.
١٩٢- بلڪہ عرش کان گهڻو وڏو آهي، جنهن جي بيان جي ابتدا ۽ انتها نہ آهي.
١٩٣- الله تعالىٰ عرش عظيم ۾ نٿو ماپي، پر قلب سليم ڪيس ماپائي ٿو.
١٩٤- هن قلبي سير ۾ گهڻيون حقيقتون هر ڪنهن تي ظاهر ٿين ٿيون.
١٩٥- جڏهن انوار توتي تجلي ڪندا تہ، توکي معرفت جي تسلي ٿيندي.
١٩٦- جڏهن هر ڪا شيءِ علم اليقين مطابق هوندي تہ تنهنجي دل تي سيني شين جا پردا ڪلي پوندا.
١٩٧- ان کي عين اليقين چون ۽ اهو نالو مشهور آهي.
١٩٨- جڏهن دل جو آئينو صاف ڪندين تہ صوفي صاف ٿي خدا ڏسندين.
١٩٩- دل جي اکين سان جڏهن خدا ڏسندين تڏهن صوفين جي صف (جماعت) ۾ داخل ٿيندين.
٢٠٠- دل سان ڏسڻ مان ٻئي قسم جي معنىٰ مُراد آهي.
٢٠١- دل سان ڏسڻ اکين جي ڏسڻ جو غير آهي ڇو تہ هي باطن آهي.
٢٠٢- جڏهن دل ۾ خدا کي حاضر ڄاڻندو تہ ان ۾ محو ۽ مشغول ٿي ويندو.
٢٠٣- ان جي خطاب مان لذت حاصل ٿيندس، دل ۾ خوف، اُميد ۽ حيا پيدا ٿيندس.

(١) جهان ڏسڻ وارو آئينو ارسطو جو ٺهيل اسڪندر کي هو. (حاشيه مصنف) وڌيڪ ينابيع ٻ فڪ صـ٢٨٣ـ ڏسو.

٢٠٤- نـه سويٰ دگر التفاتش روا ست دگر سو بديدن خلافِ حيا ست
٢٠٥- كسي پيش سلطان كند كرشمه عتابش كنندش بنزدِ همه
٢٠٦- كسي در نمازش كند التفات خدا گويدش اي ذميمه صفات
٢٠٧- كسي كو بسويش نظاره كني نه هرگز ز من بهتر ست اي دني
٢٠٨- بدان اهل دل را نظاره دل ست ميانِ نمازش وَرا حاصل ست
٢٠٩- دگر در صحيحين آمد خبر كه جبرئيل آمد بصورت بشر
٢١٠- نشسته بنزد رسولِ خدا بپرسيد اي فخر نورالهديٰ
٢١١- ز اشراط ساعت خبر ده مرا ز ايمان خبر هم دگر ده مرا
٢١٢- ز اسلام پرسم كه اسلام چيست؟ ازان اُمتت را خبر هيچ نيست
٢١٣- چهارم زِ احسان خبر ده تو باز بپرسيد اين چار با امتياز
٢١٤- خبر داد او را ازين چار چيز ازان گشت امت خبردار نيز
٢١٥- خبر داد او را ز احسان همه كه باشد چهارم ازين اسوله
٢١٦- بگفته كه احسان بديدن خدا ست بوقت عبادت شنو قول راست
٢١٧- بديدن خدا را عبادت كني برين طور طاعت تو عادت كني
٢١٨- بديدن بدل مثل ديدن شده ازين وجه تشبيه هم آمده
٢١٩- اگرچه نه بيني كني فرض تو كه مي بينمش وقت طاعت نكو
٢٢٠- خدا را بداري چنان در نظر كه گويا كه ديدي تو حق با بصر
٢٢١- وگر اين لياقت ندارد دلت كه ديدن خدا را شود حاصلت
٢٢٢- باين قدر داني كه او حاضر ست بهر حال بر تو همو ناظر ست
٢٢٣- دلت را لحاظ اين حضورِ دهي پس اندر عبادت قدم بر نهي
٢٢٤- شنيده چو جبريل اين خوش جواب بتصديق تحسين بكرده شتاب
٢٢٥- ولي بهر تعليم امت سوال همي كرد جبريل صاحب كمال
٢٢٦- دو اين قسم اخلاص احسان بنام بناميد جبريل با اهتمام
٢٢٧- يكي هست اخلاص اعليٰ تمام كه ديدن خدا را بدل با دوام

۲۰۴- ٻئي طرف توجهه ڪرڻ ناجائز آهي، بلڪ ٻئي طرف ڏسڻ حيا جي خلاف آهي.
۲۰۵- جيڪڏهن ڪو ماڻهو بادشاهه جي اڳيان نموني بازي ڪندو ته ان کي سيئي ڏوراپو ڏيندا.
۲۰۶- ڪو شخص نماز ۾ ٻئي طرف توجهه ڪندو ته خدا ان کي ڇوي ٿو اي بد اخلاق.
۲۰۷- جنهن ڏانهن متوجهه آهين اهو مون کان وڌيڪ هرگز نه آهي.
۲۰۸- ڄاڻڻ گهرجي ته اهلِ دل، دل کي ڏسندا آهن، نماز ۾ انهن کي اها حقيقت حاصل هوندي آهي.
۲۰۹- صحيحين ۾ روايت آئي آهي ته حضرت جبرئيل عليه السلام انسان جي صورت ۾ آيو.
۲۱۰- رسول الله صلي الله عليه وسلم جن وٽ ويهي پڇڻ لڳو.
۲۱۱- مون کي قيامت جون نشانيون ٻڌاءِ ۽ ايمان جي به خبر ڏي.
۲۱۲- اسلام بابت پڇان ٿو ته اهو ڇا آهي؟ جنهن جي تنهنجي امت کي به خبر نه آهي.
۲۱۳- چوٿون احسان جي خبر ڏي، انهن چئني شين جو جدا جدا بيان پڇيائين.
۲۱۴- پاڻ سڳورن ڪيس انهن چئني شين جي خبر ڏني، جنهنڪري انهن کان امت به خبردار ٿي.
۲۱۵- ان کي احسان جي خبر ڏنائون، جيڪو انهن سوالن ۾ چوٿون نمبر آهي.
۲۱۶- پاڻ سڳورن فرمايو ته احسان (جي معنىٰ) عبادت ۾ خدا کي ڏسڻ آهي.
۲۱۷- خدا جي ڏسڻ سان عبادت ڪر، ان طرح عادت ڪري ڇڏ.
۲۱۸- دل سان ڏسڻ، اکين جي ڏسڻ وانگر آهي، ان ڪري انهن ۾ تشبيهه آئي آهي.
۲۱۹- اگرچہ نه ڏسين ته به فرض ڪر ته، گويا ڪہ عبادت وقت ڪيس ڏسان ٿو.
۲۲۰- خدا ۾ ائين نظر ڪر، ڄڻ اکين سان ڪيس ڏسين ٿو.
۲۲۱- جيڪڏهن تنهنجي دل ۾ اها لياقت نه آهي، جو خدا کي ڏسي سگهين.
۲۲۲- ائين ڄاڻ ته اهو حاضر آهي ۽ توکي ڏسي رهيو آهي.
۲۲۳- دل ۾ حضور جو لحاظ رکي، پوءِ عبادت ۾ شروع ٿي.
۲۲۴- حضرت جبرئيل عليه السلام هي جواب ٻڌي تصديق ڪئي ۽ پاڻ سڳورن جو ٿورو مڃيو.
۲۲۵- ۽ امت جي تعليم لاءِ حضرت جبرئيل عليه السلام اهي سوال ڪيا.
۲۲۶- اخلاص جي هنن ٻنهي قسمن کي حضرت جبرئيل عليهالسلام احسان جي نالي سان سڏيو.
۲۲۷- هڪڙو اخلاص تمام اعلىٰ آهي جو دائماً دل سان خدا ڏسجي.

۲۲۸- بیانش گذشته دگر بار نیز — بگویم تمامش شنو اي عزیز
۲۲۹- میانه ز اخلاص باشد چنان — که داني خدا را تو حاضر عیان
۲۳۰- بداني که او حاضر و ناظر ست — نه غائب بود از تو وقت پَرست
۲۳۱- چو بر عکس این کس کند اعتقاد — چنین اعتقاد ست کفر و فساد
۲۳۲- چو اعلیٰ مراتب بدیدن شده — میانه بدانستن ست دان همه
۲۳۳- سیوم قسم اخلاص ادنیٰ نگر — که کمتر ز جمله مراتب دگر
۲۳۴- کند او عبادت برائي خدا — نه سمعت بود در دلش ني ریا
۲۳۵- دلش از کمالات دیگر تهي — ندارد ز قربِ خدا آگهي
۲۳۶- بخوان لفظ استغفِرالله بس — سه کرت ز پس فرض در یک نفس
۲۳۷- بجز فاصله متصل با سلام — شوي تا تو مغفور اي نیک نام
۲۳۸- شود تا نمازت باین لفظ نور — بماند صلوات اهلِ حضور
۲۳۹- بود وِرد این نیز از واردات — بآثار اوراد اي خوش صفات
۲۴۰- درینجا یکي نکتهء یاد گیر — شنو تا بگویم قلیل و کثیر
۲۴۱- علامت ولایت ولي آن بود — که لذت حضوري فراوان بود
۲۴۲- میان مناجات لذت خطاب — بود با کمالش شنو این جواب
۲۴۳- میانِ عبادت بلذت کثیر — خطاب و حضورِ بود بي نظیر
۲۴۴- کرامت ولي نزد اهل کمال — حضورِ بلذت بود بي ملال
۲۴۵- حضورِ بلذت کرامت بود — کرامت ز علت سلامت بود
۲۴۶- چو کشف و خوارق(۱) ملامت بود — نه آن بر ولایت علامت(۲) بود
۲۴۷- نه اندر کرامت بود حظ نفس — ازان از عبادت رود حظ نفس
۲۴۸- نه کشف و خوارق کرامت شده — عبادت نه هرگز ملامت شده

(۱) خوارق بر انواع ست چون ارهاص و معجزه و کرامت و استدراج و معونت و اهانت و تاثیر نفس و سحر و شعبده و غیر ذالک و خارقه که کرامت ست دلیل ولایت ولي ست وآن قطعا حضوري و لذت خطاب بر قانون شریعت ست و بواقي حظوظ نفس ست مر مدعي ولایت را. (حاشیه مصنف)

(۲) و رکن ولایت و علامت قطعیة آن عندالمحققین آن کرامت ست که دران حظ نفس و غرور آن نباشد و عبادت کامله بود و کمال لذت حضوري مطابق قانون شریعت ست و مناجات و خطاب بکمال حضوري واستغراق بود. (حاشیه مصنف)

٢٢٨- ان جو بيان اڳ ۾ گذري چڪو آهي، هاڻي ٻيو پيرو رهيل بيان توکي ٻڌايان ٿو ٻُڌ.
٢٢٩- درميانه اخلاص اهو آهي، جو تون خدا کي ظاهر حاضر ڄاڻين.
٢٣٠- ان کي حاضر ۽ ناظر ڄاڻين، عبادت جي وقت هو توکان غائب نه آهي.
٢٣١- جيڪو ماڻهو ان جي ابتڙ اعتقاد رکندو. اهڙو اعتقاد ڪُفر ۽ فساد آهي.
٢٣٢- اخلاص جو اعلىٰ مرتبو خدا کي ڏسڻ آهي، ۽ درميانه اخلاص(خدا کي حاضر۽ ناظر)ڄاڻڻ آهي.
٢٣٣- اخلاص جو ٽيون قسم ادنىٰ آهي، جيڪو ٻين مرتبن کان گهٽ آهي.
٢٣٤- خدا واسطي عبادت ڪري، ان جي دل ۾ سُمعت (عوام کي ٻڌائڻ) ۽ ريا نه هجي.
٢٣٥- ان جي دل ٻين ڪمالن کان خالي آهي ۽ قرب الاهي کان نا واقف آهي.
٢٣٦- فرض کان پوء تون ٽي ڀيرا استغفر الله هڪ پساه ۾ پَڙهه.
٢٣٧- ۽ اها استغفار سلام کان پوء لاڳيتو بنا فاصله (فورا) پڙهه ته بخشجي وڃين.
٢٣٨- هن لفظ پڙهڻ جي ڪري تنهنجي نماز اهل حضور جي نماز وانگر نور ٿي پوندي.
٢٣٩- هيءَ حديثن ۾ آيل وظيفن مان هڪ وظيفو آهي.
٢٤٠- هتي هڪ نڪتو آهي ٻڌو ته ٿورو گهڻو ٻڌايان.
٢٤١- ولي جي ولايت جي نشاني هي آهي جو اُنَ کي حضوري لذت گهڻي حاصل هجي.
٢٤٢- مناجات ۾ ان کي خطاب جي لذت باڪمال حاصل هجي.
٢٤٣- عبادت ۾ گهڻي لذت وارو خطاب ۽ حضوري لذت حاصل هجي.
٢٤٤- ڪاملن وٽ حضوري لذت جو حاصل هجڻ ڪرامت آهي.
٢٤٥- حضوري لذت ڪرامت آهي ۽ ڪرامت علت کان سالم آهي.
٢٤٦- جڏهن ته ڪشف ۽ خُوراق(١) (ولي لاء) ملامت ۽ خواري آهن ۽ سندس ولايت(٢) جي نشاني نه آهن.
٢٤٧- ڪرامت ۾ حظ نفس نه آهي، ان ڪري عبادت مان حظ نفس هليو ويندو آهي.
٢٤٨- ڪشف ۽ خوراق ڪرامت نه آهي ۽ عبادت ملامت نه آهي.

(١) خوارق جا ڪيترائي قسم آهن. جهڙوڪ: ارهاص، معجزو، ڪرامت، استدراج، معونت، اهانت، تاثير نفس، جادو، شعبده وغيره ۽ اهو عادت جي خلاف ڪم جيڪو ڪرامت آهي. وليءَ جي ولايت جو دليل آهي ۽ اهو قطعاً حضوري ۽ خطاب جي لذت وارو شريعت جي قانون مطابق آهي. باقي ولايت جي دعويدارن کي نفس جا پاڳا آهن.(حاشيه مصنف)

(٢) ولايت جو رڪن ۽ قطعي نشاني محققن وٽ اها آهي جو ان ڪرامت ۽ نفس کي ڪوبہ پاڳو حاصل نه هجي ۽ نه وري ان کي تڪبر هجي ۽ عبادت ڪامله هجي ۽ اهو ڪمال لذت حضوري شريعت جي قانون مطابق آهي ۽ مناجات ۽ خطاب ڪامل حضور ۽ استغراق سان هجي. (حاشيه مصنف)

۲۴۹- کند هر که دعویٰ که دیدم خدا — بیقظه عیانا بچشم بجا
۲۵۰- شده کافر و ملحد و دزد دین — بتحقیق کفرش بود با یقین
۲۵۱- نه در دار دنیا(۱) میسر شده — کسي را همین دولتِ هیچگه
۲۵۲- مگر مر رسولِ خدا باره یک — شده حاصلش دولت این در دمک
۲۵۳- بمعراج در حال بیداریش — بعینین دیده بهشیاریش
۲۵۴- صحیح ست این قول تحقیق دان — برین دار باور همه جاودان
۲۵۵- بدیدن خدا را بدل جائز ست — کسي کم بود کو، باین فائز ست
۲۵۶- مراد از بدیدن بدانستن ست — بنزدِ فقیهان نه قول من ست
۲۵۷- ولي اهل تجرید از صوفیان — بکردند دیدن بدل را بیان
۲۵۸- که رویت بدل فوق علم ست آن — چنانچه گذشته همه بي گمان
۲۵۹- بتجرید دل را دهي تصفیه — ز ظلمات اوهام نا صافیه
۲۶۰- بصیرت بقوت بگردد قوي — ببرکت متابع شدن مر نبي
۲۶۱- بدیدن بدل فوق دانستن ست — بدیدن بچشمي که آن باطن ست
۲۶۲- چگونه بداند بدیدن بدل — کسي کو بود کور دل مستدل
۲۶۳- ملازم بدیدن بدل اي امین — کمالِ حضوري ست بحق با یقین
۲۶۴- بدیدن بدل نیست ثابت عیان — نه واضح بگردد بذکر و بیان
۲۶۵- همه اهل ظاهر ازین منکر اند — نکردند جز علم از دل پسند
۲۶۶- یکي فلسفي ابن سینا(۲) بُده — نه هرگز باین وجه بینا بُده

(۱) چه دار دنیا دار مکاسب ست نه دار مواهب که ثمرات مکاسب ست و دار آخرت دار مواهب و طالب حق در دنیا مواهب نخواهد. (حاشیه مصنف)

(۲) ناظم علام بو علي سینا را اگرچه از اُمت محمدي شمار مي کند لیکن در حق اوُ مي فرماید که در سه مسائل کفر دارد اول انکار علم جزئیات از حق تعالیٰ دوم نفي حشر اجساد، سیوم جهان را قدیم اعتقاد دارد چنانچه در "کچکول نامه" مي فرماید. ولي بونصر فارابي مترجم ـ معلم اوست ثاني مرد عالم
معلم ثالث ست پس ابن سینا ـ که آخر فلسفي او بود بینا،
همین هر دو ازین امت ببودند ـ بسوئ فلسفه راه نمودند،
ولي در سه مسائل کفر دارند ـ همان هر سه مسائلَ مي شمارند.
چو نفيِ علم جزئیات از حق ـ دگر نفي حشر اجساد اسبق،
سیوم دیدن قدم عالم همیشه ـ همین دارند اینجا کفر پیشه.
نیز رک ینابع الحیواة باب ۲، فصل ۴، ص ۳۸۹ (للناظم العلام)

٢٤٩- ڪو شخص دعويٰ ڪري ته، مون سجاڳيءَ ۾ ظاهر ظهور ظاهري اکين سان خدا ڏٺو آهي.

٢٥٠- اهو ڪافر، مُلحد ۽ دين جو چور آهي، يقيناً اهو ڪافر آهي.

٢٥١- اها خدا جي ديدار جي دولت، دنيا ۾ ڪنهن کي به حاصل نه ٿي آهي.(١)

٢٥٢- مگر رسول خدا صلي الله عليه وسلم کي هڪ ڀيرو اها دولت حاصل ٿي آهي.

٢٥٣- معراج واري رات سجاڳيءَ ۾ ظاهري اکين سان خدا کي ڏٺائين.

٢٥٤- هي قول صحيح ۽ تحقيق وارو آهي ان تي ڀروسو ڪر.

٢٥٥- دل سان خدا جو ديدار جائز آهي، ۽ اهڙي نعمت سان ڪو ورلي ماڻهو فائز هوندو.

٢٥٦- فقيهن وٽ ڏسڻ مان مراد ڄاڻڻ آهي ۽ اهو قول منهنجو نه آهي.

٢٥٧- ۽ اهل تجريد جي صوفين، دل سان ڏسڻ جو بيان (هن طرح) ڪيو آهي.

٢٥٨- دل سان ڏسڻ ان علم کان مٿي آهي، جيئن گذري چڪو آهي.

٢٥٩- تجريد سان اڻ صاف وهمن جي اونداهي کان دل کي صاف رکن.

٢٦٠- نبي پاڪ عليه السلام جي تابعداري جي برڪت ڪري بصيرت قوي ٿيندي.

٢٦١- دل سان ڏسڻ، ڄاڻڻ کان مٿي آهي ۽ ڏسڻ مان مراد باطني اک سان ڏسڻ آهي.

٢٦٢- ۽ جيڪو شخص دل جو انڌو هوندو، اهو دل سان ڪيئن ڏسي سگهندو؟

٢٦٣- اي ايماندار! دل سان سدائين ڏسڻ يقيناً ڪامل حضور آهي.

٢٦٤- دل سان ڏسڻ ثابت نه آهي نه وري ذڪر ۽ بيان سان واضح ٿيندو.

٢٦٥- اهل ظاهر جا انهيءَ دل سان ڏسڻ جو انڪار ڪن ٿا. اهي فقط دل جي علم کي تسليم ڪن ٿا.

٢٦٦- ابن سينا جيڪو هڪ فيلسوف هو، اهو هن رستي کان اڻ واقف هو.(٢)

(١) ڇو ته دنيا محنت ۽ ڪمائيءَ جي جاءِ آهي. عطا ۽ بخش جي جاءِ نه آهي، جيڪا محنت جو نتيجو آهي ۽ آخرت نعمتن جي جاءِ آهي. حق جو طالب دنيا ۾ نعمتون نه گهرندو آهي.(حاشيه مصنف)

(٢) ناظم علام بو علي سينا کي اگرچه محمدي امت ۾ ڳڻي ٿو، ۾ انجي باري ۾ فرمائي ٿو ته اهو ٽن مسئلن ۾ ڪافر آهي.١- الله تعاليٰ جي علمِ جزئيات جي انڪار ڪرڻ جي ڪري.٢- قيامت جي ڏينهن جسمن جي اٿڻ کان انڪار جي ڪري.٣- جهان کي قديم سمجهي ٿو جيئن(شاعر ابوالحسن ڏاهري)ڪچڪول نامي ۾فرمائي ٿو:

۽ ابو نصر فارابي، جنهن جو لقب معلم ثاني آهي،
معلم ثالث ابن سينا آهي، جيڪو آخري فيلسوف هو،
هي ٻئي هن امت جا هئا، جن فلسفي جي راهه ڏيکاري،
۽ ٽن مسئلن ۾ ڪافر آهن، اهي ٽي مسئلا هن طرح ڳڻيل آهن.
جيئن خدا جي علمِ جزئيات جو انڪار، ٻيو جسم جي اٿڻ جو انڪار،
ٽيون جهان کي قديم هجڻ جو اعتقاد رکڻ جي ڪري ڪافر آهن.

وڌيڪ تحقيق ڏسو:
"ينابيع الحيواة الابدية"
باب٢، فصل ۴، ص ٣٨٩
تصنيف شاعر ابوالحسن ڏاهري)

۲۶۷- اگرچه فلاطون بچشمِ دلش معالیم دلها بُدي حاصلش
۲۶۸- تخاطب بمثلش بكردي ادا بدوري مسافت بسي سالها
۲۶۹- از ايشان تخاطب ميانِ قلوب بغير از تكلم همي بود خوب
۲۷۰- مناظر ببودي بدل با دگر اگرچه بُدي از دگر دور تر
۲۷۱- نه بر دين عيسىٰ رسولِ خدا فلاطون(۱) برفتي بگشتي جدا
۲۷۲- ميان فلاطون و عيسىٰ نزاع ببودي بدلها شنو بي خداع
۲۷۳- نه هرگز تكلم زباني ببود فلاطون ازان گشت مبهوت زود
۲۷۴- و ليكن بديدن خدا كور بود چه كافر معاند شقي شور بود
۲۷۵- اگر كور از شكم مادر بزاد بدان كوريش پا بعالم نهاد
۲۷۶- چنين كور را نام اكمه بدان بگويند اكمه بتازي زبان
۲۷۷- اگر او نداند همه رنگها همه را بداند يكي هر كجا
۲۷۸- چو سرخ و سفيد و سياه و كبود همه را بداند يكي اي ودود
۲۷۹- چو انكار الوان كند آشكار نه حجت بيابي برو استوار
۲۸۰- چو صد سال تعليم او را كني كه بسيار الوان بباشد سني
۲۸۱- نه تعليم او را دهد هيچ سود نه انكار الوان رود اي ودود
۲۸۲- چو در عهد عيسىٰ عليه السلام بسا اكمها گشت بينا تمام
۲۸۳- بديدند الوان همه بي خلاف بالوان بكردند خود اعتراف

(۱) افلاطون: افلاط و افلاطون كلاهما بالفتح نام حكيم ست كه هم عصر سلطان سكندر بود و ارسطو در علمِ مخصوص او را شاگرد بود و فرعون بمثله. (كشف) و علامه ابو سعيد غلام مصطفيٰ قاسمي در حاشيه كچكول نامه ص ٦ مي نويسد. بظاهر از افلاطون، حكيم اشراق افلاطون الاهي معلوم مي شود كه از اساطين حكماء يونان و استاد ارسطو بود. در سن ۳۵۵ ق-م وفات يافت و اين سن ولادت سكندر اعظم ست. پس ايمان نياوردن افلاطون بر عيسىٰ عليه السلام چنانچه ناظم علام مي فرمايد چه معنيٰ دارد؟ ويمكن كه مراد ازآن افلاطون دوم باشد كه آن استاد جالينوس بود. مؤرخ شهير مسعودي مي نويسد كه زمانه جالينوس دو صد سال بعد از عيسىٰ عليه السلام معلوم مي شود.(ا هـ) و در انسائيكلوپيڊيا مطبع لاهور سال۱۹٦۲ع ص۱۳۴ نوشته است: افلاطون (Plato) در سن ۴۲۷ ق-م در ايتهنز (Ethens) از يونان ولادت يافت. و ناظمِ علام ابوالحسن داهري در "افلاطون" تحقيق انيق در ينابيع الحيواة الابدية، باب دوم، فصل چهارم، ص ۳۸۵، ۳۸٦ ذكر كرده است. (دكتر غلام محمد سندي داهري)

٢٦٧- افلاطون اگرچه پنهنجي دل جي اک (روشني) سان پين دلين جانشان (راز) ڄاڻندو هو.
٢٦٨- پري پنڌ کان پاڻ جهڙن سان مخاطب ٿي (ڳالهائي) سگهندو هو.
٢٦٩- اُهي ظاهري ڳالهائڻ کان سواءِ، دلين سان ڳالهيون ڪندا هئا.
٢٧٠- هڪ ٻئي جو دل سان ديدار ڪندا هئا، اگرچه هڪ ٻئي کان پري هوندا هئا.
٢٧١- حضرت عيسىٰ عليه السلام جي دين تي افلاطون نه هليو ۽ جدا ٿي ويو.(١)
٢٧٢- حضرت عيسىٰ عليه السلام ۽ افلاطون جو پاڻ ۾ دلين جي ذريعي مناظرو ٿيندو هو.
٢٧٣- جڏهن ته سندن گفتگو زباني نه هئي، ان ڪري افلاطون حيران ٿيو.
٢٧٤- پر خدا جي ڏسڻ کان نابين هو، ڇو ته اهو ڪافر متڪبر ۽ بدبخت هو.
٢٧٥- جيڪڏهن ماءُ جي پيٽ مان نابين ٿي ڄائو ۽ جهان ۾ نابين ٿي آيو.
٢٧٦- اهڙي نابين کي عربي زبان ۾ "اَكمَهُ" چوندا آهن.
٢٧٧- جيڪڏهن هو رنگن کي نه سڃاڻي، سيني رنگن کي هڪ ڪري ڄاڻي ٿو.
٢٧٨- جيئن ڳاڙهو، اڇو، ڪارو ۽ آسماني. سيني کي هڪ سمجهي ٿو.
٢٧٩- جڏهن رنگن جو انڪار ڪري ته ڪنهن به حجت سان ڪيس مڃائي نه سگهندين.
٢٨٠- جيڪڏهن سو سال ان کي تعليم ڏين (سمجهائين) ته رنگ گهڻا آهن.
٢٨١- اها تعليم ڪيس نفعو نه ڏيندي ۽ رنگن جو انڪار ڪندو رهندو.
٢٨٢- جڏهن ته حضرت عيسىٰ عليه السلام جي زماني ۾ ڪيترائي نابين سڄا ٿيا.
٢٨٣- سڄي ٿيڻ کان پوءِ مختلف رنگ ڏسي رنگن جي گهڻائيءَ جو اعتراف ڪيائون.

(١) افلاطون: افلاط ۽ افلاطون ٻئي زبر سان، هڪ حڪيم جو نالو آهي، جيڪو ٻادشاهه سڪندر جو هم عصر هو ۽ ارسطو مخصوص علم ۾ ان جو شاگرد هو. ۽ فرعون جو لفظ به افلاطون وانگر آهي.(ڪشف) علامه ابو سعيد غلام مصطفىٰ قاسمي ڪچڪول نامه ص، ٦ جي حاشيه ۾ لکي ٿو: ظاهر ۾ افلاطون مان مشرقي حڪيم افلاطون الاهي معلوم ٿئي ٿو جيڪو يونان جي وڏن حڪيمن مان هو ۽ ارسطو جو استاد هو. سن ٣٥٥ ق-م ۾ وفات ڪيائين ۽ هيءُ سڪندرِ اعظم جي ولادت جو سال آهي. پوءِ افلاطون جو حضرت عيسىٰ عليه السلام تي ايمان نه آڻڻ جيئن شاعر لکي ٿو ڇا معنىٰ رکي ٿو؟ ٿي سگهي ٿو ته ان مان مراد ٻيو افلاطون هجي جيڪو جالينوس جو استاد هو. مشهور تاريخدان مسعودي لکي ٿو ته جالينوس جو زمانو به سؤ سال حضرت عيسىٰ عليه السلام جي زماني کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ۽ انسائيڪلوپيڊيا ڇاپو لاهور سال ١٩٦٢ع، ص ١٣٤ ۾ لکيل آهي ته: افلاطون سال ٤٢٧ ق-م يونان جي درالحڪومت "ايٿنز" ۾ ڄائو. ۽ مصنف ۽ شاعر علامه ابوالحسن ڏاهري افلاطون بابت اونهي تحقيق پنهنجي ڪتاب ينابيع الحيواة الابدية، باب ٢، فصل ٤ ص ٣٨٥ ۽ ٣٨٦ ۾ ذڪر ڪيو آهي. والله اعلم بالصواب.
(ڊاڪٽر غلام محمد سنڌي ڏاهري)

۲۸۴- بـود عام مردم چو اكمـه نشان نـه احوال صوفي بدانند شان
۲۸۵- مگـر حال خـود را بدانند خـود بـران حـال بـودن تـوانـند خـود
۲۸٦- مكن گفتگوئي ز حـال و مقـام كـه ايشـان بدارند اي نيـک نام
۲۸۷- مكـن گفتگـوئـي دريـن مسئلـه نـه ما ؤ شما را ست اين حوصله
۲۸۸- چه نسبت سُها(۱) را بخورشيد نور دلِ عـارف ست آفتـابِ ظهور
۲۸۹- دلِ عام خلق ست همچون سُهاء نـدارد خـبـر از دلِ اولـيـاء
۲۹۰- چو عرفان(۲) بدارنـد ايمانيان بكردنـد ذات و صفاتش بيان
۲۹۱- ولـي كـور گشتـنـد يـونـانيان نديدند جمله صفاتـش عيان
۲۹۲- يكي فلسفـي ابـن سينـا بُـده ببعضي صفاتش نه بينا(۳) بُده
۲۹۳- نـه جوگي ست عارف نه سُمني(۴) گهي شده هر يكي ملحد و گمرهي
۲۹۴- رجعـنـا اِلىٰ مـا قصدْنـا لـه ذكَـرْنـا هـنـا منـه منـوالـه
۲۹۵- چـو ديـدن خـدا در دلت شد مدام همين ست حق اليقين را مقـام
۲۹٦- همين ست اخـلاص اعلىٰ تـمام كه حق اليقين را ست اخلاص نام
۲۹۷- بـود بعد تحصيل عـين اليـقين همين حق، حق ست دين اليقين
۲۹۸- چـو واجب بود بر تـو ديدن خدا نـه غفلت(۵) بيک دم بباشد روا
۲۹۹- بدان در احاديث از شش صحاح چنين ست در حـق اهلِ فلاح
۳۰۰- كـه جنت بـود جائي آسودگان نـدارنـد انـدوه اهـل جنـان
۳۰۱- مكر حسرت ايشان بران ساعتي ست كـه بي ذكر رفته بجز طاعتي ست
۳۰۲- بـران وقت بي ذكـر در آخـرت ببـاشد بر ايشـان هزاران تِـرت

(۱) سُها: بضم نام ستاره است باريک تر در "بنات نعش" صغرىٰ يا كبرىٰ علي القولين. (حاشيه مصنف)
(۲) المعرفة هو العلم المطابق بالواقع. (حشيه مصنف)
(۳) چه منكر از علم الله تعالىٰ بجزئيات تفصيليه است. (حاشيه مصنف)
(۴) سُمني: منسوب ست بسومنات كذا في حواشي شرح العقائد. (حاشيه مصنف). و سومنات: نام بتخانه كه در زمين گجرات بود و سلطان محمود سبكتگين او را خراب گردانيده و اين لغت هندي ست. (كشف) رک ينابيع ج ۱ ص ۳۸۸
(۵) و اهلِ اشارت غفلت را از كفر اعتبار كنند. بيت
هرآن كس كه غافل از حق يک زمان ست ـ دران دم كافر ست اما نهان ست،
اگر اين غـافـلي پيوستـه بـودي ـ درِ اسلام بر وي بسته بودي. (حاشيه مصنف)

٢٨٤- عام ماڻهو بہ نابين وانگر آهن، جيڪي صوفين جي احوال کان بي خبر آهن.

٢٨٥- مگر پنهنجي حال کي پاڻ ڄاڻي ان حال تي هوندا آهن.

٢٨٦- اي نيڪنام! صوفين جي حال مقام بابت گفتگو نہ ڪر.

٢٨٧- هن مسئلي ۾ گفتگو نہ ڪر ڇوتہ اسان ۽ توهان کي اهو حوصلو ۽ سمجهہ حاصل نہ آهي.

٢٨٨- سُها ستاري جي نسبت سج جي روشنيءَ سان ڪهڙي آهي؟ عارفن جي دل سج آهي.(١)

٢٨٩- عام خلق جي دل سها ستاري وانگر آهي، انهن کي ولين جي دل جي خبر نہ آهي.

٢٩٠- ايمان وارن کي عرفان ۽ معرفت حاصل آهي، تنهنڪري خدا جي ذات ۽ صفات بيان ڪيائون.(٢)

٢٩١- يوناني نابين ٿا، جن الله تعالىٰ جي ڪن صفتن کي نہ مڃيو.

٢٩٢- ابن سينا هڪ فيلسوف هو، جنهن خدا جون ڪي صفتون نہ مڃيون. (٣)

٢٩٣- جوڳي ۽ سومنات مندر وارا عارف نہ آهن، سيئي مُلحد ۽ گمراہ آهن. (٤)

٢٩٤- هاڻي اسان مقصد ڏانهن موٽون ٿا ۽ ان مقصد جو بيان ڪريون ٿا.

٢٩٥- جڏهن خدا جو ڏسڻ تنهنجي دل کي دائمي حاصل ٿيو تہ اهو حق اليقين جو مقامِ آهي.

٢٩٦- اهو اخلاص تمام اعلىٰ آهي، جو حق اليقين جو نالو اخلاص آهي.

٢٩٧- عين اليقين جي حاصل ٿيڻ کان پوءِ اهو حق اليقين آهي.

٢٩٨- خدا تعالىٰ جو ڏسڻ جڏهن واجب ٿيو تہ هڪ ساعت بہ غفلت ناجائز آهي.(٥)

٢٩٩- "صحاح ستة" جي حديثن ۾ اهل فلاح بابت ائين آيو آهي.

٣٠٠- اهڙن خوش نصيبنُ جي جاءِ جنت آهي ۽ جنت وارن کي ڪوبہ ڏک نہ هوندو آهي.

٣٠١- پر انهن کي انهن ساعتن تي افسوس هوندو آهي، جيڪي ذڪر جهڙي عبادت کانسواءِ گُذريُون.

٣٠٢- آخرت ۾ ان وقت تي هزارين حسرتون ۽ پشيمانيون هُونديُون، جيڪو وقت بنا ذڪر جي گذريو.

---

(١) سُها: (پيش سان) ستاري جي نالو آهي، جيڪو تمام سنهڙو آهي ٽيڙو تارن جي وچ ۾ هوندو آهي. (حاشيہ مصنف)
(٢) واقع جي مطابق علم کي معرفت چئبو آهي. (حاشيہ مصنف)
(٣) ڇوتہ الله تعالىٰ جي تفصيلي جزئيات جي علم جو مُنڪر هو. (حاشيہ مصنف)
(٤) سُمني: لفظ سمني سوُمنات ڏانهن منسوب آهي اهڙيءَ طرح "حواشي شرح العقائد" ۾ لکيل آهي. (حاشيہ مصنف)
سومنات ان بت خاني جو نالو آهي جيڪو گجرات ۾ هو ۽ سلطان محمود سبڪتگين ان کي ڊهرايو هو ۽ هي هندي ٻولي آهي. (ڪشف) جيڪڏهن وڌيڪ تفصيل چاهين تہ ينابيع الحيواة الابدية باب٢ فصل٤، ص ٣٨٨. ڏِسُ.
(٥) ۽ اهلِ اشارة غفلت کي ڪفر سمجهن ٿا. ترجمو:
جيڪو شخص الله کان هڪ ساعت غافل آهي، انهيءَ ساعت ۾ اهو لکل ڪافر آهي،
جيڪڏهن اها غفلت سدائين لاءِ هوندس تہ اسلام جو دروازو پاڻ تي بند ڪري ڇڏيندو. (حاشيہ مصنف)

٣٠٣- اوائل احاديث "حِصن الحَصين" | درين باب كافي ست اي مردِ دين
٣٠٤- و ليكن هميشه ببودن حضور | بسي مشكل ست با يقين هست دور
٣٠٥- مگر بعد تهذيب اخلاق زود | هميشه بگردد حضور و شهود
٣٠٦- صفاتِ نكوهيده(١) فاني شدن | فنا نام اين را ست اي مير من
٣٠٧- چو غفلت ذميم فنا مي شود | حضور و شهودش بجا مي شود
٣٠٨- بود از صفات حميده حضور | حضورش بهر جا بود عين نور
٣٠٩- فنا نام تبديل اخلاق من | ذميمه برفتن حميده شدن
٣١٠- ز بعضي چنين ست اين اصطلاح | بواقي همه از كتب قوم لاح
٣١١- بود امر موتوا بمُرگِ همين | ز مُرگِ حقيقي بود پيش اين
٣١٢- مقامِ بقا را ست بعد الفناء | بباشد الى ربك المَنتهىٰ
٣١٣- بقرآن بفرمود حق واعلموا | كه تحقيق الله دان اي سموا
٣١٤- ميانِ ولي و دلش او يحول | چو از ماسوايش بكرده عدول
٣١٥- بود لي مع الله(٢) او را مقام | مقامِ خرابات اين را ست نام
٣١٦- بتجريد كامل چو انور شده | قلندر شده او قلندر شده
٣١٧- قلندر شدن كار لاهوتي ست | مقام قلندر خراباتي ست
٣١٨- مقامِ قلندر بود لامكان | برين رمز واقف مدان سالكان
٣١٩- كسي(٣) كو درين بحر گشته غرق | نبيند نداند گهي غير حق
٣٢٠- اَناالْحق بگفتن ازو نيست دور | ازو شطح(٤) طامات(٥) يابد صدور
٣٢١- درين بحر مواج زخار(٦) زفت | كسي كو شده باز بيرون نرفت
٣٢٢- بفرمود حق فاذكروني مدام | چو اذكركم ست مر شما را مدام

(١) نكوهيدن: بالكسر و با كاف فارسي ببدي ذكر كردن و بد گفتن. (كشف)
(٢) لي مع الله وقت لايسعني فيه ملک مقرب ولا نبي مرسل. (حاشيه مصنف)
(٣) پس مجنون اين قسم را مشكور گويند مقابل معذور كه ازين قسم نيست. (حاشيه مصنف)
(٤) شطح: باصطلاح صوفيه چيزهاء مخالف ظاهر شرع گفتن (رشيدي).
(٥) طامات: سخنان از چپ و راست و قيل ضد طاعات. (كشف)
(٦) زخار: اي مواج.(حاشيه مصنف). زخار بفتح و تشديد خا, دريا مالامال كه آب از ساحلش بگذرد (رشيدي)

٣٠٣- هن باب ۾ "حصن الحصين" جون ابتدائي حديثون ڪافي آهن.
٣٠٤- پر هميشه حضور هجڻ تمام مشڪل ۽ يقيناً پري آهي.
٣٠٥- پر اخلاق جي تهذيب کان پوءِ هميشه حضور ۽ مشاهدو هوندو.
٣٠٦- خراب عادتن (صفات ذميمه) جي ختم ٿيڻ جو نالو "فنا" آهي.(١)
٣٠٧- جڏهن غفلت واري برائي فنا ٿي ويندي ته حضور ۽ شهود ادا ٿيندو.
٣٠٨- حضور سهڻين صفتن مان آهي ۽ جتي به حضور هوندو اتي عين نور هوندو.
٣٠٩- فنا اخلاق جي تبديل ڪرڻ جو نالو آهي، صفات ذميمه وينديون ته اخلاق حميده ٿيندا.
٣١٠- هيءُ اصطلاح بعض کان ثابت آهي باقي سمورا اصطلاح قوم جي ڪتابن ۾ چٽا آهن.
٣١١- "موتوا" جي امر مان مراد اهو موت آهي، جيڪو حقيقي موت کان اڳ ۾ هجي.
٣١٢- فنا کان پوءِ بقا جو مقام آهي ۽ خدا ڏي تنهنجي انتها ٿيندي.
٣١٣- خدا تعالىٰ قرآن ۾ "واعلموا" فرمايو ته الله تعالىٰ کي تحقيق ڄاڻو.
٣١٤- ولي ۽ انجي دل جي وچ ۾ حائل پيدا ٿئي ٿو، جڏهن ماسوي الله کان منهن موڙي ٿو.
٣١٥- ان جو لي مع الله وارو مقام ٿئي ٿو ۽ ان مقام جو نالو "مقام خرابات" آهي.(٢)
٣١٦- ڪامل تجريد سان جڏهن زياده روشنائي ڪنڌڙ ٿيندو ته اهو قلندر ٿي ويندو.
٣١٧- قلندر ٿيڻ لاهوتيءَ جو ڪم آهي ۽قلندر جو مقام "مقام خرابات" آهي.
٣١٨- قلندر جو مقام لامڪان آهن، هن راز کان سالڪ به واقف نه آهن.
٣١٩- جيڪو هن درياءِ ۾ غرق ٿيو، اهو حق ڪانسواءِ ٻي ڪنهن به شيءِ کي نه ڏسندو نه ڄاڻندو.(٣)
٣٢٠- اَنَا الحَقُ چوڻ ان کان پري نه آهي ۽ ان کان شطح(٤) طامات(٥) (شريعت جي خلاف الفاظ) ظاهر ٿيندا.
٣٢١- جيڪو هن وڏي مضبوط چوليون هڻندڙ سمنڊ ۾ ويو اهو وري واپس نه آيو.(٦)
٣٢٢- خدا تعالىٰ فرمايو، توهان مونکي ياد ڪريو ته مان توهانکي ياد ڪرڻ جو بدلو ڏيان.

(١) نکوهيدن: زير سان ۽ ڪاف فارسي سان خراب ڳالهائڻ. (ڪشف)
(٢) آئون نبي پاڪ الله تعالىٰ سان ڪو اهڙو وقت به گڏ هوندو آهيان جنهن وقت ۾ نه ڪو مقرب ملائڪ، نه ڪو نبي مرسل هوندو آهي. (حاشيه مصنف)
(٣) پوءِ هن قسم جي مجنون کي مشڪور چون، جيڪو معذور جو ضد آهي ۽ هن قسم مان نه آهي.(حاشيه مصنف)
(٤) شطح: صوفين جي اصطلاح موجب ظاهر شريعت جي خلاف الفاظ ڳالهائڻ. (رشيدي)
(٥) طامات: اُبتيون، سُبتيون ڳالهيون بيان ڪرڻ. ڪن جو چوڻ آهي ته عبادات جو ضد آهي. (ڪشف)
(٦) زخار: اي مواج. يعني چوليون هڻندڙ (حاشيه مصنف) زخار ز جي زبر سان ۽ خ جي شد سان اهو درياءَ جنهنجو پاڻي ڪپهن کان ٻاهر وڃي. (رشيدي)

٣٢٣- بدان ذکر دائم که گفتند شان		شهودِ خدا دان مراد ست زان
٣٢٤- ازين ذکر دائم حضور ست مراد		نه ساعت بدنيا رود بي زياد
٣٢٥- چه حسنات ابرار بي اين حضور		بباشند موجود اندر ظهور
٣٢٦- ولي وِزر(١) غفلت نه بر هر کسي ست		مگر بر اخص الخواص ست بايست
٣٢٧- چو باشد مقرب بدرگاه او.		بود حسرت و وِزر غفلت برو
٣٢٨- ولي چند آنات غفلت اگر		بر ايشان بگذرد شنو اين خبر
٣٢٩- بخواهند از بهر آن مغفرت		معاتب نباشند در آخرت
٣٣٠- نه هرگز بباشد بر ايشان تِرت		چو مغفور گشتند با معذرت(٢)
٣٣١- ز قرآن بخوان اين بشارتِ کنون		که لاخوف گفته ولايحزنون
٣٣٢- چو پروانه داند شعاعِ چراغ		بعلم اليقين او بياراست(٣) باغ
٣٣٣- چو ديده بچشمش جمالِ شعاع		بعين اليقين او بکرده متاع
٣٣٤- چو در شمعِ خود را همه سوخته		بحق اليقين کار اندِوخته
٣٣٥- بتمثيل اين گفت در مثنوي		مراتب يقين را همه مولوي
٣٣٦- بدان در نماز ست حق اليقين		حضوري همه نوع اي مرد دين
٣٣٧- چنانچه دلت را بباشد شهود		شهودِ خدا در دلت رو نمود
٣٣٨- شود تن بخدمت حضورش غلام		بدرگاه ايزد شود تن تمام
٣٣٩- زبانت بذکرش شود رطب تر		عبادت سه گانه درينجا نگر
٣٤٠- بدان در حديث ست وارد چنين		که ساجد بحالت سَجودش متين
٣٤١- بود نزد ايزد بنزديک تر		باين قدر اقرب مدان کس دگر
٣٤٢- چه سجده کمال خضوع ست بکار		کمال تذلل مع الانکسار
٣٤٣- بغايت تواضع که رويش بخاک		نهاده رسيده بدرگاه پاک

(١) مجتهد مخطي را يک اجرست اگر غير نبي باشد و نبي را يک وزر ست "حسنات الابرار" "سَيئات المقربين" قول ابي سعيد الخراز ست. مُصيب را دو اجر و مخطي را يکي، حديث صحيحين ست. (حاشيه مصنف)
(٢) در نسخه "ر" در حاضرت (اي در دنيا) بجاءِ با معذرت نوشته است.
(٣) در نسخه "ر" اين شعر باين طور نوشته است. شعر
چو پروانه دانست شمع و چراغ ـ بعلم اليقين او بيفروخت باغ. (اي روشن کرد باغ را)

٣٢٣- صوفين جيڪو دائمي ذڪر چيو آهي، اُن مان مراد خدا جو شهود آهي.
٣٢٤- انهي دائمي ذڪر مان مراد حُضور آهي جنهن ۾ هڪ ساعت به دنيا ڏي خيال نه وڃي.
٣٢٥- جو ته حضور کان سواءِ "حَسَنَاتُ الْاَبْرَارِ" ظاهر ۾ موجود آهن.
٣٢٦- هر ڪنهن ماڻهوءَ تي غفلت جو گناهه نه آهي پر اَخصُ الخَواصِ لاءِ گناهه آهي.(١)
٣٢٧- درگاهه جي مقرب تي غفلت جي ڪري حسرت ۽ گناهه ٿئي ٿو.
٣٢٨- جيڪڏهن انهن تي ڪي چند ساعتون غفلت سان گذريون ته خبر پئو.
٣٢٩- ان غفلت جي مغفرت گهرندا ته آخرت ۾ ڏوراپو نه ملندُنِ.
٣٣٠- معذرت سان مغفور ٿيا ته پريشاني ۽ حسرت نه ڏسندا. (٢)
٣٣١- انهن لاءِ "لَاخَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَاهُمْ يَحْزَنُوْنَ" جي بشارت آيل آهي.
٣٣٢- پروانو شمع (ڏئي) جي روشني ڏسي عِلمُ اليقين سان باغ سينگاري ٿو. (٣)
٣٣٣- اڪين سان شعاع جو جمال ڏسي عين اليقين جو نفعو حاصل ڪيائين.
٣٣٤- جڏهن پروانو، شمع (ڏِئي) ۾، پاڻ سجو سڙي وڃي ٿو ته، ڪيس حق اليقين حاصل ٿئي ٿو.
٣٣٥- مثال طور مولانا رومي مثنويءَ ۾ يقين جا مرتبا (اقسام) بيان ڪيا آهن.
٣٣٦- نماز ۾ حق اليقين آهي، جو حضور جا سڀ انواع (اقسام) اٿس.
٣٣٧- جيئن تنهنجي دل کي شهود حاصل ٿيو، اهو شهود خدا طرفان آهي.
٣٣٨- سندس حضور جي خدمت ۾ جسم غلام تي بارگاهه خدا ۾ حاضر ٿئي ٿو.
٣٣٩- ان جي ذڪر سان تنهنجي زبان آلي ٿيندي، هتي عبادت جا ٽي نمونا ڏسِ.
٣٤٠- حديثن ۾ آيو آهي ته سجدو ڪندڙ شخص سجدي جي حالت ۾.
٣٤١- خدا کي ايترو ته ويجهو ٿئي ٿو، جو ٻيو ڪوبه شخص ايترو ويجهو نه ٿيندو.
٣٤٢- سجدو ڪمال خُضوع آهي ۽ اهو تذلل جي ڪمال انڪسار سان ٿئي ٿو.
٣٤٣- نهايت نوڙت سان منهن، خاڪ تي رکي درگاهه ۾ پهچي ٿو.

(١) مجتهد خطا ڪندڙ کي هڪ ثواب ملندو جيڪڏهن نبي نه آهي ۽ نبي کي "حسنات الابرار سيئات المقربين" مطابق هڪ گناهه آهي ۽ اهو قول ابو سعيد خراز جو آهي. ۽ مُصيب کي ٻه ثواب ۽ مخطي کي هڪ ثواب صحيحين جي حديث آهي. (حاشيه مصنف)
(٢) نسخي "ر" ۾ در حاضرت يعني دنيا ۾ لفظ "با معذرت" جي بدران لکيل آهي.
(٣) نسخي "ر" ۾ هي شعر هن طرح لکيل آهي: ترجمو
جڏهن پرواني کي چراغ جي خبر پئي ته ان يقين جي علم سان باغ کي روشن ڪيو.

٣٤٤- چو سجده موحد باخلاص كرد همين ست معراج عالي ز مرد
٣٤٥- مُصَلّيْ چو نزديک تر با حق ست بدرگاه حق كار او لائق ست
٣٤٦- چو انواع ذكرش بود در نماز چه قولي، چه فعلي، چه قلبي نياز
٣٤٧- نماز ست جامع شده جمعگاه بخوان واستعينو بصبر و صلاه
٣٤٨- ز قرآن بخوان گر نداري جنون بفرمود قد افلح المؤمنون
٣٤٩- كه دارند اندر نمازِ خشوع گزارند خدمت باخلاص روع
٣٥٠- بود كار عارف هميشه شهود بود در نمازش شهودش بسود
٣٥١- نماز ست معراج ايشان مدام بود قرتِ عين شان زين مرام
٣٥٢- همه پردها را ببرد نماز ز چشم دل عاشقان پر نياز
٣٥٣- نمازي كه اين طور دارد عيان ميان عوارف بگشته بيان

باب تحريم نماز كه شروع نماز بآن مي شود تكبير ست يا غير آن

١- كنون شرط هشتم تو تحريم دان چه تحريم عام ست اي نوجوان
٢- بود خاص تكبير لفظِ يكي كه الله اكبر بود بي شكي
٣- بهر جا كه تكبير كردند ياد همان جا ست الله اكبر مراد
٤- بدان چيست تحريم(١) اندر لغت بحق نمازت نه در هر لغت
٥- منافي نمازت بسازي حرام برائي خدا بر خودت با اهتمام
٦- باين معنيش گشت معنیٰ شروع ميانِ نمازت بدان تو بروع
٧- ز تحريم الفاظ باشد مراد كه اسباب تحريم كردند ياد
٨- بلفظي كه شارع شود در نماز بود نام آن لفظ تحريم باز
٩- ز طرفين ظاهر روايت يكي ست بشش لفظ شارع شدن بي شكي ست

(١) بتحريم شروع در نماز مطلقاً حاصل ميشود پس شروع بغير تكبير مكروه است چه بغير تكبير فرض حاصل ميشود نه واجب. و بتكبير هر دو حاصل ميشود پس تعيين تكبير واجب گفته شده مثل تعيين القراءة في الاولين چه بقراءة در أخرين و در يكي از اولين و در يكي از أخرين فرض حاصل شود نه واجب.(حاشيه مصنف و ناظم علام)

٣٤٤- مُوحِدُ اخلاص سان سجدو ڪيو ته اهو ان مرد جو اعلىٰ قسم جو معراج آهي.

٣٤٥- نمازي خدا ڪي تمام ويجهو آهي ۽ سندس دربار ۾ عبادت جي لائق آهي.

٣٤٦- نماز ۾ ذڪر جا گهڻا قسم آهن، جيڪي قولي، فعلي ۽ قلبي آهن.

٣٤٧- نماز جامع آهي "واستَعِيْنُوا بِالصَبْرِ والصَلوٰةِ" پڙهي ڏس.

٣٤٨- قرآن شريف مان "قَدْ اَفلَحَ المُؤمِنُوْنَ" پڙهي ڏس.

٣٤٩- نماز ۾ خشوع ڪن ٿا ۽ دل جي اخلاص سان ادا ڪن ٿا.

٣٥٠- عارف هميشه شهود ۾ آهن ۽ شهود نماز ۾ حاصل ٿئي ٿو.

٣٥١- نماز انهن جو معراج آهي، ان ڪري نماز انهن جي اکين جو ٺارُ آهي.

٣٥٢- نماز حجاب جا پردا ڦاڙي، عاشقن جي دل ڪي با نياز بنائي ٿي.

٣٥٣- اهڙي نموني جي نماز عارفن بيان ڪئي آهي.

تحريم نماز،جنهن سان نمازشروع ڪجي ٿي تڪبير آهي ياڪابي شي

١- نماز جو اٺون شرط تحريم ڄاڻ ۽ تحريم عام آهي.

٢- خاص تڪبير هڪ لفظ آهي، جيڪو "الله اڪبر" آهي.

٣- جڏهن تڪبير جو لفظ استعمال ٿئي ته ان مان مراد "الله اڪبر" آهي.

٤- ڄاڻڻ گهرجي ته نماز جي حق ۾ لغت جي لحاظ سان تحريم جو مطلب ڇا آهي؟[1]

٥- تڪبير سان خاص خدا واسطي نماز جا منافي (مخالف ڪم) پاڻ تي حرام ڪر.

٦- انهيءَ معنىٰ واري تڪبير سان، نماز شروع ٿئي ٿي.

٧- تحريم مان مراد الفاظ آهن، جيڪي تحريم لاءِ سبب بنجن ٿا.

٨- جنهن لفظ سان نماز ۾ شروع ٿئي ٿو، ان کي تحريم چوندا آهن.

٩- طرفين کان ظاهر روايت آهي ته ڇهن لفظن سان نماز شروع ٿي سگهي ٿي.

(١) تحريم سان نماز ۾شروع ٿيڻ مطلقا حاصل ٿئي ٿو۽ تڪبير تحريم کانسواءِ شروع ٿيڻ مڪروه آهي، ڇوته تڪبير تحريم کانسواءِ فرض ته حاصل ٿي وڃي ٿو، باقي واجب حاصل نٿو ٿئي ۽ تڪبير تحريم سان اهي ٻئي حاصل ٿين ٿا. پوءِ تڪبير ڇوڻ کي مقرر ڪرڻ پهرئين ٻن رڪعتن ۾قرائت جي مقرر ڪرڻ وانگر ڇيو اٿن، ڇو ته رڳو ٻن پوين رڪعتن ۾قرائت ڪرڻ يا پهرئين ٻن رڪعتن مان ڪنهن به هڪ رڪعت ۾ٻن پوين مان به ڪنهن هڪ رڪعت ۾قرائت ڪرڻ سان به فرض حاصل ٿي وڃي ٿو،پر واجب حاصل نٿو ٿئي. (حاشيه مصنف)

١٠- يكي لفظ الله اكبر مدام | كه آنرا بگويند تكبير نام
١١- چو با غير تكبير آغاز كرد | اشد الكراهة شده محض سرد
١٢- نمازش بمكروه تحريمي ست | چه تعيين تكبير هم بر وي ست
١٣- چه تعيين تكبير واجب شده | بنزديک جمهور روشن چو مه
١٤- چو تعيين تكبير از شافعي | بود فرض آن محض اي المعي
١٥- چو با غير تكبير كرده شروع | نه داخل نمازش شده او بروع
١٦- دگر اسم الله باسم دگر | ز اسماء او غير اكبر نگر
١٧- سيوم اسم رحمٰن محلىٰ بلام(١) | بهمراه اسم دگر بي كلام
١٨- چو تهليل تسبيح تحميد نيز | باين هر سه شش گشت اي با تميز
١٩- نه شارع ببسمل شود در نماز | صحيح ست اين قول اي كامساز
٢٠- نه آغاز حاصل شود با دعاء | بنزديک اجماع اي نيک راء
٢١- بدان اسم ذاتي(٢) كه الله هست | دگر اسم رحمان كه ذاتي به است
٢٢- ولي لام تعريف لازم برو ست | بجز لام رحمٰن نه ذاتي نكو ست
٢٣- بظاهر روايت يكي زين دو نام | بود شرط درشش صور هر كدام
٢٤- تهي از يكي زين دو اسمش اگر | بود لفظ تحريم از شش صور
٢٥- نه تحريم حاصل شده ياد دار | ز طرفين ظاهر روايت شمار
٢٦- بدان فرض تعظيم ذكرِ خدا ست | نه تعظيم در اسم تنها جدا ست
٢٧- چو مختار ظاهر روايت شده | كه معمول گشته قوي آمده
٢٨- چو ظاهر روايت شده استوار | ازين درمختار كرد اختيار
٢٩- بدان غير ظاهر روايت كه هست | ز طرفين آن نيز آمد بدست
٣٠- بيک اسم تنها ست تحريم نيز | بعالمگيري ست ماخوذ چيز
٣١- ولي اسم تنها بود گرچه عام | بعام ست تنها جوازش تمام
٣٢- ولي خاص بودن بحق ذي المنن | بود شرط نزديک بعضي بفن

(١) لقوله تعالىٰ أدعوا اللهَ أوِ ادعواْ الرحمٰنَ. (حاشيه مصنف) (٢) و ذاتي بودن اين هر دو اسم در اول تفسير بيضاوي و در حديث قصه حديبيه و در عدم تسمية مر غير حق را ثابت شده است. (حاشيه مصنف)

١٠- هڪ لفظ "الله اڪبر" آهي، جنهن کي تڪبير چوندا آهن.
١١- جيڪڏهن نماز غير تڪبير سان شروع ڪيائين ته نماز سخت مڪروه ٿي.
١٢- ان جي نماز مڪروه تحريمي ٿي چو ته تڪبير جي تعيين ضروري آهي.
١٣- جمهور عالمن وٽ نماز ۾ تڪبير جي تعيين واجب آهي.
١٤- امام شافعي وٽ تڪبير جي تعيين فرض آهي.
١٥- جيڪڏهن غير تڪبير سان نماز شروع ڪيائين ته نماز ۾ داخل نه ٿيو.
١٦- پيو "الله اڪبر" ڪان سواءِ خدا جي ٻئي ڪنهن نالي سان نماز شروع ڪيائين.
١٧- ٿيون رحمٰن معرف بلام، الله جي ڪنهن ٻئي اسم سان ملائي پڙهيائين.(١)
١٨- تهليل، تسبيح ۽ تحميد انهن ٽن سان ڪل ڇهه ٿيا.
١٩- بسم الله جي لفظ سان نماز ۾ شروع نه ٿيندو هي قول صحيح آهي.
٢٠- دعا سان نماز ۾ شروع نه ٿيندو ان تي اجماع آهي.
٢١- الله اسم ذاتي آهي پيو رحمان به اسم ذاتي آهي.(٢)
٢٢- رحمان تي الف ۽ لام تعريف جو لازم آهي، الف ۽ لام ڪان سواءِ ذاتي نه چئبو.
٢٣- ظاهر روايت ۾ انهن ڇهن صورتن ۾، هنن ٻن اسمن مان هڪ شرط آهي.
٢٤- مٿين ڇهن صورتن ۾ جيڪڏهن هنن ٻن نالن ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن لفظ سان تحريم ٿي.
٢٥- ته تحريم حاصل نه ٿي، اها طرفين جي ظاهر روايت سمجهه.
٢٦- خدا جي ذڪر جي تعظيم فرض آهي، فقط اسم مبارڪ سان تعظيم ادا نه ٿي.
٢٧- جڏهن ته ظاهر روايت مختار آهي، جو قوي هجڻ ڪري معمول به آهي.
٢٨- جڏهن ته ظاهر روايت مضبوط آهي، انڪري "الدرالمختار" به اها روايت اختيار ڪئي آهي.
٢٩- جيڪا غير ظاهر روايت آهي اها به طرفين ڪان صادر ٿي آهي.
٣٠- فقط هڪ اسم مبارڪ سان به تحريم حاصل ٿئي ٿي، عالمگيريءَ ۾ ائين آيل آهي.
٣١- پر اهو تنها اسم مبارڪ جيتوڻيڪ عام هجي، عام ۾ تنها به جائز آهي.
٣٢- پر ڪن وٽ انهيءَ اسم مبارڪ جو الله تعالىٰ لاءِ خاص هجڻ شرط آهي.

(١) جيئن الله تعالىٰ فرمايو ته الله کي يا رحمان کي سڏيو. (حاشيه مصنف)
(٢) هنن ٻنهي نالن جو ذاتي هجڻ "تفسير بيضاوي" جي مُنڍ ۾ ۽ حُديبيهجي قصي واري حديث ۾ آهي ته اهي ٻئي نالا الله تعالىٰ جي ذات ڪان سواءِ ٻئي لاءِ ثابت نه آهن. (حاشيه مصنف)

٣٣- چو مجموع الله اكبر همه كه واجب بهر دو روايت شده
٣٤- بِـ اَللهُ تنها چو آغاز كرد بنا بر روايت پسين ساز كرد
٣٥- شده داخل اندر نمازش بمفت شده ترک واجب چو اكبر نگفت
٣٦- بظاهر روايت نه داخل شده بتنها نه تحريم حاصل شده
٣٧- چو داخل باكبر شده در نماز بنا بر روايت پسين بهر ساز
٣٨- درين ترک واجب بگشته بايست بدان بعض تكبير، تكبير نيست
٣٩- بِـ اَللهُ تنها چو تحريم بست ولي محض اكبر برو واجب ست
٤٠- چو الله گفته نه اكبر بگفت برو محض واجب يكي ماند مفت
٤١- چنين در روايت پسين معتبر ز ظاهر روايت دگر گون نگر
٤٢- سه تركيب نزد ابي يوسف ست شروعش بهر سه بيايد بدست
٤٣- بجز آن نه جائز شروعش بدم يكي هست تكبير معروف هم
٤٤- دو اسم ست ديگر بِـ اَللهَ ضم بود هر دو با لام تعريف تم
٤٥- يكي الكبير ست همراه لام دگر نيز الاكبر ست اي همام
٤٦- يكي شرط بودن بتازي زبان و يا دَرِيه(١) بودنش اي جوان
٤٧- بجز اين دو تحريم جائز مدان چنين بردعي گفت جمله بيان
٤٨- بتشديد راء ست اين دريه كه اَفْصَح لسان ست در بريه
٤٩- ببين "درمختار" كو اين نوشت كه اين دو لسان ست اندر بهشت

ذكر قوت ركن و ضعف آن و ركنيت فرض و شرطيت آن

١- سه ركن ست اَقْوَىٰ بركنيتش نه شرطيتش گشت أمنيتش
٢- ركوع و سجود ست اَقْوَىٰ تمام قيام ست زين هر دو ادنىٰ تمام
٣- قيام ست در غير نفلات ركن چه در اصل هر سه بود ذات ركن
٤- بجمله سه ركن ست ركعت تمام كه ركعت جدا هم نماز ست بنام

(١) دَرِيه: افصح لغتي ست از هفت لغات فُرس. (حاشيه مصنف)

٣٣- جڏهن ته سيني جو مجموع ”الله اڪبر“ پنهي روايتن ۾ واجب آهي.
٣٤- جيڪڏهن فقط الله جي لفظ سان نماز شروع ڪيائين ته، ان جي بنا پوئين روايت تي آهي.
٣٥- ان لفظ پاڪ سان نماز ۾داخل ٿيندو، مگر اڪبر جي نه چوڻ ڪري واجب ترڪ ٿيو.
٣٦- ظاهر روايت موجِب نماز ۾ داخل نه ٿيو ۽ فقط لفظ الله سان تحريم حاصل نه ٿي.
٣٧- جڏهن لفظ اڪبر سان نماز ۾ داخل ٿيو ته اهو به پوئين روايت موجب آهي.
٣٨- ان سان ترڪ واجب ٿيو. ڇاڪاڻ گهرجي ته بعض حصو تڪبير جو تڪبير ناهي.
٣٩- جڏهن فقط الله سان تحريم ڪيائين ته رڳو اڪبر چوڻ ان تي واجب آهي.
٤٠- جي رڳو ”الله“ چيائين ۽ ”اڪبر“ نه چيائين ته ان تي رڳو هڪ واجب رهيو.
٤١- ائين پوئين روايت ڪي اعتبار ڪيو ويو، مگر ظاهر روايت ٻئي نموني ڏس.
٤٢- ابو يوسف وٽ ٽي ترڪيبون آهن. انهن ٽن ترڪيبن سان نماز شروع ڪجي.
٤٣- انهن ترڪيبن کانسواءِ نمازشروع ڪرڻ جائز نه آهي. انهن مان هڪ مشهور ”تڪبير“ آهي.
٤٤- الله جي لفظ سان ٻيا ٻه اسم معرف بلام ضم آهن.
٤٥- هڪ ”الڪبير“ مُعَرَفُ بلام، ٻيو ”اَلاَڪبَرُ“ آهي.
٤٦- ۽ انهيءَ ۾ شرط آهي ته عربي يا دري فارسي ۾ هجن. (١)
٤٧- انهن ٽن کان سواءِ تحريم جائز نه ڄاڻ، ائين ”بردعي“ چيو آهي.
٤٨- دَرِيہ راءِ جي شد سان آهي جيڪا مخلوق ۾ وڌيڪ فصيح زبان آهي.
٤٩- ”الدرالمختار“ ۾ ڏس لکي ٿو ته هي ٻئي بهشتي ٻوليون آهن.

رڪن جي قوت، ضعف، فرض جي رڪنيتءِ شرطيت

١- ٽي رڪن رڪنيت ۾ اقويٰ آهن ۽ انهن جي شرطيت جو تصور نه ڪبو.
٢- رڪوع ۽ سجدا اقويٰ رڪن آهن، ٻنهي کان قيام ادنيٰ آهي.
٣- نفلن کان سواءِ ٻي نماز ۾ قيام رڪن آهي، جو ته اصل۾ بذاته ٽي رڪن آهن.
٤- ٽنهي رڪنن سان رڪعت تام ٿئي ٿي جو هڪ رڪعت به نماز چئبي.

(١) دَريہ: فارسي جي ستن لغتن مان سڀ کان وڌيڪ فصيح لغت آهي. (حاشيه مصنف)

٥- چـو سوگـنـد كرده بترک نماز — پس او کرد رکعت یکي با نیاز
٦- شده حانث او همه برکعت یکي — چه رکعت نماز ست دان بي شکي
٧- بتکرار رکعت نماز ست تمام — برکعت یکي هم نماز ست بنام
٨- نـه تکرار رکعت ز قرآن شده — ولي در حدیث ست ظاهر همه
٩- نـه تکرار را امر خود مقتضي ست — میان اصول این دلیلش قوي ست
١٠- نـه عین نماز ست رکنش جدا — نـه غیر نماز ست از رکنها
١١- بدان دست انسان تو انسان مدان — مدان غیر انسان بدان جاودان
١٢- سجود ست اقویٰ ز جمله وجوه — مماثل سجود رکوع ست اخوه(١)
١٣- قیامِ حقیقي و یـا حکمي ست — برائي قراءت شریطه وي ست
١٤- قیام ست باین وجه شرطِ جلي — لحاظش هویدا ست اي معتلي
١٥- قیام ست گهي چون رکوع و سجود — درین هر سه یکي شرط آمد بسود
١٦- که یک پا نهادن بلا اختلاف — درین هر سه ارکان بود شرط صاف
١٧- درین هر سه رکن ست وضع القدم — بجز وضع پایش نه جائز بدم
١٨- ولي دیر ماندن درین رکنها — گهي فرض باشد شنو اي کیا
١٩- گهي محض واجب بود برقرار — تو تفصیل آن در محلش شمار
٢٠- درین هر سه ارکان یکي از دو پاء — نهادن بود فرض اي نیکراء
٢١- دگر پا نهادن برو واجب ست — درین هر سه ارکان نکو واجب ست
٢٢- همین هر سه ارکان نباشد روا — چو هر دو قدمِ او بود در هوا
٢٣- ولي در هوا قدر رکني بماند — براهِ تباهي نمازش براند
٢٤- چنانچه گذشته درین ضابطه — عجیب ست آن خوشترین ضابطه
٢٥- بحکم هوا مرکب و کشتي ست — سیوم نیز گردون اگر جاري ست
٢٦- برین هر سه دان فرضها نا روا ست — مگر با ضرورت شنو قول راست
٢٧- ولي قدر این هر سه رکنِ کم ست — درازي همین هر سه نا لازم ست
٢٨- بتفصیل گویم مسائل همین — میان محلش شنو اي امین

(١) در نسخه "جهه" این مصرعه باین طور نوشته است. ع "مماثل سجود ست رکوع اخوه".

٥- جيڪڏهن ڪنهن نماز نہ پڙهڻ جو قسم ڪنيو پوءِ هڪ رڪعت پڙهيائين.
٦- هڪ رڪعت پڙهڻ سان بہ حانث ٿي پوندو ڇو تہ هڪ رڪعت بہ نماز آهي.
٧- رڪعت جي تڪرار سان نماز پوري ٿئي ٿي، هڪ رڪعت سان بہ نماز جو نالو پوندس.
٨- رڪعتن جو تڪرار قرآن مان ثابت نہ آهي پر حديثن ۾ ظاهر آهي.
٩- امر تڪرار جو مقتضي نہ آهي. اصول ۾ هي قوي دليل آهي.
١٠- نماز جو جدا رڪن، نہ عين آهي، نہ وري نماز جي رڪنن جو غير آهي.
١١- انسان جوَ هٿ انسان نہ آهي، پر انسان جو غير بہ نہ آهي.
١٢- سجدو سيني رڪنن کان قوي آهي، رڪوع ان جو مماثل ۽ پاءُ آهي.(١)
١٣- قيام حقيقي يا حڪمي، قرائت لاءِ شرط آهي.
١٤- ان ڪري قيام شرط ٿيو ۽ ان جو لحاظ رکڻ ضروري آهي.
١٥- قيام ڪڏهن رڪوع ۽ سجدي وانگر آهي ۽ انهن ٽنهي ۾ هڪ شرط آهي.
١٦- انهن ٽنهي رڪنن ۾ هڪ پير زمين تي رکڻ بنا اختلاف جي شرط آهي.
١٧- انهن ٽنهي ۾ پير کوڙڻ رکن آهي ۽ پير کوڙڻ کان سواءِ نماز جائز نہ آهي.
١٨- انهن رڪنن ۾ ڪجهہ وقت دير ڪرڻ ڪڏهن فرض آهي.
١٩- ڪڏهن دير ڪرڻ رڳو واجب آهي، ان جو تفصيل پنهنجي پنهنجي جاءِ ۾ ايندو.
٢٠- انهن ٽن رڪنن ۾، ٻن پيرن مان هڪ پير زمين تي رکڻ فرض آهي.
٢١- انهن ٽنهي رڪنن ۾، ٻيو پير زمين تي رکڻ واجب آهي.
٢٢- اهي ٽئي رڪن جائز نہ ٿيا، جڏهن ٻئي پير هَوا ۾ رهيا.
٢٣- پر جيڪڏهن رڪن جيترو قدر پير هوا ۾ رهيا (۽ زمين تي نہ رهيا) تہ نماز جائز نہ ٿي.
٢٤- جيئن ان بابت قاعدو گذري چڪو، جيڪو عجيب آهي.
٢٥- سواري، ٻيڙي ۽ گاڏي، جيڪڏهن هلندڙ آهن تہ هوا جي حڪم ۾ آهن.
٢٦- انهن ٽنهي شين تي ضرورت کان سواءِ فرض نماز جائز نہ آهي.
٢٧- پر اهو قدر ٽنهي رڪنن لاءِ گهٽ آهي ۽ انهن ٽنهي رڪنن ۾ ڊيگهہ لازمي نہ آهي.
٢٨- اهي مسئلا تفصيل سان پنهنجي پنهنجي جاءِ تي بيان ڪندس.

(١) نسخي "جهہ" ۾ هي مصرع هن طرح لکيل آهي: ع- سجدي جي برابر آهي ۽ رڪوع ان جو پاءُ آهي.

٢٩- سـه ركن ست ديگر شنو اي كيا دو وجه ست مر هر يكي را بجا
٣٠- بيك وجه آن هر سه اركان بدان بوجه دگر شرطها بي گمان
٣١- ازين هر سه تحريم باشد يكي دگر هم قراءت شنو بي شكي
٣٢- قعود اخير ست ثالث عيان بدو وجه هر يک كنم من بيان
٣٣- بدان نزد جمهور علماء ما كه تحريم شرط ست از شرطها
٣٤- بنزديک شيخين شرط ست آن نه ركن ست بيشک شنو اين بيان
٣٥- چو سنت بنا كرد بر فرض او بيک شرط سنت روا شد نكو
٣٦- بيک شرط جائز بود دو نماز نباشد بيک ركن دو را جواز
٣٧- كليد دخولِ نماز ست اين كليد دخولش تو داخل مبين
٣٨- بود ركن تكبير تحريم صاف بنزد محمد شنو بي خلاف
٣٩- محمد شمرده ز اركان صريح بشرح مواهب بگفته صحيح
٤٠- گرفته طحاوي همين قول را ز شرح مواهب ببين با صفا
٤١- "بكنز الدقائق" ز اركان شمرد نه هرگز ميانِ شرائط نوردِ
٤٢- ولي بعض علماء ما حنفيه بگفته درين مسئله صافيه
٤٣- چو تحريم شد لازم الاتصال باركان هميشه بلا انفصال
٤٤- ز اركان شمردند تحريم را چو ديدند ملصق باركان بجا
٤٥- بيک وجه تحريم شرط ست براز بود شرط داخل شدن در نماز
٤٦- بوجهِ دگر ركن باشد قوي برين دار باور چو واقف شوي
٤٧- چو شرطِ يكي از شرائط نماز مُؤخر ز تحريم كرده بناز
٤٨- نه تحريم جائز شده ياد دار صحيح ست اين قول با اعتبار
٤٩- اگر فرض باشد نمازش تمام نه تحريم جائز مگر در قيام
٥٠- اگر شرط بودي، نه ركنِ بُدَي بحالت نشستن روا مي شُدي
٥١- بحالت ركوعش چو تكبير گفت نه در فرض داخل شده او بمفت
٥٢- چنانچه امامش بُدَه در ركوع دران حال مسبوق كرده شروع

٢٩- ٻيا ڇ ي رڪن آهن، جنهن مان هر هڪ ۾ ٻہ وجهہ آهن.
٣٠- هڪ وجهہ سان اهي ڇئي رڪن آهن تہ وري ٻئي وجهہ سان شرط آهن.
٣١- انهن ڇن مان هڪ تحريمہ، ٻي قرائت آهي.
٣٢- ٽيون آخري قعدو آهي، ٻن وجهن سان هرهڪ جو بيان ڪيان ٿو.
٣٣- اسان جي جمهور علماء وٽ تحريم شرط آهي.
٣۴- شيخين وٽ تحريم شرط آهي ۽ رڪن نہ آهي.
٣۵- فرض تي جيڪڏهن سنت بنا ڪيائين تہ هڪ شرط سان سنت جائز آهي.
٣٦- هڪ شرط سان ٻہ نمازون تہ جائز آهن پر هڪ رڪن سان ٻہ نمازون جائز نہ آهن.
٣٧- تحريمہ نماز ۾ داخل ٿيڻ جي ڪنجي آهي ۽ ڪنجي داخل نہ چئجي.
٣٨- امام محمد وٽ تڪبير تحريمہ رڪن آهي.
٣٩- امام محمد تڪبير تحريمہ کي رڪنن ۾شمار ڪيو آهي، شرح مواهب انکي صحيح چيو آهي.
۴٠- طحاوي ان قول کي ورتو آهي، شرح مواهب ۾ ڏسو.
۴١- ڪنزالدقائق رڪنن ۾ شمار ڪيو اٿس ۽ شرطن ۾ نہ آندو اٿس.
۴٢- پر اسان جي ڪِن حنفي عالمن هن مسئلي ۾ صاف چيو آهي تہ.
۴٣- جڏهن تہ تحريمہ رڪنن سان، اهڙو لازمي اتصال رکي ٿي، جيڪو جدا نہ ٿيندو.
۴۴- جڏهن تحريمہ کي رڪنن سان ملصق ڏٺائون تہ، ان کي بہ رڪنن ۾ شمار ڪيائون.
۴۵- هڪ وجهہ سان تحريمہ شرط آهي ۽ نماز ۾ داخل ٿيڻ لاء شرط آهي.
۴٦- ٻئي وجهہ سان تحريمہ رڪن آهي، واقف ٿيڻ کان پوء ان تي ڀروسو ڪر.
۴٧- نماز جي شرطن مان جيڪڏهن ڪو شرط تحريمہ کان پوء ادا ڪيائين.
۴٨- تحريمہ جائز نہ ٿي، ياد رک ۽ هي قول صحيح آهي اعتبار ڪر.
۴٩- جيڪڏهن نماز فرض هجي تہ تحريمہ قيام جي حالت کانسواء جائز نہ آهي.
۵٠- جيڪڏهن تحريمہ شرط هجي ها ۽ رڪن نہ هجي ها تہ ويهڻ جي حالت ۾ بہ جائز ٿئي ها.
۵١- رڪوع جي حالت ۾ تڪبير چوندو تہ فرض ۾ داخل نہ ٿيندو.
۵٢- جيئن امام رڪوع ۾ هو ۽ مسبوق نماز ۾ شروع ٿيو.

٥٣- چو آغاز اندر قيامش بكرد ميان رِكوعش تمامش بكرد
٥٤- نه در فرض داخل شده با امام بود ركن تكبير اي نيک نام
٥٥- چو تكرار تكبير سهواً نمود ازين سهو واجب بگردد سجود
٥٦- نه با سهو تكرار شرطي گهي برو موجب سهو يابد رهي
٥٧- چو با غير تكبير آغاز كرد سجود ست واجب ازين سهو سرد
٥٨- مدان سهو واجب بتبديل شرط نه تكبير شرط ست بگذار فرط
٥٩- بنا(١) مثل تحريم مر نفل را ست شروع نوافل روا با بنا ست
٦٠- بِنا گر بنيت كند نفل را شود نفل واجب برو اي كيا
٦١- ازين وجه واجب برو شد ادا برو واجب ست هم بقطعش قضا
٦٢- بناء نوافل بجز قصد او روا بي وجوبش نباشد برو
٦٣- بناء نوافل چو تبعاً روا ست نه واجب برو زآن بقطعش قضا ست
٦٤- اگر نيت چار ركعت بكرد بتحريمِ واحد ز نفلات مرد
٦٥- چو شفعه نخستين بكرده تمام نه شفعه دگر كرد داده سلام
٦٦- نه شفعه دگر گشت واجب برو بنيت نخستين بجز گفتگو
٦٧- مگر چون بنيت بنا كرد او برو واجب ست آن زمان دان نكو
٦٨- مگر از ابي يوسف ست شفعتين بنيت نخستين بگردد چو دين
٦٩- اگر بر دو گانه بداده سلام دو گانه دگر گشت واجب تمام
٧٠- دو را چار كردن بنزد امام شب و روز بهتر بود هم تمام
٧١- ولي چار ركعت كه سنت شده بظهر و بجمعه شنو آن همه
٧٢- بتحريم واحد چهار ست آن چو فرضِ رباعي بود بي گمان
٧٣- چو شفعه ز شفعه جدا كرد او نه سنت رباعي روا گشت زو
٧٤- اگر نفل بر فرض كرده بنا بود آن بنا با كراهت روا
٧٥- بنا بر دو شفعه كراهت بروز چو بر هشت ركعت بشب دل فروز
٧٦- نمازش بقعده بكرده تمام نه بيرون بگشته نداده سلام

(١) جواب حجت سابقة كه جواز بناء موجب شرطية تحريم ست. (حاشيه مصنف)

٥٣- جڏهن ته تڪبير قيام ۾ شروع ڪيائين ۽ رڪوع ۾ پوري ڪيائين.

٥٤- فرض ۾ امام سان داخل نه ٿيو ته پوءِ تڪبير تحريمه رڪن ڇٽبي.

٥٥- جيڪڏهن ويسر ۾ بار بار تڪبير چيائين ته ان تي سهو جا سجدا واجب ٿيندا.

٥٦- پر ويسر ۾ شرط ڪي تڪرار ڪرڻ سان سهو جا سجدا واجب نه ٿيندا.

٥٧- جيڪڏهن تڪبير ڪانسواءِ نماز شروع ڪيائين ته ان تي سهو جا سجدا واجب آهن.

٥٨- شرط جي تبديل ٿيڻ سان سهو واجب نه آهي ۽ تڪبير شرط نه آهي.

٥٩- نفل لاءِ تحريمه وانگر بنا ڪرڻ جائز آهي. نفل بنا سان شروع ڪرڻ جائز آهي.(١)

٦٠- بنا جيڪڏهن نفل جي نيت سان ڪندو ته ان تي نفل واجب ٿيندو.

٦١- انهيءَ ڪري انهي تي اهو نفل واجب آهي، جيڪڏهن اهو نفل ڀڃندو ته ان تي قضا واجب آهي.

٦٢- نفلن جي بنا، ارادي کان سواءِ جائز آهي، ان تي واجب نه آهي.

٦٣- جڏهن ته نفلن جي بِنا تبعاً جائز آهي، ان ڪري ڀڃڻ سان قضا واجب نه آهي.

٦٤- جيڪڏهن نفل نماز ۾ هڪ تحريمه سان ڇهن رڪعتن جي نيت ڪيائين.

٦٥- پهريون شفعو (ٻه رڪعتون) پڙهي، سلام ورايائين ۽ ٻيو شفعو نه پڙهيائين.

٦٦- ٻيو شفعو پهرئين نيت سان ان تي واجب نه ٿيو.

٦٧- پر جڏهن ٻئين شفعي جي بنا جي نيت ڪيائين ته ان تي واجب ٿي پوندو.

٦٨- پر ابو يوسف وٽ پهرئين نيت سان ٻئي شفعا واجب ٿي پوندا.

٦٩- جيڪڏهن ٻن رڪعتن تي سلام ورايائين ته باقي ٻيون ٻه رڪعتون به واجب ٿي پيون.

٧٠- امام اعظم وٽ رات ۽ ڏينهن ۾ ٻن کان چار رڪعتون پڙهڻ بهتر آهي.

٧١- ظهر ۽ جمعي ۾ جيڪي چار رڪعتون سنت آهن ان بابت ٻڌو.

٧٢-فرض نماز جي ڇهن رڪعتن وانگر اهي به هڪ ئي تحريمه سان پڙهبيون.

٧٣- جيڪڏهن ٻه ٻه رڪعتون جدا ڪري پڙهندو ته اهي چار رڪعتون سنت جائز نه ٿينديون.

٧٤- جيڪڏهن نفل ڪي فرض تي بنا ڪيائين ته اها بنا ڪرڻ ڪراهت سان جائز آهي.

٧٥- ڏينهن جو ٻن شفعن (چار رڪعتن) تي ۽ رات جو اٺن رڪعتن تي بنا ڪرڻ ڪراهت آهي.

٧٦- قعدو ڪري نماز پوري ڪيائين، پر نه ٻاهر نڪتو ۽ نه وري سلام ورايائين.

(١) هي اڳئين حجت جوجواب آهي، جنهن۾ چيو ويو آهي ته بنا جي جواز لاءِتحريمه واجب آهي.(حاشيه مصنف)

٧٧- جـواز بـنـا آن زمـان آمـده	کـه شـرط جـواز بنا ايـن شـده
٧٨- چـو قـعـده نكرده بكرده بـنـا	بـنـزد مـحـمـد بشـد نـا روا
٧٩- چـه فرض ست قعده بنزديک او	بنفلات جمله بجز گفتگو
٨٠- چو متروک قعده بنا نا روا ست	نـه تحريم باقي ست باطل بِنا ست
٨١- ز شيخين جائز بنا آمده	چـه قعده اخيره ميانه شده
٨٢- چـه در اصل قعده فريضه ببود	ولي پس بنا واجب ست بهر سود
٨٣- اگر ركن فعلي همو ترک كرد	ز شفعه نخستين همو مرد سرد
٨٤- ولي غير قعده بود ركن آن	بنا جائز ست هم بنسيان بران
٨٥- ز شفعه چو متروک باشد ركوع	بشفعه دگر ياد آمد بروع
٨٦- ركوع و دو سجده بيارد بجا	روا گشت شفعه دگر با بنا
٨٧- بيارم بتفصيل اين مسئله	ميانِ محلش شنو تو همه
٨٨- نخوانده بركعت يكي او اگر	ز شفعه نخستين شنو اين خبر
٨٩- بنا جائز ست نزد شيخين صاف	نه نزد محمد بلا اختلاف
٩٠- ز خواندن چو شفعه بباشد تهي	بنا نيست جائز دهم آگهي
٩١- بنزديک طرفين باطل بنا ست	بنا از ابي يوسف ست دان روا ست
٩٢- بيانش بتمهيد گويم ترا	محلش قريب ست اي نيک راء
٩٣- قراءت بنزديک جمهور فرض	ميانِ نمازت بود همچو قرض
٩٤- نه ركعت تهي از قراءت شده	كه فرض ست در هريكي دان همه
٩٥- اگرچه ز وِتر ست ركعت سيوم	درين نيز فرض ست آن بر عموم
٩٦- مگر چونكه فرضِ رباعي بود	و يا فرض مغرب كه مرعي بود
٩٧- ميانِ دو ركعت بنزديک ما	قراءت بود فرض اي نيک راء
٩٨- ولي شافعي در همه فرض گفت	تهي از قراءت مدان هيچ مفت
٩٩- بنزديک مالک بركعت يكي	نه فرض ست قراءت شنو بي شكي
١٠٠- بود در سه ركعت قراءت مدام	بنزديک مالک شنو اين كلام

٧٧- انهيءَ مهل بنا ڪري، اهو وقت بنا جي جواز لاءِ شرط آهي.
٧٨- قعده ڪان سواءِ بنا ڪندو ته امام محمد وٽ اها بنا جائز نه آهي.
٧٩- ڇو ته امام محمد وٽ نفل نماز ۾ قعده ڪرڻ فرض آهي.
٨٠- قعده ڇڏڻ ڪري بنا ناجائز ۽ باطل آهي ۽ تحريمه به باقي نه رهي.
٨١- شيخين وٽ قعده جي ڇڏڻ ڪري به بنا جائز آهي ڇو ته قعده اخيره وچون ٿي ويو.
٨٢- ڇو ته اصل ۾ قعده فرض هو پر بنا ڪرڻ ڪان پوءِ واجب آهي.
٨٣- جيڪڏهن پهرئين شفعي ۾ فعلي رڪن ڪي ترڪ ڪيائين.
٨٤- قعده ڪان سواءِ ڪو ٻيو رڪن ويسر ۾ ترڪ ڪيائين ته بنا جائز آهي.
٨٥- پهرئين شفعي ۾ جيڪڏهن رڪوع رهجي ويو ۽ ٻئي شفعي ۾ ياد آيس.
٨٦- رڪوع ڪري به سجدا (سهو جا) ڏنائين ته، ٻيو شفعو بنا سان درست ٿيو.
٨٧- انهيءَ مسئلي جو تفصيل سندس جاءِ تي آئيندس، تون اتي سمورو تفصيل پڙجان.
٨٨- پهرئين شفعي ۾ جيڪڏهن هڪ رڪعت ۾ قرائت نه ڪيائين.
٨٩- شيخين وٽ ان تي بنا جائز آهي ۽ امام محمد وٽ جائز نه آهي.
٩٠- جيڪو به شُفعو قرائت ڪان خالي رهيو، ان تي بنا ڪرڻ جائز نه آهي.
٩١- طرفين وٽ ان تي بنا باطل آهي، مگر ابو يوسف وٽ بنا جائز آهي.
٩٢- ان جو بيان تمهيد سان توکي ٻڌايان ٿو، ان جي جاءِ ويجهي آهي.
٩٣- جمهور علماء وٽ قرائت نماز ۾ قرض وانگر فرض آهي.
٩٤- ڪابه رڪعت قرائت ڪان خالي نه آهي ڇو ته هر رڪعت ۾ قرائت فرض آهي.
٩٥- وتر جي ٽين رڪعت ۾ به قرائت فرض آهي.
٩٦- مگر چئن رڪعتن وارو فرض يا مغرب جو فرض هجي ته.
٩٧- اسان (حنفين) وٽ ٻن رڪعتن ۾ قرائت فرض آهي.
٩٨- پر امام شافعي سيني رڪعتن ۾ قرائت کي فرض چيو آهي.
٩٩- امام مالڪ وٽ هڪ رڪعت ۾ قرائت فرض نه آهي.
١٠٠- امام مالڪ وٽ سدائين ٽن رڪعتن ۾ قرائت فرض آهي.

١٠١- درين هر دو مذهب سوَى الفاتحه		قراءت نه فرض ست اي نيكره
١٠٢- بود فاتحه فرض بر مقتدي		درين هر دو مذهب شنو اي صفي
١٠٣- بركعت يكي فرض نزد حسن		قراءت بخواندن بود اي سمن
١٠٤- ولي در بواقي ز ركعات او		نه فرض ست خواندن قراءت ازو
١٠٥- ابوبكر كو را اصم ست لقب		ببوده امامِ قوي منتخب
١٠٦- دگر بود ابن عُيَينه امام		كه او را ست مشهور سفيان نام
١٠٧- بنزديک اين هر دو ركن نماز		نباشد قراءت شنو با نياز
١٠٨- بود بلكه سنت قراءت همه		نمازش بود فرض يا نافله
١٠٩- چه زينت نماز ست قراءت درش		بود قول مر فعل را زيورش
١١٠- همه ركنهايش تو افعال دان		نه قول ست ركنش بدان جاودان
١١١- بجز فاقرءُوا ما تَيَسر درين		نه وارد بگشته بود بهترين
١١٢- نه امرِ وجوب ست نزديک شان		بود بلكه سنت شنو اين بيان
١١٣- چو اين هر دو مذهب مخالف شدند		قراءت نكردند ركنش پسند
١١٤- پس اين ركن هرگز نه اجماعي ست		دليلش ز جمهور اقناعي ست(١)
١١٥- ببين بوالمكارم بهوشت قوي		دگر شرح مشكواة مر دهلوي
١١٦- شوي تا تو واقف برين گفتگو		كه گفته شده در قراءت نكو
١١٧- دو ركعت بمدت فريضه ببود		ز جمله نماز ست سابق وجود
١١٨- بود نام عصرش بپيش از غروب		بآغاز اسلام مي بود خوب
١١٩- ببين در اوائل كه اسبق نماز		نبوده بجز عصر اي دل نواز
١٢٠- شده پس فريضه دگر با مداد		دو گانه دگر گشت در با مداد
١٢١- همين دو دوگانه فريضه شدند		ز معراج سابق همين دو بُدَند
١٢٢- يكي با مداد و دگر عصر نام		كه در هر يكي، يک دو گانه تمام
١٢٣- ببين درمختار با امتياز		بجز چار ركعت نبوده نماز
١٢٤- ز معراج آورد ركعات هفت		ولي چار سابق كه بوده نرفت

(١) در نسخه "ر" اين مصرع باين طور نوشته است. ع شنو چونكه گوش دلت واعي ست. (غ - م داهري)

١٠١- هنن ٻنهي مذهبن ۾ فاتحه کان سواءِ قرائت فرض نه آهي.
١٠٢- انهن ٻنهي مذهبن ۾ مقتدي تي سورة فاتحه پڙهڻ فرض آهي.
١٠٣- امام حسن وٽ هڪ رکعت ۾ قرائت ڪرڻ فرض آهي.
١٠٤- باقي ٻين رکعتن ۾ قرائت ڪرڻ فرض نه آهي.
١٠٥- امام ابوبکر جنهن جو اَصَمُّ لقب آهي ۽ منتخب امام آهي.
١٠٦- ٻيو امام جنهن جو مشهور نالو "سُفيان بن عُيَينَةُ" آهي.
١٠٧- انهن ٻنهي امامن وٽ قرائت، نماز جو رڪن نه آهي.
١٠٨- نماز فرض هجي يا نفل، ان ۾ قرائت سنت آهي.
١٠٩- جڏهن ته قرائت نماز جو سينگار آهي قول، فعل لاءِ ان جو زيور بڻيل آهي.
١١٠- نماز جا سڀ ارڪان افعال ڄاڻ ۽ قول ان جو رڪن نه آهي.
١١١- قرائت بابت "فاقرئوا ما تَيَسَّرَ" کان سواءِ ٻيو ڪوبه بهترين دليل نه آيو آهي.
١١٢- انهن امامن وٽ امر وجوب لاءِ نه آهي، بلڪ سنت لاءِ آهي.
١١٣- جڏهن اهي ٻئي مذهب مخالف ٿيا ته قرائت کي نماز جو رڪن پسند نه ڪيائون.
١١٤- پوءِ هي رڪن اجماعي نه آهي، ان جو دليل جمهور کان پاسيرو آهي.(١)
١١٥- ابوالمکارم ۽ شرح مشکواة للدهلوي قوي هوش سان ڏس.
١١٦- ته ان گفتگو تي واقف ٿئين جيڪا قرائت جي بحث ۾ چئي اٿن.
١١٧- ڪو وقت ٻه رکعتون فرض هيون، جو اها نماز سيني نمازن کان اڳ ۾ آهي.
١١٨- ان نماز جو نالو "عصر" آهي جيڪا سج لهڻ کان اڳ ۾ آهي ۽ ابتدا اسلام ۾مقرر هئي.
١١٩- ڏسو ابتدا ۾ سيني نمازن کان اڳ ۾ "عصر" نماز هئي.
١٢٠- پوءِ ٻي صبح جي نماز فرض ٿي، جنهن ۾ ٻه رکعتون فرض مقرر ٿيون.
١٢١- اهي ٻه ٻه رکعتون فرض هيون، معراج کان اڳ ۾ اهي ٻه فرض هئا.
١٢٢- هڪ فجر ۽ ٻي عصر مقرر هيون، جنهن مان هر هڪ ۾ ٻه ٻه رکعتون هيون.
١٢٣- الدرالمختار ڏس ان ۾ لکي ٿو ته، چئن رکعتن کان سواءِ ٻي نماز ڪانه هئي.
١٢٤- معراج ۾ ست رکعتون آيون (فرض ٿيون)، پر چار اڳيون به رهيون.

(١) نسخي "ر" ۾ هي مصرع هن طرح لکيل آهي. ع- ٻڌو چو ته تنهنجي دل جو ڪن ياد ڪندڙ آهي.(حاشيه مصنف)

١٢٥- همه يازده گشت ركعات فرض — سه ركعات مغرب شده همچو قرض
١٢٦- بواقي دو گانه، دو گانه شمار — مقابل بوقتي ز اوقات چار
١٢٧- دگر شش ز ركعات هم آمده — ولي بعد هجرت همان شش شده
١٢٨- يكي ظهر هم عصر ديگر عشاء — ثنائي ببودند دان با صفا
١٢٩- چو شش بعد هجرت شده زائده — بجائي ثنائي رباعي شده
١٣٠- مقيمان گزارند اين شش مدام — مسافر ازين شش برسته تمام
١٣١- ولي بر مقيمان همين شش فتاد — تهي از قراءت بداري تو ياد
١٣٢- نه ركعت بود از قراءت تهي — ز صلوات جمله دهم آگهي
٩- خروج ست چون اضطراري مدام چگونه بود شرط نزد امام
١٠- چگونه بود ركن(٢) نزديک او چنانچه ميان متون ست نكو
١١- نه ركن نماز ست خروج از نماز خروج ست خارج شنو با نياز
١٢- بود وصف خارج هميشه خروج بود ركن داخل هميشه ولوج
١٣- بدان كن تو تحقيق اي المعي روايت بكرده چنين بردعي
١۴- كه نزد امام ست اين فعل فرض ولي نفس اين فعل فرض ست چو قرض
١۵- ولي نفس اين فعل خاتم نماز برائي خروج ست شرطي براز
١٦- همين فعل شرط خروج ست مدام مُتِمّ نماز ست اين فعل تام
١٧- ولي اختياري ببودن تمام بود شرط نزديک او اي همام
١٨- دگر هم ببودن منافي نماز بود شرط اين هم بكن امتياز
١٩- شود تا بآن زود ختم و خروج ميانِ مدارج بكن تو عروج
٢٠- ببايد كه گويند اهلِ متون هو الفعل عمدا بگير اين ستون
٢١- و ليكن نه ركن ست فعل اين گهي نگويد كه ركن ست مگر گمرهي
٢٢- اگر كرد قهقه بآخر نماز و يا گوز عمداً بكرده فراز
٢٣- و يا مسلمي را شمشير زد و يا سب كرده بدشنام بد
٢۴- اگرچه مُتِمّ نماز ست اين و ليكن تو ركن نمازش مبين
٢۵- دربن چار صورت همين فعل او گناه ست بي شک بجز گفتگو
٢٦- اگر ركن بودي عبادت بُدي عبادت ازين ركن حاصل شدي
٢٧- نه ركن عبادت بود معصيت نه اين در عبادت بود خاصيت

(١) و في المتون والخروج بصنعه والاولىٰ ان يقال والصنع للخروج. (حاشيه مصنف) (٢) درنسخه "چ ا" شرط.

۴- پر فعل خروج لاءِ سبب آهي جو تہ فعل (صُنع) تي باءِ سبب جي داخل آهي.
۵- مُتونُ ۾ فعل، باءِ (سببي) جو مد خول آهي ۽ خروج مسبب آهي.[١]
٦- سبب اختياري مُؤَثِرُ (اثر ڪندڙ) آهي، سندس اثر خروج آهي.
٧- اثر اضطراري تہ هميشه لاڳو آهي، پوءِ اهو شرط ڪيئن ٿيندو؟
٨- شرطَ بہ رُڪن آهن ۽ اهي هميشه اختياري رهيا آهن.
٩- خروج جڏهن هميشه اضطراري رهيو آهي تہ پوءِ اهو امام صاحب وٽ شرط ڪيئن ڇئبو؟
١٠- اهو امام اعظم وٽ رڪن ڪيئن ٿيندو؟ جيئن متون ۾ مذڪور آهي.[٢]
١١- نماز مان خروج، نماز جو رڪن نہ آهي، خروج نماز کان خارج آهي ۽ نماز ۾داخل نہ آهي.
١٢- خروج وصف خارج آهي ۽ رڪن هميشه داخل آهي.
١٣- اي داناءِ! تون تحقيق ڪر، اٿين "بردعي" راويت ڪئي آهي.
١۴- امام اعظم وٽ هي فعل (خُرُوج بِصُنعِهِ) قرض وانگر فرض آهي.
١۵- پر هي فعل نماز جو خاتم آهي ۽ خروج لاءِ شرط آهي.
١٦- هي فعل خروج لاءِ شرط آهي ۽ نماز کي پورو ڪندڙ آهي.
١٧- پر فعل جو اختياري هجڻ، امام اعظم وٽ شرط آهي.
١٨- ٻيو تہ ان فعل جو نماز جي منافي هجڻ شرط آهي.
١٩- جيئن ان فعل سان فورا نماز جو اختتام ۽ خروج ثابت ٿئي.
٢٠- اهل متون چون ٿا تہ اهو فعل عمداً هجي.
٢١- پر هي فعل رڪن نہ آهي، اڻ واقف کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ماڻهو ان فعل کي رڪن نہ چوندو.
٢٢- جيڪڏهن نماز جي آخر ۾ عمدا ٺهڪ ڏئي يا ٽِتُ ڏئي.
٢٣- يا ڪنهن مسلمان کي تلوار هنيائين يا ڪنهن کي گار گند ڏنائين.
٢۴- اگرچہ هي فعل نماز کي پورو ڪندڙ آهن، پر انهن کي نماز جو رڪن نہ سمجهہ.
٢۵- انهن ڇئني صورتن ۾، اهي فعل گناهہ آهن.
٢٦- جيڪڏهن رڪن هجي ها تہ عبادت هجي ها ۽ ان رڪن سان عبادت حاصل ٿئي ها.
٢٧- عبادت جي رڪن۾ گناهہ نہ هوندو آهي، نہ وري اها ڪا عبادت جي خاصيت آهي.

(١) مُتون ۾ "والخروج بصنعه" آهي ۽ والصنع للخروج چوڻ وڌيڪ بهتر هو.(ح-م) (٢) نسخي "ج،ا" ۾رڪن بدران شرط آهي.

٢٨- بدان بردعي از كلامِ امام بفهميد اين فعل شرطِ مدام
٢٩- صريحاً نگفته امامِ اين كلام كه اين فعل شرط ست اي نيک نام
٣٠- و ليكن بكرده همين امتياز منافي نماز ست مفسد نماز
٣١- اگرچه بآخر نمازش بود نمازش ازان نيز باطل شود
٣٢- مگر چون بقصدش منافي كند بآخر نمازش بدان اين سند
٣٣- همان وقت انجام گيرد نماز ولي قصد شرط ست بهر جواز
٣٤- منافي بآخر نماز ست اگر ولي اضطراري بباشد مگر
٣٥- بآفت سمائي منافي ست آن بنزد امام ست مفسد همان
٣٦- بنزد دو صاحب نماز ست تمام نه فاسد بگردد شنو اين كلام
٣٧- مگر رفت واجب بنزد همه كه لفظ سلام ست اي نيک ره
٣٨- چو قعده اخيره بكرده تمام امي را خليفه گرفته امام
٣٩- و يا فائته ياد آمد بدان نه ترتيب ساقط بُده آن زمان
٤٠- و يا ديد در فجر بي شک شتاب بآخر قعودش لب آفتاب
٤١- و يا بود أُمي بياموخته سه آيت و يا يک بدل دوخته
٤٢- و يا از جراحت عصابه فتاد ولي به شده بود ، داري تو ياد
٤٣- و يا برهنه بود جامه بيافت و يا وقت ديگر بجمعه شتافت
٤٤- و يا عذر دائم بگشته زوال نه عائد بگشته شنو بي ملال
٤٥- و يا چونكه با عجز مومي ببود شده قادر او بر ركوع و سجود
٤٦- و يا با تيمم بُده آب ديد و يا مدت مسح پايان رسيد
٤٧- و يا موزه اش را كشيده ز پا بفعل قليلش شنو با صفا
٤٨- همين ست دُوازده اين صور بواقي لواحق شنو بي خطر
٤٩- چو پاريده گرديد موزه تمام عيان گشت پايش شنو اين كلام
٥٠- و يا آب بر پاء وافر رسيد ز سوراخ موزه بدان اي سعيد
٥١- و يا با نجاست كثيره ببود مزيلش بديده شنو اي ودود

٢٨- بردعي امام اعظم جي ڪلام مان هن فعل ڪي شرط سمجهيو آهي.
٢٩- امام اعظم صريحاً ائين نہ چيو آهي تہ ڪو هيءَ فعل شرط آهي.
٣٠- پر امام صاحب اهو فرق ذڪر ڪيو آهي تہ جيڪو ڪم نماز جي خلاف آهي اهو مفسد آهي.
٣١- اگرچہ اهو فعل نماز جي آخر ۾ هجي تہ بہ ان سان نماز باطل ٿي پوندي.
٣٢- پر جيڪڏهن اهو منافي فعل نماز جي آخر ۾ قصداً هوندو.
٣٣- ان وقت نماز پوري ٿيندي پر قصداً اهو فعل ڪرڻ نماز جي جواز لاءِ شرط آهي.
٣٤- منافي فعل جيڪڏهن نماز جي آخر ۾ آهي پر اضطراري آهي.
٣٥- آسماني آفت نماز جي منافي آهي ۽ امام صاحب وٽ مفسد نماز آهي.
٣٦- صاحبين وٽ نماز تام آهي ۽ فاسد نہ ٿيندي.
٣٧- مگر سيني وٽ لفظ سلام، جيڪو واجب هو اهو ترڪ ٿيو.
٣٨- جيڪڏهن امام آخري قعدو پورو ڪيو ۽ اُمي ڪي خليفو بناياٺين.
٣٩- يا فوتي نماز ياد آيس ۽ صاحب ترتيب هو.
٤٠- يا فجر جي نماز ۾ سج جي ڪَني ڏٺائين.
٤١- يا اُمِي هو، جو ٽي آيتون (ننڍيون) يا هڪ آيت (وڏي) دل ۾ سکي ورتائين.
٤٢- يا ڦٽ جي پَٽي، جُٽي وجڻ جي ڪَري ڦٽ تان ڪِري پئي.
٤٣- يا اگهاڙو هو ۽ ڪپڙو هٿ آيس يا جمعي جي نماز ۾ ٻيو وقت (عصر نماز) داخل ٿيو.
٤٤- يا دائمي عذر زائل ٿيو ۽ وري اهو عذر درپيش نہ آيو.
٤٥- يا عجز جي ڪري اشارن سان نماز پڙهيائين ٿي، پوءِ رڪوع ۽ سجدي تي قادر ٿيو.
٤٦- يا تيمم وارو هو ۽ پاڻي ڏٺائين يا موزن جي مک ڪرڻ جي مدت پوري ٿي ويئي.
٤٧- يا ٿورڙي ڪم سان موزو پير مان ڪڍيائين.
٤٨- اهي ٻارهن صورتون آهن، باقي لواحق ٻڌو.
٤٩- جيڪڏهن سمورو موزو ڦاٽي پيو، جنهن مان پير ظاهر ٿي پيو.
٥٠- يا موزي جي سوراخ مان پير ڪي گهٽو پاڻي پهتو.
٥١- يا موزي ڪي گهڻي پليدي لڳل اٿس ۽ ان پليديءَ ڪي زائل ڪندڙ شيءِ ڏٺائين.

۵۲- و يا بُدَ كنيزک سرش برهنه — دران حال آزاد گشته همه
۵۳- نپوشيده سر را دران دم بفور — نكرده بزودي دران حال غور
۵۴- و يا محتلم گشت داري تو ياد — و يا بر تنش بس نجاست فتاد
۵۵- و يا وقت مكروه شد در قضا — غروب و طلوع و دگر استواء
۵۶- بدان در صور اين همه اي همام — نماز ست فاسد بنزد امام
۵۷- بفهميد خود بردعي زين كلام — يكي فرض باقي بمانده تمام
۵۸- بدان ترک فرض ست موجب فساد — همين فرض فعل ست داري تو ياد
۵۹- چو از بردعي اين روايت امام — ميانِ متون ست اي نيک نام
۶۰- بدانند مذهب امام ست اين — چنين ست جهل مركب متين
۶۱- صريحا نگفته امام اين كلام — خطا بردعي كرد اي خوش خرام
۶۲- امام ست بيزار زين اعتقاد — خطا بردعي كرد در اجتهاد
۶۳- بسي بردعي كرد اينجا خطا — كه نسبت بوي كرد اين قول را
۶۴- ولي در صُوَر اين همه بيشتر — منافي نماز ست مفسد نگر
۶۵- نه مفسد نماز ست ظاهر دگر — چنانچه شنيدي همه اين صُوَر
۶۶- ولي ترک فعلي كه فرض ست آن — كه خود بردعي كرد آنرا بيان
۶۷- نه مفسد نماز ست نزد امام — ميان صوَر اين شنو اين كلام
۶۸- مقابل بهر صورتي زين صور — منافي ست مفسد، نه مفسد دگر
۶۹- منافي ست مذكور در هر يكي — ز آفت سمائي ست آن بي شكي
۷۰- اگرچه بآخر نمازش شده — فسادِ نمازش ازان آمده
۷۱- بدان كرد كرخي روايت صريح — نه فعل اَز امام ست دان اي مليح
۷۲- ازين گفت كرخي بقول سديد — كه كرده خطا بردعي بو سعيد
۷۳- ز جمله صور اين بكرده قياس — خطا در قيامش درينجا شناس
۷۴- كه خود فعل فرض ست بآخر نماز — بتركش فسادِ نمازش دراز
۷۵- چو فهميد معنيٰ همين از صور — نه هرگر بديده دليلِ دگر

٥٢- يا پانهيءَ جو مٿو اگهاڙو هو، (نماز ٿي پڙهيائين) ۽ ان وقت آزاد ٿي.
٥٣- پر يڪدم مٿو نہ ڍڪيائين ۽ جلديءَ ۾ اهو خيال نہ آيس.
٥٤- يا احتلام وارو ٿي پيو يا سندس جسم تي ڪا پليدي لڳي پئي.
٥٥- يا قضا ڪندي مڪروه وقت اچي ويو، جيئن سج لهڻ، سج اڀرڻ ۽ ٽاڪ منجهند.
٥٦- انهن سيني صورتن ۾ امام اعظم وٽ نماز فاسد ٿي.
٥٧- بردعيءَ پاڻ ان ڪلام مان سمجهيو تہ باقي هڪ فرض رهيو.
٥٨- فرض ڇڏڻ نماز جي فساد جو سبب آهي ۽ اهو فرض نمازي جو ڪم (خروج بصنعه) آهي.
٥٩- جڏهن بردعيءَ کان، هي امام اعظم جي روايت مُتُون ۾ آيل آهي.
٦٠- ان مان سمجهن ٿا تہ امام اعظم جو مذهب اهو آهي، پر اهو جهل مرڪب آهي.
٦١- امام اعظم صريحا ائين نہ چيو آهي، بردعي خطا ڪئي آهي.
٦٢- امام اعظم انهي اعتقاد کان بيزار آهي، بردعي اجتهادي خطا ڪئي آهي.
٦٣- هن قول جي امام اعظم ڏانهن نسبت ڪري بردعي وڏي غلطي ڪئي آهي.
٦٤- پر انهن سيني صورتن ۾ جيڪي ڪم نماز جي منافي آهن، انهن کي مفسد سَمجهُ.
٦٥- ظاهر ۾ پيو ڪوبہ نماز جو مفسد نہ آهي، جيئن ہڏي آيا آهيو.
٦٦- پر فرضي ڪم کي ڇڏڻ خود بردعيءَ بيان ڪيو آهي.
٦٧- انهن صورتن ۾ امام اعظم وٽ نماز جا مفسد نہ آهن.
٦٨- انهن صورتن مان هرهڪ صورت نماز جي منافي ۽ مفسد آهي.
٦٩- هر هڪ صورت ۾ منافي مذڪور آهي جيڪو آفت سَمائي طور آهي.
٧٠- توڙي اهو فعل نماز جي پڇاڙي ۾ ٿيو، پر نماز جو فساد ان ڪري ٿيو.
٧١- "ڪرخي" صريح روايت ڪئي آهي تہ، اهو فعل امام اعظم کان مَروِي نہ آهي.
٧٢- ان ڪري ڪرخي چيو آهي تہ ابو سعيد بردعي خطا ڪئي آهي.
٧٣- انهن سيني صورتن مان قياس ڪيو اٿس، پر قياس ۾ سندس غلطي سڃاڻ.
٧٤- ڇوتہ خود فعل فرض آهي، جيڪو نماز جي آخر ۾ آهي، انجي ترڪ سان نماز فاسد ٿئي ٿي.
٧٥- جڏهن انهن صورتن مان، اها معنىٰ سمجهيائين ۽ پيو ڪوبہ دليل نہ ڏنائين.

٧٦- ازين گفت اين ست قول امام — اگرچه نگفته امام اين كلام
٧٧- بود قول كرخي دربنجا صحيح — ميان كتب من بديدم صريح
٧٨- يكي فرض(١) كم گشت از شانزده — بنزديک هر سه ائمه همه
٧٩- كه آن فرض اين فعل ختمِ نماز — كه از شانزده بود با امتياز
٨٠- شمردم همين فعل همچون ستون — شدم در شمردن مطابق متون
٨١- بقولي كه تحقيق باشد صحيح — بقدر تشهد قعود ست صريح
٨٢- نه فرض ست ديگر سوائ قعود — بآخر نمازش شنو اي ودود
٨٣- بنزديک هر سه ائمه تمام — يكي دان امام و دو صاحب امام
٨٤- ولي واجب ست محض لفظِ سلام — نه فرض ست چيزِ دگر اي همام
٨٥- ولي ترک لفظِ سلام ست قبيح — شنو ترک واجب مدام ست قبيح
٨٦- بود مذهب شافعي اين چنين — كه لفظ سلام ست فرضِ متين
٨٧- ولي در صور آنچه بالا گذشت — منافي بآفت سمائي بگشت
٨٨- ميانِ كتب همچنين آمده — كه ترجيح قولِ دو صاحب شده
٨٩- نمازش روا در همه آن صور — منافي نه مفسد(٢) در آنها نگر
٩٠- اگرچه بآفت سمائي شده — بآخر نمازش شنو تو همه
٩١- صحيح ست اين قول ترجيح يافت — بآخر نمازش نه مفسد شتافت
٩٢- بود محض مرجوح قولِ امام — ببين "درمختار" اي نيک نام
٩٣- دگر نيز "عالمگيري" ببين — بغربال تحقيق پيزي ظحين
٩٤- كشي تا نخاله خطا از صواب — ز تحقيق هرگز گهي رو مَتاب

(١) چند مسائل غوامض هويدا شده خروج بفعل حاصل شود فرض گفتند و خروج اضطراري ست و اضطراري فرض گفتن نا معقول ست و بردعي فعل را كه سبب خروج ست شرط تماميت نماز گفته و امام ازين قول بري شده است و فساد نماز در دوازده صُور كه نزد امام ست قول مرجوح ست. (حاشيه مصنف)

(٢) در نسخه "جه" ز مفسد بجائ نه مفسد نوشته است.

٧٦- ان ڪري چيائين ته هي امام اعظم جو قول آهي، اگرچه امام صاحب چيو به نه آهي.
٧٧- مون ڪتابن ۾ صريح لکيل ڏٺو آهي ته هن مسئلي ۾ ڪرخي جو قول صحيح آهي.
٧٨- ٽن امامن وٽ سورهن فرضن مان هڪ فرض گهٽ ٿيو. (١)
٧٩- اهو فرض نماز جي پڇاڙيءَ وارو هي فعل (خروج بصنعه) سورهن ڪان گهٽ آهي.
٨٠- مُتون مطابق ڳڻپ ڪئي اٿم، اهو فعل (خروج بفعل مصلي) ٽنهي مثل آهي.
٨١- هڪ صحيح قول مطابق قعود تشهد جو مقدار (فرض) آهي.
٨٢- ۽ نماز جي آخر ۾ قعود ڪان سواءِ ٻيو ڪوبه فرض نه آهي.
٨٣- ٽنهي امامن يعني امام اعظم ۽ صاحبين وٽ ائين آهي.
٨٤- فقط لفظ سلام واجب آهي ۽ ٻي ڪابه شيءِ فرض نه آهي.
٨٥- پر سلام جو لفظ ڇڏڻ خراب آهي ۽ واجب ڇڏڻ سدائين خراب آهي.
٨٦- امام شافعي جي مذهب موجب، لفظ سلام فرض آهي.
٨٧- پر مٿي ذڪر ڪيل صورتن ۾، منافي ڪم آسماني آفت جي ڪري ٿيو آهي.
٨٨- ڪتابن ۾ آيو آهي ته، صاحبين جي قول کي ترجيح آهي.
٨٩- انهن سيني صورتن ۾ نماز جائز آهي ۽ منافي فعل اتي به غير مفسد آهي. (٢)
٩٠- توڙي ڪٿي نماز جي آخر ۾ منافي ڪمَ آفت سَمائي جي ڪري ٿيا هجن.
٩١- هي قول صحيح ۽ ترجيح وارو آهي ته نماز جي آخر ۾ اهو فعل غير مفسد آهي.
٩٢- الدرالمختار ڏسو ان ۾ آهي ته رڳو امام اعظم جو قول مرجوح آهي.
٩٣- ٻيو عالمگيري به ڏس، تحقيق جي گيچڻ ۾ اٿو چاٽي ڏس.
٩٤- جيئن خطا وارو چائُ ۽ ڦوڳُ صواب ڪان ڪڍي سگهين ۽ تحقيق ڪان هرگز منهن نه موڙ.

(١) چند مسئلا اونها پيدا ٿيا آهن. خروج جيڪو ڪم سان حاصل ٿئي ٿو ان کي فرض چيو اٿن. حالانڪ خروج اضطراري آهي ۽ اضطراري کي فرض چوڻ غير معقول آهي ۽ بردعي فعل کي جيڪو خروج جو سبب آهي نماز جي پوري ٿيڻ لاءِ شرط چيو آهي ۽ امام اعظم هن قول کان بيزار آهي ۽ ٻارهن صورتن ۾ نماز جي فاسد ٿيڻ وارو امام صاحب قول مرجوح آهي. (حاشيه مصنف)

(٢) نسخي "جهه" ۾ "نه مسفد" جي بدران "زمسفد" لکيل آهي.

ذکر ترتیب ارکان نماز

١- کنون شرح ترتیب ارکان نگر — که باشد تعاقب یکي پس دگر(١)
٢- مطابق بنوبت کنند هر یکي — نه هرگز تفاوت کنند اندکي
٣- قیام و قرائت رکوع و سجود — بآخر نماز ست نوبت قعود
٤- یکي پس دگر مي بود متصل — نه هر یک ز جایش شود منتقل
٥- قیام ست نخستین ازان پس رکوع — ازان پس سجودِ بدارد وقوع
٦- نه معکوس رکعت بباشد نماز — چه ترتیب فرض ست اي دل نواز
٧- مگر رکن قولي که باشد یکي — که نامش قرائت شنو بي شکي
٨- که تقدیم آن واجب ست بر رکوع — نه فرض ست تقدیم آن دان بروع
٩- ز"ایضاح" و از درمختار بین — شواهد کثیره بباشد برین
١٠- ز"شرح وقایه" ببین با نیاز — که معکوس رکعت بباشد نماز
١١- چه ترتیب ارکان رکعت تمام — همه واجب ست صرف دان این کلام
١٢- نه این قول هرگز بباشد صحیح — چه ابطال این قول دیدم صریح
١٣- میان کتب هست ابطال این — ببین بحررائق شوي با یقین
١٤- ولي آنچه گفتند اي خوش سیر — که ترتیب فرض ست نزد زفر
١٥- نه فرض ست نزد ائمه دگر — چه نزدیک شان(٢) بلکه واجب نگر
١٦- چنانچه بمفتاح گفت این خبر — همین ست اندر کتب بیشتر
١٧- درین قول بسیار باشد خطا — نه این قول هرگز بدارد صفا
١٨- چه ترتیب ارکان رکعت تمام — بنزد همه فرض باشد مدام
١٩- مگر هر دو سجده یکي با دگر — نه فرض ست آن بلکه واجب نگر
٢٠- اگرچه بود هر دو رکن یکي — میانِ این دو جلسه بود اندکي
٢١- دگر هم قرائت همه بر رکوع — مقدم شدن واجب ست با خشوع

(١) درنسخه "جهہ" و "چ،د" باین طور ست ع- که باشد تعاقب پس یک دگر. (٢) شان: بمعنیٰ ایشان. (کشف)

نماز جي رڪنن جي ترتيب جو ذڪر

١- هاڻي رڪنن جي ترتيب جو بيان ڏس، جيڪي هڪ ٻئي جي پُٺيان هوندا آهن.(١)
٢- هرهڪ رڪن پنهنجي واري مطابق ادا ڪري ۽ ان ۾ ٿورڙو به تفاوت نه ڪري.
٣- قيام، قرائت، رڪوع ۽ سجد ، قعود جو وارو(نمبر) نماز جي آخر ۾ آهي.
۴- هڪڙو ٻئي سان مُتصلُ ٿئي ٿو ۽ پنهنجي جاء کان منتقل نٿو ٿئي.
۵- پهريائين قيام، ان کان پوء رڪوع، ان کان پوء سجدو، واقع ٿئي ٿو.
٦- ترتيب جي برخلاف ادا ڪيل رڪعت، نماز نه ڇنبي ڇو ته ترتيب فرض آهي.
٧- ۾ قرائت جيڪو هڪ قولي رڪن آهي.
٨- ان کي رڪوع کان اڳ ۾ ادا ڪرڻ واجب آهي ۽ فرض نه آهي.
٩- ايضاح ۽ دُر مختار ڏسو، ان تي گهڻا شاهد ۽ دليل آهن.
١٠- شرح وقايه ڏس ان ۾ آهي ته، ترتيب جي برعڪس ادا ڪيل رڪعت به نماز آهي.
١١- ڇو ته رڪعت جي رڪنن جي ترتيب واجب آهي.
١٢- هي قول صحيح نه آهي ڇو ته هن قول کي باطل ڪرڻ وارو دليل ڏنو اٿم.
١٣- ڪتابن ۾ هن قول کي باطل ڪرڻ وارو دليل موجود آهي، بحررائق ڏس ته يقين ٿئي.
١۴- ۾ جيڪو چوندا آهن ته رڪنن جي ترتيب امام زفر وٽ فرض آهي.
١۵- ٻين امامن وٽ فرض نه آهي بلڪ واجب آهي.(٢)
١٦- جيئن مفتاح ۽ ٻين به ڪيترن ئي ڪتابن ۾ ائين لکيل آهي.
١٧- هن قول ۾ گهڻي خطا آهي ۽ اهو قول صاف (صحيح) نه آهي.
١٨- ڇو ته رڪعت جي سيني رڪنن جي ترتيب ته سيني وٽ فرض آهي.
١٩- مگر ٻن سجدن جي هڪ ٻئي سان ترتيب فرض نه آهي بلڪ واجب آهي.
٢٠- اگرچه ٻئي سجدا هڪ رڪن آهن ۽ ٻنهي جي وچ ۾ ٿورو جلسه آهي.
٢١- ٻيو سموري قرائت، رڪوع کان مقدم ڪرڻ واجب آهي.

(١) نسخي "جهه" ۽ "چ،د" ۾ هي مصرع هن طرح آهي. ع ـ که باشد تعاقب پس یک دگر.
(٢) شان: شان جي معنىٰ ايشان يعني اهي آهي. (ڪشف)

٢٢- چنانچه بيان دو واجب همين
همه در محلش بيارم سمين

٢٣- نه ترتيب اركان همه باقيه
بود همچنين بلكه فرض ست همه

٢٤- چه ترتيب آنها بنزديک شان
بود فرض بي شک شنو اين بيان

٢٥- ولي فرق باشد درينجا دگر
ز قولِ همه تا بقول زفر

٢٦- چو رکني مقدم شده از محل
دگر شد مؤخر همه از محل

٢٧- شده فرض متروک نزديک او
چه ترتيب فرض ست اي نيکرو

٢٨- چو رکني مقدم شده زائد ست
چه ترتيب رفته نيايد بدست

٢٩- همين رکن زائد بنزد زفر
منافي نماز ست مفسد نگر

٣٠- نمازش بزودي(١) باطل شود
جوازش بحيله نه حاصل شود

٣١- چنانچه بود در قيامش امام
كند مقتدي او رکوعش تمام

٣٢- و يا گشت تكرار رکنِ يكي
دگر گشت زائد شنو بي شكي

٣٣- و يا بعد تحريم كرده رکوع
قيامش نكرده همو نيک روع

٣٤- درين هر سه صورت نماز ست تباه
چه رکن ست زائد بلا اشتباه

٣٥- نه زائد بگردد گهي مرتفع
شود تا بحيله همو منتفع

٣٦- چنين ست تحقيق مذهب زفر
نه اين ست مذهب ائمه دگر

٣٧- بنزد ائمه دگر اي جوان
زياده چو رکني بگشته عيان

٣٨- و يا كم ز ركعت زياده شده
كه رکن ست يكي يا دو رکن ست همه

٣٩- ز جنس نماز ست زائد همان
نه فعل ست مفسد بشو(٢) بي گمان

٤٠- ولي بي اعاده ندارد جواز
نه محسوب باشد گهي از نماز

٤١- بدان رکن زائد بنزديک شان
نه محسوب باشد، نه مفسد همان

٤٢- نه مانند فعلي ست(٣) مفسد نماز
چنانچه زفر گفت با امتياز

٤٣- چو رکني مقدم زياده شده
برو فرض اكنون اعاده شده

٤٤- اعاده همان رکن فرض ست بس
شود تا مرتب همه پيش پس

(١) در نسخه "جهه" دران حال بجاىٔ بزودي نوشته. (٢) در نسخه "چ د" فعل اين ست بجائي فعلي ست نوشته.
(٣) در نسخه "چ د" شنو بجاىٔ "بشو" نوشته است.

٢٢- انهن ٻنهي واجبن جو بيان سنڌن جاءِ تي آڻينداسين.
٢٣- باقي ٻين سمورن رڪنن جي ترتيب ائين (واجب) نه آهي بلڪ فرض آهي.
٢٤- جو ته انهن رڪنن جي ترتيب، امامن وٽ فرض آهي.
٢٥- پر هت امامن ۽ امام زفر جي قولن ۾ ڪجهه ٻيو فرق آهي.
٢٦- جيڪڏهن ڪو رڪن پنهنجي جاءِ کان مقدم ٿيو ته ٻيو وري مؤخر ٿيو.
٢٧- امام زفر وٽ فرض ترڪ ٿيو، جو ته ترتيب فرض آهي.
٢٨- ڪو رڪن مقدم ٿيو يا زياده ادا ٿيو ته وِيَل ترتيب هٿ نه ايندي.
٢٩- اهو زياده رڪن امام زفر وٽ نماز جو منافي ۽ مُفسد آهي.
٣٠- ان جي نماز فوراً باطل ٿي ۽ ان جي جواز لاءِ ڪوبه حيلو نه آهي.(١)
٣١- جيئن قيام ۾ امام جي پويان هو ته، مقتدي رڪوع ڪري ورتو.
٣٢- يا ڪو رڪن تڪرار سان ٿيو ته ٻيو رڪن زياده ٿيو.
٣٣- يا تڪبير تحريمه کان پوءِ، قيام ڇڏي وجي رڪوع ڪيائين.
٣٤- انهن ٽنهي صورتن ۾ نماز فاسد ٿي، جو ته رڪن زياده ٿي ويو.
٣٥- زياده رڪن ڪجهي نه ويندو (برقرار رهندو) البت ڪنهن حيلي سان فائديمند ٿيندو.
٣٦- امام زفر جي مذهب جي تحقيق ائين آهي ۽ ٻين امامن جو مذهب ائين نه آهي.
٣٧- ٻين امامن وٽ جڏهن ڪو رڪن زياده ٿيو.
٣٨- يا رڪعت کان گهٽ هڪ رڪن يا ٻه رڪن زياده ادا ڪيائين.
٣٩- اهو زياده رڪن نماز جي جنس کان آهي ته اهو فعلي رڪن وانگر مُفسد نه آهي.(٢)
٤٠- پر اهو رڪن ورائي ادا ڪرڻ کان سواءِ جائز نه ٿيندو ۽ نماز ۾ شمار نه ڪبو.
٤١- اهو زياده رڪن امامن وٽ نماز ۾ شمار نه ڪبو، نه وري مفسد چئبو.
٤٢- فعلي رڪن وانگر نماز جو مفسد نه آهي، جيئن امام زفر چيو آهي.(٣)
٤٣- جيڪڏهن ڪو رڪن مقدم ٿي زياده ٿيو ته ان جو ورائڻ فرض آهي.
٤٤- رڳو ان رڪن کي ورائڻ فرض آهي، جيئن اڳ پوءِ جي ترتيب برقرار رهي.

(١) نسخي "جهه" ۾ 'برودي' جي بدران 'دران حال' لکيل آهي. (٢) نسخي "ج،د" ۾ 'فعلي ست' جي بدران 'فعل اين ست' لکيل آهي. (٣) نسخي "ج،د" ۾ 'بشو' جي بدران 'شنو' لکيل آهي.

٤٥- بآخر نمازش کند هم سجود — کند تا زِ نقصان نمازش صعود
٤٦- چو قعده اخيره بکرده تمام — يکايک بدانست ترک قيام
٤٧- کند رکعتِ کامله او قضا — قعودِ دگر را بيارد بجا
٤٨- رکوع و سجودش که کرده ببود (١) — بترک قيامش زياده ببود (٢)
٤٩- زياده چو رکعت بباشد تمام — نمازش شکسته شده اي همام
٥٠- که تفصيل آن هم بدارد خفاء — بيارم همه در محلش بجاء
٥١- اگر مقتدي کرد رکني تمام — شروع و تمامش بپيش از امام
٥٢- امامش نه هنوز کرده شروع — تمامش بکرده همو پر خشوع
٥٣- اگر با امامش اعاده کند — نمازش صحيح ست دان اين سند
٥٤- وَ الاَّ نباشد نمازش روا — ببين درمختار يابي شفا
٥٥- نخستين بترک متابع شدن — زياده شده لغو اي مير من
٥٦- متابع شدن فرض بر مقتدي ست — امامش چو در فرض باشد بايست
٥٧- زِ تکرار رکني دگر زائد ست — بود بر محلش نخستين بدست
٥٨- دران صورتِ عکس اين آمده — مطابق بتعليل ذکرش شده
٥٩- بقولِ ائمه ثلاثه عمل — بکردند علماء ما بي خلل
٦٠- عمل نيست اينجا بقول زفر — ببين در کتب تا تو يابي خبر
٦١- خطا کرد هر کو عمل گفت او — بقولِ زفر او نگفته نکو
٦٢- نه رکن ست ترتيب ارکانها — ولي شرط بي شک بود اي کيا
٦٣- چه ترتيب ارکان صِفت آمده — صفت اعتباري وجودي شده
٦٤- مُضاف ست غير از مضاف اليه — نه ترتيب رکن ست بناء عليه
٦٥- ولي شرط ترتيب ارکاني ست — بجز شرط هر رکن لايعني ست
٦٦- بود ده مسائل بياموز تو — تعلق بترتيب دارد نکو
٦٧- نخستين اگر فوت سجده يکي ست — که آن نيم رکن ست ني اندکي ست
٦٨- اگر او نمازش بکرده تمام — بکرده(٣) منافي دگر پس سلام

(١) در نسخه "جهـ" بجا. (٢) در نسخه "جهـ"ادا. (٣) در نسخه "چ د" نکرده نوشته است.

٤٥- نماز جي آخر ۾ سهو جا سجدا ڏئي ته جيئن نقصان ڪجي وڃي.
٤٦- جيڪڏهن آخري قعدو پورو ڪيائين ان ڪان پوءِ فوراً قيام جو چڏڻ ياد آيس.
٤٧- ڪامل رڪعت قضا ڪري ۽ آخري قعدو وري ادا ڪري.
٤٨- رڪوع ۽ سجدا جيڪي[1] ڪيائين، اهي قيام جي ڇڏڻ ڪري زياده ٿيا.[2]
٤٩- جيڪڏهن سڄي رڪعت زياده ٿي ته نماز ڀڃي پئي.
٥٠- ان جي تفصيل ۾ خِفاءُ آهي، ان ڪي سندس جاءِ ۾ بيان ڪندس.
٥١- جيڪڏهن مقتدي ڪو رڪن امام ڪان اڳ شروع ڪري پورو ڪري ورتو.
٥٢- امام اڃا شروع نه ڪيو هو ته، مقتدي پورو ڪري ويو.
٥٣- جيڪڏهن امام سان اهو رڪن ورائي پڙهيائين ته نماز صحيح ٿي.
٥٤- نه ته ان جي نماز جائز نه آهي، در مختار ڏسو.
٥٥- تابعداري ڇڏڻ جي ڪري هڪ زياده لغو ڪم ٿيو.
٥٦- فرض نماز ۾ امام جي تابعداري مقتدي تي فرض آهي.
٥٧- رڪن جي تڪرار جي ڪري ٻيو زياده چئبو، ڇوته پهريون پنهنجي جاءِ تي ادا ڪيو ويو.
٥٨- ان صورت ۾ هن جو عڪس آيو، تعليل مطابق ان جو ذڪر ٿيو.
٥٩- ٽن امامن جي قول تي، اسان جي عالمن عمل ڪيو آهي.
٦٠- امام زفر جي قول تي هت عمل ڪرڻو ناهي، ڪتابن ڪي ڏس ته توکي خبر پوي.
٦١- جنهن چيو ته امام زفر جي قول تي عمل ڪرڻو آهي، ان خطا ڪئي ۽ چڱو نه چيو.
٦٢- رڪنن جي ترتيب رڪن نه آهي پر شرط ضرور آهي.
٦٣- رڪنن جي ترتيب صفت آهي ۽ اها صفت اعتباري وجودي آهي.
٦٤- مضاف، مضاف اليه جو غير آهي، ان ڪري ترتيب رڪن نه آهي.
٦٥- پر رڪنن جي لاءِ شرط آهي ڇو ته شرط ڪان سواءِ رڪن بي معنىٰ آهي.
٦٦- ڏهه مسئلا آهن اهي سڪي ڇڏ، جيڪي ترتيب سان تعلق رڪن ٿا.
٦٧- پهريون: جيڪڏهن هڪ سجدو فوت ٿيو، جيڪو اڌ رڪن آهي ۽ گهٽ نه آهي.
٦٨- جيڪڏهن نماز پوري ڪري سلام ڪان پوءِ ٻيو ڪو ڪم نماز جي خلاف ڪيائين.[3]

(١) نسخي "جه" ۾ 'ببود' جي بدران 'بجا'. (٢) نسخي "جه" ۾ 'ببود' جي بدران 'ادا' (٣) نسخي "چ،د" ۾ 'بڪرده' جي بدران 'نڪرده'

٦٩- نه سجده بكرده قضا در نماز — باين ترک باطل شود هر نماز
٧٠- دگر نيز تقديم سجده يكي — ز جايش چو متروک شد بي شكي
٧١- چه تقديم آن بر قعود اخير — بود فرض نزد همه ياد گير
٧٢- قضا كرد آنرا اگر پس قعود — اعاده قعود ست برو فرض زود
٧٣- چو سجده تلاوت نكرده ادا — نه هم در نمازش بكرده(١) قضا
٧٤- نمازش بنزد همه شد روا — نمازش كراهت شده اي كيا
٧٥- قضا كرد سجده تلاوت اگر — ولي پس قعودش شنو اين خبر
٧٦- برو هم بباشد اعاده قعود — نه آخر شده آنچه كرده ببود
٧٧- يكي شرح منيه برين شاهد ست — دگر درمختار كردم بدست
٧٨- درين هر دو صورت چو قعده برفت — سجودي كه از سهو كرده برفت
٧٩- ازين هر دو سهوش كند سجدتين — دو سجده كه كرده شده لغو مين(٢)
٨٠- اگر پس تشهد تلاوت نمود — كه آيت بخوانده بداده سجود
٨١- قعودش بحال ست نه ديگر برو ست — بقعده اخيره همين گفتگو ست
٨٢- سيوم چونكه سجده فراموش كرد — ازان پس بركعت دگر هوش كرد
٨٣- بُده از تلاوت و يا صلبيه — چو يادش بيامد همان منسيه
٨٤- قضايش بتعجيل آرد بجا — كه تعجيل بهتر بود اي كيا
٨٥- قضايش بتاخير باشد روا — ببين درمختار اي خوش نوا
٨٦- ولي پيش قعده اخيره كند — همين هر دو سجده بدان اين سند
٨٧- چهارم يكي زين دو سجده اگر — چو يادش بيامد شنو اين خبر
٨٨- بيادش بكرده ركوعش تمام — و يا كرد سجده شنو اين كلام
٨٩- پس او كرد سجده قضا منسيه — كه بود از تلاوت و يا صلبيه
٩٠- اعاده ركوع و اعاده سجود — بود نيز بهتر شنو اي ودود
٩١- ببين درمختار كاين گفت خوب — بمفتاح آمد روايت وجوب
٩٢- قضايش ازين جا چو تاخير كرد — نه جائز اعاده نه تدبير كرد

(١) در نسخه "غ" نكرده نوشته. (٢) مَين: بفتح دروغ. (كشف) و در نسخه "چ،د" لغوتين بجاي لغومين نوشته

٦٩- ۽ نماز ۾ رهيل سجدو قضا نہ ڪيائين، انهيءَ سجدي ڇڏڻ سان نماز باطل ٿي ويندي.
٧٠- ٻيو: هڪ سجدي جي تقديم، جڏهن پنهنجي جاءِ کان ترڪ ٿي.
٧١- ڇو تہ ان سجدي کي آخري قعدي کان اڳ ۾ ادا ڪرڻ فرض آهي.
٧٢- جيڪڏهن اهو سجدو آخري قعدي کانپوءِ قضا ڪيائين تہ آخري قعدو فوراً ورائڻ ان تي فرض آهي.
٧٣- جيڪڏهن تلاوت جو سجد ادا نہ ڪيائين، نہ وري نماز ۾ قضا ڪيائين.(١)
٧٤- ان جي نماز سيني امامن وٽ جائز ٿي پر مڪروه ٿي.
٧٥- جيڪڏهن آخري قعدي کان پوءِ تلاوت جو سجدو قضا ڪيائين.
٧٦- ان کي آخري قعدو ورائي ڪرڻو آهي ڇو تہ ائين ڪرڻ سان قعدو آخر ۾ نہ ٿيو.
٧٧- هڪ شرح مُنيه ان تي شاهد آهي، ٻيو در مختار هٿ ۾ اٿم.
٧٨- انهن ٻنهي صورتن ۾ جيڪڏهن قعدو ويو(فاسد ٿيو) تہ سهو جا سجدا بہ ويا (لغو ٿيا).
٧٩- ان ڪري سهو جا بہ سجدا ٻيهر ڏئي ۽ اڳيان سهو جا سجدا لغو ٿيا.(٢)
٨٠- جيڪڏهن تشهد کان پوءِ تلاوت ڪيائين ۽ آيت پڙهي سجدو ڪيائين.
٨١- ان جو آخري قعدو بحال آهي ٻيو آخري قعدو واجب نہ اٿس.
٨٢- ٽيون: سجدو وسري ويس پوءِ ٻي رڪعت ۾ ياد آيس.
٨٣- اهو وسريل تلاوت جو سجدو هجي يا صُلبي سجدو هجي ياد اچيس تہ.
٨٤- اهو سجدو جلد قضا ڪري ڇو تہ جلدي قضا ڪرڻ بهتر آهي.
٨٥- ان جي قضا دير سان بہ جائز آهي دِرمختار ڏسو.
٨٦- پر اهي سجدا آخري قعدي کان اڳ ۾ ڪري.
٨٧- چوٿون: انهن ٻنهي سجدن مان هڪ سجدو ياد آيس.
٨٨- ياد هئڻ جي باوجود رڪوع ڪيائين يا سجدو ڪيائين.
٨٩- ان کان پوءِ اهو وسريل تلاوت جو سجدو يا صُلبي سجدو قضا ڪيائين.
٩٠- اي دوست! ٻڌ تہ رڪوع ۽ سجدي کي ورائڻ بهتر آهي.
٩١- درمختار ۾ ائين چيو اٿس پر مفتاح ۾ وجوب جي روايت آئي آهي.
٩٢- دير سان سجدو قضا ڪيائين تہ رڪوع ۽ سجدي جو ورائڻ جائز نہ آهي.

(١) نسخي "غ" ۾ 'نڪرده' ۽ ٻين ۾ 'بڪرده' لکيل آهي. (٢) مين: زبر سان ڪرڻ. (ڪشف) ۽ نسخي ج ۾ لغوتين آهي.

٩٣- اگر رکن کامل فراموش کرد	نه حکمش چنین ست اي نیک مرد
٩٤- و لیکن بمفتاح کرده خطا	دگر طور حکمش بیارم بجا
٩٥- بود نیز پنجم چو سجده یکي	ز جایش شده ترک آن بي شکي
٩٦- بنیت قضا مي شود آن قضا	بود شرط نیت قضا هر کجا
٩٧- چو سجده فراموش گشته ز مرد	برکعت دگر او سه سجده بکرد
٩٨- قضایش نه هرگز بگشته روا	مگر چون بنیت بکرده قضا
٩٩- نه سجده تلاوت بجز نیتش	نه هرگز قضا میشود سر مکش
١٠٠- نه از سهو جائز بگردد سجود	مگر چون بنیت سجودش نمود
١٠١- بعالمگیري ست این ضابطه	مفید ست این بهترین ضابطه
١٠٢-ششم رکن کامل اگر ترک کرد	ولي پیش رکعت دگر درک کرد
١٠٣- و یا پیش مثلش ز رکعت دگر	بیادش بیامد شنو این خبر
١٠٤- دران وقت متروک آرد بجا	اعاده کند هر چه کرده ادا
١٠٥- پس از رکن متروک تا وقت یاد	اعاده کند آن چو کردن نهاد
١٠٦- ز رکعت یکي او نکرده رکوع	نه في الفور کرده بسویش رجوع
١٠٧- ولي چون بکرده دو سجده تمام	و یا او برکعت بکرده قیام
١٠٨- رکوعش دران دم بیادش بکرد	اعاده کند هر چه بر گشت سرد
١٠٩- اعاده دو سجده کند بي گمان	برکعت یکي فرض ترتیب دان
١١٠- قیامش که کرده برکعت دگر	اعاده همان نیز لازم نگر
١١١- چو در وسط رکعت یکي هر چه هست	ز ارکان رکعت دگر گرچه هست
١١٢- برکعت دگر آن نیاید بکار	تو رکعت دگر را بسر خود شمار
١١٣- قیام ست مکرر درین صورتي	برین نیست هرگز گهي عبرتي
١١٤- درین صورتِ چون بکرده قیام	برکعت دگر او شنو این کلام
١١٥- رکوعش بکرده، بکرده سجود	دران دم ز متروک ذاهل ببود
١١٦- رکوع و سجودش نگشته قضاء	چه رکعت تمامش دگر شد اداء

٩٣- پر جيڪڏهن ڪامل رڪن وساريائين ته ان جو حڪم ان طرح نه آهي.
٩٤- پر مفتاح واري خطا ڪئي آهي، تنهن ڪري ان جو حڪم بي طرح بجا آڻيان ٿو.
٩٥- پنجون: جڏهن هڪ سجدو پنهنجي جاءِ تان ترڪ ٿيو.
٩٦- اهو سجدو قضا جي نيت سان قضا ٿيندو، قضا جي نيت شرط آهي.
٩٧- جيڪڏهن سجدو وسري ويس ۽ ٻي رڪعت ۾ ٽي سجدا ڪيائين.
٩٨- اها قضا جائز نه ٿي مگر قضا جي نيت سان سجدو ڏيندو ته جائز آهي.
٩٩- تلاوت جو سجدو به قضا جي نيت کان سواءِ جائز نه ٿيندو.
١٠٠- سهو جا سجدا به نيت کان سواءِ جائز نه ٿيندا.
١٠١- عالمگيريءَ ۾ اهو بهترين ۽ فائديمند قاعدو لکيل آهي.
١٠٢- ڇهون: جيڪڏهن ڪامل رڪن ترڪ ڪيائين پر ٻي رڪعت کان اڳ ياد ڪيائين.
١٠٣- يا ٻي رڪعت جي اهڙي ئي رڪن کان اڳ ۾ کيس اهو ترڪ ڪيل ڪامل رُڪن ياد آيو.
١٠٤- ان وقت ترڪ ڪيل رڪن ادا ڪري ۽ جيڪي ادا ڪيائن اهو ورائي ادا ڪري.
١٠٥- پوءِ ترڪ ڪيل رڪن کان وٺي ياد اچڻ تائين جيڪي به ادا ڪيائين اهو ورائي ادا ڪري.
١٠٦- هڪ رڪعت جو رڪوع نه ڪيائين، نه وري فوراً ان ڏي موٽيو.
١٠٧- پر جڏهن ٻه سجدا ڪيائين يا ٻي رڪعت جو قيام ڪيائين.
١٠٨- ان وقت کيس رهيل رڪوع ياد آيو ته (رڪوع ڪري) ۽ ادا ڪيل رڪن ورائي ادا ڪري.
١٠٩- ٻئي سجدا ورائي ڏئي ڇو ته هرهڪ رڪعت ۾ ترتيب فرض آهي.
١١٠- ٻيءَ رڪعت ۾ جيڪو قيام ڪيائين، ان قيام جو ورائڻ به لازم آهي.
١١١- هڪ رڪعت ۾ جيڪي به رڪن آهن، توڙي ڪٿي ٻي رڪعت جي رڪنن وانگر آهن.
١١٢- (پر پوءِ به) اهي رڪن ٻي رڪعت ۾ ڪم نه ايندا ۽ ٻي رڪعت کي نئين سر مستقل ڄاڻ.
١١٣- هن صورت ۾ قيام جو تڪرار ٿيندو، ان کي ڪو اعتبار نه آهي.
١١٤- هن صورت ۾ جڏهن ٻي رڪعت جو قيام ڪيائين.
١١٥- ان ٻي رڪعت جو رڪوع ۽ سجدا به ڪيائين، ان وقت تائين متروڪ قيام کان غافل هو.
١١٦- ان جا رڪوع ۽ سجدا قضا نه ٿيا، ڇو ته ٻي رڪعت پوري ادا ٿي.

۱۱۷- رکوعش بنیت رجوعش نکرد	نه متروک گشته قضا کار مرد
۱۱۸- چو رکعت دگر شد بسر خود تمام	برکعت نخستین کند اهتمام
۱۱۹- قیام ست سابق همه معتبر	کنون او رکوعش کند خوبتر
۱۲۰- اعاده سجودش کند پس رکوع	چه ترتیب اینجا بدارد وقوع
۱۲۱- چو ارکان رکعت نخستین درین	یکي بود سابق دگر پس قرین
۱۲۲- خلل شد برکعت یکي کامله	ولي هست جائز درین مسئله
۱۲۳- مگو اِن هٰذا لشيءٌ عُجاب	مثالش بدیدم میانِ کتاب
۱۲۴- بآخر رباعي چو کرده قعود	چو او چار رکعت بکرده ببود
۱۲۵- رکوعش ز رکعت نخستین بدم	که متروک بوده بدانست هم
۱۲۶- رکوعش کند او دران دم تمام	اعاده سجودش کند با مرام
۱۲۷- بواقي سه رکعت همه بر قرار	بسر خود بود(۱) هر یکي در شمار
۱۲۸- قیامش نخستین که سابق ببود	اگر بود نا معتبر اي ودود
۱۲۹- برو بود رکعت نخستین تمام	که رکعت تمامي کند اختتام
۱۳۰- نه ترتیب رکعات با یک دگر	فریضه بباشد شنو این خبر
۱۳۱- بسر خود بود هر یکي جا بجا	چه ترتیب فرض ست در رکنها
۱۳۲- بدان هست هفتم یکي مسئله	چو رکني ز رکعت نکرده بُده
۱۳۳- ز رکعت دگر رکن سابق ازو	فراموش کرده، نکرده نکو
۱۳۴- میان این دو رکعت اگر فاصله	بباشد برکعت یکي کامله
۱۳۵- ز ارکان این هر دو رکعت همه	که بوده جدا هر یکي ناقصه
۱۳۶- نه رکعت یکي کامله شد روا	مگر چون بکرده بنیت قضا
۱۳۷- رکوعش ز رکعت نکرده اگر	پسش کرد رکعت تمامي دگر
۱۳۸- پسش او رکوع و سجودش بکرد	نکرده قیامش همو نیک مرد
۱۳۹- اگر این رکوعش بنیت قضا	بکردي(۲) قضا شد رکوعش بجا
۱۴۰- اعاده سجودش(۳) بجز نیتش	ادا مي شود هست امنیتش

(۱) در نسخه "جه" لفظ بود نیست. (۲) در نسخه "جه" بکرده. (۳) در نسخه "جه" نمازش نوشته است.

١١٧- ۽ ان جو رڪوع رجوع جي نيت سان نہ ڪيو اٿس، تنهنڪري متروُڪ جي قضا نہ ـ.
١١٨- جڏهن ٻي رڪعت پاٺهي پوري ٿي تہ پهرئين رڪعت جو اهتمام ڪري.
١١٩- سابق قيام معتبر آهي، هاڻي رڪوع ادا ڪري.
١٢٠- رڪوع ڪان پوءِ سجدا بہ ورائي ڪري تہ جيئن ترتيب برقرار رهي.
١٢١- هن صورت ۾ جڏهن پهرئين رڪعت جا ارڪان، جن مان هڪ سابق ۽ ٻيا ان ڪانپوءِ آهن.
١٢٢- پوري هڪ رڪعت ۾ خلل پيو پر هن مسئلي ۾ جائز آهي.
١٢٣- ان ڪي عجيب نہ چئو ڇو تہ ان جو مثال ڪتابن ۾ ڏنو اٿم.
١٢٤- جڏهن چار رڪعتون پڙهي چوٿين رڪعت جي آخر ۾ قعدو ڪيائين.
١٢٥- پهرئين رڪعت جو رهيل رڪوع ياد آيس.
١٢٦- اهو رهيل رڪوع فوراً ڪري، ان ڪان پوءِ سجدا بہ ورائي ڏئي.
١٢٧- باقي ٽي رڪعتون برقرار آهن، هرهڪ رڪعت جدا مستقل طور ڳڻپ ۾ ايندي.(١)
١٢٨- سابق قيام جيڪو پهريان ڪيو هئائين، اهو معتبر نہ چئبو.
١٢٩- ان ڪي پهرئين رڪعت پوري مڪمل طور قضا ڪرڻي آهي.
١٣٠- هي خبر هڻو تہ رڪعتن جي ترتيب هڪ ٻئي سان فرض نہ آهي.
١٣١- هرهڪ رڪعت هر هنڌ پنهنجي متي ۽ مستقل آهي، ڇو تہ ترتيب رڪنن ۾ فرض آهي.
١٣٢- ستون: هڪ مسئلو آهي، جو ڪنهن رڪعت جو ڪو رڪن ادا نہ ڪيو اٿس.
١٣٣- هن ڪان اڳ ٻي رڪعت ۾ بہ رڪن وساري ويٺو آهي.
١٣٤- انهن ٻنهي رڪعتن جي وچ ۾، جيڪڏهن هڪ ڪامل رڪعت جو فاصلو هجي.
١٣٥- رڪنن جي (ترڪ) ڪري، هي ٻئي رڪعتون بہ جدا جدا ناقص آهن.
١٣٦- اها هڪ ڪامل رڪعت، قضا جي نيت ڪان سواءِ جائز نہ ٿيندي.
١٣٧- هڪ رڪعت جو رڪوع نہ ڪيائين، ان ڪان پوءِ ٻي رڪعت پوري ڪيائين.
١٣٨- ان ڪان پوءِ رڪوع ۽ سجدا ڪيائين، مگر قيام نہ ڪيائين.
١٣٩- جيڪڏهن اهو رڪوع قضا جي نيت سان ڪيائين تہ انهيءَ رڪوع جي قضا بجا ٿي.(٢)
١٤٠- سجدو نيت ڪان سواءِ ورائي ڏيندو تہ ادا ٿي ويندو. اهڙي اميد آهي.(٣)

(١) نسخي "جهہ" ۾لفظ 'بود' ناهي.(٢)نسخي 'جهہ' ۾ 'بڪرده' آهي.(٣)نسخي "جهہ" ۾ 'نمازش' لکيل آهي.

۱۴۱- ازین هر دو رکعت بگشتن یکي | باین شرط باشد شنو بي شکي
۱۴۲- کـه شرط ست نیت قضاء رکوع | نـه شرط ست نیت اعاده بروع
۱۴۳- بـوقت رکوعش چو نیت نکرد | نمازش ببطلان همه گشت سرد
۱۴۴- چـه مقدار رکعت ز ارکان او | زیاده شد لغو اي نیک رو
۱۴۵- دگر هست هشتم همین مسئله | دو رکعت بود چون بلا فاصله
۱۴۶- چو هر دو بود هر یکي ناقصه | چـو رکني ز هر یک برفته همه
۱۴۷- اگر گشت رکعت یکي کامله | ازین هر دو رکعت دریـن مسئله
۱۴۸- یکي گشت رکعت همه معتبر | نـه شرط ست نیت شنو این خبر
۱۴۹- قضا نیست اینجا همه دان ادا | نـه نیت ادا شرط باشد بجا
۱۵۰- بـرکعت یکي کرد ترک رکوع | بدیگر نکرده قیامش وقوع
۱۵۱- و یـا در نخستین نکرده سجود | رکوعش ز ذیگر نکرده ببود
۱۵۲- و یـا در دگـر او نـکرده قیـام | بایـن هر دو وجه ست رکعت تمام
۱۵۳- ادا گشت رکعت مدان آن قضا | نـه شـرط ست نیت ز بهر ادا
۱۵۴- برکعت یکي گشت تکرار رکن | درین هر دو صورت ببین کار رکن
۱۵۵- ببین این مسائل همه یاد گیر | همه را بباشد دلیل و نظیر
۱۵۶- بمفتاح منقول شد دل پذیر | هرانچه بگفته ز "فتح القدیر"
۱۵۷- نهم از مسائل چو رکعت تمام | زیاده شده لغو اي نیک نام
۱۵۸- نمازش شکسته شده بي کلام | اگرچه بنسیان بجز اهتمام
۱۵۹- مگر پس قعود اخیر از نماز | برکعت زیاده بمـانـد جواز
۱۶۰- اگر در دو گاني سه رکعت بکرد | ازان پس نشسته همو نیک مرد
۱۶۱- و یا پنج رکعت بکرده تمام | ازان پس نشسته بداده سلام
۱۶۲- چـه قعده اخیره کـه بوده مرام | درین هر دو صورت نکرده تمام
۱۶۳- نمازش شکسته شده اي امین | اگـرچه بُده نفل اي مرد دین
۱۶۴- روایت ز شیخین آمد چنین | کـه نفل ست جائز درین با یقین

١٤١- انهن ٻنهي رڪعتن جي هڪ ٿيڻ لاءِ هڪ شرط آهي.
١٤٢- رڪوع جي قضا ڪرڻ جي نيت شرط آهي،باقي رڪوع جي ورائڻ جي نيت شرط نہ آهي.
١٤٣- رڪوع ڪرڻ وقت (قضا جي) نيت نہ ڪيائين تہ نماز باطل ٿي.
١٤٤- رڪن جي زيادتي رڪعت جي مقدار جيتري ٿي وئي جيڪا لغو آهي.
١٤٥- اٺون: مسئلو هي آهي تہ ٻہ رڪعتون (لاڳيتون) هجن ۽ انهن ۾ ڪوبہ فاصلو نہ هجي.
١٤٦- جڏهن ٻئي رڪعتون ناقص هجن، جيئن هرهڪ مان ڪو رڪن (رهجي) وڃي.
١٤٧- جيڪڏهن ٻنهي رڪعتن مان هڪ رڪعت ڪامل ٿي پوي.
١٤٨- اتي هڪ رڪعت ڪي اعتبار ڪبو ۽ ان ۾ نيت شرط نہ آهي.
١٤٩- هت قضا نہ آهي اها سموري ادا سمجهُہ، تنهن ڪري نيت شرط نہ آهي.
١٥٠- هڪ رڪعت ۾ رڪوع، ٻي رڪعت ۾ قيام ترڪ ڪيائين.
١٥١- يا پهرئين رڪعت ۾ سجدا نہ ڪيائين تہ ٻي رڪعت ۾ وري رڪوع نہ ڪيائين.
١٥٢- يا ان جي ٻي رڪعت ۾ قيام نہ ڪيائين، انهن ٻنهي وجهن سان رڪعت پوري ٿي.
١٥٣- رڪعت ادا ٿي ان ڪي قضا نہ سمجهہ، ادا لاءِ نيت شرط نہ آهي.
١٥٤- هڪ رڪعت ۾ رڪن جو تڪرار ٿيو، ٻنهي صورتن ۾ رڪن جو ڪم ڏس.
١٥٥- هي مسئلا ڏسي ياد ڪر، سيني جا دليل ۽ مثال موجود آهن.
١٥٦- مفتاح ۾ فتح القدير ڪان نقل ڪري آندو اٿس.
١٥٧- نائون مسئلو: هي آهي تہ سڄي رڪعت وڌيڪ ادا ٿي وئي.
١٥٨- ان جي نماز پڄي پوندي، اگرچہ وبسر سان وڌائي اٿس.
١٥٩- مگر نماز جي آخري قعدي ڪان پوءِ زيادہ رڪعت جائز ڳڻبي.
١٦٠- جيڪڏهن ٻن رڪعتن واري نماز ۾ ٽي رڪعتون پڙهي پوءِ ويٺو.
١٦١- يا پنج رڪعتون پوريون پڙهي پوءِ ويهي سلام ورايائين.
١٦٢- چو تہ هنن ٻنهي صورتن ۾ آخري قعدو پورو نہ ڪيائين جيڪو مقصود آهي.
١٦٣- ان جي نماز پڄي پئي، اگرچہ نفلي هجي.
١٦٤- شيخين ڪان روايت آئي آهي تہ، هنن صورتن ۾ نفل جائز آهي.

١٦٥- شود نفل هم جفت هم طاق نيز | ميانِ متانه بود اين تميز
١٦٦- چه بر مغرب و وتر كرده قياس | چه حكمش ز حكم فرائض شناس
١٦٧- نه اين قول معمول گشته متين | بود بلكه متروک مهجور هين(١)
١٦٨- چو مغرب سه گانه بكرده تمام | مؤذن اقامت بگفته بشام
١٦٩- نبايد كه او هم كند اقتدا | چه نفلش سه گانه نباشد روا
١٧٠- ولي چون زياده چهارم كند | روا مي بود آن بدارد سند
١٧١- چنين ست ميان متون و شروح | بكن خوب تحقيق يابي فتوح
١٧٢- چو قعده بتاخير بي جا شده | چه ركعت زياده هويدا شده
١٧٣- نه ركعت زياده شود كالعدم | شود تا قعودش بجايش بدم
١٧٤- نه ركعت زياده شود مرتفع | شود تا بقعده همو منتفع
١٧٥- مگر بعد قعده درين مسئله | نمازش بود فرض يا نافله
١٧٦- دگر ركعتي هم كند زائده | شود تا بتشفيع پر فائده
١٧٧- كند بعد ركعت قعود دگر | دو سجده ز سهوش دهد خوبتر
١٧٨- ولي درمختار گفته چنين | دو سجده ز سهوش تو اينجا مبين
١٧٩- بيانش بتحقيق در باب سهو | بگويم تمامش مكن كار لهو
١٨٠- دگر ركعتي چون زياده شده | بحيله شده جفت همه نافله
١٨١- بنزد محمد بگشته تباه | نه حيله مفيد ست بي اشتباه
١٨٢- بنزد محمد بود اصل اين | چو وصف نماز ست بي شك متين
١٨٣- چو آن وصف رفته، بگشته زوال | نه اصل نمازش بمانده بحال
١٨٤- چو در مغرب و وتر قعده اخير | نكرده، بكرده نخستين پذير
١٨٥- چو ركعت چهارم بكرده تمام | بقعده نشسته بداده سلام
١٨٦- همين هر دو شفعه شده نافله | نه سهو ست هرگز درين مسئله
١٨٧- چو مسبوق كرده بكس اقتدا | شده در متابع شدن ابتدا
١٨٨- ولي كرد ركعت نخستين قضا | ميانِ متابع شدن با صفا

(١) در نسخه "جه" و "چ د" اين بجايِ هين نوشته است.

١٦٥- نفل پڙهي ۽ اِڪي ٿي سگهي ٿو، متانه ۾ هي فرق لکيو اٿس.
١٦٦- مغرب ۽ وتر جي نماز تي قياس ڪيو اٿس، ڇو ته انهن جو حڪم فرض وارو آهي.
١٦٧- هن قول تي عمل ٿيل نه آهي، بلڪ متروڪ ۽ مهجور آهي.(١)
١٦٨- جڏهن مؤذن شام جو اقامت چئي ۽ مغرب جون ٽي رڪعتون پڙهي پوريون ڪيائين.
١٦٩- ان کي به اقتدا ڪرڻ نه گهرجي، ڇو ته نفل ٽي رڪعتون جائز نه آهي.
١٧٠- پر جڏهن چوٿين رڪعت زياده ڪري ته اقتدا جائز آهي.
١٧١- اٿين متن ۽ شرحن ۾ لکيل آهي، ان جي چڱي طرح تحقيق ڪريو.
١٧٢- جڏهن رڪعت زياده ٿيڻ جي ڪري، قعدو (آخري) پنهنجي اصلي جاءِ تي نه رهيو.
١٧٣- اها زياده رڪعت ڪالعدم نه ٿيندي جو قعده پنهنجي جاءِ تي ٿي وڃي.
١٧٤- نه وري اها زياده رڪعت ڪجي ويندي ته جيئن اهو قعدي مان فائدو حاصل ڪري سگهي.
١٧٥- پر هن مسئلي ۾ قعدي کان پوءِ، نماز فرض هجي يا نفل.
١٧٦- ان سان هڪڙي ٻي رڪعت وڌيڪ به ملائي ته، جيئن شُفعو فائديمند (نفل) ٿي پوي.
١٧٧- ان رڪعت کان پوءِ پيهر قعدو ڪري سهو جا ٻه سجدا ڏئي.
١٧٨- پر در مختار واري چيو آهي ته هت.سهو جا ٻه سجدا ڪونه ڏبا.
١٧٩- اڳ ان جو تحقيق سان مڪمل بيان، سهو جي باب ۾ بيان ڪندس.
١٨٠- هڪ رڪعت زياده ٿي پئي ته ان سان ٻي رڪعت ملائجي ته نفل ٿي پوي.
١٨١- امام محمد وٽ نماز تباهه ٿي، ڪو حيلو فائديمند نه آهي.
١٨٢- امام محمد وٽ اصل (قانون) هي آهي ته، نماز ۾ وصف اهمّ آهي.
١٨٣- جڏهن اها وصف زائل ٿي وئي هلي ته نماز جو اصل ئي بحال نه رهيو.
١٨٤- جيئن نماز مغرب ۽ وتر ۾ آخري قعدو نه ڪيائين رڳو پهريون قعدو ڪيائين.
١٨٥- جڏهن چوٿين رڪعت پوري ڪري قعدي ۾ ويهي سلام ورايائين.
١٨٦- اهي ٻئي شفعا نفل ٿي ويندا ۽ ان ۾ سهو به ڪانه ڏبي.
١٨٧- جيڪڏهن مسبوق ڪنهن جي اقتدا ڪئي، ان جي تابعداري ۾ شروع ٿيو.
١٨٨- پر تابعداري ڪرڻ دوران هن پهرئين رڪعت قضا ڪري ورتي.

(١) نسخي "جهه" ۾ ۽ "ڇ،د" ۾ 'هين' جي بدران 'اين' لکيل آهي.

١٨٩- نمازش شكسته شده بي خلاف | درين اتفاق ست گفتند صاف
١٩٠- مثالش چو بوده ميان قيام | متابع ببوده همو با امام
١٩١- ولي كرد ركعت همه او قضا | رسيده باو در ركوعش بجا
١٩٢- چو مسبوق كرده بوي اقتدا | نبوده متابع، ببوده جدا
١٩٣- چنانچه امامش بُده در سجود | بوي اقتدا كرد در حال زود
١٩٤- ولي كرد ركعت نخستين قضا | پسش كرد او پيروي مر وَرا
١٩٥- شده در فسادش بسي اختلاف | ولي در كراهت نباشد خلاف
١٩٦- اگر نفل را طاق كرده همو | سه ركعت بكرده و يا پنج او
١٩٧- چو پس طاق قعده بكرده تمام | بنا كرد شفعه دگر باهتمام
١٩٨- بود در جواز بنا اختلاف | ببين شرح منيه مكن انحراف
١٩٩- دهم از مسائل اگر ركنها | بمقدار ركعت جدا گانها
٢٠٠- زياده شده در ميان نماز | نمازش نه هرگز بدارد جواز
٢٠١- سه ركن ست فعلي سوايِ قعود | كه مقدار ركعت بود اي ودود
٢٠٢- چنانچه قيام و ركوع و سجود | اگرچه پراگندها كرده بود
٢٠٣- زياده شده چونكه ركني دو بار | ز ركنِ يكي دو زياده شمار
٢٠٤- چو ركنِ دگر هم(١) زياده شده | تباهي نمازش عيان آمده
٢٠٥- بمفتاح گفت اين نه تمثيل گفت | ببين در كتب نيز تمثيل مفت
٢٠٦- بركعت يكي ركن دو بار كرد | بركعت دگر نيز تكرار كرد
٢٠٧- بركعت سيوم ركن زائد شده | تباهي نمازش درين آمده
٢٠٨- همين ده مسائل شنو اين كلام | تعلق بترتيب دارد تمام

ذكر بيداري و هوشياري كه شرط جواز نماز ست

١- سيوم فرض اين نوع بيداري ست | بہ بيداريش اصل هشياري ست
٢- نه در نوم نيت بباشد روا | نه تكبير تحريم اي خوش نوا

١٨٩- ان حال ۾ انجي نماز بنا اختلاف جي ڀڄي پوندي. عالمن اتفاق ڪري اهو حڪم ٻڌايو آهي.
١٩٠- ان جو مثال اهو آهي، جو امام جي پٺيان قيام ۾ هو.
١٩١- ۽ اهو سموري رهيل رڪعت قضا ڪري، امام کي رڪوع ۾ پهتو.
١٩٢- جڏهن مسبوق امام جي اقتدا ڪئي هئي، ان وقت امام جو تابع نہ هو ۽ جدا هو.
١٩٣- جيئن سندس امام سجدي ۾ هو ۽ ان محل فوراً سندس اقتدا ڪيائين.
١٩٤- ۽ ان مسبوق اول ڀهرئين رهيل رڪعت پڙهي پوءِ امام جي اقتدا ڪئي.
١٩٥- ان نماز جي فاسد ٿيڻ ۾ گهڻو اختلاف آهي، باقي ڪراهت ۾ تہ ڪو اختلاف ڪونهي.
١٩٦- جيڪڏهن نفل اڪي ٽي يا پنج رڪعتون پڙهيائين.
١٩٧- جڏهن اُن اِڪي نفل جو آخري قعدو پورو ڪيائين ۽ ان تي ٻيو شفعو بنا ڪري ٿو.
١٩٨- اُن (ٻئي شفعي جي) بنا جي جواز ۾ اختلاف آهي، شرح مُنيه ڏس ۽ منهن نہ موڙ.
١٩٩- ڏهون مسئلو: جيڪڏهن رڪن جدا رڪعت جيترو قدر آهي.
٢٠٠- نماز ۾ زياده ٿيو تہ اها نماز هرگز جائز نہ ٿيندي.
٢٠١- آخري قعدي کان سواءِ ٽي رڪن فعلي آهن، جن جو مقدار رڪعت آهن.
٢٠٢- جيئن قيام، رڪوع ۽ سجدا اگرچہ جدا جدا ڪري.
٢٠٣- جيڪڏهن هڪ رڪن کي ٻہ ڀيرا ادا ڪيائين تہ زياده ٿيو، ٻن ڀيرن کي زياده سمجهہ.
٢٠٤- جڏهن ٻيو رڪن بہ زياده ٿيو تہ سندس نماز ظاهر ظهور تباهہ ٿي.
٢٠٥- مفتاح ۾ ائين چيو اٿس، ۽ مثال ذڪر نہ ڪيو اٿس، مثال ٻين ڪتابن ۾ ڏسو.
٢٠٦- هڪ رڪعت ۾ ڪو رڪن ٻہ ڀيرا ادا ڪيائن ۽ ٻي رڪعت ۾ بہ تڪرار ڪيائين.
٢٠٧- ٽين رڪعت ۾ بہ رڪن زياده ٿيو تہ نماز جي تباهي ٿي.
٢٠٨- هنن ڏهن مسئلن جو ترتيب سان پورو پورو تعلق آهي.

بيداري ۽ هوشياري جو بيان جيڪا نماز جي جواز لاءِ شرط آهي

١- ٽيون فرض نماز جي جواز لاءِ بيداري ۽ هوشياري آهي.
٢- ننڊ ۾ نماز جي نيت ۽ تڪبير تحريمہ جائز نہ آهي.

٣- نـه جـائـز قـرائـت بـقـولِ قـوي — نـه قـعـده اخـيـره روا اي صفي
٤- عـبـارات نـائـم هـمـه بـاطـلـه — ميـان اصـول ست ايـن مـسـئـلـه
٥- اگـر در رکـوعـش و يـا در سـجـود — چـو آغـاز مـي کـرد بـيـدار بـود
٦- چـو بـرداشـت سـر را بـبـيـداريـش — بـاَول و آخـر چـو هـشـيـاريـش
٧- رکـوع و سـجـودش بـبـاشـد روا — بـبـين درمـخـتـار اي خـوش نـوا
٨- بـمـفـتـاح ايـن حـکـم در رکـنـهـاء — بتعميم گـفـتـه نـکـرد اکـتـفـاء
٩- درين حکم فعلي و قولي يکي ست — بمفتاح جملـه چنين بي شکي ست
١٠- بقولي بيقظه چـو کـرده شـروع — بـآخـر ز خـوابـش نـکـرده رجـوع
١١- روا گـشـت آن رکـن اي نـيـکـره — چـو آغـاز رکنش بـيـقـظـه شـده
١٢- بمفتاح ايـن قـول مـذکـور نيست — نه در ُدرمختار قول اين سني ست
١٣- بـقـدر تـشـهـد چـو بـاشـد قـعـود — نـه شرطش(١) مـوالات آمـد بسـود
١٤- اگـر چـنـد کـرات بـيـدار بـود — دگـر چـنـد کـرات خـوابـش ربـود
١٥- چـو مـجـمـوع کـرات بـيـداريـش — بـقـدر تـشـهـد بـهـشـيـاريـش
١٦- نـماز ست جـائـز بـبـين در کـتـب — ازيـن قـول خـالـي ست اکـثـر کـتـب
١٧- چـو مجمـوع رکعت بکرده بخـواب — نـمـازش نـمـانـده شـکـسـتـه شـتـاب
١٨- چـو رکعت زياده شـده در نـماز — کـه مـوجـب فـسـادش ببوده نـه ساز
١٩- چـو مـقـدار رکـعـت بـخـوابـش شـده — که آن خود سـه رکـن ست فعلي همـه
٢٠- فساد ست زان هـم بنـا بـر قـيـاس — چـه مقدار رکعت چو رکعت شناس
٢١- چـو رکنِ يکي يا دو رکن از نماز — بخـوابـش بـکـرده شـنـو بـا نـيـاز
٢٢- اعـاده همـان رکـن فرض ست تمام — چـو بيدار گشته شنـو ايـن کلام

باب واجبات نـماز بـه اِجمال که آن بسيار ست

١- هـمـه سـي ست واجب مـيـان نـمـاز — بـگـويـم هـمـه سـي مـع الامـتـيـاز
٢- هـمـه آنـچـه در درمـخـتـار گـفـت — بـاجـمـال از چـهـل بـسـيـار گـفـت

(١) در نسخه "جهه" و "چ د" بشرطي بجايِ نه شرطش نوشته است.

٣- قوي قول موجب قرائت ۽ آخري قعدو به جائز نه آهن.
٤- ننڊ واري جون عبارتون (الفاظ ۽ جملا) باطل آهن هي مسئلو اصول(فقه) ۾ آهي.
٥- رڪوع يا سجدي ۾ ننڊ آئي، پر شروعات ۾ سجاڳ هو.
٦- جڏهن ته سجاڳيءَ ۾ مٿو مٿي ڪنيائين ۽ اول ۽ آخر ۾ به هوشياري هيس.
٧- سندس رڪوع ۽ سجدا جائز آهن"در مختار"ڏسو.
٨- مفتاح ۾ اهو حڪم سيني رڪن لاءِ چيو اٿس.
٩- هن ۾ رڪن فعلي ۽ قولي جو حڪم هڪڙو ئي آهي مفتاح ۾ ائين لکيل آهي.
١٠- هڪ قول مطابق جڏهن سجاڳيءَ ۾ ڪو رڪن شروع ڪيائين ۽ پڇاڙيءَ تائين ننڊ ۾ هو.
١١- اهو رڪن جائز ٿيو جڏهن ان رڪن جي شروعات سجاڳي ۾ ڪيائين.
١٢- مفتاح ۾ هي قول ذڪر ڪيل نه آهي نه ڪو در مختار ۾ آيل آهي.
١٣- تشهد جيترو انداز قعود ڪيائين ۽ ان ۾ موالات شرط نه آهي. (١)
١٤- جيڪڏهن ڪجهه ساعتون سجاڳ هو ۽ ڪجهه ساعتون ننڊ ۾ هو.
١٥- جيڪڏهن سجاڳيءَ واريون سموريون ساعتون تشهد جيترو قدر سجاڳيءَ ۾ آهن.
١٦- نماز جائز آهي ڪتاب ڏسو اڪثر ڪتاب هن قول کان خالي آهن.
١٧- جيڪڏهن سموري رڪعت ننڊ ۾ ادا ڪيائن ته نماز، نماز نه رهي ۽ پيچي پئي.
١٨- جيڪڏهن نماز ۾ رڪعت زياده ٿي وئي، جيڪا نماز جي فساد جو موجب آهي.
١٩- جيڪڏهن رڪعت جيترو قدر ننڊ ۾ رهيو، جو اها رڪعت خود ٿي رڪن فعلي آهي.
٢٠- قياس موجب ان سان نماز فاسد ٿئبي ڇو ته رڪعت جو مقدار رڪعت ٿئبي.
٢١- جڏهن هڪ يا ٻه رُڪن نماز جا ننڊ ۾ ادا ڪيائين.
٢٢- اهو ننڊ ۾ ادا ڪيل رڪن سجاڳيءَ ۾ ورائي ادا ڪرڻ فرض آهي.

نماز جي واجبن جو اجمالاً بيان جيڪي گهٽا آهن

١- نماز ۾ ڪل واجب ٽيهه (٣٠) آهن اهي سمورا ٽيهه ڇنيءَ طرح بيان ڪيان ٿو.
٢- جيڪي درمختار ۾ اجمالاً چيا اٿس سي ٻه چاليهن کان زياده آهن.

(١) نسخي"جهه"۽ "چ"ڏ ۾ نه شرطش بدران بشرطي لکيل آهي.

۳- بتفصيل بسيار از صد هزار — بگفته بتصريح با اختيار
۴- بمقدار اين واجبات نماز — نديديم بجائي مع الامتياز
۵- ازانْ ده عدد عام واجب شده — نخستين بيانش عيان آمده
٦- بود در قراءت ازان هشت چيز — كه واجب شده هر يكي با تميز
٧- دو واجب بود نيز بر مقتدي — دگر هفت واجب بباشد جلي
٨- نه موجود اين هفت در هر نماز — ازين هفت خالي ست اكثر نماز
٩- ازين هفت داخل نماز ست شش — چه تكبير تشريق بيگانه وش
١٠- و ليكن سه ديگر زياده شده — شده سي درين باب سي آمده

ذكر واجبات ده گانه عامه

١- ازان ده عدد عام واجب نكو — يكي لفظ الله اكبر بگو
٢- چه تعيين اين لفظ واجب شده — ز الفاظ تحريم غالب شده
٣- چه تكبير خاص ست تحريم عام — چنانچه گذشته همه اين كلام
۴- دگر هم تو تعديل اركان بدان — كه تسكين اعضا مراد ست زان
۵- بمقدار تسبيح گيرد قرار — چه اين قدر واجب بود در شمار
٦- ميانِ قيام و ركوع و سجود — چه تعديل اين هر سه واجب بسود(١)
٧- نه تعديل ثابت شده در قيام — ميان كتب ما شنو اين كلام
٨- درازي قيام ست عارض گهي — چنانچه گذشته برين آگهي
٩- بقدر سه تسبيح تعديل هم — بود صاف سنت شنو با همم
١٠- چه تكميل فرض ست واجب تمام — بتعديل تكميل حاصل مدام
١١- نه تكميل واجب مگر سنت ست — چه واجب بسنت نه در سنت ست
١٢- بود اصل تعديل واجب تمام — بمقدار تسبيح اي نيک نام
١٣- بقدر سه تسبيح سنت شده — چه تكميل واجب چنين آمده

(١) در نسخه "جهہ" ببود بجايْ بسود نوشته است.

٣- تفصيل سان هڪ لک کان به وڌيڪ آهن صراحةً لکيو اٿس.

٤- نماز جي جي واجبن جو ايترو انداز ڪتي به نه ڏٺو اٿم.

٥- انهن مان ڏهه عام واجب آهن پهريائين انهن جو بيان آڻجي ٿو.

٦- انهن مان اٺ شيون قرائت ۾ واجب آهن.

٧- ۽ شيون مقتديءَ تي به واجب آهن ۽ ست واجب ٻيا آهن.

٨- اهي ست هر ڪنهن نماز ۾ نه آهن انهن ستن کان اڪثر نماز خالي هوندي آهي.

٩- انهن ستن مان ڇهه نماز ۾ داخل آهن ۽ تڪبير تشريق بيگانه (خارج) وانگر آهي.

١٠- ۾ ٻي ٻيا به وڌيڪ آهن جيڪي جملي ڇهه ٿيا.

ڏهن عام واجبن جو ذڪر

١- انهن ڏهن عام واجب مان هڪ لفظ الله اڪبر چوڻ آهي.

٢- ڇو ته تحريمه جي لفظن مان غالباً هن لفظ جي تعيين واجب ٿي.

٣- ڇو ته تڪبير خاص آهي ۽ تحريمه عام آهي جيئن اڳ ۾ گذريو.

٤- ٻيو رڪنن جي تعديل ڄاڻ، ان مان مراد عضون کي قرار وٺائڻ آهي.

٥- تسبيح جيترو قدر قرار وٺي ڇو ته ايترو قدر واجب آهي.

٦- قيام، رڪوع ۽ سجدا انهن ٽنهي ۾ تعديل واجب آهي.(١)

٧- اسان جي ڪتابن ۾ قيام ۾ تعديل ثابت نه آهي.

٨- قيام جي طوالت عارض آهي جيئن مٿي گذريو.

٩- ڇڳيءَ طرح ٻڌو ته ٽن تسبيحن جو قدر تعديل (آرام وٺڻ) سنت آهي.

١٠- فرض جي تڪميل واجب آهي. تڪميل، تعديل سان حاصل ٿيندي آهي.

١١- واجب جي تڪميل سنت آهي ڇو ته واجب حديث سان ثابت آهي.

١٢- اصل تعديل هڪ تسبيح جيترو قدر واجب آهي.

١٣- ٽن تسبيحن جو قدر سنت آهي ڇو ته واجب جي تڪميل اهڙي طرح آئي آهي.

(١) نسخي "جهه" ۾ 'بسود' جي بدران 'ببود' لکيل آهي.

۱۴- اگـر درمختـار خوانـي تـمـام　　يكـي ضابطـه را بـدانـي تـمـام
۱۵- همان ضابطه را شنو با ادب　　گهي واجب و سنت و مستحب
۱٦- بسر خود بود هر يكي مستقل　　بود هر يكي بي شكي مستقل
۱۷- گهي مر دگر چيز تكميل ساز　　بـود هـر يكي در ميان نماز
۱۸- مكمل بـود مـر دگر چيـز را　　نـه آن چيـز كامل بگردد جدا
۱۹- مكمل فريضه نه جز واجب ست　　چنانچه قرائت بروز و شب ست
۲۰- يكي ضم سورت دگر فاتحـه　　همين هـر دو واجب مكمل شده
۲۱- نـه تعديل اندر ركوع و سجود　　مگر واجب ست نيست سنت بسود
۲۲- نـه سنت مكمل بـود فـرض را　　مكـر در وضو مي بـود اي كيـا
۲۳- چه تثليث سنت مكمل شده　　برائي فريضه شنـو ايـن همـه
۲۴- نـه واجب بجز سنتِ كامل ست　　كمالش بسنت همه حاصل ست
۲۵- اگـر از سـه آيت زياده بسي　　كنند ضم با فاتحه چون كسي
۲٦- شود ضم كامل كه واجب مدام　　بهمراه سنت همين اي همام
۲۷- رعـايـت طـوال مفصـل تمـام　　مكمل همين سنت ست لا كلام
۲۸- چه تكميل سنت بجز مستحب　　نـه حاصل بگردد درين كار رب
۲۹- چو قومه چو جلسه بسر خود شده　　درين هـر دو سُنت دهد فائده
۳۰- چو اين هر دو واجب كني اعتبار　　مكمل درين هر دو سنت شمار
۳۱- مكمل درين هـر دو تعديل دان　　بمقدار تسبيح يک جاودان
۳۲- بمفتـاح گفتـه بجاىٔ اخيـر　　مطابق بـايـن ضابطه ياد گير
۳۳- بجاىٔ دگـر گـفـت تعديـل ايـن　　بـود نيز واجب چو اصلش متين
۳۴- نـه واجب مكمل دگر واجبي ست　　بـريـن ضابطـه دار بـاور بايست
۳۵- نـه واجب مكمل مگر فرض را ست　　چنانچه شنيدي همه قول راست
۳٦- نـه تكميل واجب بـود واجبي　　بـود بلكه سنت مشو حاجبي
۳۷- نـه تكميل سنت مگر مستحب　　ببين در كتب تا تو داني سبب

١٤- جيڪڏهن "درمختار" پڙهندين ته، توکي هڪ قاعدو معلوم ٿيندو.
١٥- اهو قاعدو ادب سان ٻڌو ته، ڪڏهن واجب، سنت ۽ مستحب.
١٦- هرهڪ پنهنجي مٿي مستقل ۽ جدا هوندو آهي.
١٧- ڪڏهن هڪ شيءِ ٻي شيءِ جي نماز ۾ تڪميل ڪندي آهي.
١٨- هڪ شيءِ ٻيءِ کي مُڪمل ڪندي آهي ۽ اها شيءِ جدا ڪامل نه ٿيندي آهي.
١٩- فرض جو مڪمل واجب آهي، جيئن قرائت جيڪا رات ۽ ڏينهن ۾ آهي.
٢٠- فاتحه ۽ سورت جو ملائڻ، اهي ٻئي مڪمل آهن، جيڪي واجب آهن.
٢١- رڪوع ۽ سجدن ۾ تعديل واجب آهي، سنت نه آهي.
٢٢- سنت فرض لاءِ مڪمل نه آهي، مگر وضو ۾ مڪمل آهي.
٢٣- چو ته ٽي ڀيرا ڌوئڻ واري سنت فرض کي مڪمل ڪندڙ آهي.
٢٤- واجب سنت کان سواءِ ڪامل نه آهي، ان جو ڪمال سنت سان حاصل ٿيندڙ آهي.
٢٥- جيڪڏهن ڪو ماڻهو ٽن آيتن کان وڌيڪ فاتحه سان ملائي ٿو.
٢٦- اهو ملائڻ ڪامل ٿيندو، چو ته واجب هميشه سنت سان ڪامل ٿيندوآهي.
٢٧- ملائڻ ۾ طوال مفصل جي رعايت، سنت کي مڪمل ڪندڙ آهي.
٢٨- چو ته سنت جي تڪميل، مستحب کان سواءِ حاصل نه ٿيندي.
٢٩- جڏهن قومه ۽ جلسه پنهنجي مٿي مستقل ٿيا ته انهن ٻنهي ۾ سنت فائدو ڏيندي.
٣٠- جيڪڏهن انهن کي واجب چوين ته، انهن ۾ مڪمل سنت کي سمجهه.
٣١- انهن ٻنهي ۾ مڪمل تعديل کي چاڻ ۽ تعديل هڪ تسبيح جو قدر هجي.
٣٢- مفتاح ۾ پوئين جاءِ تي، هن قاعدي جي مطابق چيو اٿس.
٣٣- ٻئي هنڌ چيو اٿس ته، هي تعديل به اصل وانگر واجب آهي.
٣٤- هڪ واجب ٻئي واجب جو مڪمل نه آهي، انهيءَ قانون تي اعتماد ڪر.
٣٥- واجب فرض جو مڪمل آهي، جيئن تو صحيح قول ٻڌو.
٣٦- واجب جي تڪميل واجب نه آهي، بلڪه سنت آهي.
٣٧- سنت جي تڪميل مستحب آهي ڪتاب ڏسُ ته توکي سبب معلوم ٿئي.

٣٨- بدان آنچه در قول جرجاني ست		كه تعديل سنت بنزد(١) وي ست
٣٩- بشايد كه قدر سه تسبيح تام		مرادش بباشد شنو اين كلام
٤٠- ز كرخي ست تعديل واجب بمفت		بشايد كه مقدار تسبيح گفت
٤١- يكي قومه و دوم جلسه ببين		بقول اصح ست دو واجب همين
٤٢- همين ست مختار متاخرين		ببايد كه داري تو باور برين
٤٣- برين ست باور كه قول ست متين		مؤيد باخبار باشد دو اين
٤٤- نه ترکِ يكي زين دو ثابت شده		گهي از رسولِ خدا در دمه
٤٥- بسي زجر مي كرد بر تاركش		ازين هر دو واجب گهي سر مَكش
٤٦- خلافش شده گرچه مشهور تر		كه اين هر دو سنت نه واجب نگر
٤٧- ولي قدر تسبيح كردن قرار		درين هر دو واجب تو سنت شمار
٤٨- بقدر سه تسبيح دان مستحب		مطابق گذشته شنو با ادب
٤٩- بنزد ابي يوسف و شافعي ست		كه تعديل در چار جا واقعي ست
٥٠- ميان ركوع و ميان سجود		درين هر دو تعديل فرض ست بجود
٥١- يكي قومهء و دوم جلسه(٢) گزين		درين هر دو تعديل هم فرض بين(٣)
٥٢- همين چار ركن ست ولي با قرار		چه تعديل فرض ست در هر چهار
٥٣- بيک وجه تعديل ركن ست صاف		بوجهِ دگر شرط شد بي خلاف
٥٤- بنزديک اين هر دو اين مذهب ست		بمذهب نخستين عمل واجب ست
٥٥- بود وضع هر دو قدم اي ودود		ميانِ قيام و ركوع و سجود
٥٦- همين وضع واجب بلا اختلاف		چنين ست از اهل تحقيق صاف
٥٧- ولي وضع يک پا بود فرض خوب		نهادن دگر پا بدارد وجوب
٥٨- بتفصيل اين ست باجمال آن		چه وضع دو پايش تو واجب بدان
٥٩- بايضاح فرض ست وضع دو پا		نه هرگز همين قول دارد صفا

(١) در نسخه "چ د" بنزديک نوشته است.
(٢) عجب ست از بعضي كه قومه و جلسه سنت شمرده و تعديل اين سنت واجب گفتند و تكميل سنت چگونه واجب بود؟ و مطابق ضابطه گذشته مستحب ست كما لايخفي. (حاشيه مصنف) (٣) در نسخه "چ د" ببين نوشته است.

٣٨- جُرجاني جي قول موجب تعديل سنت آهي.(١)

٣٩- ٽي سگهي ٿو تہ ان جو مقصد، ٽن تسبيحن جيترو قدر هجي.

٤٠- ڪرخي جي قول موجب تعديل واجب آهي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ان هڪ تسبيح جو قدر چيو هجي.

٤١- هڪ قومہ ٻيو جلسہ اصح قول موجب ٻئي واجب آهن.

٤٢- متاخرين جو اهو ئي قول آهي، توڪي انهيءَ تي اعتبار ڪرڻ گهرجي.

٤٣- هن قول تي ڀروسو آهي، جيڪو مضبوط قول آهي ۽ حديثن ۾ بہ انهن جي تائيد آهي.

٤٤- انهن ٻنهي مان ڪنهن بہ هڪ جو ڇڏڻ حضور جن کان ڪڏهن بہ ثابت نہ آهي.

٤٥- انهن جي تارڪ کي تمام گهڻي تنبيهہ فرمايائون ٿي تہ هنن ٻنهي واجبن کان منهن نہ موڙ.

٤٦- ان جي خلاف اگرچہ مشهور آهي تہ هي ٻئي سنتون آهن ۽ انهن کي واجب نہ سمجهہ.

٤٧- پر انهن ٻنهي واجبن ۾ تسبيح جيترو قدر قرار وٺڻ سنت چاڻ.

٤٨- ٽن تسبيحن جو قدر مستحب چاڻ، جيئن اڳ ۾ گذريو.

٤٩- امام ابو يوسف ۽ امام شافعي وٽ چئن جاين ۾ تعديل واقع (ثابت ٿيندڙ) آهي.

٥٠- رڪوع ۽ سجدا، انهن ٻنهي ۾ تعديل فرض آهي.

٥١- هڪ قومہ ٻيو جلسہ(٢) انهن ٻنهي ۾ بہ تعديل فرض آهي.(٣)

٥٢- اهي چار رڪن قرار سان ادا ڪرڻا آهن، ڇو تہ تعديل انهن چئن۾ فرض آهي.

٥٣- هڪ وجہ سان تعديل رڪن آهي، ٻئي وجهہ سان شرط آهي.

٥٤- انهن ٻنهي امامن جو هي مذهب آهي، پهرئين مذهب تي عمل ڪرڻ واجب آهي.

٥٥- قيام، رڪوع ۽ سجدن ۾ ٻئي پير زمين تي رکڻا آهن.

٥٦- محققن صاف چيو آهي تہ ٻنهي پيرن جو زمين تي رکڻ بنا اختلاف جي واجب آهي.

٥٧- پر هڪ پير رکڻ فرض آهي ۽ ٻيو پير رکڻ واجب آهي.

٥٨- اجمال جو تفصيل هيءُ آهي تہ ٻئي پيرَ رکڻ واجب آهن.

٥٩- ڪتاب ايضاح ۾ آهي تہ ٻئي پير رکڻ فرض آهن، پر هي قول صحيح نہ آهي.

(١) نسخي "چ،د" ۾ بنزديڪ' لکيل آهي.
(٢) عجب آهي انهن بعضي ماڻهن تي جيڪي قومہ ۽ جلسہ کي سنت ۾ شمار ڪن ٿا ۽ وري هن سنت جي تعديل کي واجب چون ٿا. حالانڪ سنت جي تڪميل واجب ڪيئن ٿيندي ؟ ۽ ذڪر ڪيل قانون موجب تہ مستحب آهي جيڪا ڳالهہ مخفي نہ آهي.(حاشيه مصنف) (٣) نسخي "چ،د" ۾ 'ببين' لکيل آهي.

٦٠- بمفتاح بر هفت اندام او سجود ست واجب شنو تو نکو
٦١- ششم دان قعود میانه ازین بود گرچه در نفل قعده همین
٦٢- اگر چند شفعات با یک سلام گزاري ز نفلات اي نیک نام
٦٣- همه قعدها جز قعود پسین بنزدیک شیخین واجب ببین
٦٤- بنزد محمد و نزد زفر همه قعدها این فرائض نگر
٦٥- بهر جا که مسبوق گردد کسي نمازش بود از دو رکعت بسي
٦٦- یکي را رسیده ز رکعات او و یا فوت رکعت یکي گشت زو
٦٧- سه قعده کند هر سه باشد برو دو واجب یکي فرض اي نیکرو
٦٨- قعودي که فرض ست آن بر امام بآخر نمازش بپیش از سلام
٦٩- نه مسبوق را فرض باشد همان بمفتاح از بحر گفته چنان
٧٠- مگر چون مسافر بود خود امام بود مقتدي او مقیم از عوام
٧١- شده فرض بر مقتدي هر دو نیز میان رباعي شنو با تمیز
٧٢- سه رکعت رسیده اگر با امام ولي از نمازش رُباعي تمام
٧٣- برو با امامش دو قعده شده همان هر دو واجب اي(١) نیکره
٧٤- دو رکعت ز مغرب رسیده اگر شده با امامش دو قعده مگر
٧٥- همان هر دو قعده تو واجب نگر بآخر برو فرض باشد دگر
٧٦- چو مسبوق پیوسته شد با امام بادراک رکعت اخیره تمام
٧٧- رباعي بود یا ثلاثي نماز نباشد ثنائي شنو با نیاز
٧٨- دو قعده که واجب بباشد برو یکي با امامش بکرده همو
٧٩- دگر پس ز رکعت یکي او کند ز رکعات باقي شنو این سند(٢)
٨٠- وگر پس دو رکعت کند او قعود درینجا نه قعده دهد هیچ سود
٨١- دو گونه کراهت بباشد عیان میان رباعي شنو این بیان
٨٢- یکي ترک واجب ز جایش شده بِـ بَي جا شدن آن دگر آمده
٨٣- بمغرب بباشد کراهت یکي که آن ترک واجب بود بي شکي

(١) در نسخه "جهہ" بدان بجايِ اي نوشته است. (٢) در نسخهِ "جهہ" این شعر موجود نیست.

٦٠- مفتاح ۾ آهي تہ ستن عضون تي سجدي جو مشتمل هجڻ واجب آهي.
۳۱- ولي جبر نقصان که واجب شده بود خاص در وقت دان تو همه
۳۲- ولي بعد وقتش بود مستحب نه واجب بباشد شنو با ادب
۳۳- ببین درمختار اي دل نواز بگفته میان فوائت نماز
۳۴- دگر جا بگفته شنو با صفا اگر جبر نقصان نکرده ادا
۳۵- شده زود فاسق شنو با یقین برین دار باور که قول ست متین
۳۶- دو موضع نه سهو ست بدان اي سعید یکي هست جمعه دگر هر دو عید(۲)
۳۷- درین دو نماز ست بسي اژدحام چو اکثر بباشند مردم عوام
۳۸- اگر بر امام ست کردن سجود که از سهو یا از تلاوت ببود
۳۹- سجودش نیارد درین دو نماز نه این دو سجودش ورا کام ساز
۴۰- سجودي زیاده درین جمعگاه همه را بود موجب اشتباه
۴۱- مگر چون جماعت بباشد قلیل سجودش بیارد بنا بر دلیل
۴۲- اگر نفل بر فرض عمداً بنا بکرده بگشته همو بي حیا
۴۳- سلامي که واجب ببوده برو نکرده چو عمدا همو زشت رو
۴۴- کند جبر نقصان که واجب برو ست دگر نیز توبه که واجب نکو ست
۴۵- وگر او بنسیان همین کار کرد دو سجده که از سهو هشیار کرد
۴۶- بقولي سجود ست او را مفید چو نقصان کند دور اي مستفید
۴۷- مفید ست او را ز ترکِ سلام ز ترک دگر واجباتش تمام
۴۸- چنین ست اندر متون و شروح همین قول واضح(۳) بدارد وضوح
۴۹- و لیکن بعالمگیزي صریح ز قنیه صریح ست اي مستریح
۵۰- بود سهو ساقط درینجا تمام سجودش بود لغو اي نیک نام

(۱) در نسخه "چ د" بسي بجایٔ قوي نوشته است.
(۲) السهو في الجمعة والعیدین والمکتوبة والتطوع واحد الا ان مشائخنا قالوا لایسجد للسهو في العیدین والجمعة لئلا یقع الناس في فتنة کذا في المضمرات.(محیط) (۳) در نسخه "چ د" واقع بجایٔ واضح نوشته است.

٢٩- آءُ نٿو ڄاڻان تہ ڪو اهي سجدا، هنن ٻنهي صورتن ۾ ڪيس فائدو ڏيندا.

٣٠- هن جاءِ ۾ عالمن گهڻو فڪر ڪيو آهي، ڪتاب ڏس تہ واقف ٿين.(١)

٣١- پر جبر نقصان جيڪو واجب آهي، اهو ان خاص وقت ۾ ادا ڪبو.

٣٢- پر وقت کان پوءِ، مستحب آهي ۽ واجب نہ آهي.

٣٣- در مختار ڏس، جنهن نماز جي باب قضاء الفوائت ۾ ائين چيو آهي.

٣٤- ٻي جاءِ تي در مختار واري چيو آهي تہ، جيڪڏهن جبر نقصان ادا نہ ڪيائين.

٣٥- يڪدم فاسق ٿي پيو، ان تي ڀروسو ڪر، اهو قوي قول آهي.

٣٦- ٻن جاين (نمازن) ۾ سهو ڏيڻي نہ آهي، هڪ جمعي جي، نماز ٻيو ٻہ عيدون.(٢)

٣٧- انهن ٻنهي نمازن ۾ ماڻهن جو گهڻو انبوهہ ٿئي ٿو، ڇو تہ عوام گهڻو گڏ ٿئي ٿو.

٣٨- جيڪڏهن امام تي سجده سهو يا سجده تلاوت لازم ٿيو.

٣٩- هنن ٻن نمازن ۾ اهي سجدا نہ ڏئي، اهي سجدا سندس مراد پوري نہ ڪندا.

٤٠- وڏيڪ سجدا ايڏي مجمع ۾، جماعت لاءِ مونجهاري جو باعث بڻبا.

٤١- پر جي جماعت ٿوري هجي تہ سهو جا سجدا ادا ڪري.

٤٢- جيڪڏهن نفل تي فرض ڪي عمداً بنا ڪري ٿو تہ، اهو بي حيا ٿيو.

٤٣- سلام جيڪو واجب هيس، اهو ان بڇڙي شخص عمداً نہ ڪيو.

٤٤- جبر نقصان پڙهي، جو واجب اٿس، پيو توبهہ تائب ٿئي.

٤٥- جيڪڏهن ائين ويسر ۾ ڪيو اٿس تہ، سهو جا سجدا ڏئي.

٤٦- هڪ قول موجب سجدا ان لاءِ فائديمند آهن، جو نقصان دور ڪن ٿا.

٤٧- ترڪ سلام ۽ ٻين واجبن جي ترڪ جي صورت ۾، ان لاءِ فائديمند آهن.

٤٨- متون ۽ شرحن ۾ ائين آهي، هي قول واضح آهي ۽ هن ۾ گهٽي وضاحت آهي.(٣)

٤٩- پر عالمگيريءَ ۾ قنيه، کان نقل ڪري، صريح لکيو ويو آهي تہ.

٥٠- هت سهو ساقط آهي ۽ ان جا سجدا لغو آهن.

(١) نسخي "چ،د" ۾ 'قوي' جي بدران 'بسي' لکيل آهي. (٢) ترجمه: جمعي، ٻن عيدن، فرضي ۽ نفلي نماز ۾ سهوَ جو نمونو ساڳيو آهي. پر مشائخن چيو آهي تہ ٻن عيدن ۽ جمعي ۾ سهوَ جو سجدو نہ ڏئي، متان ماڻهو ڀلجي پون. ڪتاب مضمرات ۾ ائين لکيل آهي. (محيط) (٣) نسخي "چ،د" ۾ 'واضح' جي بدران 'واقع' لکيل آهي.

٥١- ببين درمختار يابي مرام چنانچه گذشته همه اين كلام
٥٢- چو در نفل سهو ست واقع دگر سواء بِنايش شنو اين خبر
٥٣- مفيد ست در نفل او را سجود چنانچه مفيد ست در فرض زود
٥٤- چو از هفت واجب يكي را نكرد ولي ترک سهوا بكرده چو مرد
٥٥- برو نيست واجب بكردن سجود شده سهو ساقط ازو بهر جود
٥٦- دو واجب كه خاص ست بر مقتدي دو واجب كه در عيد باشد جلي
٥٧- سجودي كه از سهو پنجم شمار ششم از تلاوت سجود ست بكار
٥٨- تو تعديل اركان كني در نظر همه هفت واجب همين تو نگر
٥٩- همين قول در "شرح كيداني" ست متانه برين شاهد ثاني ست
٦٠- نه اين قول هرگز بدارد(١) صفا ببين در گذشته رود تا خِفا(٢)
٦١- اگر ترک سهواً معافش بُدي نه هرگز برو جبر واجب شدي
٦٢- سجودي كه از سهو گفته شده بيانش گذشته همه همچو مه
٦٣- چو تعديل اركان فراموش كرد سجود ست واجب برو نيست سرد
٦٤- نه قولي گذشته بباشد قوي ببين در هدايه تو واقف شوي
٦٥- چو سجده تلاوت بكرده قضا سجود ست واجب برو اي كيا
٦٦- بقدر سه آيت چو تاخير كرد زِ جاءِ بخواندن چو او دير كرد
٦٧- ولي كرد تاخير سهوا همو بقدر سه آيت مكن گفتگو
٦٨- دو چيز ست واجب برو آن زمان يكي خود قضا كردنش بي گمان
٦٩- سجودِ تلاوت بپيش از سلام چو يادش بيامد بسازد تمام
٧٠- اگر بعد قعده سجودش نمود اعاده قعودش كند پس سجود
٧١- چه موجب اعاده قعود اخير سجودِ تلاوت بود بي نظير
٧٢- سجودي كه از سهو واجب برو ست برين ست فتوىٰ دليلش نكو ست
٧٣- بقولي نه موجب اعاده قعود سجودِ تلاوت بود اي ودود
٧٤- نه اين قول هرگز بباشد قوي نخستين اصح ست اي مستوي

(١) در نسخه "جهـ" بباشد بجاءِ بدارد نوشته است. (٢) در نسخه "جهـ" و "چ د" جفا بجاءِ خفا نوشته است

٥١- "دُرمختار" ڏس ته مراد حاصل ٿئي، جيئن ته هيءَ سموري گفتگو مٿي گذري چڪي آهي.
٥٢- نفل ۾ بنا ڪرڻ واري سجده سهو ڪان سواءِ ٻي ڪا سهو هجي.
٥٣- ان لاءِ نفل ۾ سجدا ڏيڻ مفيد آهن، جيئن فرض ۾ مفيد هوندا آهن.
٥٤- جيڪڏهن ستن واجب مان ڪو واجب ويسر ۾ ترڪ ڪيائين ته.
٥٥- ان تي سجدا واجب نه آهن، سهو ساقط ٿي ويندي.
٥٦- ٻه واجب جيڪي خاص مقتدي تي آهن، ٻيا ٻه واجب جيڪي عيدن ۾ آهن.
٥٧- پنجون سجده سهو ڪڻ، ڇهون تلاوت جو سجدو آهي.
٥٨- تون تعديل الارڪان نظر ۾ ڪر، اهي ست واجب ڏس.
٥٩- اهو قول "شرح ڪيداني" ۾ آهي، "متانه" ان تي ٻيو شاهد آهي.
٦٠- هي قول صاف نه آهي[1]، گذريل بيان ڏس ته خفاءُ لهي وڃي.(٢)
٦١- جيڪڏهن ويسر ۾ ترڪ ڪيل واجب مُعاف هجي ها ته ان تي جبر نقصان واجب نه ٿئي ها.
٦٢- سجدا سهو جا جيڪي ڇيا ويا آهن، ان جو بيان چنڊ وانگر چٽو گذري چڪو آهي.
٦٣- تعديل الارڪان وساريائين ته مٿس سهو جا سجدا واجب آهن.
٦٤- گذريل قول قوي نه آهي، هدايه ڏس ته واقف ٿئين.
٦٥- تلاوت جو سجدو قضا ٿيو ته، ان تي سجدو واجب آهي.
٦٦- ٽن آيتن جيترو قدر پڙهڻ واري جاءِ ڪان دير ڪيائين.
٦٧- پر ٽن آيتن جو قدر دير ويسر ۾ ڪيائين.
٦٨- ان وقت ٻه شيون مٿس واجب آهن، جن مان هڪ ان کي قضا ڪرڻ آهي.
٦٩- تلاوت جو سجدو جيڪڏهن سلام ڪان اڳ ياد اچي ته به ادا ڪري.
٧٠- جيڪڏهن آخري قعدي کانپوءِ تلاوت جو سجدو ڪيائين ته آخري قعدو ورائي ڪري.
٧١- ڇو ته آخري قعدو ورائي ڪرڻ جو سبب تلاوت جو سجدو آهي.
٧٢- سهو جا سجدا ان تي واجب آهن، ان تي فتوىٰ آهي ۽ اهو سنو دليل آهي.
٧٣- هڪ قول موجب، آخري قعدي ورائي ڪرڻ جو سبب، تلاوت جو سجدو نه آهي.
٧٤- هي قول هرگز قوي نه آهي، پهريون قول اصح آهي.

(١) نسخي "جهه" ۾ 'بدارد' جي بدران 'بباشد' آهي. (٢) نسخي "جهه" ۽ "چ،د" ۾ 'خفا' جي بدران 'جفا' لکيل آهي.

۷۵- بقولي قضا نيست واجب برو چو بسيار تاخير گشته ازو
۷۶- بقدر سه آيت و يا بيشتر قضا نسيت واجب شنو اين خبر
۷۷- برين قول هرگز مكن اعتبار بقولِ نخستين بكن كاربُار

باب سنتهاء نماز كه از چهل هم بسيار ست

۱- چو از چهل بسيار باشد سنن ميانِ نمازت شنو قول من
۲- دو قسم ست سنت ميانِ نماز يكي قسم قولي بباشد دراز
۳- كند مقتدي وصل تكبير را بتكبير گفتن امامش بجا
۴- ثنا را بخواند چو كرده شروع بخواند تعوذ برائي خشوع
۵- ثنا را دو موضع مقرر شده يكي بعد تحريم اي نيک ره
۶- مگر چونكه مانع ثنا را بود چنانچه گذشته چو پيدا بود
۷- دگر بعد تحريم حكمي بجا اگر نفل بر نفل كرده بنا
۸- چو برخاست مسبوق بهر قضا بود هر دو موضع محل ثنا
۹- ولي نفل بر نفل مبني شدن بود همچو تحريم اي مير من
۱۰- ثنا را چو خواند بنزد همه اگر نفل بر نفل مبني شده
۱۱- چو مسبوق خيزد برائي قضا ثنا را بخواند بنزديک ما
۱۲- بنزد ابي يوسف ست قول اين ببين شرح منيه كه گفته چنين
۱۳- بتحقيق دادند فتویٰ برين بعالمگيري ست اين بهترين
۱۴- بمفتاح از بحر هم آمده برين درمختار شاهد شده
۱۵- ثنا را بخوانده بوقت شروع چو تابع امامش بگشته بروع
۱۶- چو خيزد برائي قضا ما سبق ثنا را بخواندن برو هست حق
۱۷- دگر قول هم از ابي يوسف ست مطابق بطرفين اين موقف ست
۱۸- نخواند ثنا را چو مسبوق او ست چو خيزد برائي قضا نيک دوست

٧٥- هڪ قول موجب، جيڪڏهن گهڻي دير ڪيائين ته، ان تي قضا واجب نه آهي.
٧٦- ٽن آيتن جو قدر يا ان کان وڌيڪ دير ٿي ته ان جي قضا نه آهي.
٧٧- هن قول تي اعتبار نه ڪر، پهرئين قول تي عمل ڪر.

نماز جي سنتن جو باب جيڪي چاليهن کان به وڌيڪ آهن

١- نماز ۾ سنتون چاليهن کان به گهٽيون آهن.
٢- نماز ۾ سنت جا ٻه قسم آهن، هڪ قسم قولي آهي.
٣- مقتدي پنهنجي تڪبير، امام جي تڪبير سان گڏ چوي.
٤- نماز شروع ڪري ثنا پڙهي، بعد ۾ اعوذ پڙهي.
٥- ثنا جون ٻه جايون آهن، هڪ تحريمه کان بعد پڙهي.
٦- اگر ثنا جو مانع هجي ته نه پڙهي، جيئن مٿي گذريو.
٧- ٻيو تحريمه حڪمي کان بعد پڙهي، جيڪڏهن نفل کي نفل تي بنا ڪيائين.
٨- مسبوق جڏهن رهيل نماز جي لاءِ اٿي (ثنا پڙهي)، اهي ٻه جايون ثنا جون آهن.
٩- پر نفل تي نفل کي بنا ڪرڻ تحريمه وانگر آهي.
١٠- سيني عالمن وٽ اهو حڪم آهي ته، نفل تي نفل بنا ڪرڻ وقت ثنا پڙهي.
١١- مسبوق رهيل نماز پڙهڻ لاءِ اٿي ته ثنا پڙهي، اهو حڪم اسان وٽ آهي.
١٢- هي قول امام ابو يوسف جو آهي، شرح منيه ڏس ان ائين چيو آهي.
١٣- تحقيق سان ان قول تي فتوىٰ ڏني اٿن، عالمگيريءَ ۾ آهي ته هي قول بهترين آهي.
١٤- مفتاح ۾ به البحر الرائق کان نقل ڪري آندل آهي، ان تي "درمختار" شاهد آهي.
١٥- نماز شروع ڪرڻ مهل ثنا پڙهي، جڏهن امام جو تابع (مقتدي) ٿئي.
١٦- ٻيءِ وري جڏهن رهيل نماز جي پڙهڻ لاءِ اُٿي، ته به ثنا پڙهڻ ان تي حق آهي.
١٧- امام ابو يوسف کان ٻيو قول به آيو آهي، جيڪو طرفين جي موقف سان مطابق آهي.
١٨- مسبوق رهيل نماز جي پڙهڻ لاءِ اٿي ته ثنا نه پڙهي.

۱۹- ز "شرح وقايه" و سائر شروح | باين طور مفهوم شد با وضوح
۲۰- تعوذ برائي قرائت شده(۱) | بنزديک طرفين بين فائده
۲۱- همين ست معمول مُفتيٰ به است | ببين در كتب صاف قول اين به است
۲۲- و ليكن بنزد ابي يوسف ست | ثنا بي تعوذ نيايد بدست
۲۳- تعوذ چو تابع ثنا آمده | ثنا بي تعوذ كجا آمده
۲۴- ازين وجه مسبوق فيما سبق | ثناء و تعوذ بسازد طبق
۲۵- ازو قول اين نيز مختار ما ست | چنانچه گذشته شنو قول راست
۲۶- ولي قول مفتاح معلوم نيست | ز ديگر كتب نيز مفهوم نيست
۲۷- بگفته كه نزد ابي يوسف ست | تعوذ بخواندن بدو موقف ست
۲۸- يكي با قراءت دگر با ثنا | تعوذ بخواند درين هر دو جا
۲۹- برين قول گر تو كني اعتبار | تعوذ بعيدين خواني دو بار
۳۰- بآغاز الحمد خوان تسميه | كه سنت بركعات جمله شده
۳۱- بقولي بِأولىٰ ست واجب مدام | ولي سنت ست در بواقي تمام
۳۲- بقولي بِأولىٰ ست سنت هُدىٰ | ولي مستحب در بواقي جدا
۳۳- نه بسمل بسورت بود از سنن | ولي بي كراهت روا دان ز من
۳۴- پس از فاتحه لفظ آمين بخوان | كه بر هر مصلي ست آن بي گمان
۳۵- اگر آخر از فاتحه كسي شنيد | برو لفظ آمين اگرچه بعيد
۳۶- مگر چون شنيده ز غير امام | نه آمين بگويد شنو اين كلام
۳۷- بتطويل ركعت نخستين تمام | كنند با مدادش هميشه امام
۳۸- طوال مفصل درين ركعت ست | چه تطويل مقصود اين ركعت ست
۳۹- بگفتند اين قول باشد قوي | ببين شرح مشكواة مر دهلوي
۴۰- نه باقي رعايت طوال و قصار | بود از سنن هم بليل و نهار
۴۱- چو باقي رعايت بود مستحب | تامل بكن تا تو داني سبب
۴۲- ولي هست بسيار اندر كتب | همين ست سنت باكثر كتب

(۱) لقوله تعالىٰ فاذا قَرَأْتَ القرآن فاستعذ بالله. (حاشيه مصنف)

١٩- شرح وقايه ۽ ٻين شرحن مان وضاحت سان ائين سمجهه ۾ آيو آهي.
٢٠- طرفين (امام اعظم ۽ امام محمد) وٽ، اعوذ قرائت لاء آهي.(١)
٢١- هيءُ قول مفتىٰ به ۽ معمول آهي، كتاب ڏسو، هيءُ قول صاف ۽ بهتر آهي.
٢٢- ۽ امام ابو يوسف وٽ ثنا ، اعوذ كان سواءِ كارآمد نه آهي.
٢٣- جڏهن اعوذ ثنا جو تابع آهي ته، ثنا بنا اعوذ جي كتان آئي؟
٢۴- ان كري مسبوق رهيل نماز جي قضا ۾ ثنا ۽ اعوذ پڙهي.
٢٥- ان جو هيءُ قول اسان وٽ به مختار آهي، جيئن گذري چكو.
٢٦- ۽ مفتاح جو قول معلوم نه آهي، نكو ٻين كتابن مان مفهوم ٿيو آهي.
٢٧- امام ابو يوسف وٽ، اعوذ پڙهڻ جون ٻه جايون آهن.
٢٨- هك قرائت سان، ٻيو ثنا سان، اعوذ پڙهڻ جون هي ٻه جايون آهن.
٢٩- جيكڏهن ان قول كي اعتبار كرين ته، عيدن ۾ ٻه اعوذ پڙهجن.
٣٠- الحمد جي شروع ۾ بسم الله پڙهه، چو ته بسم الله سيني ركعتن ۾ سنت آهي.
٣١- هك قول موجب، پهرئين ركعت ۾ واجب ۽ باقي ركعتن ۾ سنت آهي.
٣٢- هك ٻئي قول موجب، پهرئين ركعت ۾ سنت هدىٰ ۽ ٻين ركعتن ۾ مستحب آهي.
٣٣- كنهن به سورت جي مُنڍ ۾، بسم الله سنت نه آهي، پڙهبي ته بنا كراهت جي جائز آهي.
٣۴- فاتحه كان بعد آمين چئو، جيكو هر هك نمازيءَ تي سنت آهي.
٣٥- جيكڏهن كنهن شخص كان الحمد جي پڇاڙي ٻڌائين ته به ان تي آمين آهي، توڙي ٻَري هجي.
٣٦- ۽ جيكڏهن امام كان سواءِ، ٻئي كنهن كان ٻُڌائين ته آمين نه چئي.
٣٧- امام فجر نماز جي پهرئين ركعت ۾ سدائين قرائت ڊگهي كري.
٣٨- ان ركعت۾ طوال مفصل پڙهڻو آهي، چوته ان ركعت كي ڊگهو كرڻ مقصود آهي.
٣٩- عالمن چيو آهي ته، هي قول قوي آهي، شرح مشكواة(للشيخ عبدالحق)دهلوي ڏسو.
۴٠- رات هجي يا ڏينهن طوال ۽ قصار جي رعايت، باقي نمازن ۾ سنت نه آهي.
۴١- جڏهن ته باقي نمازن ۾، انهن جي رعايت مستحب آهي، فكر كر ته سبب معلوم ٿئي.
۴٢- ۽ گهڻن كتابن ۾ ان كي سنت چيو ويو آهي.

(١) الله تعالىٰ فرمايو ته جنهن وقت تون قرآن شريف جي تلاوت جو ارادو كرين ته اعوذ پڙهه. (حاشيه مصنف)

۴۳- طـوال ست سنت بفجر امـام　بظهرش بـود نيـز سـنت مـدام
۴۴- باوساط مخصوص عصر و عشا ست　قصار ست بمغرب بگفتند راست
۴۵- ببين شرح منيه كه در ركعتين　همين ست سنت نباشد چو دين
۴۶- نـه مخصوص در ركعتِ واحـده　دگـر منفـرد چـون امـام آمـده
۴۷- همين ست سنت مدان مستحب　ببين درمختـار يـابي سـبب
۴۸- چو سورت بركعت بخواند امام　بركعت دگر دوم خواند تمام
۴۹- چه تكرار سورت مكن مطلقا　نـه در هر دو اوليٰ، نه در يک جدا
۵۰- دگر پنج تكبير بهر انتقال　نـه ركعت ازان پنج خالي بحال
۵۱- بتكبير ششم كند قصد تام　ز قعـده ميـانـه بسوئي قيـام
۵۲- شمـردنـد تكبير بهر قنوت　ميـانِ سـنن آن بـدارد ثبـوت
۵۳- بنزديک بعضي ست واجب قوي　چنانچه گذشته همه اي صفي
۵۴- دو تكبير بهـر سجود ست آن　كـه واجب شده از تلاوت عيـان
۵۵- يكي پيش سجده دگر پس ازان　همين هر دو تكبير سنت بدان
۵۶- بقـولِ دگـر مُستحبَيْن بين　بقولي ست اين هر دو واجب متين
۵۷- ز شمس الائمة(۱) دو ركن ست اين　برائي سجود ست اي مرد ديـن
۵۸- ببين بوالمكارم همين قول را　صحيحش بگفته شنو با صفا
۵۹- مرادش ز ركنين نيز ست يكي　بسجده دو تكبير چيز ست يكي
۶۰- همه ذكر سنت يكي پس ركوع　درينجا نه تكبير دارد وقوع
۶۱- كفايت بتسميع دارد امـام　بنزديک شيخين(۲) اي خوش خرام
۶۲- نـه تحميد گويد همو نيک نام　بقولي كند جمع هر دو تمام
۶۳- كند منفرد جمع اين هر دو را　بـنزديک جمهـور اي نيـک راء

(۱) لقب بشمس الائمة جماعة من ائمتنا منهم شمس الائمة الحلواني و منهم تلميذه شمس الائمة السَرخسي و منهم شمس الائمة محمد عبدالستار الكردري و منهم شمس الائمة بكر بن محمد الزرنجري و منهم ابنه شمس الائمة عماد الدين عمر بن بكر بن محمد الزرنجري و منهم شمس الائمة البيهقي و منهم شمس الائمة الاوزجندي و اسمه محمود و كثيرا ما يلقب بشمس الاسلام كذا في حاشية نوح افندي علي الدرر والغرر في فصل المهر. (عقود رسم المفتي لابن عابدين شامي).

(۲) در نسخه "جه"، "ر" و "چ د" جمهور.

٤٣- فجر ۽ ظهر جي نماز ۾، امام تي طوال مفصل سنت آهي.

٤٤- عصر ۽ عشا اوساط مفصل سان مخصوص آهن، مغرب قصار مفصل سان مخصوص آهي.

٤٥- شرح منيه ڏسڻ، ٻن رڪعت ۾ اڻين قرائت ڪرڻ سنت آهي.

٤٦- هڪ رڪعت سان مخصوص نہ آهي، ڀيو منفرد بہ امام وانگر آهي.

٤٧- هي سنت آهي مستحب نہ سمجهہ، درمختار ڏس تہ سبب معلوم ٿئي.

٤٨- جڏهن هڪ رڪعت ۾ امام ڪا سورت پڙهي تہ، ٻئي رڪعت ۾ ٻي سورت پڙهي.

٤٩- سورت جو تڪرار مطلقا نہ ڪر، نہ ٻن رڪعتن ۾، نہ هڪ رڪعت ۾.

٥٠- پنج تڪبيرون انتقال (هيٺ وڃڻ ۽ مٿي اچڻ) لاءِ آهن، ڪابہ رڪعت انهن ڪان خالي نہ آهي.

٥١- ڇهين تڪبير سان وڃين قعدي مان، قيام ڏي وڃڻ جو ارادو ڪري.

٥٢- دعا قنوت لاءِ تڪبير چوڻ ڪي سنت شمار ڪيو اٿن. حديثن ۾ انجو ثبوت ملي ٿو.

٥٣- اي عزت وارا! ڪن وٽ اهو قوي واجب آهي، جيئن گذري چڪو.

٥٤- تلاوت جي سجدي ادا ڪرڻ لاءِ، ٻہ تڪبيرون واجب آهن.

٥٥- هڪ سجدي ڪان اڳي ٻي پوءِ، اهي ٻئي تڪبيرون سنت ڄاڻ.

٥٦- هڪ قول موجب، اهي ٻئي تڪبيرون مستحب آهن، ٻئي قول موجب واجب آهن.

٥٧- شمس الائمة وٽ، تلاوت جي سجدي لاءِ هي ٻہ تڪبيرون رڪن آهن.(١)

٥٨- ابوالمڪارم ڏس، هن قول کي صحيح چيو اٿس.

٥٩- ان جي ٻن رڪنن مان مراد هڪ رڪن آهي، جو تہ سجدي ۾ ٻہ تڪبيرون هڪ شيءِ آهي.

٦٠- سڀ ذڪر هڪ سنت آهي. رڪوع ڪان پوءِ تڪبير نہ آئي آهي.

٦١- شيخين وٽن امام "سمع الله لمن حمده" تي اڪتفا ڪري. (٢)

٦٢- اهو تحميد نہ پڙهي، هڪ قول موجب ٻئي گڏ ڪري.

٦٣- جمهور عالمن وٽ اهو حڪم آهي تہ، منفرد انهن ٻنهي کي گڏ ڪري.

(١) ڪيترن ئي امامن کي "شمس الائمة" جو لقب مليل آهي، جن مان شمس الائمة الحلواني، ان جو شاگرد شمس الائمة السرخسي، شمس الائمة محمد عبدالستار الڪردري، شمس الائمة بڪر بن محمد الزرنجري، ان جو پٽ شمس الائمة عماد الدين عمر بن بڪر بن محمد الزرنجري، شمس الائمة البيهقي ۽ شمس الائمة الاوزجندي جنهنجو نالو محمود آهي ۽ ڪيترن کي ئي شمس الاسلام جو بہ لقب مليل آهي. اهڙي طرح "حاشية نوح افندي عليٰ الدرر والغرر" ۾ لکيل آهي.(عقود رسم المفتي لابن عابدين شامي)

(٢) نسخي "جهہ"، "ر"، ۽ "چ،د" ۾جمهور لکيل آهي.

۶۴- بقولي مماثل(۱) امام ست او — كفايت بتسميع سازد نكو
۶۵- كفايت بتحميد مر مقتدي ست — نه تسميع بر وي بمذهب قوي ست
۶۶- بدان در حديث ست تكبير عام — ففي كل رفع و خفض تمام
۶۷- نه رفع ست خالي نه خفض ست نيز — ز تكبير گفتن شنو اي عزيز
۶۸- ازان پس ركوع ست تكبير يک — بسائر مذاهب درين نيست شک
۶۹- نه در مذهب ما چنين آمده — چه قومه ز تكبير خالي شده
۷۰- مگر در محيط ست تكبير اين — بجامع رموز ست تقرير(۲) اين
۷۱- دگر لفظ كنز(۳) ست هم محتمل — اگر خفض در رفع داري بدل
۷۲- اگر لفظ رفع ست مجرور صاف — بتقدير تكبير باشد مضاف
۷۳- نه تكبير معمول مشهور اين — شده بلكه متروک مهجور اين
۷۴- چو تسميع در جایٔ تكبير خواند — نه تكبير مانده، نه جايش بماند
۷۵- سه تسبيح بهر ركوع ست خاص — بلفظي كه آنرا وقوع ست خاص
۷۶- سه تسبيح اين طور بهر سجود — ميان سجود ست اي كان جود
۷۷- سه تسبيح ادنیٰ مراتب شمار — نه تسبيح سنت شود يک دو بار
۷۸- چو ادنیٰ مراتب سه گانه شده — ولي پنج گانه ميانه شده
۷۹- بود هفت تسبيح بسيار خوب — بود هم درين باب ايثار خوب
۸۰- بدان بو مطيع(۴) كه در بلخ بود — سه تسبيح گان در ركوع و سجود
۸۱- سه تسبيح ركن ست نزديک او — بجز آن تو جائز نمازش مگو
۸۲- درود و دعاء و سلام پسين — بقعده اخيره بود هر سه اين
۸۳- بقولي دو تسليم واجب يكي ست — ولي آنچه سابق شده بي شكي ست
۸۴- دعائي كه وارد شده پس درود — بقولي كه اقویٰ ست سنت قعود

(۱) در نسخه "ر" بمثل بجایٔ مماثل نوشته است. (۲) در نسخه "جهہ" تفسير بجایٔ تقرير نوشته است.
(۳) و در لُفظ كنز و تكبيرة الركوع والرفع منه برفع الرفع او جره. (حاشيه مصنف)
(۴) ابو مطيع: قاضي ابو مطيع حكم بن عبدالله البلخي در سنه ۱۱۵هـ متولد شد. فقه اكبر را از ابو حنيفه روايت كرد و از مالک بن انس نيز روايت كرد. و در وقت خود قاضي بلخ بود. و او سه تسبيح را در ركوع فرض مي گويد و در سنه ۱۹۹هـ رحلت كرد. (الفوائد البهية في تراجم الحنفية مطبع كراچي ص ۶۸)

٦٤- هڪ قول موجب منفرد ٻه امام وانگر آهي، تنهن ڪري تسميع تي اڪتفا ڪري.(١)

٦٥- مقتديءَ تي فقط تحميد آهي، قوي مذهب موجب ان تي تسميع آهي.

٦٦- ڄاڻ ته حديث ۾ تڪبير عام آهي، ڪل رفع ۽ خفض ۾ تڪبير چوي.

٦٧- متي ۽ هيٺ وڃڻ، تڪبير چوڻ کان خالي نه آهي.

٦٨- سڀني مذهبن ۾ رڪوع کان پوءِ هڪ تڪبير آهي.

٦٩- اسان جي مذهب ۾ ائين نه آهي، ڇو ته قومه تڪبير کان خالي آهي.

٧٠- پر محيط ۾ هي تڪبير آئي آهي، هيءَ تقرير جامع رموز ۾ آهي.(٢)

٧١- ڪنز جو لفظ ٻه احتمال وارو آهي، جيڪڏهن لفظ رفع کي زير پڙهجي.(٣)

٧٢- جيڪڏهن لفظ رفع کي زير پڙهبي ته، لفظ تڪبير مقدر مضاف ڇئبو.

٧٣- اها رڪوع واري تڪبير معمول ۽ مشهور نه آهي، بلڪ متروڪ ۽ مهجور آهي.

٧٤- اگر تڪبير جي جاءِ تي تسميع پڙهيائين ته، نه تڪبير ٿي نه ان جي جاءِ رهي.

٧٥- ٽي تسبيحون خاص لفظن سان رڪوع لاءِ خاص آهن.

٧٦- اهڙي طرح ٽي تسبيحون (خاص لفظن سان) سجدي لاءِ خاص آهن.

٧٧- ادنيٰ درجو ٽي تسبيحون آهن، هڪ ٻه ڀيرا تسبيحون سنت نه آهن.

٧٨- گهٽ ۾ گهٽ درجو ٽي تسبيحون ٿيون، پر پنج ڀيرا درميانه آهن.

٧٩- ست تسبيحون تمام بهتر آهن، هن باب ۾ گهٽائي اختيار ڪرڻ سٺي ڳالهه آهي.

٨٠- ابو مطيع بلخ ۾ هو، رڪوع ۽ سجدن ۾ جيڪي ٽي تسبيحون آهن.(٤)

٨١- اهي ٽي تسبيحون ان وٽ رڪن آهن، انهن کان سواءِ نماز جائز نه آهي.

٨٢- آخري قعدي ۾ درود، دعا ۽ پويون سلام ٽئي سنت آهن.

٨٣- هڪ قول موجب ٻئي سلام هڪ واجب آهي، پر جيڪو اڳ ۾ گذريو ان ۾ شڪ نه آهي.

٨٤- دعا جيڪا درود کان پوءِ آهي، قوي قول موجب قعود جي سنت آهي.

---

(١) نسخي "ر" ۾ 'مماثل' جي بدران 'بمثل' لکيل آهي. (٢) نسخي "جهه" ۾ تقرير جي بدران تفسير لکيل آهي.
(٣) ڪتاب ڪنز ۾ آهي ته رڪوع جي تڪبير ۽ ان کان اٿڻ مهل اهو لفظ پيش سان يا زير سان پڙهبو.(حاشيه مصنف)
(٤) ابو مطيع: قاضي ابو مطيع حڪم بن عبدالله بلخي سن ١١٥هجري ۾ ڄائو. فقه اڪبر امام ابو حنيفي ۽ امام مالڪ کان روايت ڪيائين.پنهنجي وقت۾ بلخ جو قاضي هو. اهو رڪوع جي ٽن تسبيحن کي فرض چوندو هو. سن ١٩٩ هجري ۾ وفات ڪيائين. (الفوائد البهية في تراجم الحنفية ڇاپو ڪراچي ص ٦٨)

۸۵- دگر آنچه شد بعد لفظِ سلام — علیکم برحمت قرین از کلام
۸۶- دگر فاتحه در دو رکعت پسین — بظاهر روایت بباشد چنین
۸۷- ببین شرح منیه که سنت بگفت — ز ظاهر روایت بیاورد مفت
۸۸- بقولي ست واجب باقویٰ سبب — بقولي نه سنت، بود مستحب
۸۹- ولي سر واجب بنزد همه — درین فاتحه بي شکي آمده
۹۰- یکي در تشهد بود سر عام — همان سر سنت بود اي همام
۹۱- تشهد بود گرچه واجب مدام — ولي سر سنت درین هر مقام
۹۲- هرآن ذکر سنت که گفته شده — بود همچو دري که سفته شده
۹۳- چو تاخیر کرده ز جایش اگر — نه سنت بمانده شنو این خبر
۹۴- قضا نیست آنرا چو رفته ز جا — کراهت شمردند کردن قضا
۹۵- یکي ترک سنت کراهت شده — دگر هم کراهت قضا آمده
۹۶- بآهسته گفتن همه این سنن — بود سر سنت ولي زین سنن
۹۷- دگر جهر تکبیرهائي امام — دگر جهر تسمیع او با سلام
۹۸- همین جهر سنت بیامد صریح — ولي مقتدي را نباشد صحیح
۹۹- نباشد کراهت، نه سنت شده — برائي ضرورت همان آمده
۱۰۰- همه ذکر کان مر همه سنت ست — دران سر سنت بیامد بدست
۱۰۱- مگر جهر تکبیرهائي تمام — دگر جهر تسمیع دیگر سلام
۱۰۲- همین جهر سنت بود مر امام — کراهت بود مر دگرِ اي همام
۱۰۳- مگر چون ضرورت عیان مي بود — سقوط کراهت بیان مي شود
۱۰۴- ولي آنچه دانند مردم عوام — یکي سر تکبیرهائي تمام
۱۰۵- دگر سر تسمیع اي نیک نام — سیوم سر کردن بهر دو سلام
۱۰۶- بود سر این مر سوائي امام — و لیکن نه سنت بباشد مدام
۱۰۷- بود بلکه بهتر نه جهر ست قبیح — و لیکن نه حاجت بجهر ست صریح
۱۰۸- نه این قول هرگز بباشد صحیح — ببین درمختار اي مستریح

۸۵- پيو سلام جي لفظ کان پوءِ، عليڪم و رحمة الله ملائڻ سنت آهي.

۸٦- پيو الحمد پوين ٻن رڪعتن ۾ پڙهڻ، ظاهر روايت ۾ ائين (سنت) آهي.

۸۷- شرح منيه ڏس ان کي سنت چيو اٿس ۽ ظاهر روايت کان نقل ڪري آندو اٿس.

۸۸- هڪ قول موجب، واجب ۽ ٻئي قول موجب مستحب آهي.

۸۹- پر سيني وٽ اهو (پوين ٻن رڪعتن وارو) الحمد، هوريان پڙهڻ واجب آهي.

۹۰- التحيات هوريان پڙهڻو آهي ۽ اهو هوريان پڙهڻ سنت آهي.

۹۱- توڙي تشهد خود واجب آهي، پر ان کي هوريان پڙهڻ سنت آهي.

۹۲- جنهن به سنت جو ذڪر ڪيو ويو آهي جڻ موتي پوتل آهي.

۹۳- سنت کي سندس جاءِ کان دير ڪيائين ته سنت نه رهي.

۹۴- سنت هٽان وئي ته ان جي قضا نه آهي، ان کي قضا ڪرڻ ڪراهت آهي.

۹۵- هڪ ترڪ سنت جي ڪراهت ٿي، ٻي قضا ڪرڻ جي ڪراهت ٿي.

۹٦- اهي سنتون آهستي ادا ڪري، انهن سنتن کي هوريان پڙهڻ سنت آهي.

۹۷- امام کي تڪبيرون، تسميع ۽ سلام ڏاڍايان ڪرڻا آهن.

۹۸- انهن کي ڏاڍيان چوڻ سنت آهي. پر مقتديءَ لاءِ صحيح نه آهي.

۹۹- نه ڪراهت آهي نه سنت آهي، اهو جهر ضرورت جي ڪري آهي.

۱۰۰- جيڪي به ذڪر سنت آهن، انهن کي هوريان پڙهڻ سنت آهي.

۱۰۱- پر تڪبيرون تسميع ۽ سلام ڏاڍيان ڪرڻا آهن.

۱۰۲- امام کي اهي شيون ڏاڍيان ڪرڻ سنت آهن ۽ ٻين لاءِ ڪراهت آهي.

۱۰۳- پر ضرورت جي وقت ڪراهت ساقط ٿئي ٿي.

۱۰۴- پر جيڪو عام ماڻهو ڄاڻن ٿا ته، سڀ تڪبيرون هوريان چوڻيون آهن.

۱۰۵- پيو تسميع، ٽيون ٻئي سلام، هوريان ڪرڻا آهن.

۱۰٦- انهن شين کي امام کان سواءِ ٻين کي هوريان چوڻ سنت نه آهي.

۱۰۷- هوريان چوڻ بهتر آهيءِ ڏاڍيان چوڻ به خراب نه آهي، پر هروڀرو ڏاڍيان جي ضرورت نه آهي.

۱۰۸- هي قول هرگز صحيح نه آهي. "در مختار" ڏسو.

١٠٩- همین هر سه با سر سنت شده		مگر جهر آن مر امام آمده
١١٠- اگر تو بتصریح جوئي جواب		ببین درمختار یابي صواب
١١١- چو با جهر حاجت بیفتد بسي		نمازش نمایان کند بر کسي
١١٢- مبادا بپیشش کند او مرور		براهِ دگر تا کند او عبور
١١٣- و یا او بوي تا کند اقتدا		مبادا فریضه کند او جدا
١١٤- چو بعض از جماعت کثیره تمام		بدوري نشنوند صوت امام
١١٥- کسي را که صوتش بلند و قوي ست		کند هر سه را جهر، گر مقتدي ست
١١٦- ازو تا بشنوند جمله صفوف		بدانند حالِ امام از وقوف
١١٧- کسي کو کند کار این با دوام		مکبر بگویند او را عوام
١١٨- جماعت چو باشند آلاف چند		درین کار یک دو نباشد پسند
١١٩- بحرمین معمول این کار بین		ببعضي بنادر(١) نباشد چنین
١٢٠- رسولِ خدا بهر ما کان جود		چو در چند اوقات بیمار بود
١٢١- ولي پست آواز گشته تمام		دران چند اوقات بودي امام
١٢٢- ابوبکر صدیق کردي نماز		بصفِ نخستین شنو با نیاز
١٢٣- چو تکبیر تسمیع هم دو سلام		شنیدي ز سالار خیرالانام
١٢٤- بصوت رفیعش بگفتي بلند		همه تا بشنوند قولش پسند
١٢٥- باین طور مخدوم هاشم فقیه		نوشته میان کتب اي نبیه

ذکر سنتهاء فعلیه در نماز

١- بدان نیز افعال باشد سنن		کنم من بیان شنو قول من
٢- چو برداشتن دستها تا بگوش		بنزدیک تکبیر اول بهوش
٣- بنزدیک تکبیرهائي دو عید		کند رفع این قدر دان اي سعید

(١) بَنَادر: جمع بندر بالفتح کنارهٔ دریا که جایٔ بستن کشتي باشد از منتخب و بمعنیٰ هر شهري که بر کناره دریایٔ محیط واقع باشد. (غیاث اللغات)

١٠٩- هي ٽئي هوريان پڙهڻ سنت آهن، باقي ڏاڍيان پڙهڻ امام لاءِ آيو آهي.

١١٠- جيڪڏهن تون تصريح سان جواب طلبين ته در مختار ڏس ته صحيح ڳالهه معلوم ٿئي.

١١١- اگر جهر جي ضرورت پوي، جو ڪنهن کي پنهنجي نماز کان واقف ڪري.

١١٢- متان ان جي اڳيان ڪو لنگهي، جيئن هو پاسو ڪري ٻي واٽ وٺي.

١١٣- يا ان ڪري جو هو متان (بيخبري جي ڪري) اقتدا نه ڪري ۽ فرض جدا پڙهي.

١١٤- اگر گهٽي جماعت جي هوندي، ڪي ماٺهو پري هجڻ جي ڪري امام جو آواز ٻڌي نه سگهن.

١١٥- جنهن مقتدي جو آواز بلند ۽ قوي هجي، اهو اهي ٽئي شيون ڏاڍيان چوي.

١١٦- جيئن ان جو آواز سيني صفن وارا ٻڌن ۽ امام جي حال کان واقف ٿين.

١١٧- جيڪو هميشه ائين ڪندو آهي، ان کي مڪبر چوندا آهن.

١١٨- جيڪڏهن جماعت هزارن جي تعداد ۾ هجي ته، اتي هڪ ٻن مڪبرن جي جاءِ نه آهي.

١١٩- حرَمين ۾ اهو معمول آهي ۽ ڪن بندرگاهه وارن شهرن ۾ ائين نه آهي.(١)

١٢٠- پاڻ سڳورا جيڪي اسان لاءِ سخي هئا، جڏهن ڪجهه وقت بيمار هئا.

١٢١- ۽ سندن آواز گهٽ هو ۽ انهن وقتن ۾ امام هُئا.

١٢٢- حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه پهرين صف ۾ نماز پڙهندو هو.

١٢٣- جڏهن پاڻ سڳورن کان تڪبير، تسميع ۽ ٻئي سلام ٻڌندو هو.

١٢٤- اُهي بلند آواز سان چوندو هو ته، جيئن سندن لفظ سمورا ماڻهو ٻڌن.

١٢٥- اهڙي طرح مخدوم محمد هاشم (ٺٽوي) ڪتابن ۾ لکيو آهي.

نماز ۾ فعلي سنتن جو ذڪر

١- هاڻ ته نماز ۾ ڪي فعل سنت آهن، انهن جو بيان ڪيان ٿو.

٢- پهرين تڪبير (تڪبير تحريمه) وقت، ٻئي هٿ ڪنن تائين کڻڻ.

٣- ٻن عيدن جي تڪبيرن وقت بہ، ايستائين (ڪنن تائين) هٿ کڻي.

(١) بَنادر: بندر جو جمع آهي. زبر سان درياءَ جي ڪپر کي چئبو آهي جتي ٻيڙي ٻڌجي ۽ اهو شهر جيڪو درياءَ جي ڪپر تي هجي. (غياث اللغات)

۴- بگوید چو تکبیر بهر قنوت کند رفع تا گوش دارد ثبوت
۵- باین قدر رفع ست مر مرد را دگر مر کنیزک بدان با صفا
٦- کند رفع حره زني تا بدوش نه بالا ز دوشش رساند بگوش
۷- دگر نیز کفها کشاده کند مقابل بقبله ستاده کند
۸- اصابع کند راست سوئي سماء نه مضموم دارد، نه با هم جدا(۱)
۹- باین طور کفها برابر بگوش کند پیش تکبیر دارد بهوش
۱۰- بهمراه تکبیر آرد(۲) فرود ازان پس ببندد، ندارد فرود
۱۱- همین قول ماخوذ معمول هست برین دار باور بگیري بدست
۱۲- بقولي بآغاز تکبیر او کند رفع ایدي بجز گفتگو
۱۳- بقولي چو تکبیر کرده تمام کند رفع ایدي دران دم مدام
۱۴- بقولي فرو هشته کردن دو دست بیک لحظه از پیش بستن به است
۱۵- دگر وضع ایدي بود زیر ناف نهد هر دو بر صدر زن بي خلاف
۱٦- و لیکن شْنیدم ز بعضي ثقات که نامش ببوده محمد حیات
۱۷- میان مدینه بگفت این کلام چو ارسال منسوخ گشته تمام
۱۸- شده وضع سنت مع الاتفاق مگر نزد مالک شنو بي نفاق
۱۹- ولي اختلاف ست در بهترش که بهتر چگونه بود سر مکش
۲۰- ولي زیر ناف ست بهر رجال بنزدیک ما بهتر ست با کمال
۲۱- ولي صدر بهتر بود مر همه باین طور از شافعي آمده
۲۲- اگر مرد بر صدر بسته دو دست ادا گشت سنت، نه کارِ بدست(۳)
۲۳- ولي ترک بهتر بنزدیک ما درین وجه باشد شنو اي کیا
۲۴- دگر دست چپ را نهد(۴) زیر راست بحلقه دو انگشت گیرد بخواست(۵)
۲۵- بخنصر بگیرد بَاِبْهَام نیز رُسغ دست چپ را شنو اي عزیز

(۱) در نسخه "جهه" این شعر موجود نیست. (۲) در نسخه "جهه" دارد بجایٔ آرد نوشته است.
(۳) در نسخه "ر" این مصرع باین طور است. ع ازان کار سنت شده مر دُرست.
(۴) در نسخه "جهه" نِهي بجایٔ نهد نوشته است. (۵) در نسخه "ر" بجا ست بجایٔ بخواست نوشته است.

٤- جڏهن دعا قنوت لاءِ تڪبير چئي ته، ڪنن تائين هٿ کڻي.
٥- ايستائين (ڪنن تائين) مرد ۽ ٻانهيءَ کي هٿ کڻڻا آهن.
٦- آزاد عورت ڪلهن تائين هٿ کڻي، ڪلهي کان مٿي ڪنن تائين هٿ نه پهچائي.
٧- پيو هٿن جون تريون ڪليل رکي، قبلي طرف سامهون ٻيهي.
٨- تڪبير وقت هٿن جون آڱريون سڌيون آسمان ڏي ڪري، نه بند رکي، نه صفا ڪليل ڪري.[١]
٩- اهڙيءَ طرح تريون ڪنن جي برابر، تڪبير کان اڳ ۾ ڪري.
١٠- تڪبير سان گڏ هيٺ ڪري، ان کان پوءِ هٿ ٻڌي ۽ هيٺ لڙڪائي نه ڇڏي.(٢)
١١- اهو قول ماخوذ ۽ معمول آهي، ان تي ڀروسو رک ۽ عمل ڪر.
١٢- هڪ قول موجب، تڪبير جي شروع وقت هٿ مٿي کڻي.
١٣- ٻئي قول موجب، جڏهن تڪبير پوري ڪري ته ان وقت هٿ مٿي کڻي.
١٤- ٽئين قول موجب، هٿن ٻڌڻ کان اڳ۾ گهڙي ڪن هٿ هيٺ لڙڪائي ڇڏي پوءِ ٻڌڻ بهتر آهي.
١٥- پيو مرد، ٻئي هٿ دن جي هيٺان ٻڌي ۽ عورت سيني تي ٻَڌي.
١٦- ۽ هڪ معتبر شخص کان ٻڌم، جنهن جو نالو علامه محمد حيات (سنڌي) هو.
١٧- مدينه منوره ۾ فرمايائون ته، ارسال (هٿ لڙڪائڻ) منسوخ ٿيل آهي.
١٨- هٿ ٻڌڻ بالاتفاق سنت آهي، پر امام مالڪ وٽ ائين نه آهي.
١٩- پر ان جي بهتري ۾ اختلاف آهي ته بهتر ڪيئن آهي؟
٢٠- پر مردن لاءِ دن هيٺيان هٿ ٻڌڻ، اسان وٽ بهتر آهي.
٢١- پر سيني (مردن ۽ عورتن) لاءِ سيني تي هِٿ ٻڌڻ، امام شافعي وٽ بهتر آهي.
٢٢- جيڪڏهن مرد سيني تي هٿ ٻڌا، ته به سنت ادا ٿي.(٣)
٢٣- پر ان صورت ۾ اسان وٽ، بهتر ڪم جو ترڪ ٿي پوندو.
٢٤- پيو ڪاٻو هٿ ساڄي[٤] هٿ هيٺيان رکي ۽ آڱرين جو حلقو ڪري.(٥)
٢٥- ڇيچ ۽ آڱوٺي سان، ڪاٻي هٿ جي سَنڌَ کي وٺي.

(١) نسخي "جه" ۾ هي شعر موجود ناهي. (٢) نسخي "جه" ۾ 'آرد' جي بدران 'دارد' لکيل آهي.
(٣) نسخي "ر" ۾ هي مصرع هن طرح آهي. ترجمو: انهيءَ ڪم جي ڪري صحيح سنت ٿي.
(٤) نسخي "جه" ۾ 'نهد' جي بدران 'نهي' آهي. (٥) نسخي "ر" ۾ 'بخواست' جي بدران 'بجاست' لکيل آهي.

۲۶- بمانند حلقه دو انگشت این — کند بر رُسغ دست چپ اي امین
۲۷- سه انگشت بر پشت چپ او نهد — ولي بر رُسغ چپ نیکو نهد
۲۸- شود پشت کفش همه زیر کف — شود بر رسغ چپ سه انگشت دف(۱)
۲۹- دگر نیز فرجه میانِ دو پاء — بمقدار یک مشت باید بجاء
۳۰- زیاده ز یک مشت باشد معاف — ولي مشت افضل بود بي خلاف
۳۱- باین قدر فرجه بود در رکوع — نه الصاق کعبین داري بروع
۳۲- ز بعضي کتب هست اي ذو همم — بکن در رکوعت شتالنگ ضم
۳۳- ز الصاق کعبین ضم ست مراد — نه تاویل دیگر بداري تو یاد
۳۴- شنیدم ز فاضل مدینه همام — که او را محمد حیات ست نام
۳۵- که الصاق کعبین مکروه دان — که بدعت قبیحه بود بي گمان
۳۶- بود کار بدعت بلا فائده — نه الصاق کعبین ثابت شده
۳۷- حدیثي ندیدم که ثابت کند — نه قول از صحابه بیامد سند
۳۸- نه از تابعین قول دیدم درین — نه رفته یکي از ائمه برین
۳۹- نه ظاهر روایت بیامد چنین — دلیلش ندیدم ز قولِ متین
۴۰- چو منهي ست ضم القدم بالقدم — چنین در حدیث ست اي ذو همم
۴۱- بود ضم کعبین خود ضم پاء — که منهي ست اینجا نباشد روا
۴۲- دگر هم گرفتن دو زانو بدست — کشادن اصابع دگر نیز هست
۴۳- مگر زن اصابع کند ضم تام — رساند بزانو نگیرد(۲) تمام
۴۴- ولي ضم انگشتهاء دو دست — زنان را بهر رکن آن سنت ست
۴۵- دگر سر برابر بهشت و سرین — رکوعش باین طور سنت گزین
۴۶- مگر زن باندک خَمِ پشت او — رکوعش کند هست او را نکو
۴۷- بقومه بجلسه کند اعتدال — بمقدار تسبیح دارد کمال
۴۸- یکي قومه، و دوم جلسه عیان — همین هر دو واجب بگشته بیان

(۱) دف: بالفتح و تشدید فا پهلو از هر چیز یا رُوئ آن و ساري ست معروف و بالضم افصح ست. (منتخب)
(۲) در نسخه "جه" و "چ د" بگیرد لیکن در اصل نسخه "غ"، "چ ا" و "ر" نگیرد نوشته است.

٢٦- هٿن ۾ آڱرين سان ڪاڀي هٿ جي ڪارائي (سَنڌ) کي حلقي وانگر ڪري.

٢٧- ٽي آڱريون ڪاڀي هٿ جي پٺ تي رکي يعني ڪاڀي ٻانهن جي ڪارائي تي رکي.

٢٨- جيئن ساڄي هٿ جي ترِي ڪاٻي هٿ جي پٺيءَ تي ٿئي ۽ ٽي آڱريون ڪاڀيءَ ڪارائي تي ٿين(١).

٢٩- ٻيو ٻين پيرن جي وچ ۾، هڪ مُٺ جيتري وٿي رکي.

٣٠- مٺ کان وڌيڪ وٿي معاف آهي، پر مٺ جيتري وٿي افضل آهي.

٣١- اينري وٿي رڪوع ۾ به رکي، ٻئي پيڊيون (ڪُريا) پاڻ ۾ ملائڻ نه گهرجن.

٣٢- ڪن ڪتابن ۾ آهي ته، رڪوع ۾ ڪُريا ملائي.

٣٣- الصاق ڪعبين مان مراد ضَمُ آهي، ٻيو ڪو تاويل نه ڪر.

٣٤- مديني شريف جي عالم کان ٻڌم، جنهنجو نالو "محمد حيات" (سنڌي ذات چاچڙ) آهي.

٣٥- الصاق ڪعبين مڪروهه ۽ خراب بدعت آهي.

٣٦- بدعت بي فائده ڪم آهي، الصاق ڪعبين ثابت نه آهي.

٣٧- ڪابه حديث نه ڏٺيم، جنهن مان ثابت ٿئي، نه وري ڪو صحابيءَ جو قول آهي.

٣٨- تابعين جو قول به نه ڏٺم، نه وري ڪو امام، ان طرف ويو آهي.

٣٩- ظاهر روايت ۾ به ائين نه آهي، ڪوبه دليل نه ڏٺم.

٤٠- قدم، قدم سان ملائڻ ممنوع آهي، ائين حديث ۾ آيو آهي.

٤١- ضَمُ الڪعبَينِ خود ضَمُ القدمين آهي. جيڪو هِت ممنوع ۽ ناجائز آهي.

٤٢- ٻيو ٻنهي گوڏن کي هٿن سان وٺڻ ۽ آڱريون ڪشاديون رکڻ به سنت آهي.

٤٣- پر زال آڱرين کي ملائي گوڏن تائين پهچائي ۽ انهن کي نه وٺي.(٢)

٤٤- پر زالن کي ٻنهي هٿن جي آڱرين جو ملائڻ، هر رڪن ۾ سنت آهي.

٤٥- ٻيو رڪوع ۾ مٿو، پُٺ ۽ ڏُڏين سين برابر هجي، ائين ڪرڻ سنت آهي.

٤٦- پر زال رڪوع ۾ ٿوري ڏنگي رکي، ان لاءِ ائين چڱو آهي.

٤٧- قومه ۽ جلسه ۾ هڪ تسبيح جيترو قدر آرام وٺي.

٤٨- قومه ۽ جلسه ٻئي واجب آهن، جن جو بيان ٿي چڪو آهي.

(١) دف: دال جي زبر ۽ ف جي شد سان هر شيءِ جو پاسو يا منهن ۽ هڪ مشهور ساز آهي ۽ پيش سان وڌيڪ فصيح آهي. (منتخب) (٢) نسخي "جهه" ۽ 'چ،د' ۾ 'بگيرد' آهي پر نسخي "غ"، "چ،د" ۽ "ر" ۾ 'نگيرد' آهي.

۴۹- يكي از سه موضع بمفتاح بين
صريحا دو واجب بود هر دو اين
۵۰- بمقدار تسبيح آرام تام
گرفتن درين هر دو سنت تمام
۵۱- همين نفس آرام سنت گزين
درين هر دو واجب شنو اي امين
۵۲- چه تعديل اين هر دو شد از سنن
مراد ست ز تعديل آرام تن
۵۳- بتعديل تكميل حاصل شود
چه واجب بتكميل كامل شود
۵۴- چو تكميل فرض ست واجب برو
تو تكميل چيزي چو مثلش مگو
۵۵- نه تكميل واجب مگر سنت ست
نه وصف ست اعلىٰ نه ذات ست پست
۵۶- نه تكميل سنت مگر مستحب
همين ضابطه گير تو با ادب
۵۷- چنانچه شنيدي تو در واجبات
همين ضابطه بين ز بعضي ثقات
۵۸- ببعضي متون ست دو سنت متين
يكي قومهء و دوم جلسه ببين
۵۹- درين هر دو سنت يكي واجب ست
كه تعديل نامش زكي واجب ست
۶۰- نه تاويل اين قول ظاهر شده
ندانم درين قول هم فائده
۶۱- دو دست و دو زانو بحالت سجود
نهادن برو سنت ست بهر جود
۶۲- بقولي نهادن همين چار چيز
برو واجب ست نزد اهلِ تميز
۶۳- دگر وضع جبهة مع الانف دان
كفايت بجبهت مكن بي گمان
۶۴- ببالا گذشته همه اين بيان
درانجا بتفصيل گشته عيان
۶۵- روس الاصابع بقبله بيار
بقدري كه مقدور آيد بكار
۶۶- كند وضع وجهش ميان دو دست
دگر ضم انگشتها سنت ست
۶۷- زن و مرد يكسان درين حكمها ست
باندک تفاوت بگفتند راست
۶۸- چو هر دو قدم نصب مردي نمود
كند بر صدورالاصابع سجود
۶۹- كند راست استاده او هر دو ران
نهد بر زمين هر دو زانو عيان
۷۰- كند هر دو رانش چنان مستوي
نه پيش و نه پس، همچو سَروِ سِهي
۷۱- كند هر دو بازو جدا از زمين
كشاده كند بغل را مرد دين
۷۲- نهد ساق چپ بر زمين چون زنان
كند ضم ساقين با هر دو ران

٤٩- مفتاح ۾ ڏسو صريحاً ته واجب چيا اٿس، هيءُ اهي ٻئي واجب آهن.
٥٠- ٻنهي ۾ تسبيح جيترو قدر، آرام وٺڻ سنت آهي.
٥١- انهن ٻنهي واجبن ۾، آرام وٺڻ کي سنت تسليم ڪر.
٥٢- ٻنهي ۾ تعديل سنت آهي، تعديل مان مراد بدن جو آرام آهي.
٥٣- تعديل سان تڪميل حاصل ٿئي ٿي، ڇو ته واجب تڪميل سان ڪامل ٿئي ٿو.
٥٤- جڏهن فرض جي تڪميل ان تي واجب آهي ته، تون ڪنهن ٻي شيء جي تڪميل انجي مثل نه ڇئو.
٥٥- واجب جي تڪميل سنت آهي، وصف وڏيڪ نه آهي،نه وري ڪا ذات، وصف ڪان گهٽ آهي.
٥٦- سنت جي تڪميل مستحب آهي، اهو قانون ڏيان ۾ رک.
٥٧- جيئن واجبات نماز ۾ پڌي آئين، اهو قانون بعض معتبر علماء ڪان منقول آهي.
٥٨- بعضي متون ۾ مذڪور آهي ته، قومه ۽ جلسه ٻئي سنتون آهن.
٥٩- انهن ٻن سنتن ۾ آرام وٺڻ، هڪ واجب آهي.
٦٠- هن قول جو تاويل ظاهر نه آهي ۽ ان قول جو فائدو به نٿو ڄاڻان.
٦١- سجدي جي حالت ۾ ٻه هٿ ۽ ٻه گوڏا زمين تي رکڻ سنت آهن.
٦٢- هڪ قول موجب اهي چار شيون زمين تي رکڻ واجب آهن.
٦٣- ٻيو پيشاني نڪ سميت زمين تي رکڻ، رڳو پيشانيءَ تي ڪفايت نه ڪري.
٦٤- هيءُ سمورو بيان مٿي گذري چڪو آهي ۽ اتي تفصيل سان ظاهر آهي.
٦٥- آڱرين جا مٿان طاقت آهر قبلي جي طرف ڪر.
٦٦- منهن ٻن هٿن جي وچ ۾ رکي، ٻيو آڱريون ضَمُ ڪرڻ سنت آهن.
٦٧- عورت ۽ مرد، هن حڪم ۾ هڪجهڙا آهن، ڪٿي ٿورو تفاوت چيو اٿن.
٦٨- جڏهن مرد ٻئي پير زمين تي کوڙيا ته، آڱرين جو سينو زمين تي رکي سجدا ڪري.
٦٩- ٻئي رانون اُپيون رکي، ٻئي گوڏا زمين تي رکي.
٧٠- ٻئي رانون سَروِسِهي وڻ وانگر بالڪل سڌيون ۽ اُپيون ڪري اڳي پوءِ نه ٿين.
٧١- ٻئي ٻانهون زمين ڪان مٿي جهلي، بغل ڪشادا رکي.
٧٢- سجدي ۾ عورت ڪابي ران زمين تي رکي، ٻئي ڀنيون رانن سان ملائي.

٧٣- كشد هر دو پايش بجانب يمين كند نصب يُمنیٰ همو بر زمين
٧٤- نهد پشت چپ را زني در سجود كرانه(١) قدم گر نهد هست سُود
٧٥- وگر نصب يُمنیٰ نكرده تمام شده پشت هر دو قدم در مقام
٧٦- نمازش ازين كار بي فائده شكسته شده با كراهت شده
٧٧- مگر چون يكي از اصابع قدم سرش بر زمين نصب كرده بدم
٧٨- دران دم جوازِ نماز ست عيان همه در فرائض بكردم بيان
٧٩- نهد شكم بر هر دو ران بي گمان چو شكمش بود خرد يا بس كلان
٨٠- ذراعين را بر زمين گسترد باين طور سجده زنِ آورد
٨١- نه بغلش كشاده كند در سجود بپهلو بچسفاندش بهر سود
٨٢- ولي جمع اين هر دو مشكل تر ست بكردن يكي، رفتن ديگر ست
٨٣- ولي طور جلسه كه گفته شده بود مثل قعده بطورش همه
٨٤- بدان درمختار كرده وضوح ازين ست خالي متون و شروح
٨٥- نه ذكرش بكردند هرگز بيان چگونه بود وصف جلسه عيان
٨٦- چو بر پایٔ چپ مرد شيند(٢) تمام كند نصب يُمنیٰ مع الاهتمام
٨٧- كند كف كشاده نهد بر دو ران بنزديک زانو بود بهتر آن
٨٨- نهد زن سرين چپ همه بر زمين كشد هر دو پايش بجانب يمين
٨٩- نهد بر ميانِ دو ران دستهاء قعودِ زنان زين بيابد بهاء(٣)
٩٠- رؤس الاصابع بهر دو قعود دگر هم بجلسه كه سابق ببود
٩١- كند سُوئ قبله مع الاهتمام بمقدار امكان شنو اين كلام
٩٢- ولي خنصر و بنصر از پاء چپ كند سوئ قبله ندارد چو تپ
٩٣- دگر رو بگردان بوقت سلام سُوئ راستان هم چپان اي همام
٩٤- دگر هم كشايد دو چشمش همه نه سوئ دگر او كند كرشمه(٤)
٩٥- ازين ست مكروه غض البصر نبايد كه جز حق كني در نظر

(١) كرانه: اي كناره و انتهائ چيري. (غياث) (٢) شيند: مخفف بنشيند همچنين شين مخفف بنشين آمده.
(٣) در نسخه "جهـ" و "چ د" بيايد بجائ بهائ نوشته است. (٤) كرِشمه: بكسرتين اَشارت بچشم و ابرو.(غياث)

٧٣- ٻئي پير سڄي پاسي ڪڍي ۽ سڄو پير زمين تي کوڙي.

٧٤- سجدن ۾ زال کبي پير جي پٺ زمين تي رکي، جيڪڏهن پير جو ڪنارو رکندي ته به جائز آهي.[1]

٧٥- جيڪڏهن ساڄو پير نه کوڙيائين ۽ ٻنهي پيرن جي پٺي پنهنجي جاءِ تي برقرار رهي.

٧٦- انهيءَ بيفائده ڪم جي ڪري نما ز ٻڇي نه پوندي، پر ڪراهت ٿيندي.

٧٧- پر جي هڪ پير جي آڱرين مان ڪنهن به هڪ آڱر جو مٿو زمين تي کوڙيائين.

٧٨- انهيءَ وقت ۾ سندس نماز جائز آهي هيءُ سمورو بيان فرائض(باب سجود) ۾ ذڪر ڪيو اٿم.

٧٩- پيٽ ٻنهي رانن تي رکي، پيٽ ننڍو هجيس يا وڏو.

٨٠- ٻانهن (جي ڪاراين) کي زمين تي وڇائي، زالون ائين سجدو ڪن.

٨١- سجدي ۾ بغل ڪشادا نه رکي، بلڪ پاسن سان ٻانهون چنبڙائي.

٨٢- پر انهن ٻنهي جو گڏ ڪرڻ مشڪل آهي، هڪ جي ڪَرَڻ سان ٻيو هليو ويندو.

٨٣- پر جلسه جو نمونو، جيڪو ٻڌايو ويو، قعدي جي مثال آهي.

٨٤- ان جي درمختار وضاحت ڪئي آهي، ان کان ٻيا مُتون ۽ شُروح خالي آهن.

٨٥- ان جو ذڪر نه ڪيائون ته، جلسه جو ڪهڙو نمونو آهي؟

٨٦- جڏهن مرد کبي پير تي ويهي ته، سڄو پير اُڀو کوڙي.(٢)

٨٧- ترين کي ڪشادو ڪري ٻن رانن تي رکي، گوڏي کي ويجهو هجڻ انهن جو بهتر آهي.

٨٨- زال کاٻي ڏُڌِ سڄي زمين تي رکي ۽ ٻئي پير سڄي پاسي ڪڍي.

٨٩- زالون قعدي ۾ هٿ، ٻنهي رانن جي وچ تي رکن.(٣)

٩٠- آڱرين جا مٿا ٻنهي قعدن ۽ جلسه ۾ ائين رکن.

٩١- جيتربقدر ممڪن ٿي سگهي قبلي طرف ڪري.

٩٢- پر کاٻي پير جي چيچ ۽ ٻاچ قبلي طرف ڪري.

٩٣- ٻيو سلام وقت ساڄي ۽ کاٻي منهن ڦيرائڻ.

٩٤- اکيون ڪليل رکجن، پر ٻئي طرف نه واجهائي.(٤)

٩٥- ان ڪري اکيون ٻوٽڻ مڪروه آهي، الله کان سواءِ ٻئي ڏي نظر ڪرڻ نه گهرجي.

(١) ڪرانه: يعني پاسو ۽ شيءِ جي ڀڃاڙي.(غياث) (٢) شيند: بنشيند جو مخفف آهي. اهڙيطرح شين مخفف بنشين جو آهي.
(٣) نسخي "جهه" ۽ "چ،د" ۾ 'بيايد' آهي. (٤) ڪرشمه: ٻن زيرن سان اکين ۽ ڀرن سان اشارو ڪرڻ.(غياث)

۹۶- بسُوْیٰ دگر چون کني التفات	عتابت کند ایزد پاک ذات
۹۷- بسویٰ که بیني تو اي بي حیا	ز من نیست بهتر کس از من سوا
۹۸- بتاریک خانه بغیر از چراغ	بود فرض مکروه دان این سراغ
۹۹- چو چشمش بپوشد حضورِ دلش	بدرگاه ایزد شود حاصلش
۱۰۰- نه در فرض باید بکردن چنین	چه تشبیه اهلِ کتاب ست این
۱۰۱- ولي مستحب ست تفصیل این	نظر بر مواضع فُرادیٰ متین
۱۰۲- کند او نظر بر مکان سجود	میان قیامش چو دارد وجود
۱۰۳- کند در رکوعش نظر بر قدم	سوئي بینیش در سجود ست هم
۱۰۴- کند در قعودش نظر بر کنار(۱)	بوقت سلامش بدوشش شمار
۱۰۵- نخستین دو زانو نهد بر زمین	ازین پس دو دستش نهد اي امین
۱۰۶- ازین بعد وجهش نهد در سجود	چو خیرد بعکسش کند او صعود
۱۰۷- مگر چونکه عذري بدارد سند	بوجهي که آسان بود او کند
۱۰۸- باین طور کردن بود از سنن	بنزدیک بعضي شنو قول من
۱۰۹- سر و پشت پوشد بجامه دراز	چو جامه بدارد برائي نماز
۱۱۰- چو بهتر تذلل سرش برهنه	کند هست جائز شنو این همه
۱۱۱- جماعت بکردن بود از سنن	بقولي ست واجب شنو قول من
۱۱۲- دگر گفتگو در اشارت بسي ست	بیک قول مکروه آن بي شکي ست
۱۱۳- بقولي ست تحقیق لاباس به	بقولي ست آن خوب بسیار به(۲)
۱۱۴- بقولي ست سنت چو سائر سنن	درین اختلاف ست اي میر من(۳)
۱۱۵- کنون تو شنو حجت مثبتین	که اثبات کردند این را متین

(۱) کِنار: درینجا بمعنیٰ حجر ست. همچنین در لغات سعیدي و فرهنگ عربي فارسي نوشته است.
(۲) بـه: اولیٰ تازي ست مرکب و ثاني پارسي ست بسیط. (حاشیه مصنف)
(۳) دَر نسخه "ر" پس این شعر نیز سه اشعار باین طور نوشته است.
(اشعار)
شنیدم ز استاذ من بیشکي ـ بود از سنن هم اشارت یکي
ز فاضل مدینه محمد حیات ـ که بوده یکي از یگانه ثقات
شنیدم که گفته اشارت همین ـ میانِ احادیث آمد متین

٩٦- ٻئي ڏي نهاريندي تہ توڏي الله پاڪ جي ذات کان ڏوراپو ايندو.

٩٧- اي بيحيا! ڪنهن ڏي ٿو نهارين؟ مون کان وڌيڪ پيو ڪونہ اٿئي.

٩٨- اونداهي گهر ۾ روشنائيءَ کان سواءِ، فرض نماز پڙهڻ مڪروه آهي.

٩٩- الله تعالىٰ جي درگاهہ ۾، دل جي حضور حاصل ڪرڻ لاءِ اڪيون ٻوٽي نماز پڙهي ٿو.

١٠٠- فرض نماز ۾ ائين ڪرڻ نہ گهرجي، ڇو تہ ائين ڪرڻ اهل ڪتاب سان مشابهہ آهي.

١٠١- پر هي تفصيل مستحب آهي تہ، مختلف رڪنن ۾، مختلف جاين تي نظر ڪري.

١٠٢- قيام ۾ هجي تہ سجدي واري جاءِ ڏي نظر ڪري.

١٠٣- رڪوع ۾ پيرن تي نظر رکي، سجدي ۾ نَڪَ جي طرف نهاري.

١٠٤- قعدي مهل جهوليءَ ۾ نظر رکي، سلام وقت ڪلهن ڏي نظر ڪري.(١)

١٠٥- سجدي ڪرڻ لاءِ پهريائين گوڏا، پوءِ هٿ زمين تي رکي.

١٠٦- ان کان پوءِ منهن سجدي واري جاءِ تي رکي، وري جڏهن اٿي تہ ان جي اُبتَڙ ڪري.

١٠٧- پر جيڪڏهن عذر اٿس تہ، پوءِ جيئن سٽائو لڳيس ائين ڪري.

١٠٨- ڪن عالمن وٽ ائين ڪرڻ سنت آهي.

١٠٩- نماز لاءِ ڪپڙو هجيس تہ ڊگهي ڪپڙي سان متو ۽ پُٺ ڍڪي.

١١٠- عاجزي ۽ انڪساري خاطر، جيڪڏهن متو اگهاڙو ڪري نماز پڙهي تہ جائز آهي.

١١١- نماز جماعت ڪري پڙهڻ سنت آهي، هڪ قول موجب واجب آهي.

١١٢- تشهد مهل اشاري ڪرڻ ۾ ڪافي گفتگو آهي، هڪ قول موجب مڪروه آهي.

١١٣- ٻئي قول موجب لاباس بہ آهي، ٽئين قول موجب اشارو ڪرڻ تمام بهتر آهي.(٢)

١١٤- چوٿين قول موجب پيغمبر سنت وانگر سنت آهي، پر ان ۾ اختلاف آهي.(٣)

١١٥- هاڻي تون اشاري کي ثابت ڪندڙن جي حُجت ٻُڌ، جن انهيءَ کي ثابت ڪيو آهي.

---

(١) ڪنار: هتي ان جي معنىٰ جهولي آهي. ائين لغات سعيدي ۽ فرهنگ عربي فارسي ۾ لکيل آهي.
(٢) بِہ: پهرين مصرع واري عربي آهي ۽ مرڪب آهي ۽ ٻئي مصرع واري بِہ فارسي آهي ۽ مفرد آهي.
(٣) نسخي "ر" ۾ هن کان پوءِ ٽي شعر پيا هن طرح آهن:

ترجمو

مون پنهنجي استاد کان ٻڌو تہ التحيات مهل اشارو ڪرڻ سنت مان آهي.
مديني جو عالم محمد حيات (ڇاڇڙ)، جيڪو هڪ وڏو عالم هو.
مون ان کان ٻڌو، چيائين تہ: اهو اشارو حديث ۾ آيو آهي.

١١٦- ظـواهـر احـاديث آمـد دلـيـل   كـه آحـاد باشند دان اين سبيل
١١٧- احـاديث در شش صحاح ست آن   كـه باشد اشارت درانـهـا عيان
١١٨- مگر در بخاري بكرده سكوت   نـه نفيش، نه اثبات دارد ثبوت
١١٩- روايت كه در فقه باشد جدير   همـه را ببين تو ز فتح القدير
١٢٠- بـود در اشـارت فـوائد كـثير   چـو باشد بتوحيد ايزد مشير
١٢١- بكلمه شـهـادت عبادت كـنـد   اشارت بـاصبع شـهـادت كـنـد
١٢٢- بتـوحـيـد قـولي گـواهي دهـد   بتـوحيد قلبي نهانش نـهد
١٢٣- بتـوحـيـد فعلي مزين شـود   بـانـوار تـوحـيـد روشـن شـود
١٢٤- بگـويـد يكي هم بداند يكي   بـدل با اشـارت نشـانـد يكي
١٢٥- سـه انواع توحيد موجب كمال   چـو يک جا شود جمع دان اين مقال
١٢٦- بگـويـم كـنـون حجت ديـگـران   كه نفي اشارت بكردند شان
١٢٧- چـو بعضي احاديث صفت نماز   بـيـامـد ببسـط اصابع دراز
١٢٨- نـه ذكـر اشارت بيامـد دران   سكوت ست نافي اشارت عيان
١٢٩- يكي زان حديث ست از ترمذي   كـه در شـرح منيه بباشد قوي
١٣٠- زمان خلافت كه سي سال بـود   امامت ز خُلفا دران حال بـود
١٣١- نـه هرگر ز خُلفا يكي در نماز   اشـارت بكردي گهي با نياز
١٣٢- رساله لطيفه درين باب هست   دليل اين نوشته برين گره بست
١٣٣- چـو اهلِ خلافت اشارت نكرد   ميان امـامـت گهي هيچ فـرد
١٣٤- بنسخ اشارت دليل اين قوي ست   چه منسوخ گشتن اشارت جلي ست
١٣٥- چـو منسوخ گشته، تعارض نماند   تعارض برفته، تعرض نشانـد
١٣٦- تـعرض همه [illegible] ست اي نيكرا   نـه ساكت كند نسخ منطوق را
١٣٧- يكي حكم منطوق صافي تمام   دگر حكم مسكوت عنه است مدام
١٣٨- تعارض ببودن ميان اين دو حكم   نه معقول باشد تو هم بين دو حكم
١٣٩- چو ناطق بود خاص، ساكت چو عام   نـه نافي ست ساكت، نه مثبت تمام

١١٦- ظاهر حديثون دليل آهن، پر اهي آحاد حديثون آهن.
١١٧- صحاح سته ۾ حديثون آهن، جن ۾ اشارو ظاهر آهي.
١١٨- پر بخاريءَ ۾ سکوت آهي، نه نفي ڪئي اٿس، نه وري ثابت ڪيو اٿس.
١١٩- فقه جون سموريون روايتون فتح القدير ۾ ڏسو.
١٢٠- اشاري ڪرڻ ۾ گهڻا فائدا آهن، ڇو ته ان ۾ خدا جي توحيد ڏي اشارو ڪندڙ آهي.
١٢١- ڪلمه شهادت سان عبادت ڪري ٿو ۽ اَشهَدُ آڱر سان اشارو ڪري ٿو.
١٢٢- قولي توحيد جي شاهدي ڏئي ٿو ۽ قلبي توحيد دل ۾ مخفي رکي ٿو.
١٢٣- فعلي توحيد سان سينگارجي ٿو ۽ توحيد جي نورن سان روشن ٿئي ٿو.
١٢٤- پڙهي به هڪ، ڄاڻي به هڪُ، دل ۾ اشاري سان به، هڪ کي ويهاري.
١٢٥- توحيد جا ٽئي قسم جتي گڏ ٿيندا ته ڪمال جو باعث بنبا.
١٢٦- هاڻي پين جي حُجت بيان ڪيان ٿو، جيڪي اشاري جي نفي ڪن ٿا.
١٢٧- جڏهن ته نماز جي صفت بابت بعض حديثن۾ آڱرين کي کُشادي رکڻ جو حڪم آيو آهي.
١٢٨- انهن حديثن ۾ اشاري جو ذِڪر نه آيو، سُڪُوت، اشاري جي نفيءَ جو ثبوت آهي.
١٢٩- انهن مان هڪ حديث ترمذي جي آهي، جنهن کي شرح منيه قوي چيو آهي.
١٣٠- خلافت جو زمانو، جيڪو ٽيهه سال هو، ان وقت خليفا امامت ڪرائيندا هئا.
١٣١- خليفن مان ڪنهن به خليفي، ڪڏهن نماز ۾ اشارو نه ڪيو.
١٣٢- هن موضوع بابت هڪ رساله لطيفه آهي، جنهن هي دليل لکي ان تي ڳنڍ ٻڌي آهي.
١٣٣- جڏهن خليفن مان ڪنهن به امامت دوران اشارو نه ڪيو.
١٣٤- اشاري جي منسوخ هجڻ جو هيءُ قوي دليل آهي، جنهن مان اشاري جو منسوخ ٿيڻ ظاهر آهي.
١٣٥- جڏهن منسوخ ٿيو ته تعارض نه رهيو، تعارض نه رهيو ته تعرض ثابت ٿيو.
١٣٦- تعرض ان کي چئبو آهي، جو ساڪت، منطوق کي منسوخ نه ڪندو.
١٣٧- هڪ حڪم صَف منطوق آهي، ٻيو حڪم مسڪوت عنه آهي.
١٣٨- ٻنهي حڪمن ۾ تعارض هجڻ معقول نه آهي، تون ٻئي حڪم سمجهه.
١٣٩- جيڪڏهن ناطق خاص ۽ ساڪت عام هجي ته، ساڪت نه نافي آهي نه مثبت.

۱۴۰- نه ساكت بباشد دليل عدم عدم هست اصلي ز جانب قدم
۱۴۱- ولي ترک كردن اشارت تمام بمدت خلافت شنو اين كلام
۱۴۲- همين ترک ناسخ اشارت شده اشارت ميان حديث آمده
۱۴۳- اشارت چو عمداً نكردند شان بمدت خلافت شنو اين بيان
۱۴۴- بود نسخ مدلول آن بي گمان دليل ست بر نسخ پس در زمان
۱۴۵- جوابِ تعرض قليل ست بس نه ساكت مجرد دليل ست بس
۱۴۶- يكي هست تكبير بهر ركوع دگر پس ركوع ست اي نيک روع
۱۴۷- درين هر دو تكبير رفع اليدين ببوده جلي بر همه همچو دين
۱۴۸- بنزديک ما رفع منسوخ گشت بمثل اشارت چنانچه گذشت
۱۴۹- نه رفع اليدين ست نزديک ما نباشد اشارت شنو اي كيا
۱۵۰- ولي شافعي گفت اين هر دو را نه نسخ ست لاحق بدارد بقا
۱۵۱- اشارت چو منسوخ گشته تمام فراموش گشته ز دلها مدام
۱۵۲- نه ذكرش بظاهر روايت بكرد نه نفيش نه اثبات اي نيک مرد
۱۵۳- ولي آنچه گفته بفتح القدير درين ست تاويل كن دل پذير
۱۵۴- حديثي كه مثبت اشارت شده بُده نيز مقبول نزد همه
۱۵۵- و ليكن اشارت نه معمول بود بنزديک علماء ما اي ودود
۱۵۶- بيامد باكثر كتب لايشير بنفي الاشارت بيامد كثير
۱۵۷- برين ست فتوىٰ ز جمع غفير تو نفي الاشارت بكن دل پذير
۱۵۸- بدان هر چه كرده رسولِ خدا ز نوع عبادت شنو اي كيا
۱۵۹- ولي يک دو بارش بكرده ببود پس آن ترک كرده ندارد وجود
۱۶۰- نَه هم نهي كرده كسي را ازان بجز نهي متروک شد جاودان
۱۶۱- بود فعل آن چيز هم مستحب نه منسوخ گشته ازين يک سبب
۱۶۲- نه منسوخ جز نهي گردد گهي بمتروک گشتن شنو آگهي
۱۶۳- مگر چونكه متروک گشتن مدام دلالت كند صاف بر نهي تام

١٤٠- ساڪت عدم جو دليل نہ آهي، ڇو تہ عدم اصل ۽ قديم آهي.
١٤١- پر خلافت جو زمانو اشارو ترڪ ڪرڻ.
١٤٢- اهو ترڪ، اشاري جو ناسخ ڇئبو، اشارو حديثن ۾ آيو آهي.
١٤٣- خلافت وارو زمانو عمداً اشارو نہ ڪيائون.
١٤٤- تہ ان جو نسخ، مدلول ڇئبو ۽ پوئين زماني ۾ هيءُ نسخ تي دليل آهي.
١٤٥- تعرض جو جواب قليل آهي تہ، مُجرد ساڪت، دليل نہ آهي.
١٤٦- هڪ تڪبير رڪوع لاءِ، ٻي تڪبير رڪوع ڪان پوءِ آهي.
١٤٧- انهن ٻنهي تڪبيرن ۾ رفع اليدين، ظاهر ظهور سيني تي لازم هوندو هو.
١٤٨- اسان وٽ اشاري وانگر رَفعُ اليدين منسوخ ٿيو، جيئن گذريو.
١٤٩- اسان وٽ نہ رفعُ اليدين آهي، نہ وري اشارو ئي آهي.
١٥٠- پر امام شافعي ٻنهي جو قائل آهي ۽ چيو اٿس تہ انهنڪي نسخ لاحق نہ ٿيو آهي بلڪہ برقرار آهن.
١٥١- جڏهن اشارو منسوخ ٿيو تہ، دلين تان وسري ويو.
١٥٢- ظاهر روايت ۾ ان جي نفي يا اثبات جو ڪوبہ ذڪر نہ آهي.
١٥٣- پر فتح القدير ۾ جيڪو ڪجهہ چيل آهي، ان ۾ تاويل آهي.
١٥٤- جيڪا حديث اشاري ڪي ثابت ڪندڙ هئي، اها سيني وٽ مقبول بہ هئي.
١٥٥- پر اسان جي عالمن وٽ، اشارو ڪرڻ معمول نہ هو.
١٥٦- اڪثر ڪتابن ۾ اشاري جي نفي بابت، لايُشيرُ جو لفظ آيو آهي.
١٥٧- گهڻي جماعت جي ان تي فتوىٰ آهي، تون بہ اشاري جي نفيءَ ڪي دل سان قبول ڪر.
١٥٨- پاڻ سڳورن عبادت جي نوع ڪان، جيڪو بہ ڪجهہ ڪيائون.
١٥٩- پر هڪ ٻہ ڀيرا ڪري پوءِ ترڪ ڪيائون ۽ ان جو وجود نہ آهي.
١٦٠- ڪنهن ڪي ان ڪان منع بہ نہ ڪيائون، منع ڪان سواءِ متروڪ ٿي ويو.
١٦١- اهو فعل ڪرڻ مستحب آهي ۽ انهيءَ ترڪ ڪرڻ واري هڪڙي سبب سان منسوخ نہ ڇئبو.
١٦٢- انهيءَ ڪان سواءِ متروڪ ٿيڻ سان منسوخ نہ ٿيندو.
١٦٣- پر دائمي متروڪ ٿيڻ، نَهي تامُ تي دلالت ڪري ٿو.

١٦٤- ازين وجه آن چيز منسوخ دان نه از وجه متروک گشتن همان
١٦٥- ولي نهي ناسخ برين آمده که مدلول متروک گشتن شده
١٦٦- حديث اشارت چو موجود بود بنزديک خلفا شنو اي ودود
١٦٧- نکردند شان بر حديث اين عمل بمدت خلافت شنو بي دغل(١)
١٦٨- ازين گشته(٢) ظاهر يکي اين خبر بايشان رسيده حديث دگر
١٦٩- حديثي که ناهي اشارت ببود بايشان رسيده شده بهر سود
١٧٠- همه بر مُصَلىٰ رسولِ خدا امامت بکردند سي سالها
١٧١- جماعت کثير از صحابه کرام که حاضر ببودند هر جا مدام
١٧٢- رُواةِ حديثِ اشارت همه بصف صحابه هميشه بُده
١٧٣- هميشه ببودند درکار دين بتحقيق کردن مسائل يقين
١٧٤- تمسک گرفتن بافعال شان بود نيز حجت شنو اين نشان
١٧٥- رسائل فريقين ديدم بسي متابع فريقي شده هر کسي
١٧٦- چو توفيق جمع رسائل همه نه ممکن بحق مسائل شده
١٧٧- اگر تو اشارت کني اختيار نه عقدِ اصابع کني بهر کار
١٧٨- موانع ز عقدِ اصابع بسي ست بگويم ترا تو درينجا بايست
١٧٩- بدان در نمازست مکروهها دران هست مندوبها با بهاء
١٨٠- کراهت دو قسم ست اي نيک نام يکي قسم تحريمي ست اي همام
١٨١- بود موجبش ترک واجب مدام دگر ترک سنت هُدیٰ از مقام
١٨٢- ازان ترک سنت هُدیٰ بد شده که با سخت تاکيد اوکد شده
١٨٣- شود تارکش از شفاعت حبيب بعرصات روزِ جزا بي نصيب
١٨٤- دگر قسم تنزيهي ست نيست به که آنرا بگويند لاباس به
١٨٥- يقينا درين نيست بَأسِ عقاب و ليکن درين هست خوفِ عتاب
١٨٦- بود موجبش ترک سائر سنن که آنها زوائد لقب شد بفن
١٨٧- دگر هست لاباس به را سبب که فعلش بود ترک اولیٰ سبب

(١) دغل: (بفتحتين) اي دروغ (نسخه "ر"ص٥٥). (٢) در نسخه "جه"، "چ ا" و"چ د"گشت بجایٰ گشته.

١٦٤- انهيءَ وجهه ڪري ڪيس منسوخ ڄاڻ، باقي متروڪ ٿيڻ جي ڪري منسوخ نه سمجهه.
١٦٥- پر نهي ان جي ناسخ آهي ۽ متروڪ ٿيڻ ان جو مدلول آهي.
١٦٦- خليفن سڀني وٽ جڏهن اشاري واري حديث موجود به هئي.
١٦٧- خلافت وارو زمانو، انهن ان حديث تي عمل نه ڪيو.(١)
١٦٨- انهيءَ مان هڪ ڳالهه هيءَ ظاهر ٿئي ٿي ته. شايد انهن کي ڪا ٻي حديث ملي هجي.(٢)
١٦٩- اها حديث جنهن ۾ اشاري جي نهي هئي، انهن کي پهتي هئي.
١٧٠- انهن خليفن پاڻ سڀني جي مصلي تي ٽيهه سال امامت ڪرائي.
١٧١- ڪيترائي اصحاب سڀئي جماعت ۾ سدائين حاضر هوندا هئا.
١٧٢- اشاري واري حديث جا سمورا راوي، سدائين صحابن جي صف ۾ هوندا هئا.
١٧٣- هميشه دين جي ڪم ۾ مشغول ۽ مسئلن جي تحقيق ڪرڻ ۾ رُڌل هوندا هئا.
١٧٤- انهن راوي اصحابن جي فعل مان، حجت وٺڻ به دليل آهي.
١٧٥- پنهي جماعتن جا گهڻا رسالا ڏٺا اٿم ۽ پنهي جماعتن جا ماٺهو تابع آهن.
١٧٦- مسئلن جي باري ۾ سيني رسالن کي گڏ ڪرڻ ممڪن نه آهي.
١٧٧- جيڪڏهن تون اشارو ڪرين، ته به آگرين جي عقد نه ڪر.
١٧٨- آگرين جي عقد کان گهڻا مانع آهن توکي آءُ چوان ٿو تون هٿ ٻيهه.
١٧٩- ڄاڻ ته نماز ۾ گهڻا مڪروه آهن، ان ۾ ڪي مندوب به آهن.
١٨٠- ڪراهت ٻه قسم آهي، هڪ قسم، ڪراهت تحريمي آهي.
١٨١- ان جو موجب، هڪ واجب جو ترڪ، ٻيو سنت الهدیٰ (سنت موڪد) جو ترڪ آهي.
١٨٢- ان ڪري "سنت هدیٰ" کي ترڪ ڪرڻ بُرو آهي، ڇوته ان جو سخت تاڪيد ٿيل آهي.
١٨٣- سنت هدیٰ جو تارڪ، حبيب خدا جي شفاعت کان قيامت جي ڏينهن محروم ٿيندو.
١٨٤- ٻيو قسم ڪراهت تنزيهي آهي، جيڪا چڱي نه آهي، ان لاءِ فقيه لاباس بِهِ چوندا آهن.
١٨٥- يقيناً ان ۾ عذاب جو خوف نه آهي، پر ان ۾ عتاب جو انديشو آهي.
١٨٦- ان جو موجب باقي سنتون آهن، جن کي سنن زوائد چون.
١٨٧- ٻيو سبب لاباس بِهِ آهي، جنهن جي ڪري اهو فعل ترڪ اوليٰ جو سبب ٿئي ٿو.

(١) دغل: ٻن زبرن سان يعني ڪوڙ(نسخو "ر" ص٥٥).(٢) نسخي "جهه"، "ج،ا" ۽ "ج،د" ۾ گشته' بدران 'گشت'.

۱۸۸- هرآن چیز لَابَأْسَ بِهٖ چون شده بود ترک آن چیز اَولیٰ همه
۱۸۹- اگرچه نه آن چیز مکروه بود ولي ترک اَولیٰ دران رو نمود
۱۹۰- مقالات دارم بدل از اصول نگویم مبادا بگردي ملول

باب احکام زنان در حق نماز

۱- بدان چند احکام خاصه بزن بگویم بتفصیل بشنو ز من
۲- اذان و اقامت مدان بر زنان و لیکن روا با کراهت بدان
۳- جماعت زنان هم کراهت شده امامت چو کرده زني مر همه
۴- نه پس زن ملائک جماعت کنند اذان و اقامت چو کرده پسند
۵- زني گر امامت کند مرد را نه هرگز بود آن امامت روا
۶- نه حاضر شود زن بمسجد رجال برائي جماعت شنو با کمال
۷- کراهت بباشد حضورِ زنان بمسجد جماعت رجالِ این زمان
۸- زني چون امامت کند مر زنان باستد میان صفِ(۱) در زنان
۹- نه در پیش صف او باستد جدا چو مثلِ عراة ست دان با صفا
۱۰- نه در جهریه جهر خواند زني اگرچه امامِ ست زني پر فني
۱۱- برو نیست تکبیر تشریق صاف نه عید و نه جمعه بلا اختلاف
۱۲- نمازِ جنازه نباشد برو ولي هست جائز همه این ازو
۱۳- جماعت شود منعقد از زنان که شرط ست بجمعه زِ"أشباه"دان
۱۴- همه تن بپوشد بپوشش متین دو دستش نهد نیز در آستین
۱۵- نه دستش بر آرد ز بالاء دوش نهد هر دو بر صدر بندد بهوش
۱۶- نه سر را بپشتش برابر کند میانِ رکوعش بدان این سند
۱۷- اصابع کند ضم دائم زنان میانِ نمازش شنو این بیان
۱۸- نگیرد دو زانو میانِ رکوع دو دستش نهد بر دو زانو بروع

(۱) در نسخه "ر" باستد میانِ زنان بي گمان نوشته است.

۱۸۸- جيڪا شي لاباس بہ آهي، ان جو ترڪ اَوليٰ آهي.
۱۸۹- اگرچہ اها شيءِ مڪروه نہ آهي، پر ان ۾ ترڪ اوليٰ ثابت ٿئي ٿو.
۱۹۰- اجان بہ اصولي گهڻا مقالا دل ۾ اٿم، پر بيان ڪونہ ٿو ڪيان، متان ملول ٿئين.

زالـن جي نمـاز جا احڪام

۱- چند احڪام زالن سان خاص آهن، تفصيل سان بيان ڪيان ٿو پڌو.
۲- اذان ۽ اقامت زالن تي نہ آهي، پر ڪراهت سان گڏ جائز آهي.
۳- جيڪڏهن ڪا زال امامت ڪرائي تہ، زالن جي جماعت بہ ڪراهت آهي.
۴- زالن جي پويان ملائڪ جماعت نہ ڪندا، جيڪڏهن زالون اذان ۽ اقامت ڏينديون.
۵- جيڪڏهن زال، مرد جي امامت ڪري تہ، اها امامت هرگز جائز نہ آهي.
